هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران منظور ٿيل

# ڪارونجهر

چهه ماهي

**[ تحقيقي جرنل ]**

ISSN 2222 _ 2375

جلد- 11، شمارو: 20، جون 2019ع

ايڊيٽر

ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

سنڌي شعبو

وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي،
عبدالحق ڪيمپس، ڪراچي، سنڌ، پاڪستان.

# Editorial Board's Policies

**Review Process:**

All manuscripts are reviewed by an editor and members of the editorial board or qualified outside reviewers. Decision will be made as rapidly as possible.

**Articles:**

The paper must be typed for Sindhi (in MB Bhitai Sattar Font, size 13),Urdu (in Noori Nastaleeq font, size 14) and English (in Times New Roman font,size 12) with double spaced on A-4 size paper. The title should be brief phrase describing the contents of the paper. The title pages should include the author's full names and affiliations. All manuscripts to be send in hard copy along with the text in CD to mailing address of Department of Sindhi and also through email to **dr.kamaljamro@gmail.com**

**Abstract:**

The abstract should be informative and completely self-explanatory, briefly present the topic and state the scope of work. The abstract should be 100 to 200 words in length.

**Tables and Figures:**

Tables should be kept to a minimum and be designed to be as simple as possible. Figure legends should be typed in numerical order on a separate sheet. Graphics should be prepared using applications capable of generating high resolution GIF, TIFF, JPEG or Power Point before pasting in Microsoft Word manuscript file. Tables should be prepared in Microsoft Word or Microsoft Publisher.

**Acknowledgement:**

The acknowledgement of people, grants, funds etc should be brief.

**References:**

In the text, a reference identified by means of an author's name should be followed by the year of the reference in parentheses. Patterns are as following:

سنڌي:

جامڙو، ڪمال، ڊاڪٽر (2018)، ”ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سگهڙائپ“، ڪراچي: پيڪاڪ پبلشرس

اردو:

سلطانہ بخش،ڈاکٹر،''پاکستانی اہل قلم خواتین''،ص:48،اکادمی ادبیات پاکستان،2003ء

**English:**

Deuze, M. (2005), "Professional identity and ideology of journalists reconsidered", Journalism, Vol. 6, No. 4, 422-464

You can follow the given other patterns in this journal also.

**Copyright:**

All the statements of fact and opinion expressed in this journal are the sole responsibility of the authors, and do not imply and endorsement on part or whole in any form/shape whatsoever by the editors or publishers.

# فهرست


- ايڊيٽوريل 6


## مقالا


1. سنڌي ٻوليءَ ۾ جاسوسي ادب جو عروج ۽ زوال — مختيار احمد ملاح 8
2. سگهڙ غلام محمد منگي ”مسافر“: سندس فن ۽ زندگيءَ جو احوال — ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو 27
3. سچل جي فڪر ۽ فلسفي جا شيخ اياز تي اثر — ڊاڪٽر فياض لطيف 37
4. مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ تجنيس تام جو اڀياس — ڊاڪٽر الطاف جوکيو 53
5. پروفيسر رام پنجواڻيءَ جون سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ خدمتون — ڊاڪٽر قاسم راڄپر 73
6. سچل سرمست جو آدرشي سماج وارو تصور ۽ سنڌي سماج — ڊاڪٽر احسان دانش 91
7. تاجل بيوس جي شاعريءَ ۾ پورهيت پچار — ڊاڪٽر عابده گهانگهرو 101
8. ڊڪشنري، ليڪسِڪن،وڪيبيلِري، گلاسري، ٿِسارس ۽ انسائڪلوپيڊيا
اصطلاحن جو تقابلي جائزو — پروفيسر رياضت ٻرڙو 118
9. سنڌي شاعريءَ جي صنف مولود جو جائزو — صبغت الله مهيسر 143
10. سنڌي سفرنامن جي ارتقا ۽ اوسر — رضيه ٻگهيو 154
11. نسيم کرل جي ڪهاڻين ۾ عورتن جي ڪردارن جو جائزو — عائشه حسن ڏاريجو/ ڊاڪٽر ادل سومرو 173

# ايڊيٽوريل

”ڪارونجهر“ جو تازو شمارو اوهان جي آڏو آهي. ان جي معيار جو خاص خيال رکيو ويو آهي. سينيئر محققن سان گڏ سيڪڙاتن جي بہ همٿ وڌائي وئي آهي.

”ڪارونجهر“ جي مقبوليت ڏسي، اسان جا خاص طور تي نوان محقق چاهن ٿا تہ، سندن مقالا بہ شايع ڪيا وڃن. اسان کي بہ خوشي ٿئي ٿي تہ، سندن حوصلو وڌايون. اڪثريت اهڙن دوستن جي آهي، جن کي مقالي شايع ڪرائڻ جو شوق ۽ ضرورت تہ آهي پر سچ پڇو تہ: سندن مقالن ۾ مشاهدي، مطالعي ۽ تحقيقي تجزئي جي ڏاڍي کوٽ آهي. هو عام مضمون ۽ مقالي جي فن کان بہ واقف ناهن. افسوس تہ اهو آهي تہ سنڌي صورتخطيءَ ۽ جملن جون بہ ڪيتريون ئي غلطيون ڪن ٿا. مختلف ڪتابن تان حوالي توڙي بنا حوالي پنن جا پنا اتاريندا وڃن ٿا.

انهن کي سندن مقالي بابت جڏهن ماهراڻي راءِ ٻُڌايون ٿا تہ: ڪاوڙجي وڃن ٿا. اهڙن دوستن کي هٿ ٻڌي عرض تہ ڪجي تہ مهرباني ڪري پهريان ڪتاب پڙهو، ”ڪارونجهر“ يا ٻيا تحقيقي جرنل غور سان پڙهو. پنهنجن استادن کان سکو!

تحقيق ۾ حوالا ڏيڻ ضروري تہ هوندا آهن پر انهن لاءِ بہ ڪي اصول مقرر ٿيل آهن. حوالو يا تہ ڪنهن ڳالهہ کي ثابت ۽ چٽي ڪرڻ يا وري رد ڪرڻ لاءِ ڏنو ويندو آهي. ان کان پوءِ پنهنجي راءِ ۽ تجربو پيش ڪيو ويندو آهي. تعليمي تحقيق جي طريقن ۽ اصولن بابت جاڻ نيٽ تي بہ موجود آهي. اوهان رڳو تڪليف ڪري پنهنجي موبائيل فون کي ئي ڪتب آڻيندا تہ گهڻو ڪجهہ سکي وٺندا.

سنڌي شعبي جي هِن ڇماهي (جنوري - جون 2019ع) جي ڪارڪردگيءَ بابت اوهان کي آگاهہ ڪندو هلان تہ اسان تدريس سان گڏ تحقيق کي بہ جاري رکيو آهي. هڪ تہ هيءُ تحقيقي جرنل اوهان تائين پهچايوسين. ان کان سواءِ اسان جي هيٺين ٻن شاگردن کي پي ايڇ. ڊي ۽ ايم فل جون ڊگريون جاري ٿيون:

1. قلو ميگهواڙ، پي ايچ . ڊي _ نگران  ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
2. انورالدين ڪاڪا، ايم فل _ نگران ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري

هيٺين شاگردن جا زباني امتحان (Viva voce ) ٿيا:

1. سيما ابڙو، پي ايچ .ڊي  _نگران ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري
2. رياضت علي ٻرڙو، پي ايچ. ڊي  _نگران  ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
3. غلام مصطفيٰ سولنگي، پي ايچ. ڊي _نگران ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
4. ام هاني سنڌو، ايم فل _ نگران ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري.

هيٺين شاگردن پنهنجا مقالا مڪمل ڪري ڇڏيا آهن:

1. سارنگ زين چانڊيو، پي ايچ .ڊي  _نگران ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
2. بشير احمد چنو، پي ايچ .ڊي  _نگران  ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
3. سڪندر احمد پنهيار، پي ايچ.ڊي _ نگران ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
4. رضيہ ٻگهيو، پي ايچ. ڊي _نگران ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
5. مخدوم عبدالمنان، ايم فل _نگران ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو.

ڪجھ محقق پنهنجو ڪم تيزيءَ سان مڪمل ڪن پيا. اميد تہ آگسٽ تائين پنهنجا مقالا جمع ڪرائيندا. مٿي ڄاڻايل سمورن محققن کي هن ئي سال ڊگري ملڻ جي اميد آهي.

**ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو**

مختيار احمد ملاح

# سنڌي ٻوليءَ ۾ جاسوسي ادب جو عروج ۽ زوال

# The rise and fall of Detective Literature in Sindhi Language


**Abstract:**

Detective Literature has big importance in the world literature. And Detective Fiction has more importance than to many other fields of literature.Detective Fiction is actually a sub -genre of crime fiction and mystery fiction in which an investigator or a detective—either professional, amateur or retired—investigates a crime, often murder. The detective genre began around the same time as speculative fiction and other genre fiction in the mid-nineteenth century and has remained extremely popular, particularly in novels. Some of the most famous heroes of detective fiction include C. Auguste Dupin, Sherlock Holmes, and Hercule Poirot. Juvenile stories featuring The Hardy Boys, Nancy Drew, and The Boxcar Children have also remained in print for several decades.

The British Period occupies very important place in the history of Sindh. It was renaissance of Sindhi Literature, when a number new literary branches included into Sindhi language, especially fiction writing. Hence, Novel, drama, Short Story became part of Sindhi literature in British Period. During this period, Detective Literature into Sindhi was at is zenith and a number of magazines, newspapers, publishers were engaged in printing dramas, novels and stories. Detective Literature was source of butter and bread for the writers. Renowned writers like Mirza Qaleech Baig, Bherumal, Munshi Khushram, Nanikram Durmdas and others were also part and parcel of detective literature in Sindhi.

However, the Detective Literature in Sindhi lost its importance after independence and Movement of Nationalism in Literature during One Unit completely kicked out Detective Literature from Sindhi. Only, Muhammad Bux Johar and a few others tried their level best to survive this genre of literature. It is need of time to revive Detective Literature into Sindhi on urgent basis and in this regard the role of Government and private Literary Institutions is very important.

”دنيا جي ادب ۾ جاسوسي ادب کي خاص مقام حاصل آهي. جاسوسي ادب مان اسان جي مراد اهڙو ادب آهي، جنهن ۾ تلاش، پيچيدن مسئلن جي نشاندهي، سلجهائڻ جا طريقا، خفيه مهمون، ايڊوينچر، مار ڌاڙ وغيره عروج تي هوندي آهي. جاسوسي ادب ڪهاڻي، ناولن ۽ ناٽڪن تي مبني هوندو آهي. جاسوسي ادب جي ڪهاڻين ۾ پڙهندڙن، ڊرامي جي ڏسندڙن جي ذهن ۾ اهڙو سوال ابرندو آهي ته ڪهاڻيءَ ۾ هاڻي ڇا ٿيندو يا ٿيڻ وارو آهي. ان ڪهاڻيءَ ۾ تجسس يا اشتياق چوٽ چڙهيل هوندو آهي“[1].

جاسوسي ادب جي پنهنجي عجيب ۽ انوکي دنيا هوندي آهي. ماڻهو انهن کي پڙهي ٿو ته جهٽ گهڙي زندگيءَ جي مشڪلاتن ۽ مايوسين کان پري ٿي وڃي ٿو. جاسوسي ادب ۾ ڊراما به لطف اندوز ٿيندا آهن، ۽ فلمون به جڙنديون آهن، ڊرامن ۾ مڪاري، فريب، قتل، گناهه، پراسراريت، خوف وغيره جا موضوع هوندا اهن. جڏهن ته جاسوسي ناول وڏيڪ مقبول هوندا آهن. ناولن جو بنياد سر هيو والپول (1884-1941ع) وڌو، جاسوسي ناول وقت گذاريءَ ۽ لطف اندوز ٿيڻ لاءِ بهترين ذريعو آهن. هنن ناولن ۾ مڪاري، فريب، قتل، گناهه، پراسراريت، خوفناڪ عمل وغيره جا موضوع هوندا اهن. جاسوسي ناولن دنيا جي ادب ۾ تيزيءَ سان ترقي ڪئي، پنهنجي پڙهندڙن جو وڏو حلقو پيدا ڪيو. ”اها حقيقت عالم آشڪار آهي ته انگريزي ادب، شيڪسپيئر جي ادب ۽ شاعريءَ کان وڌيڪ جاسوسي ادب ذريعي ترقي ڪئي. ساڳيءَ طرح هندوستان ۾ اردو زبان جي ترقيءَ جون راهون به جاسوسي ادب کوليون. لکنؤ ۾ نولکشور پبلشر ۽ بڪ سيلر گهڻي کان گهڻا جاسوسي ناول ڇپايا. اهي ناميارن انگريز مصنفن جي ناولن جا ترجما هئا. اردوءَ ۾ ڪجهه جاسوسي ناول طبعزاد به لکيا ويا، جن جون پراسرار، ڪهاڻيون نوابن ۽ جاگيردارن جي محلن جي پرپاسي ۽ اندرين ڪمرن، تهخانن ۽ مندرن جي غفائن تائين گهمن ڦرن ٿيون ۽ وڪڙ ۽ چڪر ڏيئي آخرڪار ڳجهارت وانگر کلن ٿيون“[2].

دنيا جي مشهور جاسوسي ليکڪن ۾ آرٿرڪانن ڊائل، رائيڊرهيگرڊ، سئڪس روهمر، ڊئنس وهيٽلي، اگاٿا ڪرسٽي، جان ليڪار، ارل اسٽينلي گارڊنر، اي اي فيئر، رچرڊ ايس آٿر، جان ڊي ميڪڊونالڊ، جان ڊڪسن ڪار،

مڪي اسپلين، ڪارٽر برائون، جان ڪريزي ۽ڊان بيلاني وغيره کي پيار سان پڙهيو ويندو آهي .انهن ناولن ۾ گهڻو ڪري هي ڪردار مشهور هئا: جاسوسن ۾ شرلاڪ هومز ۽ بلئڪ جاسوس، ڌوهارين ۾ آرسين لوپن ۽ رائمرڪيو ڊاڪو ۽ ايمليا ڪارٽر ڊاڪوءَ جي ساٿڻ وغيره. ”شرلاڪ هومز، انتهائي مقبوليت ماڻيندڙ جاسوسي ڪردار، جيڪو برطانوي ليکڪ سر آرٿر ڪونئن ڊوئل تخليق ڪيو. هيءُ ڪردار پهريون پيرو 1887ع ڌاري هڪ افساني A Study in Scarlet ذريعي چپيل صورت ۾ منظرعام تي آيو، جڏهن ته ڪردار جي باقاعده مقبوليت جو آغاز 1891ع ڌاري، The Strand Magazine ۾ A Scandal in Bohemia نالي افساني ذريعي ٿيو، جيڪو 1927ع تائين جاري رهيو، جنهن دوران هن ڪردار تي ڪونئن ڊوئل لڳ ڀڳ چار ناول ۽ 56 افسانا لکيا. هن ڪردار جي اتساهه بابت چيو وڃي ٿو ته هي ڪردار، ايڊگر ايلن پوءِ جي افسانوي جاسوس ڪردار سي. آگسٽي ڊيوپن (C.Augaste Dupin) تان ڪنيو ويو، جڏهن ته خود ڪونئن ڊوئل جو چوڻ هو ته شرلاڪ هومز جو ڪردار، ايڊنبرگ جي هڪ حقيقي ڪردار کان متاثر ٿي تخليق ڪيو ويو، جنهن سان سندس ملاقات 1877ع ۾ ٿي هئي“[(3)].

لنڊن ۾ شرلاڪ هومز ۽ بلئڪ جاسوس جا گهر (فرضي) بيڪر اسٽريٽ ۾ هئا. بيڪر اسٽريٽ اڄ به اتي موجود آهي ۽ شرلاڪ هومز ۽ بلئڪ جاسوس جي فرضي ڪردارن جي ڪري مشهور آهي. انهن جاسوسن جي يادگار طور اُتي جاسوسي ناولن جا اشاعتي ادارا هئا. جهڙوڪ سيڪسٽن بلئڪ لائبرري. ان نالي سان جاسوسي ناول ماهوار شڪل ۾ شايع ٿيندو هو، سنڌي زبان ۾ انهن جاسوسن جي موت کان پوءِ جي فرضي ڪردارن وارا جاسوسي ناول، جن ناميارن اديبن ۽ ليکڪن ترجما ڪيا. ”اُردو ۾ جاسوسي ادب جو خانو به سنو پريل آهي. ابن صفي، اڪرم الهه آبادي، ايڇ اقبال، ايم اي راحت، مظهر ڪليم، اظهر ڪليم، ايم. ايس. قادري ۽ اثر نعماني وغيره پاڻ ملهايو آهي. ابن صفي صاحب جو ”عمران سيريز“ ناول لکين ماڻهو پڙهندا هيا. هر مهيني هن جو ناول ايندو هو ۽ ماڻهو شدت سان انتظار ڪندا هيا. اردو ۾ جاسوسي ادب جي مقبول سيريز ۾: عمران سيريز، فريدي حميد

سيريز، انسپيڪٽر جميشيد سيريز، شرلاڪ هولمز سيريز، جيمز بانڊ سيريز، پرمود سيريز وغيره اهم آهن“[4].

انگريزن جي دؤر ۾ سنڌي نثر جي باقاعده شروعات ٿي، ناول، ڊراما، افسانا ۽ وغيره سنڌي ادب ۾ انگريزي اثر جي معرفت جاري ٿيا. هن ئي دور ۾ جاسوسي ادب جي نہ صرف شروعات ٿي پر پنهنجي عروج تي پهتل نظر آيو. هن دور جي ناول، ڪهاڻيون ۽ ناٽڪ پڙهندڙن ۽ ڏسندڙن وٽ وڏي اهميت رکندا هئا.ڪيترائي جاسوسي ناول ۽ ڊراما لکيا ويا ۽ شايع ٿيا، جن جو ذڪر پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجي ڪتاب ”سنڌي نثر جي تاريخ“ ۾ ڪيو آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ جو ذڪر صرف محمد بخش جوهر پنهنجي مضمون ”سنڌي زبان ۾ جاسوسي ادب“ ۾ ڪيو آهي. ان دور ۾ ڪي خاص ادارا هئا، ڪيترين اخبارون ۽ رسالا قسطوار جاسوسي ناول شايع ڪندا هئا ۽ ڪجھ ادارا بہ جاسوسي ادب جي واڌاري جي سلسلي ۾ ڪليل هئا.

**انگريزن جي دور ۾ سنڌي ۾ جاسوسي ادب:**

سنڌيءَ ۾ سڀ کان اول احمد خان جلباڻي ولد تڳيو خان جلباڻي، پرين جي پرسان جلباڻين جي ڳوٺ جو وينل هو، تنهن رينالڊس جي مشهور ناول Mysteries of the Court of London جي هڪ حصي جو ترجمو ”نينهن نيائڻ“ جي نالي سان 1890ع ۾ ترجمو ڪيو. اصل ناول 1844ع ۾ 52 ڀاڱن ۾ شايع ٿيو، جنهن جو هن ناول ۾ لنڊن شهر جي هيٺئين ڪلاس ۾ فحاشي ۽ سماجي اقربا پروري ۽ ڪرپشن جا داستان لکيل هئا. هن ناول ۾ رينالڊس لنڊن جي انتهائي اندرين ۽ خفيہ رازن کي فاش ڪيو آهي، جنهن ۾ ان دور جي نوابن ۽ اميرن جا ڪرتوت ظاهر ٿيل هئا“[5] پر سنڌي ادب ۾ جاسوسي ادب جي باقاعدي شروعات 1910ع کان شروع ٿي، جڏهن مکي سيرومل ڪيئلداس سنگراڻيءَ قسطوار ناول ترجمو ڪيا، پر جاسوسي ادب جو عروج 1914ع کان باقاعده نظر اچڻ لڳو. ڪيترائي رسالا ۽ اخبارون جاسوسي ادب شايع ڪرڻ لڳيون.

”هفتيوار ناول اخبار“ ڪراچي، ماهوار جاسوسي چڪر، شڪارپور، ماهوارا جاسوسي دنيا چوٽڪي گهٽي، حيدرآباد وغيره اهم هئا. هفتيوار ”ناول اخبار“، ”مسٽريز آف سنڌ“ بہ شايع ڪيو هو، جيڪو ناول ڇهن ڀاڱن ۾ هو.

ڏنو مل بصر مل حيدرآباد جو هڪ مشهور ۽ اڳاٽو ڪتب فروش هيو هن ڪيترائي جاسوسي ناول ڇپرايا. هن ٻارن لاءِ هفتيوار "ڪرانتي" ۽ جاسوسي ادب لاءِ ماهوار "پوشيده خزانو" ڪراچيءَ مان جاري ڪيا. هن جي جاسوسي ناولن ۾ "ننگن جو بادشاهه" (1916ع)، "نقاب پوش عورت"، "شيطان خوني"، "بدمعاشن جي پارليامينٽ"، "پردي ۾ لڪل راز" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. سندس باري ۾ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ لکي ٿو تہ: "ماهوار اخبار "پوشيده غيبي خزانو"، جنوري 1934ع کان وٺي مهاراج نارائڻ داس بصر مل شرما جي ايڊيٽريءَ هيٺ جاري ٿي. اخبار جو مئنيجنگ پروپرائيٽر هيمنداس ايسرداس ڀاڳناڙي ۽ مئنيجر نيڀداس ايسرداس ڀاڳناڙي هو. اخبار جي آفيس ڊينسو هال جي پرسان بندر روڊ ڪراچيءَ تي هوندي هئي. هيءَ ماهوار اخبار ڪي. جي. آڏواڻيءَ جي پايونيئر پرٽنگ پريس، حيدرآباد مان ڇپبي هئي"[6].

1914ع ۾ مرزا قربان علي بيگ ۽ مرزا مدد علي بيگ جو "مسٽريز آف حيدرآباد عرف ڪامل عيار" جي عنوان سان جاسوسي ناول ڇپرايو. هن ڪتب فروش ٻيا بہ جاسوسي ناول ڇپرايا جن مان "حيرت انگيز عرف شهزادو"، "طلسم حيرت" ۽ "عقل چرخ بهادر جاسوس" ذڪر لائق آهن. انهيءَ ئي ڪتب فروش جنوري 1919 کان وٺي "جاسوسي ناولس اخبار" شروع ڪئي جيڪا نالي ۾ تہ اخبار هئي پر دراصل اهو لڳ ڀڳ 32 صفحن وارو رسالو هيو، جنهن ۾ قسط وار جاسوسي ناولن کان سواءِ مضمون، خبرون ۽ لطيفا پڻ ڏنا ويندا هئا. 1915ع ۾ ڪاڪي پيرومل هڪ جاسوسي ناول "وريل ۽ نعمت" لکيو. هن ناول لاءِ هيري ٺڪر لکيو آهي "هن ۾ هڪ ديسي جاسوس وريل مل جو ڪردار خلقيو آهي. نعمت يا نعمتراءِ هن جو دوست آهي. هن قصي ۾ پيرومل صاحب حسيہ، رومانچ ۽ انتظاري وارا عناصر خوبيءَ سان آندا آهن. هڪ خون جو معاملو پيش ڪري، ان پنيان راز کي نہ پهہ کوليو آهي"[7]. منو تولارام جو جاسوسي ناول "خونخوار خنجر" (1927ع) بہ ڏاڍو مشهور ٿيو. 1921ع ۾ خوشيرام موٽومل هيراننداڻي حيدرآباد مان هڪ ماهوار "ناولس" اخبار ڪڍي هئي، جنهن سان جاسوسي ناولن کي ترقي ملي. "مسٽريز آف دي ڪورٽ آف لنڊن" جهڙو جاسوسي ناول جيڪو ماستر هاسومل پيسو مل ليلا راماڻيءَ جو ترجمو ٿيل هيو. اهو 1923 واري سال ۾ هن "ماهوار ناول اخبار" ۾ شايع ڪيو. مئي 1937 ۾ ڪراچي منجهان "سنسار چڪر" جي نالي سان رسالو شايع ٿيو جنهن جو

پبلشر هوندراءِ پهلاجراءِ هيو. هن رسالي ۾ انگريزي ۾ لکيل جاسوسي ناولن جو ترجمو ڏنو ويندو هيو پر اصلي ليکڪن جو نالو ڪو نہ ڏنو ويندو هيو. جن مترجمن اهي ناول ترجمو ڪيا انهن منجهان هاسو مل پيسو مل ناتاڻي، هيرانند طالب، محمد بخش سڪايل ۽ دولترام ڪلياڻيءَ جا نالا ذڪر لائق آهن.

ماهوار "سنسار چڪر" جي لاءِ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ لکي ٿو تہ: "1927ع ۾ بوڪ سيلر ۽ پبلشر هوندراج پهلاجراءِ اينڊ سنز طرفان "ماهوار سنسار چڪر"، هڪ جاسوسي رسالو جاري ٿيو. هيءُ رسالو هر مهيني جي پنجين تاريخ تي شايع ٿيندو هو. ان جو هندستانين لاءِ ڇماهي چندو اڍائي روپيا ۽ ٻاهرين لاءِ ٽي رپيا هوندو هو. نئين گراهڪ کي هڪ ڊائري ۽ ٽن روپين جي قيمت وارو هڪ ناول مفت ۾ ڏنو ويندو هو. ان کان سواءِ خريدارن کي هر ڇهين مهيني هڪ ناول مفت ڏنو ويندو هو." هو وڌيڪ لکي ٿو تہ: هن ماهوار رسالي ۾ نج جاسوسي ناول هوندا هئا، جن مان گهڻا ترجمو ٿيل هوندا هئا، مگر اڪثر ڪري ليکڪن جا نالا نہ ڏنا ويندا هئا. ماستر هاسومل ناتاڻي هن ماهوار جو مکيہ ليکڪ هوندو هو"[8]. "سنسار چڪر" ۾ ڪوڙ سارا جاسوسي ناول شايع ٿيا انهن منجهان ڪجھ نالا هي آهن: "لعل چني"، "موت جو تجلو"، "ڀيانڪ وچون"، "خون جو پياسي"، "خون جي تلاش"، "سفيد پوت"، "خوني اک"، "ڀيانڪ بدمعاش"، "ٽرين ۾ خون"، "غئبي خون"، "دشمن"، "شيطان جي ڪوپڙي"، "رازدار خوني"، "شريف شيطان"، "ڪرامتي انسان"، "خوني تلوار"، "قهري تلوار"، "قاتل ڏينيو"، "قاسي"، "نقاب پوش"، "طوفان"، "زهري تير"، "موتمار بجلي"، "زهري زخم"، "دغا"، "خوني بدلو" ۽ ٻيا شامل آهن.

اڳتي هلي جاسوسي ادب جي وڌيڪ ترقي ٿي. ان سلسلي ۾ محمد بخش جوهر لکيو آهي تہ: "1935ع کان سنہ 1946ع تائين وارو دور سنڌيءَ ۾ جاسوسي ادب جو گهٽي کان گهٽو ترقيءَ وارو دور ليکيو وڃي ٿو. هڪڙي پاسي عام بوڪ سيلرن وڏي تعداد ۾ جاسوسي ناولن جا ترجما شايع ڪيا ٻئي پاسي مختلف نالن سان ماهوار جاسوسي ناول، اخبارون، رسالا هڪ سؤ يا ان کان مٿي ٻہ صفحن تي مشتمل رائل سائيز ۾ ناول جي صورت ۾ شايع ٿينديون هيون. ڇاپيٽي چوٽ تي چڙهيل هئي. اهي ادارا پيسا ڏئي

جاسوسي ناول ترجمو ڪرائيندا هئا ۽ خريدارن جي ڪمي ڪا نہ هوندي هئي. ناول هٿو هٿ وڪامي ويندا هئا”[9]. سکر ۾ هري سنگهہ سنس ڪتب خاني ۽ ڇاپخاني سوين جاسوسي ناول ڇپرايا هئا. سندس ڇپايل جاسوسي ناولن جي هڪ فهرست ۾ آرسين لوپن ڊاکو ۽ بلئڪ جاسوس جا ڪجهہ ناول هيٺ ڄاڻائجن ٿا:

**آرسين لوپن ڊاڪو جا ناول :**

(1) نوجوان جاسوس، (2) غيبي خزانو، (3) چورن مٿان مور، (4) جهاز ۾ ڊاڪو، (5) جاسوس ۽ ڊاڪو، (6) ڪرامتي نيلم، (7) ولايتي ڊاڪو، (8) شريف ڊاڪو، (9) فرينچ ڊاڪو، (10) امير ڊاڪو، (11) جنٽلمئن ڊاڪو، (12) ڪنيا جو قاتل، (13) ريشمي رومال، (14) عجيب شادي، (15) خون بيگناهہ، (16) خوني چار، (17) عجيب خوني، (18) طلسميدلپاڪ، (19) زهري خنجر، (20) عجيب چوري، (21) يورپي ڊاڪو.

**بلئڪ جاسوس جا ناول :**

(1) پهاڙي وچون، (2) عجيب ڏاڙيل، (3) هئبت ناڪ ڊاڪو، (4) وچتر ڊاڪو، (5) دغاباز دولتمند، (6) خوفناڪ ليڊي، (7) انسانن جي چوري، (8) چورن جي چاچي، (9) خوني بدلو، (10) ڀيٽ جي راٽي، (11) خوني شهزادو، (12) ڊبل ڊاڪو، (13) هوائي جهاز، (14) هينري گورڪ ڊاڪو، (15) دل جو دوست، (16) ڏڪايل راٽي، (17) طوفان محبت، (18) نازنين يورپ، (19) خوني پستول.

**چيئنمل کيئومل بڪ سيلر، حيدرآباد جا ڇپرايل جاسوسي ناول :**

ڊبل لاش، خوني پائيتو، معشوق چار، پستول باز معشوق، زبردست ڊاڪو، طلسمي تهخانو، ڪاري جو يکو (2 ڀاڱا)، خوني ڪتو (2 ڀاڱا).

ان کان علاوه شڪارپور جي پبلشر منشي پوڪرداس ڀاهران ڪجهہ جاسوسي ناول ترجمو ڪري ڇپرايا. هتي ڪجهہ مشهور جاسوسي اديبن جو جائزو ڏجي ٿو:

**سيرومل ڪيئلداس سنگراٽي :**

مکي سيرومل ڪيئلداس سنگراٽيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. هو معروف اديب، صحافي ۽ جاسوسي ناول نگار هو. ڪيترائي ننڍا ۽ وڏا ناول لکيائين يا ترجمو ڪيائين، جن ۾ اڪثر جاسوسي ناول هئا. سندس ڪجهہ

ناولن جو مختصر جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

**هردل عزيز "عرف" چندر ڪانتا سنتتي:** 1910 ڌاري، حيدرآباد ۾ مکي سيرومل ڪيئلداس سنگراٽيءَ 28 پاڱن ۾ هڪ جاسوسي ناول "هردل عزيز عرف چندر ڪانتا سنتتي"، هندي ناول نگار ديوڪي نندن کتريءَ جي مشهور ناول تان ترجمو ڪيو، جيڪو ٻن هفتن جي وقفي سان وديا ساگر پريس، حيدرآباد شايع ڪندو هو. هن ناول لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته: "هيءَ ناول عياريءَ ۽ طلسم بازيءَ جي عجائب ۽ اذيت ڪارروايُن سان ٽمٽار هو، ۽ عام پڙهندڙن ۾ ايترو اتساهه پيدا ڪيو هئائين، جو ٻي ٻي هفتي جڏهن ان جو نئون پاڱو نڪرندو هو، تڏهن پرينءَ بزار ۾ مکي صاحب جي پريس ٻاهران، ڪتا نه ڪتان اٺ آنا پٽي سٽي وجي ڳاهٽ ٿيندا هئاسون. هيءَ ناول گرما گرم نانختاين وانگر وڪاڻو"(10).

**پوتنات جي جيوني:** سيرومل ڪيئلداس سنگراٽي ساڳئي سلسلي ڪي قائم رکندي "پوتنات جي جيونيءَ" جا 24 پاڱا ڪڍيا. هنن ناولن ۾ جيتوٽيڪ ناشندني ۽ سندس سنسنيءَ وارا هزارين واقعا ۽ حادثا آندل هئا، تنهن هوندي به منجهس آڪاٽيءَ جو سلسلو نهايت ڪاريگريءَ سان ٻهاريل هو ۽ رتا جي ايڪتا پڻ پوري رکيل هئي. منجهن ادبي لياقت اها هئي جو ڪن ڪردارن- مردن خواهه زالن- جون شخصيتون اهڙيون ته چٽيون اپاريل هيون جو اهي وسرڻ جا نه آهن ۽ مثالي ڪردار بنجي پيا آهن. مثلن: ٿيج سنگ ۽ پوتنات، ڪملني ۽ مايا راڻي، جيتوٽيڪ خيالي پرش ۽ ناريون آهن، ته به شيڪسپيئر ۽ ڊڪنس جي ڪن ڪردارن وانگر امر ٿي پيا آهن.

مکي سيرومل، ٻهريون لکندڙ هو جنهن ڪيترائي سولا ۽ سهٽا هندي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ مروج ڪري ڇڏيا ۽ ان جو خزانو وڌايو. تنهن کان اڳ سنڌ ۾ فارسي ۽ عربي لفظن ڪم آڻڻ ڪي اسين علميت جي نشاني سمجهندا هئاسون ۽ هندي اکرن ڌانهن پورو ڌيان نه ڏيندا هئاسون، پر منجهن خاص ادبي خامي اها آهي جو ٻيهڪ جون نشانون بنهه عدم پيدا يا غلط آهن "هر دل عزيز" جي پنجيويهين پاڱي مان مکي صاحب جي لکڻيءَ جو نمونو هن ريت آهي:

”پڙهندڙ مهاشيہ! توهان کي هن اپنياس پڙهڻ مان معلوم ٿيو هوندو تہ ”هاٿي هيءُ اپنياس سماپتيءَ جي طرف هليو ٿو وڃي“...... هن اپنياس ۾ جيڪي طلسمي ڳالهيون لکيليون آهن جيتوڻيڪ اهي ناممڪن نہ آهن ۽ وگيان ويتا يا سائنس ڄاڻڻ وارا ضرور چوندا ’ها اهڙيون شيون تيار ٿي سگهن ٿيون‘ تنهن هوندي بہ گهٽا اڻ ڄاڻ ماڻهو اهڙا آهن جو هن کي بلڪل کيل ئي کيل سمجهن ٿا ۽ ڪيترائي هن جي ديکا ديکيءَ پنهنجن لکيلن انوکن ڪتابن ۾ ناممڪن ڳالهيون لکي طلسم جي نالي کي بدنام ڪرڻ لڳي ويا آهن انهيءَ ڪري منهنجو ڌيان هاٿي طلسم لکڻ جي طرف نٿو جهڪي پر چا ڪيو وڃي لاچاري آهي هڪ تہ پڙهندڙ جي رچيءَ جي طرف ڌيان ڏيٺو ٿو پوي ٻيو چنارگيہ جي چبوتري واري طلسم جي ڪيفيت لکئي بنا ڪم نٿو هلي، جنهن کي هن اپنياس جو بنياد چوڻ گهرجي جنهن جي لاءِ چندر ڪانتا جي قصي ۾ واعدو ڪري چڪو آهيان تنهنڪري هاٿي هن هنڌ چنار گيہ چبوتري واري طلسم جي ڪيفيت لکي انهيءَ پکيہ کي پورو ڪريان ٿو. انهي کان پوءِ ٻنهي ڪمارن جي شاديءَ ۽ قيدين جي مقدمي طرف ڌيان ڏيئي هيءُ اپنياس پورو ڪندس“[11].

**ستاري منگريلا:** انگريزي ناول نويس Reynolds، جنهن جي ڪتابن تي بداخلاقيءَ جو الزام لڳايو ويندو آهي تنهنجي هڪ ناول Leiha of Star of Mingelia جو ترجمو مکي سيرومل ”ستاري منگريلا“ جي نالي سان 1915ع ڌاري ڪيو هو، جيڪو ڪوهہ ڪاف جي پسگردائيءَ بابت هڪ روماني ناول هو.

**منشي خوشيرام (مرتيو 1919):**

”منشي خوشيرام ولد موٽومل هيرانداڻي لينڊ روينيو کاتي ۾ ملازم هو. نوڪري کان علاوه ڪتابت ڪندو هو، 19 صدي جا ڪيترائي نثري ڪتاب هن جي هٿن سا لکيل آهن. ڪيترائي قصا ۽ ڪهاڻيون لکيائين.“ 1921ع ۾ خوشيرام موٽومل هيرانداڻي حيدرآباد مان هڪ ماهوار ”ناولس“ اخبار ڪڍي هئي، جيڪا جاسوسي ناولن کي ترقي ڏيارڻ لاءِ مقصود هئي. هن اخبار جي ڪري سنڌي زبان ۾ ڪيترن ئي ناولن جو اضافو ٿيو“[12].

هن اداري نامياري انگريزناول نويس رينالڊ جي ناول جوزف ولمٽ جو ترجمو پندرهن ڀاڱن ۾ شايع ڪيو. جاسوسي ناول اخبار جو ٻيو ناول ”لوز

آف دي حرم“ هو، جنهن جو ترجمو ”برقعي ۾ سرڪو“ جي نالي سان ڪيو ويو. اهو ناول پنجن ڀاڱن ۾ ڇپيو. هن اداري جو ترجمو ڪرايل ٽيون ناول ’ميري پرائيس‘ هو، اهو بہ رينالڊ جو لکيل هو.ان ناول جا اٺ ڀاڱا هئا، جنهن جي قيمت 15 رپيا رکي وئي. جاسوسي ناول اخبار جا ٻيا ترجما ڪرايل ناول: گونگو دوست، دکياري، پراسرار جاسوسي ناول، ڳرو بدمعاش، بناوتي ڊبل خون، ڪلجڳي سمي جي وارتا (چار ڀاڱا)، مسٽريز آف دي ڪورٽ آف لنڊن (ڏھ ڀاڱا)، رابرٽ مڪاير (ڏھ ڀاڱا) ۽ ٻيا ڪيترائي ناول هئا. هن اداري هڪ سنڌي مصنف جو سماجي موضوع تي لکيل ناول ”مسٽريز آف سنڌ“ بہ شايع ڪيو هو، جيڪو ناول ڇهن ڀاڱن ۾ هو[13].

**مرزا قليچ بيگ**(1853_1929ع) :

مرزا قليچ بيگ بمبئيءَ جي ايلفسٽن ڪاليج مان تعليم حاصل ڪئي. روينيو کاتي ۾ نوڪري ڪري، ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي رٽائرڊ ڪيائين. شايد ئي ڪا ادب جي صنف هجي، جنهن ڪي هن نہ لکيو هجي يا ترجمو نہ ڪيو هجي. هن نون لکندڙن تي پنهنجا اثر ڇڏيا. مرزا قليچ بيگ کان اڳ سنڌي نثر نويسيءَ ۾ يا تہ صرف درسي ڪتاب هئا، يا مذهبي ۽ ڌرمي لکتون هيون، سنسڪرتي، عربي ۽ فارسي ادب مان ترجما هئا، مگر مرزا قليچ بيگ پنهنجي محنت ۽ ذهانت سان مغربي ۽ مشرقي ادب جا شاهڪار سنڌي ادب ۾ متعارف ڪرائي سنڌي نثري ادب ۾ وسعت آندي. هن انگريزي، عربي، فارسي، هندي، اردو، جرمني ۽ ٻين ٻولين جا شاهڪار سنڌي زبان ۾ متعارف ڪرايا.

هن دور ۾ مرزا قليچ بيگ جهڙو مشهور مترجم جاسوسي ادب کان پري رهي نہ سگهيو. مرزا قليچ بيگ جي زماني ۾ جاسوسي ادب نئون نئون سنڌي ادب ۾ رائج ٿي رهيو هو ۽ سر ڪانن ڊائل جي تخليق ڪيل ڪردار ”شرلاڪ هومز“ جي عنوان سان جاسوسي ادب ترجمو يا لکجي رهيو هو. مرزا قليچ بيگ پڻ ان سلسلي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. سندس ”شرلاڪ هومز“ (ڀاڱو-1، 1916ع)، ”شرلاڪ هومز“ (ڀاڱو-2، 1916ع) ۽ ”شرلاڪ هومز“ (ڀاڱو-3، 1916ع) آتمارام ڪندنمل، قيصره اسٽيم پريس حيدرآباد طرفان شايع ٿيا. هنن ناولن ۾ شرلاڪ هومز جا تجسس ڀريا مختلف واقعا

ڏنل آهن. ساڳي اداري، مرزا قليچ بيگ جو هڪ ٻيو جاسوسي ناول ”پيانڪ لاش“ (١٩٤٢ع) به ڇپايو هو، جيڪو پڻ سرڪانن ڊائل جي ناول جو ترجمو هو، جنهن ۾ پڻ شرلاڪ هومز جاسوس جا ڪارناما بيان ڪيل هئا[14].

مرزا قليچ بيگ، 1913ع ۾ ڪنهن اردو ناول تان ”لڇمي: هڪ نڱباز عورت“ ترجمو ڪيو، جنهن ۾ هندو زندگي جي عڪاسي هئي، جنهن ۾ لڇمي جي ڪردار ۾ هڪ چالاڪ ۽ جاسوس عورت جو ڪردار پيش ڪيو ويو آهي. مرزا قليچ بيگ، انگريز ليکڪ جوناٿن سُئفٽ (1665ع-1745ع) جي جڳ مشهور ڪتاب Gulliver's Travels جو ترجمو 1920ع ۾ ڪيو. هي ڪتاب ارڙهين صدي جي ادب جو هڪ شهڪار آهي. اصل ڪتاب چئن ڀاڱن ۾آهي، پر مرزا صاحب صرف ٻن ڀاڱن جو ترجمو ڪيو آهي. ”گليور جو سفر“ به هڪ طنزيه تصنيف آهي، جنهن ۾ سڄي انسانيت جي حماقتن بڇڙائين ۽ اخلاقي ڪمزورين تي سخت چوٽون ڪري ٿو. ”گليور جي سير ۽ سفر“ تصوراتي يا خيالي دنيا جوڙي، حقيقي ڪردارن وسيلي ڪهاڻيءَ کي بيان ڪرڻ، جوناٿن سُفٽ جو گليور جو سير ۽ سفر ۾ جاسوسي ماحول ڏنل آهي، جو جو ان جي پس پرده، انگلنڊ ۽ فرانس جي مخالف سياست جي ڪهاڻي ڏنل آهي ۽ هڪ ٻئي جي جاسوسيءَ جو پسمنظر ڏنل آهي.[15]

مرزا قليچ بيگ، 1923ع ۾ ڪنهن انگريزي ناول تان ”شوقين ڏاڙيل“ ترجمو ڪيو، جنهن ۾ هڪ ڏاڙيل جي مختلف ورتائن جي ڪهاڻي بيان ٿيل آهي. مرزا قليچ بيگ مشهور انگريز جاسوسي ناول نگار ڊينئل ڊيفو (١٦٦٠-١٧٣١ع) جي ناول Robinson Crusoe جو ترجمو ناول ”رابسن ڪروزو“ (1942ع) جي نالي سان ڪيو. هن ناول ۾ هڪ اهڙي شخص جي جدوجهد جي ڪهاڻي آهي، جيڪو پيسفڪ ٻيٽ ۾ چار سال گذاري ٿو ۽ زندگيءَ ۾ نوان تجربا پسي ٿو. مرزا قليچ بيگ جي ڊرامي ”لوڀي ۽ نوڳي“ (1895ع) ۾ پڻ جاسوسي ماحول جا ڪيترائي سين آهن.

**نانڪرام ڏرمداس ميرچنداڻي (مرتيو 1946ع):**

نانڪرام ڏرمداس مير چنداڻيءَ جو تعلق حيدرآباد سان هو. هو نولراءِ هيرانند اڪيڊمي ۾ انگريزيءَ جو استاد هو. نانڪرام بيشمار جاسوسي ڪهاڻيون، ڊراما ۽ ناول لکيا ۽ ترجمو ڪيا، جن ۾ ”حسد جي هاڄ“ (فرانسي ناول نگار

Dumas جي Dumas جو ترجمو، 1912ع)، ”غيبي خزانو“، ”شريف ڌاڪو ۽ فولادي خنجر“ (چار ڀاڱا)، ”امير ڌاڪو ۽ نازنين چور“ (ٻه ڀاڱا 1925ع)، ”فرينچ ڌاڪو ۽ ڪهري ڪاغذ“ (1925ع)، ”ڪرامتي نيلم“ (1925ع)، ”جينٽمين ڌاڪو ۽ خوني هيرو“ (ٻه ڀاڱا 1926ع)، ”خوفناڪ قاتل“ (1926ع)، ”خوني نقاش“ (ٻه ڀاڱا 1926ع)، ”خوني بيگناهه“ (1927ع)، ”نازنين يورپ ولايتي ڌاڪو“ (1928ع)، ”خوني عورت“، ”ڪرامتي انسان“، ”مصري خنجر“، ”ترين ۾ خون“، ”آرسين لوپن سان ڏيٺ“، ”چورن مٿان مور“، ”جاسوس ۽ ڌاڪو“ ۽ ٻيا ناول شامل آهن.

**ليلارام ماڪيجاڻي (مرتيو 1937ع):**

جاسوسي ڊرامن جو مشهور ليکڪ ليلارام ولد ناريمل جو تعلق حيدرآباد سان هو. هن جا ڊراما اصل تشدد سان ڀرپور هوندا هئا، جيڪي اڪثر ينگ سينٽر ڊراميٽڪ سوسائٽي حيدرآباد طرفان پيش ٿيا. سندس جاسوسي ڊرامن ۾ ”دو رنگي دنيا“ (1920ع)، ”پريمي پتنگ“ (1920ع)، ”بي وفا قاتل“ (1921ع)، ”قاتل مسافر“ (1931ع) ۽ ٻيا شامل آهن“[16]. سندس جاسوسي ڊرامن لاءِ پروفيسر منگهارم ملڪاڻيءَ لکيو آهي ته: ”سندس ناٽڪ اگرچ چالو زماني بابت هئا، پر نڪاتوڪي منهنجن حد کان ٻاهر هئي. اهڙا ڪي ورلي ناٽڪ هوندا، جن ۾ خنجر يا پستول کان ڪم ورتو نه هوندو“[17].

**مرزا مدد علي بيگ (1883ع—1930ع):**

”مرزا مدد علي بيگ ولد مرزا نور محمد بيگ تخلص ”مدد“ جو حيدرآباد جي ٽنڊي آغا ۾ تولد ٿيو. هن کي سنڌي ۽ انگريزي جي تعليم ڏني وئي ۽ هن فارسي ۽ اردو ۾ به مهارت حاصل ڪئي. مرزا صاحب هندستان ۽ ايران جي ڪيترن شهرن جو سير ڪري آيو هو. هن 1921ع ۾ ”صراط المستقيم“ نالي سان ماهوار رسالو شروع ڪيو هو، جنهن ۾ جعفري عقيدي مطابق تبليغ هئي. مرزا مدد جي گهراڻي ۾ شاعريءَ جو گهڻو رواج هو، تنهن جو اثر هن تي به پيو ۽ هن ننڍپڻ کان شاعري شروع ڪئي. هن جو ناتو لاڙڪاڻي جي بزم مشاعره سان هو، هن جا ڪيترائي غزل ”گلدسته سنڌ“ لاڙڪاڻي ۾ ڇاپيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا“[18].

مرزا مدد علي بيگ، سنڌيءَ ۾ ڪيترائي جاسوسي ناول لکيا ۽ ترجمو ڪيا، ڇو جو، ان دور ۾ جاسوسي ناول ذريعہ معاش بہ ھوندا ھئا. سندس ناولن ۾ ”حيرت انگيز عرف چين جو شهزادو“ (ٻہ جلد 1912ع)، ”جينٽلمين بانڪي ميري مٿي ڪيئن خراب ڪئي“ (1913ع)، ”طلسم حيرت عرف جادو جو دٻو“ (1913ع)، ”ڪامل عيار عرف مسٽريز آف حيدرآباد“ (1914ع)، ”عيار پادري“ (ٻہ ڀاڱا 1915ع)، ”عقل چرخ“ (ٻہ جلد 1916ع)، ”انارڪلي ۽ سيف الملوڪ“، ”قصو گل صنوبر“ (1929ع) ۽ ٻيا ناول شايع ٿيل آھن.

**واڌو مل مولچند:**

واڌو مل مولچند سڀ کان اول مشهور شاعر ساميءَ جي ڇهن سؤن کان مٿي سلوڪ چوندي انهن کي ٻائيتاليهن مضمونن ۾ ورڇيو ۽ اھو ”ساميءَ جا سلوڪ“، چونڊيل واڌو مل مولچند، ڪؤڙومل سنڌي ساھتيہ منڊل، حيدرآباد، 1946ع شايع ٿيو. واڌو مل مولچند ”ساڌو ھيرانند جو جيون چرتر“ (1933ع) ۽ ”ديوان موتيرام شوقيرام جو جيون چرتر“ (1946ع) لکيا. سندس جاسوسي ناولن ۾ ”خوني انتقام“، ”شيطان ڌاڪو“، ”چڪردار چوري“، ”آنرري جاسوس“ شامل آھن.

**منوھر داس ڪوڙومل (1897_1984ع) :**

منوھر داس نالي واري عالم ۽ اديب ڪوڙي مل ڪلناڻيءَ جو فرزند ھو. سندس جنم شهر پريا، ضلعي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. ھو پنهنجي والد جي قائم ڪيل ڪوڙومل چندنمل اڪيڊميءَ ۾ پڙھائيندو ھو. سندس افسانا ماھوار ”سنڌو“ رسالي ۾ نصيحت آميز آکاڻين جي سري سان شايع ٿيندا رھيا. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آھن، پر ھن دور جي پسند مطابق ڪي جاسوسي ناول بہ لکيا، جن ۾ ”شيطان منڊلي“، ”پتال“، ”چالاڪ پروفيسر“، ”شيطان وڪيل“، ”بلئڪ جاسوس جو خون“ ۽ ”جاسوس نازنين“ وغيره اھم آھن.

**دولترام ڏيئلداس موٽواڻي :**

دولترام ولد ڏيئلداس موٽواڻي ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ جاسوسي ناول ”رھزن ٽولي“، ”ھر فن مولا“، ”ھئلر“، ”رت جو سگنل“،

”شيطاني پڪچر“ شامل آهن. انگريزي جاسوسي ناولن جي ترجمن ۾ ٻيا به هندو ليکڪ شامل رهيا، جو هندو ڪتب فروشن ۽ ادارن، ناميارن مترجمن ۽ مصنفن کي ان ڪري ترجيح تي ڏني، جو انهن مترجمن جي چونڊ ٻين کان وڌيڪ بهتر هوندي هئي.

**آزادي کان پوءِ جاسوسي ادب :**

آزادي کان پوءِ هندو سنڌين جي اڪثريت هندستان لڏي وئي ۽ جاسوسي ادب جي صنف جهڙوڪ ختم ٿي وئي، ڇو جو، جاسوسي ادب جا ليکڪ، مترجم، پبلشر ۽ پڙهندڙ هندو سنڌي هوندا هئا. هندستان ۾ لڏ پلاڻ کان پوءِ هندو ڪتب فروشن ۽ ادارن هندستان مان به جاسوسي ناولن جا سلسلا جاري ڪيا. سنسار ساهتي منڊل لگ ميٽرو سئنيما بمبئي 1- ’جاسوسي سنسار ‘ جي نالي سان ماهوار جاسوسي ناول شايع ڪيا. انهن جو هڪڙو ناول ”درياهي ڌاڪو“ ۽ ٻيو ”بلئڪ جاسوس“ سنڌ ۾ جولاءِ ۽ آگسٽ 1950ع ۾ شايع ٿيا هئا. ٽيون ناول ”شرلاڪ هومز موت جي ماٿري ۾“ هو. ”هندستان ۾ ڊاڪٽر چندو لعل ڪيترائي جاسوسي ناول لکيا آهن، جن ۾ ”اپراڌي“، ”ساڌنا جو خون“، ”هڪ ٻيو وهم“، ”چوڏنهن ڏينهن“، ”جنگ ۾ ماڌوي“، ”دوکو“، ”ڊاڪٽر ديال جو خون“ ۽ ٻيا ناول شامل آهن. گوبند خوشحالاڻيءَ ڪي جاسوسي ناول لکيا آهن. هندستان جي سنڌي اديبن ۾ دولترام هيمنداس ڪلياڻي به ڪيترائي جاسوسي ناول ۽ ڪهاڻيون لکيا“(19).

سنڌ ۾ خاص طور تي جاسوسي ادب جهڙوڪ ختم ٿي چڪو هو. ان سلسلي ۾ محمد بخش جوهر ڪوششون ورتيون. ماهوار ڊائجسٽ به ڪڍيائين، پر پير کوڙي نه سگهيو. ون يونٽ جي قومپرستيءَ واري تحريڪ ۾ ادب جون ڪيتريون صنفون ختم ٿي ويون. هن دور ۾ ڊاڪٽر قاضي خادم ڪجهه جاسوسي ڊراما ۽ ناول لکيا آهن، جن ۾ هڪ ناول ”پاڇي جو پيڇو“ (ترجمو) آهي. نذير حسين پٽي به ڪي جاسوسي ناول ترجمو ڪيا، جن ۾ ”خوني ميل“ (1959ع) ۽ ”انساني کوپڙي“ (1960ع) شامل آهن. اهڙيءَ طرح راز بلڙائيءَ جو ”فرعون جو معشوق“، پير الهداد قريشيءَ جو ”شريف ڌاڪو“، خواجہ احسان جو ”ڪفن چور“، ڊاڪٽر منظور احمد عرساڻيءَ جو ”شرلاڪ هومز جو موت“ (1962ع) اهم آهن. نظير احمد شيخ ڪيتريون ئي

غير ملڪي ڪهاڻيون ترجمو ٻه ڪيون. سندس ڪيتريون ئي جاسوسي ڪهاڻيون شايع ٿيل آهن، جن مان هڪ مجموعو ”پاڪستان ۾ هڪ اجنبي“ (1974ع) پڻ شايع ٿيل آهي. شهاب الدين عباسيءَ جو جاسوسي ترجمو ٿيل ناول ”خوفناڪ نانگ“ 1999ع ۾ شايع ٿيو. حبيب سنائيءَ برئيم اسٽوڪر جي جاسوسي ناول جو ترجمو ”ڊريڪولا“ جي نالي سان ڪيو آهي. هينري چئرير جي جڳ مشهور ناول Papillion جو سنڌي ترجمو يوسف سنڌيءَ ”شيطاني ٻيٽ“ (2018ع) جي نالي سان ڪيو آهي، هن ناول ۾ هينري پيپلن هڪ ڏوهاري هو، ڪيس 1931ع ۾ جنم ٽيپ ڏيئي فرانس جي انهن ”شيطاني ٻيٽن“ جي انهن پوائٽين ڪئمپن ۾ موڪليو ويو، جتان جا دل ڏاريندڙ داستان اُن دور ۾ سڄي دنيا ۾ پکڙيا پيا هئا. يوسف سنڌيءَ، آئن فليمنگ جي جيمس بانڊ سيريز جي هڪ ناول جو ترجمو ”گولڊ فنگر“ جي نالي سان 2019ع ۾ ڪيو آهي.

آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ادب ۾ جاسوسي ڊرامن کي ريڊيو، ٽيليويزن، فلمن ريڊيو وسيلي کي قدر اهميت ملي. جاسوسي ڊرامن ۾هڪ پنهنجو ماحول آهي، جادوگر، دغا باز دوست، جذباتيت سان ڀرپور، رومانيت جو پهلو غالب ۽ تجسس سان ڀرپور هوندا آهن. 1965ع ۾ ريڊيي لاءِ ڊاڪٽر محمد ابراهيم ’خليل‘، جاسوسي ڊرامو ”قاتل ڪير“ لکيو، جيڪو بعد ۾ ڪنهن رسالي ۾ شايع ٻه ٿيو. سيد منظور نقويءَ پڻ جاسوسي، سائنس ۽ پراسراريت جي موضوعن تي ڊراما لکيا، ان سلسلي ۾ سندس ”جيئرو ٻت“، ”پوت“ ۽ ”هو“ اهم ڊراما آهن. قاضي خادم، قمر شهباز، شمشير الحيدري ۽ ڪن ٻين ٽي.ويءَ لاءِ جاسوسي ڊراما لکيا آهن. اهڙيءَ طرح ڪي ٻيا ناول ۽ ڪهاڻيون ٻه آهن.

**محمد بخش ”جوهر“(1919 _ 2010ع) :**

محمد بخش ”جوهر“ ولد وريام جتوئيءَ جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو. سنڌي جاسوسي ادب ۾ سندس اعليٰ مقام آهي. هن ورهاڱي کان اڳ جاسوسي ناول ۽ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون هيون ۽ ورهاڱي کان پوءِ هي واحد ليکڪ هو، جنهن جاسوسي ادب جي صنف کي جيئرو رکيو. ڪيترائي طبعزاد ۽ ترجما، جاسوسي قصا، ڪهاڻيون ۽ ناول ترجمو ڪري سنڌي ادب

ڪي شاهوڪار ڪيو. سندس ڪهاڻين جي مجموعن ۾ ”هڪ غريب خدا جي دربار ۾“ (1957ع)، ”هيبتناڪ اسرار“ (1993ع) ۽ ٻيا ڪيترائي ننڍا مجموعا شامل آهن.

محمد بخش جوهر جا افسانا جاسوسي يا رومانٽڪ يا جانبازيءَ جي ڪري عام پڙهندڙن ۾ انتهائي مقبول هوندا هئا. سندس ڪهاڻين ۾ فئنٽيسي، سائنسي افسانيت جا بہ تجربا ملن ٿا. سندس ناول ۽ ڪهاڻيون تجسس، مار ڌاڙ، جاسوسي ۽ تفريح سان ڀرپور آهن. محمد بخش جو پهرين تخلص ”سڪايل“ هو. انگريزن جي دور ۾ سندس جاسوسي ناول، جيڪي ترجما ۽ تصنيف ٿيل آهن، انهن ۾ ”موتمار ترورو“، ”سمٽ جو خون“، ”هيبتناڪ چمڪاٽ“، ”شرلاڪ هومز ڪي قاسي“، ”آرسين لوپن جو انتقام“، ”بلئڪ جاسوس جو خون“، ”خطرناڪ قوهارو“، ”نقاب پوش“، ”چمڪندڙ بجلي“، ”جاسوس چوڪري“، ”راسپوتين“ (2 ڀاڱا) شامل آهن.

آزادي کان پوءِ، هن روزنامي هلال پاڪستان سان وابستگي اختيار ڪئي ۽ هن پنهنجو تخلص بدلائي ’جوهر‘ رکيو .جاسوسي ادب جي لاءِ هن ماهوار ڊائجسٽ بہ جاري ڪيو، جيڪو ڪامياب نہ ٿيو. هن جا آر .ايچ. احمد اينڊ برادرس بڪ سيلر ۽ يوسف برادرس بڪ سيلر طرفان ڪيترائي ناول ڇپيا، جن ۾ ”انساني ڪوپڙي“، ”باغي“، ”پڪو بدمعاش“، ”خوفناڪ قاتل“، ”خوفناڪ خوني“، ”ڪتو“، ”دغابازي“،”راج محل جا راز“، ”زبردستي“، ”سکن سان لڙائي“، ”شرلاڪ هومز جاسوس“، ”شرلاڪ هومز جاسوس جا ڪارناما“ (1959ع)، ”شيطان جي ناني“ (1952ع)، ”لعل چڪرو“، ”خوني خزانو“ ۽ ”راز پنيان راز“، ”خوني پڃرو“ (1959ع) آهن. محمد بخش جوهر جا جاسوسي ناول تجسس ۽ تفريح سان ڀرپور آهن.

سندس ناول ”اڏامندڙ ڪتولو“ آر.ايچ. برادرس، حيدرآباد پاران 1959 ۾ شايع ٿيو، ڪتاب ۾ ڪل 22 صفحا آهن. ٻيو ناول ”اڏامندڙ ٿالهيون“ باغبان پبلشنگ هائوس، حيدرآباد طرفان 1956ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول تمام گهڻو مشهور ٿيو. ان ۾ 328 صفحا ڏنل آهن. اهڙي طرح ناول ”اڏامندڙ ڀوت“ ڊيمي سائيز ۾ آهي، جنهن ۾ 70 صفحا آهن. ڇاپو پهريون، محمد يوسف ائنڊ برادرس، حيدرآباد مان شايع ڪيو.

**لطف الله ”جوڳي“ بدوي(1904–1968ع) :**

لطف الله ”جوڳي“ بدوي، سنڌي ٻوليءَ جو نالي وارو اديب آهي، هن ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا. سندس جاسوسي ناولن ۾ ”رت جا ڳوڙها“ ( اردو ناول نگار اشفاق احمد جي ناول ”خون ڪي آنسو“ جو ترجمو 1935ع)، ”بلئڪ جاسوس جي آتم ڪهاڻي“، ”بلئڪ بهادر“، ”مجيد جو هوائي جهاز“، ”انعامي هيرو“ شامل آهن.

**محمد هاشم سومرو ”لاوطن“(1903 ـ 1963ع):**

محمد هاشم سومرو ”لاوطن“ جو جنم ڳوٺ غلام نبي شاهه، ضلعي عمرڪوٽ ۾ ٿيو. پنهنجي دور جو ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار هو. سندس جاسوسي ناولن ۾ ”شهزادي تهمينه“، ”بلبل بنگال“ (1962ع) ۽ ڪهاڻين جي مجموعن ۾ ”شانتي ديوي“ (ترجمو 1958ع) شامل آهن.

**فضل احمد بچاڻي(1934ع_1987ع) :**

سنڌي ناول ۾ ترجمي جي حوالي سان فضل احمد بچاڻي، هڪ وڏو نالو رکي ٿو، هن ڪيترن ئي انگريزي ناولن جا ترجما سنڌيءَ ۾ ڪيا. فضل احمد بچاڻيءَ، رائڊر هيگرڊ جي ناول She: A History of Adventure جي اسرار سان ڀريل داستان جو ترجمو ”عاشي“ جي نالي سان ڪيو، جيڪو 1961ع ۾ شايع ٿيو. مير محمد نظاماڻي، جيڪو سنڌ يونيورسٽي ۾ شعبہ سنڌي ۾ استاد هو، هن She جو ترجمو ”هُوءَ عرف عائشہ“ جي عنوان سان ڪيو. نظاماڻي صاحب جي ٿيسز سنڌي شعبي ۾ قلمي صورت ۾ موجود آهي. فضل احمد بچاڻيءَ ساڳئي ناول نگار جو ٻيو ناول ”عاشيءَ جي واپسي“ جي نالي سان ترجمو ڪيو، جيڪو 1983ع ۾ شايع ٿيو. ليڪڪ هن داستان کي فقط هڪ پراسرار ۽ ڪُهنو داستان ڪري پيش نہ ڪيو آهي، بلڪ هي جذباتي ڪهاڻيءَ سان گڏ هڪ اهڙو داستان آهي، جيڪو تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت توڙي روماني زندگيءَ جو هڪ انوکو مرقعو آهي. آسيہ هتي عاشيءَ جي واپسي ۾ نئين جوان وارو ڪردار آهي. نامياري محقق، اديب ۽ تعليمدان غلام قادر سومري، 1961ع ۾ رائيڊر هئگرڊ جي مشهور ناول ”رٽرن آف شي“ (Return of She) جو سنڌي ترجمو ”سائڻ“ جي نالي سان ڪيو، جيڪو هن وقت اڻلڀ

آهي. علي نواز ڏاهري هينري رائبر هيگرڊ جو جڳ مشهور ناول Allan quarter man جو سنڌي ترجمو ”موتڻ جنين مهڻو“ جي عنوان هيٺ ترجمو ڪيو آهي، جيڪو 2018ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول ۾ هڪ ڪردار جي طويل سفر جي ڪٿا ۾ رڻ پٽ، جاسوسي، زميني حياتيات سان ويڙهه، رومانس ۽ ساموندي مشڪلاتن سان منهن ڏيڻ جي سگهه ڪي اپارڻ جي ڪهاڻي ڏنل آهي.

جاسوسي ادب، سنڌي ۾ پڙهندڙن جو هڪ وڏو حلقو تيار ڪري ورتو ۽ ماڻهن ۾ ڪتب بينيءَ جو چاهه پيدا ٿيو. پڙهندڙن جي انهي ذهني لاڙي ڪي ڏسي بين ڪتب فروشن ۽ پبلشرن بہ جاسوسي ناول شايع ڪرڻ جو آغاز ڪيو. سنڌ ۾ جاسوسي ادب آزاديءَ کان پوءِ جلدي ختم ٿيندو ويو. خاص طور تي ترقي پسند ادبي تحريڪن ۽ قومپرستيءَ وارين تحريڪن سبب جاسوسي ادب جي تباهي ٿي. جاسوسي ادب جي زوال جي سلسلي ۾محمد بخش جوهر لکيو آهي تہ: ”هڪ عرصي کان لڳل قومي لهر ادب جي هن دلچسپ صنف ۽ سبق آموز موضوع کي ميٽي ڇڏيو آهي يا ميدان خالي ڪري ڇڏيو آهي“[20].

**جاسوسي ادب جي ترقيءَ لاءِ ڪي تجويزون :**

انگريزن جي دور ۾، سنڌي ۾ جاسوسي ادب جو عروج هو، پر آزاديءَ کان پوءِ، نہ صرف عروج ختم ٿيو پر ان کي مڪمل زوال اچي ويو. هينئر حالت اها آهي تہ انگريزن جي دور ۾ شايع ٿيل جاسوسي ادب جي ڪنهن بہ ڪتاب کي گهٽ ۾ گهٽ مارڪيٽ مان هٿ ڪري نہ ٿو سگهجي. ضرورت آهي تہ ادب جي هن اهم صنف کي هڪ دفعو ٻيهر جيارجي. اردو ۾ تہ اڄ بہ جاسوسي رسالا جاري ٿين ٿا، پوءِ سنڌيءَ ۾ ڇو ڪو نہ ٿي سگهن ٿا. ان سلسلي ۾ هيٺيون گذارشون رکجن ٿيون:

1. هن وقت، ڪيترائي سرڪاري ۽ خانگي اشاعتي ادارا سنڌي ڪتاب شايع ڪري رهيا آهن، انهن کي احساس ڏيارجي تہ جاسوسي ادب کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ترجيح ڏين تہ جيئن ان کي ٻيهر جياري سگهجي.
2. ان ڏس ۾ خاص شغف رکندڙ اديب اڳتي اچن، جيڪي جاسوسي ناول، ڊراما ۽ ڪهاڻين جا ترجما ۽ طبعزاد لکي سگهن. ادارن کي گهرجي تہ اهڙن اديبن جي حوصلي افزائي ڪن.

3. سنڌي ادبي بورڊ کي گهرجي تہ هر سال ڪجهہ نوان ۽ ڪجهہ پراڻا مشهور جاسوسي ڪتاب ٻيهر شايع ڪرايا وڃن.
4. اخبارن جي مالڪن کي گهرجي تہ هو پنهنجي هفيتوار رسالن يا خصوصي پرچن ۾ جاسوسي ادب لاءِ گنجائش ڪڍن.
5. ماهوار رسالن جي مالڪن کي بہ گهرجي تہ هو هر مهيني قسطوار ڪو ڪهاڻين جو سلسلو جاري ڪن. يا طبعزاد جاسوسي ڪهاڻين کي هڪ قسط ۾ شامل ڪن.
6. انگريز دور جي طرز تي ڪي خاص رسالا يا اخبارون جاري ٿيڻ گهرجن، جيڪي مڪمل طور تي جاسوسي ادب جي ترقيءَ ۾ ڪردار ادا ڪن.

### حوالا:


1) ملاح مختيار احمد: ”ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت“؛سنڌ لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2015ع، ص 123
2) جوهر محمد بخش: ”سنڌي زبان ۾ جاسوسی ادب“ ماهوار نئين زندگی، اپريل 1990ع
3) انسائڪلوپيڊيا سنڌيانا، جلد ٽيون،: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ، حيدرآباد، 2011ع، ص 404
4) آن لائين انسائڪلوپيڊيا، وڪيپيڊيا (اردو)
5) ملاح مختيار احمد: ”سنڌي ناول جي مختصر تاريخ“، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2010ع، ص 50، 51
6) پناڻ، در محمد، ڊاڪٽر: ”ڪجهہ پراڻا رسالا“، گل حيات انسٽيوٽ جي ويب سائيٽ تان کنيل
7) هيرو ٺڪر: ”مهرچند آڏواڻي“، فيونڪس بوڪس، حيدرآباد ، 2007ع، ص 52
8) در محمد پناڻ ڊاڪٽر: ”ڪجهہ پراڻا رسالا“، گل حيات انسٽيوٽ جي ويب سائيٽ تان کنيل
9) جوهر محمد بخش ”سنڌي زبان ۾ جاسوسي ادب“، ماهوار نئين زندگي، اپريل 1990ع
10) منگهارام ملڪاڻي پروفيسر: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبلڪيشن حيدرآباد 1993ع، ص 85
11) سنگراڻي سيرومل ڪيئلداس: ”هردل عزيز عرف چندر ڪانتا“، وديا ساگر پريس، حيدرآباد، 1908ع
12) سنڌي عبدالغفور ميمڻ ڊاڪٽر:“ اٺويهين صديءَ جو جائزو“، ماهوار پيغام، ڊسمبر ، 1988ع
13) پنهور محمد خان ڊاڪٽر: ”ٻري جن جي ٻاري“، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1995ع
14) جوهر محمد بخش: ”سنڌي زبان ۾ جاسوسي ادب“ ماهوار نئين زندگي، اپريل 1990ع
15) ملاح مختيار احمد: ”سنڌي ناول جي تاريخ“، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2010ع، ص 75
16) ملاح مختيار احمد: ”سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ“، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2010ع، ص 146
17) منگهارام ملڪاڻي پروفيسر: ”سنڌي نثر جي تاريخ“، روشني پبلڪيشن، حيدرآباد 1993، ص 134
18) قادري اياز: ”سنڌي غزل جي اوسر“ (ٻاگو ٻيو)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1984ع
19) ملاح مختيار احمد: ”سنڌي ناول جي مختصر تاريخ“، 2010ع، ص 186
20) جوهر محمد بخش: ”سنڌي زبان ۾ جاسوسي ادب“ ماهوار نئين زندگي، اپريل 1990ع

ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

# سُگهڙ غلام محمد منگي ”مُسافر“: سندس فن ۽ زندگيءَ جو احوال

# Folk poet Ghulam Muhammad Mangi Musafir: life and his poetry

**Abstract:**

Sindhi folk literature is very rich and the base of all kinds of prose and poetry forms. It was collected and compiled on a large scale by a team under the supervision of noted scholar Prof. Dr. Nabi Bux Khan Baloch in 1957-58 under the folklore scheme of Sindhi Adabi Board.

There are many folk story tellers and poets in Sindh, whose creations are in dire need of collection and compilation. They are common, less literate people who cannot approach the printing press and can not afford the expenses either. Ghulam Muhammad Mangi is one of them. He belongs to Amrot Sharif, District Shikarpur. He has performed on Radio and Television, and is also associated with the organization of folk storytellers and folk poets, namely Sindh Sughar Lok Adab Tanzeem (SLAT) Pakistan.

This is the first ever comprehensive article about him.

سُگهڙن سان قرب واريون ڪچهريون ڪري ڏاڍو سڪُون ملندو اٿم. لڳ ڀڳ هر سُگهڙ وٽ نيٺ ٻوليءَ سان گڏ ڪيترا ئي پُختا خيال ٻہ ملندا آهن. وٽن خيالن جي نَواڻ ٻہ ملندي آهي. اهڙن ئي سُلجهيل سُگهڙن مَنجهان سينيئر سُگهڙ غلام محمد منگي ٻہ هڪ آهي؛ جيڪو پنهنجي نالي ۽ ذات کان سواءِ ’مُسافر‘ تخلص پڻ ڪم آڻيندو آهي. هُو هڪ سينيئر سُگهڙ آهي. جڏهن بہ ڪچهريءَ ۾ ايندو آهي تہ ڪي نہ ڪي نيون سُوکڙيون ضرور پيش ڪندو آهي. سندس فن کان مُتاثر ٿي مُون سندس بابت تفصيل سان لکڻ شروع ڪيو. هِن کان اڳ سال ٢٠١٥ع ۾ مُون پنهنجي ڪتاب رسالي گُجهارت ۾ سندس انتها ئي مُختصر تعارف لکيو آهي ۽ سندس ڪُجهہ رسالو گُجهارتون ڪتاب ۾ ڏنيون اٿم. اُن کان پوءِ عاجز رحمت الله لاشاريءَ

واتان منگي صاحب جي واڪاڻ ٻُڌڻ ۾ روبرو ٿيل ڪچهريءَ ڪچهرين جي نتيجي ۾ ٢٣هين مارچ ٢٠١٨ع تي ساٽس سکر ملڻ ويس ۾ ڊگهي ڪچهري ڪيم. وٽانئس مليل ڄاڻ جي آڌار تي هيءُ مقالو لکان پيو؛ جيڪو سُگهڙ غلام محمد منگيءَ جي زندگيءَ جي احوال ۾ سگهڙائپ جي فن بابت پهريون مقالو هوندو.

غلام محمد منگيءَ جا وڏڙا به سگهڙائپ جي فن سان لاڳاپيل هئا. سندس والد محمد چَتل منگي ۾ نانو حاجي فقير حجام به سگهڙ هئا. محمد چَتل ڏور بيت جو سگهڙ هو. حاجي فقير حجام رسالي ڳجهارت جو ماهر هو. غلام محمد کي به هُن رسالي ڳجهارت جو فن سيکاريو. سندس چوَڻ هو ته ڳجهارت اهڙي ناهجي جنهن سان بيت متاثر نه ٿئي. سگهڙ غلام محمد منگيءَ جي ناني ۾ استاد حاجي فقير حجام جو ذڪر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به ڪيو آهي. هُن پنهنجي ترتيب ڏنل ڪتاب "ڏور" ۾ سندس نالو حاجي حجام لکيو آهي ۾ هڪ ڏور بيت به ڏنو آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب حاجي حجام جو تعارف هِن ريت ڪرائي ٿو "حجم: شايد حاجي حجم؛ جو سکر شهر جو وينل آهي. اڳي حجم جي نالي سان ڏور چوَندو هو. هاڻي ڏور ڪونه چوي." (ڪتاب ڏور، ص: ٥٩٥)

ڊاڪٽر صاحب تعارف ۾ حاجي حجم لکيو آهي جڏهن ته ڪتاب ۾ شامل ڏور ۾ حاجي حجام لکيو آهي. سگهڙ غلام محمد منگيءَ جي دعوا آهي ته اهو سندس نانو حاجي فقير حجام ئي آهي. هتي بلوچ صاحب جي شامل ڪيل ڏور ۾ اُن جي مُراد پيش ڪجي ٿي. ڪتاب ۾ ڏور نمبر ٢٨٧هين آهي.

سيني سان ساٽيهه ۾، پئي سير ڪيائين سَرها
قضا آٽي ڪُن ۾، هن جا ٽُرت وڏا ٽُرها
ساريون سڏڙا ڪري، دلبر کي دُرها
عاشق آٽي آجا ڪيس، جيڪي ور ڪيس نه پيل ها
دليل ڪري دلها، لهو ڪنهن ڪنهن حيلي ساڻ 'حجام' چئي

سيني سان = عُضوَن سان. ساٽيهه = جهنگل.
دلبر = حضُور ﷺ جن. عاشق = حضور ﷺ جن.
مُراد: هرڻي بي فڪر ٿي جهنگل ۾ پئي چَري ته اوچتي دام ۾ وڃي ڦاٿي، جتان حضور ﷺ جن آزاد ڪيس. (ڏور، ص: ٣٦٩)

غلام محمد منگيءَ جو اصل ڳوٺ امروٽ شريف آهي؛ جيڪو اڳ ۾ ضلعي سکر ۾ هو ۽ هاڻي ضلعي شڪارپور ۾ آهي. منگي صاحب هن وقت سکر ۾ رهي ٿو. هُو ١٩٥٤ع ۾ امروٽ شريف ۾ ڄائو. پنهنجي ڄم جي سَن بابت ٻُڌايائين ته سندس ڳوٺ جو وڏيرو هدايت الله دَل ڏاڍو سلجهيل ماڻهو هو. هُو ڳوٺ ۾ ڄمندڙ ٻارڙن جي ڄم جي تاريخ ۽ وفات ڪندڙن جي وفات جي تاريخ لکي ڇڏيندو هو. نتيجي ۾ اسڪول جا استاد به ڪانئس پڇي پوءِ شاگردن جي ڄم جي تاريخ لکندا هئا.

هُن پرائمري اسڪول ۾ داخلا ورتي؛ جتي ٻئي درجي کان بيت چوَڻ شروع ڪيائين. لڳ ڀڳ ڏهن يارهن سالن جي عمر ١٩٦٨ع کان سگهڙائپ شروع ڪيائين. سندس والد کان سواءِ سندس استاد الاهي بخش ڪٽيءَ (سُومري) شڪارپور واري به سگهڙائپ ۾ تربيت ڪئي. منگي صاحب گورنمينٽ پرائمري اسڪول امروٽ شريف ۾ چار درجا پڙهيو.

هُو بهترين راڳو پڻ آهي. رڌ پچاءُ سندس پيشو آهي؛ جنهن وسيلي زندگيءَ جو گاڏو گهلي ٿو.

هن جا ذهن جاڳيل ڪيئي، تاريخن جا باب ويڳاڻا
هن جا گفتا گوهر آهن، اڻ لپ ڪيئي موتن داڻا
دولت جي جهنڪار هتان، هيرا نه ڪي ملهه وڪاڻا
صدين کان جا سر تي سانيي، اها تند تنوار به هن

هن جو فن تبليغ به آهي، ٻيو آ مقصد قومي خدمت
اوليائن ۽ انبيائن جا، ٻولي ٻول ٻڌائن عظمت
پنجتن پاڪ، معصومن جي، آهي تن جي اندر اُلفت
بيت نظم ۾ نامو نياپو، حرفت جا هوشيار به هن

ڏُکي ڏُکي جي پڙڪو ڪائن، ٻڌجن باهه جا شعلا هي
نفرت وارا ٻوتا ساڙن، ٻڌجن گئس جا گولا هي
سمجهڻ وارا سمجهي ڄاڻن، سمجهڻ ۾ نه سوَلا هي
عناصر ڪي اڏ ڪرڻ لئه، وِچ، ڳڙا وَسڪار به هن

نياز ادب هي خوب ٿو ڄاڻي، هن جي ٻولي لات مِٺي
جنهن ڌرتيءَ جي گود ۾ گهارن، نالو سندو ذات مٺي آ

تنهن جي تن ۾ ڪاج ڪچهريون، هر هڪ ڏينهن ۽ رات مني آ
هڙئي وطن جا منگي "مُسافر"، خادم خدمت گار ﺑہ هن

سندس ان بيت ۾ منگي ۽ مُسافر ٻئي تخلص ڪم آندل آهن.

غلام محمد منگيءَ سگهڙائپ جي مخصوص صنفن کان سواءِ شاعريءَ جي عام صنفن غزل، ڪافيءَ، وائيءَ ۽ چوسٽي وغيره تي ﺑہ طبع آزمائي ڪئي آهي. عام شاعريءَ ۾ سندس اُستاد نالي وارو شاعر نثار بزمي هو.

هُو مختلف ادبي تنظيمن سان ﺑہ واڳيل هو ۽ آهي. سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) جو پراڻو ميمبر آهي. هُو سلات جو مرڪزي سينيئر نائب صدر ﺑہ رهي چڪو آهي. ان کان سواءِ بزمِ طالب الموليٰ جو رڪن ۽ جميعت الشعراءِ سنڌ شاخ خان پور مهر جو ميمبر ﺑہ رهي چڪو آهي. جميعت الشعراءَ ۾ ڪيس نالي واري شاعر، اديب ۽ محقق سيد اظهر گيلانيءَ شامل ڪيو.

هُو پاڪستان ٽيليويزن جي پروگرام ڪچهريءَ ۾ ﺑہ شامل ٿيندو رهندو آهي. سگهڙ عبدالرحمان مهيسر ۽ سيد صالح محمد شاھ جي ميزبانيءَ ۾ ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيو. ريڊيو پاڪستان خيرپور تي ﺑہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سفارش تي ويو پر ريڊيي وارن ڪيس پروگرام نہ ڏنو. اِن حوالي سان ٻڌايائين تہ: "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٨٧ _ ١٩٨٦ع ڌاري لُنڊن جي ڳوٺ (ڳوٺ ياروءَ لُنڊ لڳ ميرپور ماٿيلي) ۾ آيو؛ جتي سگهڙ ڪچهري ٿي. بلوچ صاحب سان گڏ ريڊيي پاڪستان جو پروڊيوسر قادر بخش ملاح ۽ نالي وارو اديب ۽ شاعر محمد فاضل شيخ ﺑہ هو. بلوچ صاحب منهنجي فن مان متاثر ٿي ملاح صاحب کي سفارش ڪئي. ملاح صاحب مون کي آڊيشن لاءِ گهرايو. ملاح صاحب آڊيشن ۾ مون کان هي سوال پُڇيا:

1. اُهي ڪهڙيون پنج شيون آهن، جن لاءِ جنت لازم ٿئي ٿي؟
2. اُهي ڪهڙيون پنج شيون آهن، جن لاءِ دوزخ لازم ٿئي ٿو؟

مون جواب ڏنس تہ سائين! قرآن شريف مطابق ست جنتون ۽ ست دوزخ آهن. اوهان واضح ڪريو تہ ڪهڙيءَ جنت ۽ ڪهڙي دوزخ جي ڳالھ ڪريو ٿا؟

ان تي ملاح صاحب ڪاوڙجي ويو ۽ آڊيشن ۾ فيل ڪري ڇڏيائين. اُن کان پوءِ مان وري ريڊيي تي نہ ويس."

ڪڇهريءَ ۾ مختلف لفظن جي معنائن تي پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي. انهن لفظن ۾ هڪ لفظ ٻاٻيس، ٻيو لفظ ڏِڪَ هو. هُن چيو مون ڪيترن ئي لفظن جون معنائون مشاهدي وسيلي ڪڍيون خاص طور تي ڀهراڙين ۾ اُٿڻ ويهڻ دوران. لفظ ٻاٻيس جي معنيٰ به ڏنارن وٽان مليم. ٻاٻيس (ٻہ ٻيس) معنيٰ ٻن لارن واري چڙي؛ جيڪا ٻڪرين ۽ رڍن کي پاڳيا ٻَڌندا آهن. اهڙيءَ رِيت ڏِڪَ مَنهينءَ وانگر نهيل مٽانهينءَ جاءِ يا ٿلهي کي چوَندا آهن. مطلب جيڪا نروار نظر اچي. ڀهراڙيءَ ۾ نانگن بلائن ۽ وِچن کان بچڻ لاءِ ڏِڪ يعني منهين يا ڪٽ وغيره ڪم آڻيندا آهن. اهڙي قسم جي جاءِ مهمان لاءِ به ڪتب اچي ته خاص موقعن ۽ ڪچهرين لاءِ به ڪم آندي وڃي. اسان انگريزي لفظ اسٽيج کي به ڏِڪ چئي سگهون ٿا. لفظ ڏِڪ شاهه سائينءَ به اسٽيج واري مفهوم ۾ استعمال ڪيو آهي. شاهه صاحب جو اهو بيت هيٺ ڏجي ٿو:

بُرو هو پنيور، آرياڻيءَ اُجاريو
لاتو سَڀَ لوڪ تان، هاڙهي ڏٽيءَ هورُ
چوريُون چُرڻ سِکيون، پُنهون ڪيائون پُورُ
آيو سو اٿُورُ، جنهن ڏُکيون ڏِڪَ ويهاريون
(سُر ديسي)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب هڪ جُلدي سنڌي لُغت ۾ ڏِڪ جي معنيٰ هِن ريت ڏني آهي ته؛ "ڏِڪَ: ث. شاديءَ جي هڪ رسم (جنهن ۾ گهوٽ ۽ ڪُنوار کي شاديءَ کان ٿي ڏينهن اڳ سينگار ڪرائي چِلي ۾ وِهارين.) ڪُنوار جو شاديءَ کان اڳ جو سينگار.
ڏِڪَ وِهارڻ: شاديءَ جي هڪ رسم موجب گهوٽ ۽ ڪنوار کي موڙ ٻَڌائي سيج تي وِهارڻ (ان سان گڏ ٻيا ساٽ سوڻ ڪرڻ)." (ص: ٣٠٧)

مطلب ته اسٽيج کي نيٽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏِڪ چئي سگهجي ٿو. پر جيئن ته انگريزي لفظ اهڙو ته عام ٿي ويو آهي جو هر پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل اسٽيج کي پنهنجو ئي لفظ مڃي ٿو ۽ آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو.

ڳجهارت هڪ ڏُکي صنف آهي. ان ۾ رسالو ڳجهارت منفرد حيثيت رکي ٿي. سگهڙ غلام محمد رسالو ڳجهارتون پڻ جوڙيون آهن. هِن ڳجهارت ۾ سگهڙ جي ڏيٽيءَ ۾ شاهه سائينءَ جو بيت لڪائي رکندو آهي؛ جنهن کي ٻيا سگهڙ ڳوليندا آهن؛ جنهن مان سگهڙن جي لطيف شناسيءَ جي پروڙ پوَندي آهي ته لطيفي فڪر جي پرچار به ٿيندي آهي. انهن سگهڙن لطيف

جي شاعراڻي ٻوليءَ، لهجي ۽ اُچار کي برقرار رکڻ ۽ اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هتي غلام محمد منگيءَ جي هڪ رسالو ڳجهارت سمجهاڻيءَ سُوڌي ڏجي ٿي:

”ڏيڻي: عضوو، ڪاريگر جي ڪري، پڇج، پنهنجو، ذات جو، راند جن ڏري، ٻولي، ٻولي، ذات سان.

پاوا: عضوو = سر، ڪاريگر جي = سانداڻ، پنهنجو = گهر، ذات جو = لوهار، راند جا = ڏڪ، ٻولي = ماڻ، ٻولي = گڏني، ذات = رڪ.

سڄي: سر سانداڻ ڪري، پڇج گهر لوهار جو
ڏڪن هيٺ ڏري، ماڻَ گڏني رُڪ سان

**سمجهاڻي**: لطيف سائينءَ جي تشبيهن ۽ پيٽ ڪرڻ جو ڪمال بہ انتها درجي جو آهي. سندس شاعراڻيءَ ذات تي اسان جون سوچون بيهي وڃن ٿيون. هِن بيت ۾ عاجزيءَ، اِنڪساريءَ ۽ قربانيءَ کي جنهن نموني لطيف سرڪار سادي مثال ذريعي سمجهايو آهي، اُن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. هُو چئي ٿو تہ عشق يا سچي منزل هڪ لوهار وانگر آهي، جيڪو لوهہ کي باهہ ۾ ساڙي ڏڪ هڻي اعليٰ معيار جو رُڪ ٺاهي ٿو ڇڏي. لوهار جنهن اوزار تي لوهہ رکي، اُن کي ڏڪ هڻي يا ڪُٽي ڪو ڪارائتو ۽ سُهڻو اوزار ناهيندو آهي، اُن کي سانداڻ چوَن ٿا. عشق بہ لوهار وانگر آهي جيڪو عاشق کي سَتي ڪُٽي، آزمائي، ڦٽي، ڏکي، تڙپائي ۽ لُڇائي پوءِ وڃي محبوب سان ملائيندو آهي.(ڪن عاشقن کي تہ ميلاپ نصيب نہ ٿيندو آهي) اهڙيءَ ريت ڪو بہ مرتبو، ماڻ يا منزل بہ پاڻ ئي نہ ملندي آهي. ان لاءِ ڪيترين ئي قربانيون ڏيڻيون پوَنديون آهن. سو جڏهن بہ ڪجهہ حاصل ڪرڻ چاهيو تہ پاڻ کي قربانيءَ لاءِ تيار رکو.“ (رسالو ڳجهارت، ص: ٥٤ _ ٥٥)

ڏهس سينگار جو ئي هڪ قسم آهي: جنهن ۾ هڪ ئي شئي، وصف، زيور، محبوب جي ڪنهن عضوي يا سونهن ۽ سينگار جي ڪنهن تشبيهہ جا ساڳيءَ معنيٰ وارا ڏهہ لفظ شعر جي صورت ۾ پيش ڪيا آهن. ان ۾ گهڻي ڀاڱي پنهنجي محبوب جي واکاڻ شامل هوندي آهي. سگهڙ غلام محمد منگيءَ ڏهس بہ چيا آهن. هُن ٻِتو ڏهس بہ ناهيو آهي. هڪ لفظ بدران ٻن لفظن جا ڏهہ ساڳيا نالا هڪ ئي ڏهس جي شعر ۾ ڪتب آڻي، وڌيءَ ڪاريگريءَ جو ڪم ڪيو اٿائين. هيٺ مثال لاءِ سندس هڪ ٻِتو ڏهس پيش ڪجي ٿو: جنهن ۾ هُن اک ۽ هرڻ جا ڏهہ ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ ڪم آندا آهن.

شم نيڻ سڄڻ جا، ناز و نزاڪت آهو ڪرنگ عبايا
اِيڻ جهوڪا جهڪي ويا، چشمن چال چڪايا
غزال گردن موڙي پنبٽين پاند پسايا
لاليون لوچان چڪيس جي چالي خزمي ڳنَ ڪِنوايا
آءِ سائيٽ آڏو هرڻ هيسيا، دودڪ ۾ دڙهايا
آئيز بيشڪ بالا سڄڻن چيل پيي شرمايا
مرگهه محب مطيع ڪيا، عين استرگ جي اُنايا
نيتر نوڪان ڪوندر لولي نوخ مڙئي نوايا
جنهن تي مهر نظر محبوب ڪري ٿيا تنهن جا سات سوايا
مومن لئہ آ مايا، اهو گوهر غلام محمد چئي

ان ڏهس ۾ محبوب جي اکين جي سونهن، اکين جي اشارن ۽ نازن نخرن جي تعريف ٿيل آهي. محبوب جي اکين کي هرڻيءَ جي اک سان تشبيهہ ڏني وئي آهي. آخر ۾ شاعر چوي ٿو تہ محبوب جنهن تي ڪرم جي نظر ڪري تہ اُن جا ٻيڙا پار ٿي ويندا، تنهنڪري محبوب جي ڪرم واري نظر مون لاءِ وڏي دولت آهي. اک ۽ هرڻ جي ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ مختلف ٻولين مان کنيا ويا آهن؛ جن ۾ انگريزي ٻوليءَ جا لفظ آءِ (Eye) ۽ آءِ سائيٽ (Eye Sight) بہ شامل آهن.

اک جا نالا:

(1) شم (2) چشم (3) لوچان (4) آئي سائيٽ ۽ آئيز (5) نين
(6) اک (7) عيناسترگ (8) ڪن (9) ڪوندر (10) نيتر

هرڻ جا نالا:

(1) آهو (2) مرگهه (3) هرڻ (4) چيل (5) خرمو
(6) ڪرنگ (7)غزال (8) جهوڪا (9) اِيڻ (10) نوخ

جنگي شاعري جنهن کي رزميا شاعري بہ چوَندا آهن. ان حوالي سان اسان وٽ شاهہ سائينءَ ۽ خليفي نبي بخش قاسم لغاريءَ جو ڪيڏارو بہ موجود آهي. رزميا شاعريءَ ۾ پنهنجن بهادرن ۽ سُورمن جي تعريف ڪرڻ سان گڏ ڪين همٿايو بہ ويندو آهي. شاهہ سائينءَ جو ڪيڏارو ڪربلا جي شهيدن ۽ خليفي جو ڪيڏارو سنڌ ۾ ٿيل ڳرڙيءَ جي جنگ بابت آهي.

ڪرڙيءَ جي جنگ هڪ پناهُ شاهه شُجاع الملڪ ۽ سنڌ جي ٽالپُر حڪمرانن وچ ۾ لڳي هئي. ان جنگ بابت خليفي جو ڪيڏارو نجو سنڌ جي رزميا شاعري آهي. غلام محمد منگيءَ جي رزميا شاعري ڪنهن مخصوص جنگ بابت ته ناهي پر ان ۾ انگريزن خلاف سنڌي ماڻهن جي ڪيل ويڙهه جو ذڪر آهي. خاص ڪري روپلي ڪولهيءَ جو ذڪر ملي ٿو:

جڏهن جڏهن جُوءِ تي، ڦهري ٽيون ڪاهُون
روپلي جي روح ڪيون، ڏرتيءَ لاءِ دانهون
مارن ٽيون مسافر! ڏِس آيل جُون آهُون
ٻَڌو نہ ٻانهُون، وِڙهو جنگ جواب جي.

غلام محمد منگيءَ لطيف سرڪار ۽ سچل سرمست جي پوئواري ڪندي پنهنجن بيتن ۾ جوڳين ۽ سنياسين جو بہ ذڪر ڪيو آهي. خاص ليکي ۾ اهڙن جوڳين کي ننديو اٿائين، جيڪي رڳو جوڳين وارا ويس ڪري پِنندا وتن ٿا ۽ پنهنجو اصل ڪردار نہ ٿا نڀائن. سندن اصل ڪم پيار، پريت ۽ محبت جو پيغام پکيڙڻ آهي، نہ ڪي پنڻ!

جوڳي سڏائين جڳ ۾، تون جُنگ ناهين جوڳي
پنڻ پٽڪو پيٽ لاءِ، تون ننگ آهين نوڳي
ڪيوتا والا ڪُوڙ جا، تو مُرلي ڦوڪين موڳي
اِهو سَپُ نواءِ سَرِيرَ وارو، چو رُلين تو روڳي؟
اها گودڙي غلام محمد چئي، اَچي نہ تي اوڳي
جوان اُهي جوڳي، مٽيو جن جو محبت وارو.

غلام محمد منگي هن سماج ۾ ٿيندڙ ڏاڍ تي خاموش نہ ٿو ويهي. هُو هتان جي سياسي نظام کي بهتر نہ ٿو سمجهي؛ جنهن ۾ هِتان جا ماڻهو بنا سوچڻ سمجهڻ جي ووٽ ڏئي، اهڙي حڪومت چونڊن ٿا، جيڪا انصاف نہ ٿي ڪري؛ عام ماڻهوءَ جا مسئلا حل نہ ٿي ڪري؛ رُشوت، نڀيءَ ۽ سفارش کي وڏائڻ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿي. ماڻهو اجتماعي مسئلن کي ڏِسڻ بدران ذاتي مفادن کي اوليت ڏيئي پئسن تي ووٽ وڪڻن ٿا. اُهي پئسا بہ تمام ٿورڙا آهن. جڏهن تہ ووٽ وڪڻڻ سان جيڪو سڄي سماج کي نقصان ٿئي

تي، اُهو تمام گهڻو آهي. اهڙن اَڻ ڳڻين اَنيائن جي نشاندهي غلام محمد منگيءَ پنهنجي هڪ ڏِکهي بيت ۾ ڪئي آهي: جنهن ۾ هُن سچ چوَڻ سان گڏ پنهنجي هادي رهبر مهدي امام کي هِتان جي ماڻهن جي دانهن ڏني آهي ۽ پندرهين هجري صديءَ جي آزارن کي ختم ڪرڻ لاءِ جلدي اچڻ جو عرض ڪيو آهي. سندس اها پڪار هيٺ ڏِجي ٿي:

موٽ مهدي گهوٽ پيارا، وقت جا آثار ڏِسُ
پاڻ پندرهينءَ مُئيءَ جا، ظلم ۽ آزار ڏِسُ
خون ريزي خانا جنگي، ڪي ڊڪٽيٽر عام ٿي ويا
هو هيروئن جي نشي ۾، بي بها بي نام ٿي ويا
هاڻي ڏاڙا عزتن تي، ڪيئن هي قهرام ٿي ويا
ننگي پڪچر، ڊسڪو ڊانس، ڪنهن جا ننگ نيلام ٿي ويا
ڪي ڌماڪي باز خوني، ڪي هٿوڙي مار ڏِس.

قوم مُسلم ۾ اچي پيا فرقي بندي ٺول ڪي ئي
نت نوان هي روز آهن، مذهبي چوبول ڪي ئي
ٻيو لساني جهڳڙا جاري، هت پيا هن ڏول ڪيئي
منڙي ماتا ڌن ڌياڻيءَ ڪي، لُٽن ٿا رول ڪي ئي
ديس واسي در بدر ۽ غير هت حقدار ڏِس
پوش انسان ۾ لڪي پئي چال ڪل شيطان واري
ڪو لُٽي ٿو پينو ٻڻجي، ڪو سڏائي ٿو پير باري
طِفل بازي تيز ٿي، ڪيئن ڪري آ خلق ساري
نينگر ننگي آ ناچ ۾، آ حياتي ضرب ڪاري
هن دجالي دور جا، تون اي پرين پرڪار ڏِس

ووٽ جعليءَ جي ذريعي نوٽ ۾ آدم وِڪامي
ياءُ جو ياءُ تي ويو، خون ٿو ٿهڪي اُيامي
ماءُ ڪنيزڪ، زال راڻي، شمع شرافت تي وِسامي
درس گاهه ۾ وري ڏس، لات علميت جي اُجهامي
علم جي طالب جي هٿ، هر جڳهه هٿيار ڏِس

وقت جي تاريخ داڳي ڪنهن ڪئي؟ تو هر ڪو ڄاڻي
آ لڳو ڀهرو زبان تي، چوي سچ وچ ڳهاٽي
ناهي جيڪر ناڻو تو وٽ، ڪونہ آفيسر سُڃاڻي
قوم جو قاتل ڏِسو، تو مزا ۽ موج ماڻي
نعرو نظامِ مُصطفيٰ ۽ رُشوَتي سرڪار ڏِس

تا هڻن هُو ضرب ڪاري، ٻوليون جن جون تاني ماني
ڪالهہ جنهن طبلا وَڄايا، سو ڪيو بادشاهہ زماني
هو وِڪاڻل مال تي، جنهن ڪيا هن سِرَ نشاني
ڪردجالن آ تپايو، موٽ مهدي ان بهاني
هت مارون مُسافر! نير غير ٿيا غدار ڏس.

سندس مٿين شعرن ۾ پندرهين صدي هجريءَ جو سچو منظر بيان ڪيل آهي. اسلام کي چوڏهن سؤ سال گُذري چڪا آهن ۽ هيءَ پندرهين صدي هلي پئي. اِن سلسلي ۾ ڪجهہ مذهبي ماڻهو چوَندا آهن تہ چوڏهين چَٺُ (ختم) ۽ پندرهين پَٺُ (دُنيا جو خاتمو يا قيامت) تي سگهي ٿي. غلام محمد منگيءَ بہ ان تصور ۾ مٿين شاعري ڪئي آهي. هُو ظلمن کي ڏِسي ظلم ۽ ظالم جي خاتمي ڪندڙ مهدي امام کي سڏي ٿو تہ جيئن حساب ڪتاب (قيامت) جو ڏينهن اچي وڃي.

غلام محمد منگي مسافر کي بهترين سگهڙائپ تي سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) مڃتا سرٽيفڪيٽ ۽ ايوارڊ پڻ ڏئي چڪي آهي.

غلام محمد منگي هڪ بهترين سگهڙ آهي؛ جنهن جي سگهڙائپ کي ڪتابي صورت ۾ آڻي اُن کي محفوظ ڪرڻ سان گڏ وڏيڪ عوام تائين پهچائڻ جي ضرورت آهي.

حوالا:


(1) سگهڙ غلام محمد منگي 'مُسافر' سان ٿيل مُختلف ڪچهريون
(2) ڏور. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ، سنڌي ادبي بورڊ ، 2007ع
(3) شاهہ جو رسالو
(4) رسالو ڳجهارت، ڊاڪٽر ڪمال جامڙو، ثقافت ۽ سياحت کاتو، سنڌ حڪُومت ڪراچي، ٢٠١٥ع
(5) هڪ جُلدي سنڌي لُغت، مولف: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ، ١٩٩٨ع

**ڊاڪٽر فياض لطيف**
اسسٽنٽ پروفيسر
سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

# سچل جي فڪر ۽ فلسفي جا شيخ اياز تي اثر

# Impact of philosophy and thought of Sachal on Shaikh Ayaz

**Abstract:**

In classical Sindhi poetry Sachal has his own identification .

He is known to be a rebellious and revolutionary poet. He did and composed his poetry in multi languages. Sindhi, Siraki, Persian, Urdu / Hindi etc. He used a pen name `Sarmast` for himself in his poetry, which means intoxicated.In his Sindhi poetry he castoff his nickname as `Sachal, Sachoo and sachidino`, which illustrates the mirror of his mind and soul.His entire poetry is full with inner emotions and expressions. Especially his Persian poetry has its own savour and mystical sagacity.

Sachal is immensely impressed by Mansoor Hallaj, who was a famous poet and Sufi sage.Having an eye view over poetry of Sachal, one can easily find huge influences of Hallaj on Sachals` poetry. As Sachal got impacts of other poets and personas, same way he impressed many others by his intellect and expressions.The poets who have got a lot from Sachal Sarmast, Shaikh Ayaz is one of them.He himself is not only a trend setter and great poet of his times but is an era of modern Sindhi language and literature. In this research paper it has been analysed the impacts of Sachal on poetry of Ayaz.

جديد دور جي مُهندار ۽ مهان ڪوي شيخ اياز جي شاعريءَ تي سرمست جي فڪر ۽ فن جا انيڪ ۽ اَمٽ اثرَ ملن ٿا.”اياز پنهنجي دؤر جو ۽ ويهين صديءَ جو اهو يڪتا ۽ يگانو شاعر هو، جنهن مشرق ۽ مغرب جي فلسفي جو امتزاج پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ فڪر وسيلي پيش ڪري، نه رڳو سنڌي شاعريءَ کي، پر سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ کي اها سگهه، سونهن ۽ ثقافتي روشني بخشي آهي، جيڪا صدين تائين جرڪندي ۽ جلوا ڏيکاريندي رهندي“(1).

شيخ اياز ڪلاسيڪل شاعرن مان سڀ کان وڌيڪ شاهه لطيف کان متاثر رهيو آهي. شاهه لطيف جنهن لاءِ سندس چوڻ آهي تہ: ”جيڪڏهن ڪو بہ اهڙو انسان آهي، جنهن جي آدرش جي ڪسوٽيءَ تي مان پنهنجي ڪردار کي ٻَڌل ٿو سمجهان، تہ اهو ڀٽائي آهي.... اهو ئي هڪ شاعر ۽ شخص آهي، جنهن جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ منهنجي زندگيءَ ۽ شاعريءَ تي بي انتها اثر ڇڏيو آهي“(2).

لطيف سان پنهنجي فڪري اُنسيت ۽ احساساتي قرابت جو اياز پنهنجن تحريرن ۽ تخليقن ۾ نہ فقط بار بار ذڪر ڪندو رهيو آهي، پر ڀٽائيءَ کي پنهنجي ذات ۽ حيات جو محور ۽ مرڪز قبوليندي، ان جو اقرار هن ريت ڪري ٿو: ”شاهه لطيف منهنجي روح جو استعارو آهي، جنهن جو فڪر ۽ فلسفو منهنجي شعور جي روشني، ۽ منهنجي دل جي ڌڙڪن بڻيل آهن، ۽ رڳو هڪ مان ئي نہ، سنڌ ڌرتيءَ جو ذرو ذرو ان سج جي تاب سان ٻهڪي ۽ جڳ مڳ جرڪي رهيو آهي. لاڪيڻي لطيف جو آواز مهد کان لحد تائين اسان جي وجود ۾ گونجندو رهي ٿو“(3).

ڀٽائيءَ کان علاوه سچل سرمست جو فڪر ۽ فلسفو پڻ اياز جي احساس ۽ آڇپي جو وڏو ڏِءُ آٽت رهيو آهي.هُن سچل جي ’جيون ۽ جرئت، تفڪر ۽ تصور، مذهبي رواداري، انسان دوستي، انفرادي آزاديءَ جي احساس، بي ڊپي ۽ منصوري ڪردار‘ مان سدائين اُتساهہ حاصل ڪيو آهي. جنهن جو اعتراف ڪندي، اياز لکي ٿو، ’مان اڄ صبح جو سچل جو ڪلام پڙهيو، محسوس ڪيم تہ شينهن جي گوشت سان نيرن ڪئي اٿم‘.

آهيان آءٌ اُسات، تنهنجي مڌ جي اوميان!
تون سا ڪوءِ ڪلال جي، جنهن مان منهنجي واٽ،
توکان ٻاهر ٻاٽ، تو تائين آ سوجهرو.
(ڪلهي پاتم ڪينرو، ص5)

اياز جي شاعريءَ ۾ جيڪا فنڪاراڻي ’اَنا‘ ۽ ’ڪوپائي ڪردارنگاري‘ ملي ٿي، ان پويان گهڻيءَ حد تائين سچل جي ’سرمستي ۽ سرفروشيءَ‘ جا فڪري، مطالعاتي ۽ احساساتي اثر نمايان نظر اچن ٿا. سچل مذهبي نند وڏائي کي من مان ڪڍي، ماڻهپي، محبت ۽ انسانيت کي اپنائڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو:

ڪڏ مذهب من مئون، ساجهر ساڻ سويل،
هندو، مومن ساڻ ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿئي اويل، اولهه سج نہ اُلهي.
(سچل)

ساڳيءَ طرح اياز پڻ من مان ڪيني ۽ ڪدورتن کي ڪڍي، رنگ، نسل ۽ ذات پات جي ويڇن کي وساري، بنا ڪنهن دين ڌرم جي تفريق ۽ تضاد جي، انسانيت کي اپنائڻ ۽ ماڻهپي کي مذهب بنائڻ جو احساس هن طرح اظهاري ۽ اوري ٿو.

ياڪر پايان پاو سان، ماڻهوءَ ماڻهوءَ سان،
آءٌ نہ ٻيو ڄاڻان، مذهب منهنجو ماڻهپو.

مذهب منهنجو ماڻهپو، دين ڌرم سڀ ڌوڙ،
پرکي ڳالهہ پروڙ، اوڪاڻيارا ڪوڙ جا!
(ڪلهي پاتم ڪينرو، ص10)

سچل جي شاعري سدائين اياز جي جڏي جيءَ جو ڏڍ ۽ تخليقي ڪيفيتن ۾ سگهہ ۽ سندرتائن جو احساس پريندي رهي آهي. هو جڏهن بہ ڪنهن موڙ تي داخلي طرح ڀَڳو ڀُريو، ٿڪو ٽُٽو، مُنجهيو ۽ مايوس ٿيو آهي، تڏهن هن سچل کي ئي پڪاريو ۽ سندس شاعريءَ ۾ آٿت ۽ آجپو تلاش ڪيو آهي. هُن، سچل کي پنهنجو روحاني رهبر بڻائي، سندس سهائي ۽ سوجهري مان پنهنجيءَ ذات جي ڏيئي جي جوت پئي جلائي آهي.

ڪيئي مُلان، مولوي، پنڊت مارن جڪ،
اوري آءُ الڪ، ڏيئو تي توکي ڏسان.
(شيخ اياز)

ايازپنهنجي هڪ تقرير ۾ ان حوالي سان چوي ٿو: ”’چرخي چِتِ نا لڳندا‘ پڙهي مون سچل کي سڏي چيو:’سرمست! تنهنجي هوندي مان پنهنجي سوال جو جواب، پنهجي ذهني اَضطراب جو حل نتشي، ٽالسٽاءِ، دوستو وسڪي، وليم بليڪ، اليٽ ۽ سارتريءَ کان ڪهڙو پُڇان؟ تون ئي ان جو حل ٻُڌاءِ. پوءِ مون هن جو سرائڪي ڪلام اُٿلايو تہ، هن جي هڪ سٽ تي نظر پئي ـ ’سِر ڏي سچل، ساجن ليوين، تِل نهين هڪ تاوڻ دا‘(3).

اياز پنهنجي جيون ـ سفر ۾ سچل سرمست کان ڪيترن ئي حوالن سان اُتساهه ورتو آهي. هُن سچ لاءِ بي خوف آواز بلند ڪرڻ ۽ حق جي ڳالهه لاءِ ثابت قدم رهڻ جا ڪيئي درس سچل مان پُرجهيا ۽ پرِايا آهن، تڏهن ئي ته سندس ڪوتائن ۾ ههڙي شعلي بياني ۽ بغاوت جي وچ ـ وراڪن جي اُچل ملي ٿي ۽ هو بي ساخته چئي ڏئي ٿو:

جنهن آزاد گذاريو آهي،
تنهن لئه موت ته ڪا شيءِ ناهي،
وک وک تي پنجوڙ ڏسي، چا
شينهن ڪڏهن گجگوڙ ڇڏي آ؟
ڪنهن به عقابي چنبي، پَوَ ۾
آڪيري جي اوٽ وتي آ؟
ڏرِ جو ڏڍ گدڙ لئه آهي،
جهرڪي جهڙپ ڏسي ڏرندي آ،
جنهن آزاد گذاريو آهي،
تنهن لئه موت ته ڪا شيءِ ناهي.
ساريءَ عمر غلاميءَ جي کان
آزادي پل جي به چڱي آ ـ
۽ تو پنهنجي پوري جندڙي
جنهن پل ۾ پرپور پري آ،
سو پَلُ سگهه صدين جي آهي،
ان جي سپ کان عمر وڏي آ،
جنهن آزاد گذاريو آهي،
تنهن لئه موت ته ڪا شيءِ ناهي.

(وڄون وسڻ آئيون، ص154)

شيخ اياز فڪري ۽ احساساتي طرح پنهنجن متقدمين ’شاهه، سچل ۽ساميءَ‘ کان تمام گهڻو مرغوب ۽ متاثر رهيو آهي. هن نه رڳو انفرادي طرح انهن جي فڪر، فن ۽ فلسفي مان گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو آهي، پر انهن جي پنڌن ۽ پيچرن کي اپنائي، سوڀارو ۽ سرخرو پڻ ٿيو آهي، انهيءَ ڪري ئي پنهنجن ڌرتي واسين کي انهن مهان پُرشن ۽ سرجڻهارن جي

تعليمات تي عمل پيرا ٿيڻ لاءِ نہ صرف اصرار ڪري ٿو، پرڪين اهو يقين پڻ هن ريت ڏياري ٿو تہ: ”جيستائين ڪنهن سنڌي اديب گهٽ ۾ گهٽ شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جو مطالعو نہ ڪيو آهي ۽ هو پنهنجيءَ تاريخ، روايات ۽ ماحول جو چڱيءَ طرح واقف نہ آهي، تيستائين هو سنڌي زبان ۾ چڱو ادب پيدا ڪري نہ ٿو سگهي“(4).

اياز بار بار پنهنجين تحريرن ۽ تقريرن ۾ سچل جي علمي عظمت ۽ فڪري مهانتا جو، نہ رڳو صدقِ دل سان اعتراف ۽ اقرار ڪيو آهي، پر پنهنجي شاعري توڙي نثر ۾، هن سان پنهنجي والهانا اُنس ۽ عشق جو اظهار پڻ هن ريت ڪيو آهي.

”سچل سرمست نہ فقط عظيم شاعر هو، پر عظيم انسان بہ هو. جا فڪر جي آزادي ۽ انساني محبت جي رواداري، هن جي ڪلام ۽ زندگيءَ ۾ آهي، اها شايد ئي ڪنهن شاعر جي حصي ۾ آئي هجي... اي سرمست! تنهنجي درازن جي دز کي بہ ڪوئي ڇُهي نہ ٿو سگهي. جيستائين سنڌي مائرون ٻار ڄڻينديون رهنديون، تون قائم ۽ دائم آهين، تنهنجون گهڙوليون ڳائيبيون رهنديون، تنهنجا نغارا وڄندا رهندا“(5).

اياز، سچل کي بت شڪن ۽ باغي شاعر ڪوٺيندي، سندس نالي جي نرالي هجڻ جو اعتراف پڻ هن ريت ڪري ٿو، ”سچل کي خبر نہ هئي تہ سندس نالو اضافي آهي، چو تہ سرمست سڀ سچل ٿيندا آهن، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سڀ سچل، سرمست نہ ٿيندا آهن“(6).

سچل جي شاعريءَ ۾ فطرت جي مظهرن جي اُپٽار ڪان وڌيڪ انسان جي اندر جي احساسن ۽ اسرارن جو اظهار ۽ عڪس ملي ٿو. هن جي شاعريءَ ۾ رِندي، مستي، وجد ۽ وجدان ايترو تہ حاوي ۽ غالب آهي، جو هو ڪٿي ڪٿي شاعريءَ جي فني لوازمات کي اورانگهي، خيال ۽ احساس کي اوليت ڏيندي، انهن کي پنهنجي پوري شدت ۽ فطري اُجل سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هو تخيل ۽ تصور ڪان وڌيڪ وجودي وارتائن ۽ وجداني ڪيفيتن، حقيقتن ۽ حُسناڪين جو شاعر آهي.

سچل جي شاعري جوابن ڪان وڌيڪ سوالن سان ٽمٽار آهي، انهيءَ ڪري ئي اياز لکي ٿو، ”سچل سرمست جي شاعري هڪ ازلي استفهام آهي. هن جو هر شعر هڪ سوال آهي. هيءَ ڪائنات ڇا آهي؟ هي خاڪ و باد، هي

اَبر و باران جو عالم پنهنجي صدها رنگينين جي باوجود ايترو ناپائيدار ڇو آهي؟.... سندس شاعريءَ ۾ هر هنڌ تجسس ٿو ٻَڪي. هر شعر ۾ گويا هن جو نعره رندانہ ڪوئي ازلي سوال آسمانن سان ٿو ٽڪرائي.....هر اهلِ معرفت وانگر سندس مذهب تنگ نظريءَ کان مٿي آهي ۽ هو انساني برادريءَ جو علمبردار آهي. اهو هر انسان، جو ازلي حقيقت جي جستجو ۾ آهي، سو انساني مذهبن ۽ فرقي بندين کي بي معنىٰ سمجهي ٺُڪرائي ڇڏي ٿو. سچل سرمست جي ذات ۽ سندس شاعري، ٻئي انهيءَ اصول جون آئينہ دار آهن“(7).

سچل سان اياز جي عقيدت ۽ اُنسيت، سندس پيري ۽ بزرگيءَ واريءَ حيثيت سبب نہ آهي، ڇو تہ سچل خود انهن ڳالهين جو انڪاري آهي ۽ پاڻ چوي ٿو:

بزرگ، شيخ، مشائخ يارو، نا مخدوم ٿياسي،
نہ ڪي قاضي، نہ ڪي ملا، معلم، پير ٻٽياسي،
نہ ڪي ناهہ نڀِيءَ جا ناهي، رنگ رساءُ رڪياسي،
سچا ٻاجهئون عشق الله جي، ڪوئي هنر سکياسي.
(سچل)

سچل، ’سچ، سرمستي ۽ سرفروشيءَ‘ جو هڪ نرالو اهڃاڻ آهي. هو تصوف جي ’تَرڪ الدنيا‘ واري مسلڪ بدران ’عمل، جستجو ۽ جرئت‘ جي رَندن ۽ پنڌن جو پاسدار ۽ پيروڪار شاعر آهي.هو شيخي، پيريءَ ۽ بزرگيءَ بدران’حق، سچ، خودي، خود شناسي، انساني اخوت، محبت ۽ مساوات‘ جو قائل آهي، انهيءَ ڪري ئي هو پيري ۽ مريديءَ، حاڪماڻي ۽ شاهاڻي رُتبن، رنگينين ۽ راحتن جي حاصلات بجاءِ ’فَقر ۽ فِڪر جي فقيري‘ ۽ ’امن ۽ آزاديءَ جي اميري‘ ميسر هجڻ ۾ وڏيڪ عظمت ۽ سرهائي محسوس ڪريءَ بنا جهجهڪ جي چوي ٿو:

نہ مان مريد، نہ مان پير، ساري فقر جو فقير،
نہ مان حاڪم، نہ مان ظالم، آهيان امن جو امير.
(سچل)

سچل سراپا جستجو، جياپي، جرئت، محبت، امن، آزادي ۽ انسانيت جو علمبردار هو. هُن وٽ ’تَرڪ‘ بجاءِ انهيءَ ’طلب ۽ تات‘ جي اهميت آهي،

جيڪا ماڻهوءَ کي جاڳ ۽ ماڳ جي تلاش ۾ مسلسل جنبيل ۽ جاکوڙ ۾ محو ۽ مستغرق رکي ٿي. هو روايتي صوفين وانگر گوشانشينيءَ ۾ جيون گذارڻ بدران معاشري ۽ سماجي زندگيءَ جي سچائين کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو قائل آهي، انهيءَ ڪري ئي سرمست، اياز جو 'آئيڊيل' آهي ۽ هو ڪيس پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي جاين تي نه فقط محبت ۽ عقيدت سان خراج پيش ڪري ٿو، پر ساڻس نسبت جوڙڻ ۾ وڏي سرهائي ۽ سعادت محسوس ڪري ٿو.

مان ئي سچل، مان ئي سامي، مان ئي آهيان شاهه،
منهنجي من ۾ چوليون ماري،سنڌو! تنهنجو ساهه.
(پونر پري آڪاس، ص42)

مان جاڳ به هان، آڳ به هان، راڳ به آهيان،
سچو به سندم سنگ، پٺائي به سندم پاءُ.
(وڄون وسڻ آئيون، ص49)

سچل سرمست جهومي رهيو آهي،
درازن جي دز جهومي رهي آهي،
ويساک جو چنڊ جهومي رهيو آهي،
۽ خدا آڪاس جي آرسيءَ ۾،
پاڻ کي ڏسي رهيو آهي،
۽ سوچي رهيو آهي ته:
'مان انسان جي ويس ۾،
کهڙو نه وڻندڙ ٿو لڳان'!
(اڪ جون ڦلڙيون پيچ پني، ص55)

.......

سارو عرش منور آهي،
چنڊ ڳليءَ ۾ چمڪي ٿو،
دور پٺائيءَ بستيءَ ۾،
سچل پنهنجي سرمستيءَ ۾،
بينو مون کي تاڙي ٿو...

چنڊ ڳليءَ ۾ چمڪي ٿو...
سارو عرش منور آهي...
(’راڄ گهاٽ تي چنڊ‘، ص 85)

لطيف ۽ سچل جي فڪر ۽ فلسفي، اياز جي شاعريءَ ۽ جيون کي وڏي جوت ۽ جِلا بخشي آهي. هن پنهنجن ڪلاسيڪل شاعرن مان نه فقط فڪري ۽ فني طرح گهڻو ڪجهه پُرجهيو ۽ پرايو آهي، پر انهن جي رَندن ۽ پنڌن کي اَپنائي وڏو مانُ ۽ سُمان ماڻيو آهي، اهو ئي سبب آهي، جو هو سندن وارث هجڻ تي نه رڳو نازان آهي، پر ان سعادت کي پنهنجو وڏو ڀاڳ ۽ سُڀاڳ به سمجهي ٿو. هو لکي ٿو: ”اسين انهن شاعرن جا وارث آهيون، جن انسان ذات کي هڪ لازوال پيغام ڏنو آهي ـ امن ۽ انسانيت جو پيغام، سُپردگيءَ ۽ سرفروشيءَ جو پيغام، حب الوطني ۽ بين الاقوامي رواداريءَ جو پيغام. اسان ڀٽائيءَ ۽ درازيءَ جي روايت جا وارث آهيون“(8).

عشق الله سان سچل لاتو، سڀ تنبورا سَتي!
هڪڙو ئي آواز ته آهي، جنهن سان ٻيا ڪئن مَتي.
(وڏا وڻ وڻڪار جا، ص129)

اياز پنهنجي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ’تـه ـ مورتي‘ سمجهئي ويندڙ شاعرن، ’شاهه، سچل ۽ سامي‘ کي، نه رڳو سموري سنڌ ۽ پنهنجي لاءِ ڇپر ڇانو سمجهي ٿو ۽ انهن جا اثر قبول ڪرڻ ۾ سرهائي محسوس ڪندي، پاڻ کي وڏو ڀاڳوند ڀانئين ٿو، پر انهن جي ذات ۽ حيات کي پاڻ ۽ پنهنجن وطن واسين لاءِ، ميگهه ملهار ۽ جُهڙ ڦُڙ جيان تصور پڻ ڪري ٿو.

آءُ اسان جي آسٽين، بنا ڇپر ڇانوَ،
سَچلَ، سامي، شاهه جا، جُهڙ ڦُڙ جهڙا نانوَ.

هڪ مها ڪوي ۽ ڏاتار جي حيثيت ۾،شيخ اياز ۾ هونءَ ته وڏي’اَنا ۽ اَڊمبر‘ آهي. هُو اڄ صديءَ تائين پنهنجي دور تي جهڙي نموني سان ڇانيل رهيو ۽ هُن اڄ تائين جهڙيءَ طرح سان سنڌي ادب ۽ خاص طرح سان سنڌي شاعريءَ تي نه رڳو پنهنجي حاڪميت ۽ حڪمراني قائم رکي آهي، پر وقت جي آمرن ۽ فرعونن سان وڏي عرصي تائين مُنهن مقابل ٿي، انهن جو مقابلو ڪيو ۽ ڪيترن ئي بُتن کي مسمار ڪري، پنهنجن تخليقن ۾ هڪ نئين

’سرمستيءَ ۽ سرمدي‘ جي روايت کي جنم ڏنو آهي، انهيءَ لاءِ هو ڪنهن حد تائين حق بجانب به آهي. اياز پنهنجي تخليقي جوهر ۽ جوت ۾، جيڪا جولاني ۽ جرئت رکي ٿو، ان کي بيشڪ پنهنجي هڪ حُسناڪي ۽ حقيقت آهي. هو پنهنجي شاعريءَ ۾ جنهن ’خودي ۽ خود اعتماديءَ‘ جو بي ساخته اظهار ڪري ٿو،ان جا عڪس ۽ اولڙا سندس شاعريءَ ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي نظر اچن ٿا، پر ڪٿي ڪٿي اها شڪوه ۽ شڪايت جي صورت اختيار ڪري، ’خودي ۽ خود ثنائي‘ واري هِن انداز ۾ به ملي ٿي.

اي نادان قوم! مان جو سوين سرمست آهيان،
ان جي پوري قدر ڪرڻ لاءِ توکي سوين سال لڳندا.

بلي شاهه کان پٺائيءَ تائين
۽ سلطان باهوءَ کان سچل سرمست تائين
ان ڪائنات جو هڪ ڪونو به والاريل نه آهي، جا مون ۾ آهي.
(ٽُڪرا ٽُٽل صليب جا، ص50)

سچل سرمست، من خدايم، من خدايم چئي سگهندو هو،
تون منهنجي ٿوري انا به برداشت ڪري نه ٿو سگهين!
(هرڻ اکي ڪيڏانهن، ص177)

اياز هڪ طرف’سچل ۽ ساميءَ‘ جي حوالي سان پنهنجن خيالن جو اظهار هن ريت ڪري ٿو:

سامي چار سلوڪ آ، سچل بول به ٽي،
توکي آنءُ جهٽي، ڏنا تارا اُپ جا.
(ڪتين ڪر موڙيا جڏهن، ص236)

پر ٻئي طرف هُن جي ساڻن ايتري فڪري، احساساتي ۽ روحاني وابستگي ۽ اُنسيت آهي، جو هو پنهنجي ’آءٌ - پٽي‘ هجڻ باوجود پاڻ کي انهن جي ’پير - پٽي‘ سَڏي ۽ سمجهي ٿو.

سچل، سامي، پٽ ڏٽي،
جنهن ۾ پيي ڪا قرب ڪٽي،
آءٌ انهن جي پير - پٽي،
چو ته اهو هيءَ ڏرتي آ،

چو تہ چپر مان چاٽ چٽي،
هُونءَ تہ مون ۾ ’آءُ‘ گهٽي.
(’وڄون وسڻ آئيون‘، ص149).

شيخ اياز جي نظر ۾ سچل هڪ فڪر، احساس ۽ رندانہ آواز جو نالو آهي. هڪ ڪيفيت، سرمستي، ۽ خودشناسيءَ ۾ خدا شناسيءَ جي صداقت آهي، جنهن ڪي ڪوڪلي ۽ بي ڪيف نعري بازي ۽ بي روح نمائشي انداز سان پائي ۽ پُرجهي نہ ٿو سگهجي، تڏهن ئي تہ اياز ڏيکاءَ پسندن ۽ ڪوڙي دعويداري ڪندڙن ڪي مخاطب ٿي چوي ٿو:

سچل، سچل ٿو ڪرين، سَهندين سچل چَپَ،
ريتي تنهنجي رَبَ، ٻاتي هن اونڌي ڪئي.
(’جهڙ نيٽان نہ لهي‘، ص83).

اياز لاءِ درازا هڪ درسگاهہ آهي، ڪيف ۽ سرمستيءَ جو ميدان آهي، جتي نينهن نِهوڙيا،نانگا ۽ سِر جا سانگا لاهي ايندڙ، راڳ ۽ رقص سان پنهنجا روح ريجهائيندا ۽ دل جي دنيائن جا سير ڪري، من جي مونجهہ مِٽائيندا ۽ پنهنجو پاڻ پائيندا آهن.اياز لاءِ سچل، سراپا سرمدي ۽ سرمستي جو اهڙو مؤجزن درياهہ آهي، جنهن جي اڳيان ڏرمي ۽ ڏوتا، پنڊت ۽ پادري، مُلان ۽ موراٽاپنهنجي وقعت وڃائي ويهن ٿا، تڏهن ئي تہ هو چوي ٿو:

آءُ درازا هَلُ،
تنهنجا سارا مولوي،
منهنجو هڪ سَچلُ!
(’پتڻ ٿو پور ڪري‘، ص125).

اياز، سچل جي بي باڪي، انسان دوستي، مذهبي مساوات، حق گوئي، ظالم سان نفرت ۽ مظلوم سان محبت وارين خوبين ۽ خصلتن کان تمام گهڻو متاثر آهي، انهيءَ ڪري سندس شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي جاين تي ساڳيو جرئتمنداڻو انداز، سرمستاڻو لب و لهجو ۽ هر ڏاڍي ڪي للڪارڻ ۽ سچ چئي ڏيڻ جو ساهس ملي ٿو.

مان ڏوهي هان مان ڏوهي هان،
مون ڪيئي ڏوهہ ڪيا آهن.
هن سَر جي گدلي سينور ۾،

هي نيل ڪنول بہ تہ ڏوهي آ،
۽ ڪو بہ چڪور انڌاري ۾،
جي اُڏري ٿو تہ دروهي آ-
هي ڏوھ نہ آهي ماڻهوءَ جي
مون مٽي ٻيهر ڳوهي آ.
هيءَ ڳاڙهي ڏاڙهي مُلان جي،
هيءَ ڪاري چوٽي پانڊي جي،
مون لاءِ ٻنهي ۾ ڦير نہ آ،
ٻئي آڳ اُجهاٽل ٽانڊي جي.
سڀ دين ڌرم جي ڏوڪي ۾،
ٿا ڪوٺِ پرن ڪانڊي جي...
هي ڏوھ نہ آ، هن ڌرتيءَ تي،
مون دل جي ديول جوڙي آ،
تو نفرت جي ديوار ڪنئي،
مون ان جي پاڙ اُکوڙي آ.....
(’ڪي جو ٻيجل ٻوليو‘ص103)

سچل وٽ سڀ لاڳاپا لاهي ’پرين‘ کي پَسڻ ۽ پائڻ جي نہ رڳو اُٽڻ ۽ آترويلا ملي ٿي، پر اهو ڳولا جو ڳاراٽو هڪ موڙ تي پهچي، متلاشي ۽ طالب کي خود مطلوب بڻائي ڇڏي ٿو. نينهن ۾ سِر جو سانگو لاهي، مست، الست ۽ نانگو بڻجي، محبوب کي ماڻڻ ۽ من جي ميت کي ڄاڻڻ جي ساڳي ڪيفيت ۽ بي قراري اياز وٽ پڻ هينئنءَ ريت ملي ۽ محسوس ٿئي ٿي.

نانگو آهيان، نانگو يارَ!
پهتو آهيان ڪاڪ ڪنڌيءَ تي، چوري پنهنجو چانگو، يارَ،
نانگو آهيان، نانگو يارَ!
نڪتو آهيان هن نگريءَ ۾، لاهي سر جو سانگو، يارَ،
من جو ميت مهانگو مون لئہ، سارو ديس سهانگو، يارَ،
نانگو آهيان، نانگو يارَ!
(ڪلهي پاتم ڪينرو، ص26)

شيخ اياز جي شاعريءَ تي سچل جي صوفياڻي رنگ ۽ رمزيت، فڪري حُسناڪين ۽ فني نُدرتن جا پڻ گهرا عڪس ۽ اولڙا نظر اچن ٿا. سچل جي هڪ ڪافي آهي:

عاشق ڏسڻ ۾ آيو، محبوب گل سَناسي،
عبرت عجب عجائب، اسرار رنگ عباسي.
گل آب جاءِ جاتي، محبوب راز تاتي،
عاشق ڏسڻ ڪؤن ڪاتي، رهندو پتنگ پياسي.
ثابت ’سچل‘ سچاري، يارن جي ياد ياري،
وحدت جنين وِساري، تَن تَن مٿي اَٽاسي(17).

اياز، سچل جي مٿين غزل جي زمين ۾، پنهنجي فڪري پوڪي، سندس ئي فني رنگيني ۽ ساڳي قافيي جي استعمال سان، ڪهڙي نہ منفرد ۽ موهيندڙانداز ۽ احساس سان ڪئي آهي:

جي تو اجا نہ ڄاتو، آڪير ديس واسي،
تنهنجو جنم اجايو، تنهنجي مٿي اٽاسي.
آيو ويو سڪندر، سيوهڻ اجا اُتي آ،
هو ڪيرٿر ڪڙو آ، ويندا رهيا وِناسي.
لالڻ! نوان لَڪنَ ۾ نڪتا نِياڻ آهن،
ايندا جتي لُڪنُ ۾، پانڌيئڙا پياسي.
(’ڪپر ٿو ڪن ڪري‘ص320)

سچل چوي ٿو:

نا مئن سُني، نا مئن شعيا، نا مئن ڏوهہ ثواب،
هندو مومن هڪ ٿئو، پول نہ ٻي ڪنهن پُلُ،
ٿج گلابي گُلُ، مَرِ مارينئي منصور جان.

ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي، آءٌ جوئي آهيان، سوئي آهيان،
ڪو مومن چوي، ڪو ڪافر چوي، ڪو جاهل نالو ظاهر چوي،
ڪو ساحر چوي، ڪو شاعر چوي، آءٌ جوئي آهيان، سوئي آهيان.
ڪو ملان چوي، ڪو قاضي چوي، ڪو مفتي چوي، ڪو غازي چوي،

ڪو روزي دار نمازي چوي، آءٌ جوئي آهيان، سوئي آهيان.
(سچل)

شيخ اياز ساڳي رمز کي هن طرح اوري ۽ اظهاري ٿو:

ڪافر مومن ناهيان، وو، ڪافر مومن ناهيان!
آءٌ پٿائي، آءٌ درازي، ساڳيو نينهن نيايان، وو،
ڪافر مومن ناهيان!

ساڳيا سڏ وراڻيان، يارو، سوريءَ سيج سجايان، وو،
جيون! تنهنجو جوڳي آهيان، ڳالهيون تنهنجون ڳايان، وو،
ڪافرمومن ناهيان!
(’ڪلهي پاتم ڪينرو‘، ص28).

جهڙيءَ ريت سچل سرمست تعصبي ۽ تفرقي باز مذهبي نيڪيدارن، پنڊتن، پادرين، مُلن ۽ انهن جي ڍونگي مڪارين ۽ منافقين کان خائف ۽ بيزار هو ۽ سدائين شيخي، پيري ۽ بزرگيءَ جي لبادي ۾ لِڪَل انهن ننڳيءَ جا ناهه ٺاهيندڙن جي ڪرتوتن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ نروار ڪندو ۽ ههڙيءَ ريت لوئيندو رهيو:

مسجد وچ ڪاڻ ٺُڪر دي، ڏيوَن بانگ صلواتان،
مُنهن ڄڀي، ڏاڙهي ڏنگي، خام پڙهن خلواتان،
عالم ليکي روزي رکهدي، پر هِن ڪاوَڻ ديان آفاتان،
سچل اها راهه نه سچ دي، برهه واليان بيان باتان.
(سچل)

ساڳيءَ طرح شيخ اياز پڻ انهن ’مُنهن ۾ مُلان ۽ اندر ۾ ابليس صفت ماڻهن‘ سان نه صرف زندگيءَ ڀر مهاڏو اٽڪائيندو ۽ جهيڙيندو رهيو، پر ازل کان انهن جي هر دور جي تاريخ ۾ادا ڪيل لوڀي ۽ نوڳي ڪردار ۽ ڪرتوتن کي پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ پڻ اظهاريندو ۽ عام اڳيان هن ريت عيان ۽ وائکو ڪندو رهيو.

مُلان پنهنجي عَمامي ۾سوچي، ڏاڙهي نوچي -
سرمد ڇا ٿو سوچي؟
دليءَ جون ديوارون سوچن، چندُ قطب مينار مٿان آ،

ڌرتيءَ تي دستارون سوچن،
مجري مجري جي پايل ۾،
ڇن ڇن جون ڇمڪارون سوچن،
قلعي قلعي اک نہ جهپڪي،
رات لڙيءَ للڪارون سوچن،
هَٿِ هَٿِ خوني خنجر سوچي،
تارونءَ ۾ تلوارون سوچن....
(وڄون وسڻ آئيون، ص143)

سچل سرمست جي شاعريءَ ۾، تصوف جي رمزن ۽ رعنائين سان گڏوگڏ پنهنجيءَ ڌرتيءَ جي مظلوم ماڻهن جي ڏکن، سُکن، محرومين، معاشي ۽ ٻين انيڪ سماجي مسئلن جو نہ رڳو احساس ۽ ادراڪ ملي ٿو، پر هن جو پنهنجي وطن جي مٽيءَ سان نرالو نينهن ۽ مثالي عشق پڻ محسوس ٿئي ٿو. هن جي شاعريءَ ۾، 'سنڌ' جسم ۾ روح جيان ڌڙڪي بہ ٿي، تہ سُڳنڌ جيان مَهڪي بہ ٿي. اهو ئي سبب آهي، جو هو نہ رڳو 'هڪ جوءِ ۽ ٻي جُوءِ' نہ ڇڏڻ ۽ ننگن تان نثار ٿيڻ جو عهد ۽ اقرار ڪري ٿو، پر پنهنجو پاڻ کي مَڪي ۽ ملتان سان سلهاڙڻ بجاءِ پنهنجي جنم ڀوميءَ 'درازا' سان وابستا ڪرڻ ۾ پڻ وڏيڪ سڪون ۽ سرهائي محسوس ڪري ٿو.

'ديس سچل دا شهر درازا، مَڪا نہ ملتان...'

ساڳيءَ ريت اياز لاءِ بہ ڌرتي، سرتي بہ آهي، تہ سندس موهہ ۽ محبتن جو آٿت ۽ آجپو بہ. هو 'سنڌڙيءَ' کي 'جلنڌڙيءَ' جيان ڀانئين، ان سان جنم، جنم جي نينهن جو ناتو نڀائي بہ ٿو، تہ ان جي خوشيءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ جهيڙي ۽ امر گيت بہ آلاپي ٿو. هن جو پنهنجي ديس ۽ مٽيءَ سان اهڙو اڻٽٽ شعوري ۽ روحاني رشتو بہ آهي، جو اها سندس خوابن ۽ خيالن جومحور ۽ مرڪز بهآهي، تہ سندس آدرشن ۽ احساسن جو ڌرم ۽ ايمان بہ آهي، تڏهن ئي تہ چوي ٿو:

'توکي کهڙي کل، جيءَ نہ اچي جهل،
مون کان سنڌ نہ وسري'.

'ڌرتي منهنجو ديس مگر، مان،
سنڌڙي جنڊڙي لايان وو'.

او ڌرتي، او ماءُ، تنهنجي ڪِهہ منهنجون اکيون،
سر ۾ توسوداءُ، رڳ رڳ تنهنجون راڳڻيون.
(شيخ اياز)

اياز ڪيترن ئي حوالن سان سچل کان فڪري ۽ فني طرح مرغوب رهيو آهي، جن مان چند نقطن جي جهلڪ مٿي پيش ڪري آيا آهيون، اجا ڪيترائي پهلو آهن، جن جي پرک اجا باقي آهي، چو تہ پڻائي ۽ سچل اهڙا سمنڊ سمان شاعر آهن، جن جي ’امرت جل‘ مان، اياز حياتيءَ ڀر اڃ مَٽيو پيتو آهي.

**نتيجو:** عام طرح سان سنڌ ۾ تصوف ۽ صوفي شاعرن جي حوالي سان اهو تاثر عام آهي تہ، هو گوشت پوشت جي انسان هجڻ کان وڌيک ’الله لوڪ، درويش، ولي الله‘ ۽ جهڙوڪر ’مافوق الفطرت‘ هستيون هوندا آهن، جن جو ’دنياوي ڪاروهنوار‘ کان وڌيڪ فقط ’دلي وارتائن ۽ ڪيفيتي مظهرن‘ سان سُٻنڌ هوندو آهي. هنن جو پنهنجي دور،ان جي سياسي، سماجي ۽ معروضي حالتن، پنهنجن ماڻهن ۽ ديس جي مسئلن ۽ مامرن سان ڪوئي سروڪار ڪونہ هوندو آهي. هو دنيا کي ترڪ ڪري، صرف تزڪيہ نفس تي ڌيان مرڪوز ڪندڙ من موجي ۽ مست الست ماڻهو هوندا آهن، پر ائين بنهہ ڪونہ آهي.

يقينن اڪثر تصوف جي پيروڪارن ۽ صوفي شاعرن جي مذهب ڏانهن رغبت ضرور رهي آهي، پر هو پنهنجي فڪر ۾ روشن خيال، اظهار ۾ باغي، احساس ۾ نرمل ۽ خيال ۾ سراپا آڪاش جهڙيون وسعتون ۽ وشالتائون رکندڙ رهيا آهن. هو ’روايتي مذهبي ۽ رواجي روحانيت جي روڳ‘ جو شڪار نہ هئا. هنن جو مذهب ’ماڻهپو‘، جياپو ’امن، محبت‘ ۽ عبادت ’انسانيت‘ هئي. هو مذهبي ڪٽرپڻي، انڌي عقيدي، ڏيکاءَ پسندي ۽ بي عملي بدران انسان دوست، صاحبِ ادراڪ، سُچيت، باعمل ۽ باڪردار پُرش هئا.

ڪيترن محققن سچل کي پڻ الوهيت ۾ مستغرق ۽ مُنهن مونن ۾ هٽي وينل، ڪاني ڪرامتن جو صاحب ۽ روحاني دنيا جا سير سفر ڪندڙ ’سنت ۽ سرمست‘ سمجهڻ ۽ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي، پر حقيقت ۾ هو نہ رڳو ’دل‘ سان گڏ ’دنيا‘ جو ماڻهو هو، پر ’دنيا‘ کي ’دل‘ ۽

’دل‘ کي ’دنيا‘ سان انوکي انداز سان جوڙي، ’خودي ۽ خود شناسي‘ جو حقيقي فڪر ۽ فلسفو سمجهائيندڙ اهو سرجڻهار هو، جنهن نہ فقط ’پاڻ‘ سُڃاتو ۽ پنهنجي ڏيهہ ۽ ڏيهہ واسين جي دردن ۽ سورن کي ڄاتو ٿي، پر انهن مان نجات ۽ ڇوٽڪاري جو وٽ سيرپور ادراڪ ۽ احساس بہ هو، جنهن جو هن پنهنجي شاعريءَ ۾ خوب اظهار ڪيو آهي.

سچل سرمست جي شاعريءَ جي اڀياس مان اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ، هن جي شاعري نہ رڳو داخلي وارتائن جي انوکي ۽ اثرائتي عڪاسي پيش ڪري ٿي، پر دنيا جي حقيقتن ۽ حُسناڪين جو سچو پچو آئينو ۽ احساس بہ پَسائي ٿي، اهو ئي سبب آهي، جو اياز جهڙو پنهنجي دور جو مها ڪوي بہ ڪانئس متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيو آهي.

شيخ اياز، سچل جي ’خودي، خودشناسي، سرمستي، بغاوت، مزاحمت، انسان دوستي، روشن خيالي، حب الوطني ۽ خاص ڪري سندس اظهار جي بي باڪي ۽ خيال جي بي ساختگيءَ وارين خوبين ۽ خوبصورتين کان تمام گهڻو مرغوب ۽ متاثر رهيو آهي ۽ انهن جا عڪس ۽ اولڙا سندس شاعريءَ ۾ جابجاءِ جهجهي انداز ۾ موجود ملن ٿا.

حوالا:


1. جويو، تاج، ’رابيل رُتِ مايا نگرُ‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2017ع، ص82.
2. شيخ، اياز، ’خط، انٽرويو، تقريرون - 1‘، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد، 1987ع، ص284.
3. ساڳيو، ص312.
4. ساڳيو ، ص338، 339.
5. شيخ، اياز، ’جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي‘، ساهت سيا پبليڪيشن، الهاس نگر، سال 1987ع، ص61
6. شيخ، اياز، ’خط، انٽرويو، تقريرون - 1‘، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد، 1987ع، ص203، 204.
7. شيخ، اياز، ’نند وليون‘، ص14 )
8. شيخ، اياز، ’خط، انٽرويو، تقريرون - 1‘، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد، 1987ع، ص227، 273.
9. ساڳيو، ص230.
10. انصاري، عثمان علي، ’سچل سرمست جو سنڌي ڪلام‘، سنڌي ادبي بورڊ، 1982ع، ص47.

ڊاڪٽر الطاف جوکيو
اسسٽنٽ پروفيسر سنڌي
غلام رباني آگرو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪنڊيارو

# مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ تجنيس تام جو اڀياس
# A Study of Antanaclasis in Molvi Ahmed Mallah's Poetry

**Abstract:**

Molvi Ahmed Mallah, the great Sindhi Poet, is expert of both Classical Hindhi/ Sindhi Prosody and the Arabic Prosody. Lyrical translation of Quran Majeed named 'Noor ul Quran' and his mixed poetry named 'Kulyat Ahmed' are his best work in the light of different type of prosody. He has composed masterpiece Verses (Bait) and Kafi as well as Odes (Gazal) and lyrical poems. His poetry is rich and unmatchable regarding execution of figures of speech. He is famously known as the king of the Alliteration (TajneesHarfi) whose famous forms are: TajneesTaam, TajneesNaqis, TajneesMazeel, TajneesMurakib, TajneesQalb etc.

This research paper is analysis of Antanaclasis in his poetry. Antanaclasis means usage of same word at different places in prose or poetry giving different shades of meaning and thoughts.

As far as Antanaclasis in Sindhi prose or poetry is concerned, our scholars have given vague concept of term as well as inappropriate examples in their respective works. But when we analyze Antanaclasis in molvi Ahmed's poetry and his grip and clarity of the term, we found it very exceptional, clear and outstanding. To our boundless astonishment, he has even composed complete odes regarding Rhyme and Subsequent (Radeef) containing the exceptional usage of Antanaclasis in his poetry, that has no any other example before us in any other writer's work.

This paper aims at doing analysis of Antanaclasis in Molvi Ahmed Mallah's match-to-nothing poetry.

- **اڀياس جو پس منظر**

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪلاسيڪل شاعريءَ ۽ عَروضي شاعريءَ جي امتزاج جو شاعر جاچڻو هوندو ته مولوي احمد ملاح کان وڌيڪ سگهارو نالو ڪو ٻيو نہ ملندو. مولوي احمد ملاح جو قرآن پاڪ وارو منظوم ترجمو ته هڪ اهڙي سوکڙي آهي، جنهن مولوي صاحب کي جياري ڇڏيو آهي، نہ تہ

اسان وٽ ڪيئي اهڙا گوهر گم ٿي وڃن ٿا جن جو قدر مُئي ڪان پوءِ به نه ٿو رهي.

مولوي احمد، لاڙ جي هڪ پوئتي پيل ڳوٺ 'ڪنڊي' جو ۽ هڪ مسڪين لڏي جو ماڻهو هيو، ان سبب ان جي پويان ڪا گادي قائم ٿي نه سگهي. جيڪڏهن پٽ سَٽ تي پنهنجو پاڻ کي بيهاري وجي ها، ته پويان گادي به جڙي وجي ها ۽ موجوده سياسي گهرجن آهر سرڪاري طور تي ڪنهن وڏي تعليمي اداري ۾ سندس نالي سان چيئر به بڻجي وجي ها، سندس ڪيل ڪم تي علمي يا ادبي ڪم به ٿئي ها.وري به جس هجي بدين جي ساڃهه وند ماڻهن (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، محمد سومار شيخ ۽ پروفيسر عبدالله ملاح) کي جن ذاتي ڪوشش سان ان جي نالي هڪ لائبريري قائم ڪرائي آهي.

افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته مولوي احمد ملاح جي ڪيل ڪم تي جنهن انداز سان ڪم ٿيڻ کپندو هيو، سو نه ٿي سگهيو آهي. وري به سلام آهي پروفيسر ضرار رستماڻيءَ کي، جنهن پنهنجي زندگيءَ جا سونهري ڏينهن مولوي صاحب جي ڪم کي سهيڙڻ ۽ ان جي تصحيح يا تدوين کي ارپي ڇڏيا آهن. صاحب موصوف تحقيقي انداز ۾ 'ڪليات احمد' کي سهيڙيو آهي ۽ تصحيح جي خيال کان ان جا چند جلد به شايع ڪرائي چڪو آهي، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو ته ڪيس جتي به لفظن جو مغالطو يا راءِ ملي ٿي، سا چنڊڇاڻ بعد نوٽ ڪري، بيهر جلد ڇپرائي وني ٿو. ان کان سواءِ مولوي احمد جي 'نورالقرآن' جي تصحيح ۾ پڻ مصروف آهي. هن کان اڳ 'نورالقرآن' جو پهريون دفعو شايع ڪرائڻ جو شرف ارباب الهه جڙيي کي حاصل رهيو آهي.

مون ناچيز، جڏهن مولوي احمد جي عَروضي شاعريءَ جي انتهائي مختصر مطالعي بعد صنايع بدايع جي لحاظ کان سندس لفظي ترڪيبن، قافين، رديفن، تجنيسن ۽ صنعتن جو استعمال ۽ بيهڪ ڏٺي ته حيراني ان سبب ٿي جو اهڙي بيهڪ ڪنهن ٻئي شاعر وٽ نه ٿي ملي.مولوي صاحب جي شاعريءَ ۾ 'تجنيس حرفيءَ' جو استعمال گهڻو ٿو ملي، جنهن سبب ڪيس 'تجنيس حرفيءَ جو شهنشاه' ڪوٺيو وڃي ٿو. تجنيس حرفي گهڻين تجنيسن جي ماءُ آهي، جنهن سبب ان جي ڪُک مان ٻيون تجنيسون به جنم

وٽن ٿيون، جيئن: تجنيس تام، تجنيس ناقص، تجنيس مذيل، تجنيس مرڪب،تجنيس قلب وغيره. هتي صرف تجنيس تام جي دائري هيٺ مولوي صاحب جي عَروضي شاعريءَ جو اڀياس مقصود آهي. ڏٺو ويو آهي تہ تجنيس تام جي لغوي معنيٰ ۾ اختلاف ۽ ان جي دائري جِي وضاحت ۾ اتفاق ملي ٿو.

- **تجنيس تام جي دائري بابت عالمن جا رايا**

مرزا قليچ بيگ لکيو آهي: ”تام جي معنيٰ تمام يا ڪامل، يعني پورو. جڏهن بہ يا زياده لفظ اهڙا ڪم اچن، جي لکڻ يا پڙهڻ ۾ بلڪل هڪجهڙا هجن، مگر معنيٰ ۾ مختلف هجن، جيئن شاهہ جي رسالي ۾ ’جتن‘ جو لفظ هيٺئين بيت ۾ ڪم آيل آهي:

’جتن‘ ڪج ’جتن‘ جو، آيا ڪي ايندا،
وٽي پنهون پاڻ سين، وٽان تو ويندا،
دم نہ دميندا، سڌا ويندا ساٿيهہ ڏي. (قليچ، 2016: 88)

مرزا قليچ واري ساڳي ڳالهہ، بغير ڪنهن تحقيق يا چند چاڻ جي ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهہ پنهنجي تحقيقي مقالي ’شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهہ نگاريءَ جو تحقيقي جائزو‘ ۾ ڏني آهي، هوءَ مٿئين ساڳئي بيت جي وضاحت هن ريت ڪري ٿي: ”مثال ۾ درج ڪيل شاهہ سائينءَ جي بيت ۾ لفظ ’جتن‘ ٻن مختلف معنائن ۾ ڪم آيو، جڏهن تہ ان جو اچار ۽ صورتخطي بلڪل هڪجهڙا آهن. پهريون’جتن‘ معنيٰ ’ڪوشش، حيلو، اپاءُ، خبرداري، پاڻ پتوڙڻ، تدبير‘ وغيره. (ج.س.ل. جلد ٻيو ص 896) ۽ ٻيو ’جتن‘، جت ذات جي ماڻهن لاءِ چيو ويو آهي.“

(ڪلثوم، 2004: 22)

مرزا صاحب جي ڏنل ساڳي وصف جا هڪ بہ لفظ ڦيرائي ظفر عباسيءَ لکيو آهي تہ: ”تام جي معنيٰ تمام يا ڪامل آهي، يعني مڪمل يا پورو. جڏهن ڪنهن عبارت يا شعر ۾ بہ يا وڌيڪ لفظ اهڙا ڪم اچن، جيڪي صورتخطي ۽ تلفظ (لکڻ يا پڙهڻ) ۾ بلڪل هڪجهڙا هجن، مگر معنيٰ ۾ مختلف هجن. مثال:

- ’جتن‘ ڪج ’جتن‘ جو، آيا ڪي ايندا. (شاهہ)

- ’وَرَ‘ ۾ ڪونهي ’وَرُ‘ ڏيرن ’وَرُ‘ وڏو ڪيو. (شاهه/ سر ديسي)
ور = مڙس/ پنهل. ور = ڦير. ڏنگائي- ور- وڪڙ- وراڪو.
- گهرين همدم جي ڪو، هڪ ’دم‘ نہ هن ’دم‘،
هنيئي جي ’دم‘، تہ پوءِ ملنديئي نہ همدم. (مرزا قليچ)
ترتيبوار: دم = پل- دم = پساه- دم = ٻٽاڪ
- مٽي تي زر ٿئي، اڪسير سان قناعت جي،
سمهين جي ’پٽ‘ تي، تہ تي پئي سو بستر ’پٽ‘ جو. (قليچ بيگ)
ترتيبوار: پٽ = زمين — پٽ = ريشم.“ (ظفر، 2007: 410)

دراصل، مرزا قليچ بيگ واري ساڳي وصف ۽ ان جاهڪ بہ مثال بغير چنڊڇاڻ جي پيش ڪيا ويا آهن.

تجنيس تام جي وصف ۽ مثال ’جامع سنڌي لغات‘ ۾ هيٺين ريت ڄاڻايل آهي:

- تجنيسَ تامَ: ث. فقري يا مصرع ۾ ساڳيءَ صورتخطيءَ ۽ ساڳئي اچار وارن لفظن جي استعمال جي صنعت (انهن لفظن جي معنيٰ پلي ڪٽي مختلف هجي ’وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرن وَرُ وڏو ڪيو‘ شاهه) (بلوچ، 1981: 591)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ترتيب ڏنل لغت ۾ لفظ جو بنياد ڄاڻايل ڪونهي، جڏهن تہ وصف بلڪل واضح آهي. البت، جيڪو مثال ڏنل آهي، ان ۾ ’ور‘ لفظ ٽي ڀيرا ڪم آندل آهي، جن جي اعراب ۾ فرق آهي: ’وَرَ‘، ’وَرُ‘ ۽ ’وَرُ‘. پهرئين لفظ (وَرَ = مڙس) جي آخر ۾ ’زبر‘ آيل آهي، جڏهن تہ وچئين ۽ آخري (وَرُ = ڏنگ- جٺ) لفظن جي آخر ۾ ’پيش‘ ڪم آندل آهي. آخري بہ لفظ سماجي معنيٰ نسبت پاڻ ۾ ويجها آهن. البت اڳيون لفظ ’مڙس‘ جي معنيٰ ۾ مختلف معنيٰ جو مثال بيشڪ آهي. مسئلو سامهون اهو ٿو اچي تہ انهن لفظن جي صورتخطي، زيرن- زبرن جي خيال ڪان الڳ آهي. ان سبب ان کي ’تجنيس تام‘ جو مثال نہ، بلڪ ’تجنيس ناقص‘ جو مثال چئي سگهجي ٿو.

مرزا قليچ ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي ڄاڻايل وصفن ڏسڻ بعد ٿي اهم ڳالهيون سامهون اچن ٿيون:

- ✍ تام جي معنىٰ، جيڪا مرزا قليچ بيگ ڏني آهي، سا ان جي مراد سان ٺهڪاءُ ۾ نہ ٿي اچي. جيڪڏهن تام جي معنىٰ ’مڪمل‘ واري ورتي وڃي تہ پوءِ لفظن جي هڪجهڙائيءَ جي مراد هٽرادو لڳي ٿي.
- ✍ جيڪڏهن لفظن جي هڪجهڙائيءَ واري مراد ونجي ٿي تہ مرزا صاحب توڙي بلوچ صاحب جي چاڙايل لطيف سائينءَ جي بيتن جِي سٽن جا مثال ناقص آهن، ڇاڪاڻ تہ لفظن جي شڪل تہ بيشڪ ساڳي آهي، ليڪن نحوي لحاظ کان انهن جي زيرن زبرن ۾ فرق اچي ٿو.
- ✍ ظفر عباسيءَ پاران چاڙايل مرزا قليچ بيگ جي شعرن وارن مثالن ۾ بيشڪ زير زبر جو فرق نہ ٿو رهي، ان ڪارڻ هڪجهڙائيءَ واري ميزان ۾ بيشڪ پورا لهن ٿا.

- **مسئلي جا سوال**

تجنيس تام مان مراد، پيٺ جي صورت ۾، اهڙا لفظ ڪم آندل هجن، جن جي صورتخطي هوبهو ساڳي هجي ۽ معنائون مختلف هجن. ان خيال هيٺ هينيان بہ اهم سوال اڀرن ٿا:

- ؟ جيڪڏهن ’تام‘ لفظ جي معنىٰ ’ڪامل/ پورو‘ ونجي تہ ڇا لفظ جي ساڳيائپ واري مراد ان اصطلاح مان حاصل رهي ٿي؟
- ؟ جيڪڏهن ساڳيءَ صورتخطيءَ وارن لفظن جي اعراب ۾ فرق هجي تہ ڇا ان کي ’تجنيس تام‘ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو؟

- **مسئلي جي روشنيءَ ۾ ’تجنيس تام‘ جو اڀياس**

**’تام‘ جي لغوي معنىٰ بابت**

ٻوليءَ جي اصولن موجب لفظ جي لغوي معنىٰ ۽ سماجي/ اصطلاحي معنىٰ ۾ هڪ قسم جو تعلق ضرور هوندو آهي. ان لحاظ کان ’تجنيس تام‘ جو تعلق ’مڪمل يا پوري‘ سان نہ ٿو جڙي. معاملي کي وڌيڪ جاچڻ لاءِ مختلف لغتن مان ’تام‘ لفظ جي معنىٰ ۽ مراد ڏسجي ٿي:

- فرهنگ آصفيہ: تَامّ-ع-صفت-پُورا-تمام-کامل-کل (دهلوي، 578: 2002)
- نور اللغات: تام-(ع-عربی میں بتشدید سوم تھا) صفت-پُورا-تمام-کل-کامل (نور، 1004: 2002)

بيشڪ ’تام‘ جي معنىٰ ’تمام ۽ مڪمل‘ جي آهي، ليڪن جيڪو لفظ ’تجنيس تام‘ ۾ ڪم اچي ٿو، ان جي معنىٰ ’تمام يا مڪمل‘ جي ڪونهي، بلڪ ’ڪنهن سان جاڙو ڄمڻ‘ جي آهي. ’تامّ‘ معنىٰ ’مڪمل‘ جو مادو ’تَمَّ‘ آهي، جڏهن ته تجنيس سان سلهاڙيل لفظ ’تام‘ جو مادو ’تَاَمَ‘ آهي. فيروز اللغات عربي- اردو (ص: 56) جي مدد سان ’تجنيس تام‘ جو اشتقاق هيٺين ريت بيهارجي ٿو:

- تجنيس تام:[ تجنيس- تَفعِيل- مصدر (جَنّسَ = هو پڇي راس ٿيو) جنسوار ڪرڻ، جنسي ترتيب ڏيڻ + تام (تَاَمَ = هو جاڙو ڄائو، هن تاجي توڙي پيٽي ٻنهي ۾ سوٽي اُٺيو) ڪنهن سان جاڙو ڄمڻ، ڪپڙي جي ٻنهي ڳٽن ۾ هڪجهڙو اٽڻ] علم بيان موجب، پيٽ جي صورت ۾، ڪنهن شعر ۾ معنوي فرق سان ساڳين جاڙن لفظن جو استعمال. ٻه يا ٻن کان وڌيڪ معنوي فرق رکندڙ اهڙا لفظ ڪم آڻڻ، جيڪي صورتخطيءَ جي لحاظ کان پاڻ ۾ هوبهو جاڙا ۽ هڪجهڙا هجن، جيئن مولوي صاحب جو شعر آهي:

وات پاٽي ٿيو ڏِسي، اڄ وارَ وريل مُنهن مٽان،
وارَ جيئن ويجهو ٿئين، تان وارِ جيئن هَر وارَ هُج.
(ڪليات احمد، ياڳو ٻيون- 179)

ڏنل مثال ۾ ’وار‘ لفظ ’چار‘ دفعا آيل آهي، ليڪن، لفظ جي آخري اعراب نسبت، تجنيس تام جي ٿيءَ ۾ صرف ’ٻه‘ ٿرن ٿا.

1. وارَ (آخري زبر سان) زُلف
2. وارَ (آخري زبر سان) زُلف (ساڳيو)
3. وارِ (آخري زير سان) بند ڪرڻ- روڪڻ- پلڻ- ڍڪڻ- سنڀالڻ- ياد ڪرڻ
4. وارَ (آخري زبر سان) ڀيرا- دفعا

پهريان ٻه لفظ ساڳيءَ معنىٰ ۾ ڪم آيل آهن، جڏهن ته آخري لفظ، ساڳين اعرابن نسبت، مختلف معنىٰ سان ڪم آيل آهي، جنهن سبب پهريون ۽ آخري لفظ ’تجنيس تام‘ جو مثال آهي. جڏهن ته ٽيون نمبر لفظ آخري اعراب جي نسبت ’تام‘ ۾ شامل نه ٿيندو، بلڪ ’ناقص‘ ۾ شامل ڪيو ويندو.

- **تبصرو**

لغت جي روشنيءَ ۾ جڏهن لفظ 'تامر' جي لغوي معنىٰ ڏسجي ٿي ته ان جي مراد (سماجي معنىٰ) به واضح بيهي ٿي، مثال طور:

✍ **پهرين لغوي معنيٰ:** جاڙو ڄمڻ (شڪل ۾ هوبهو هڪجهڙا، ليڪن حيثيت ۾ الڳ تلڳ)

**سماجي معنيٰ:** اهڙا هڪجهڙا لفظ ڪم آڻڻ جن جي شڪل ۾ فرق نه هجي، ليڪن انهن جي معنىٰ مختلف هجي.

✍ **ٻين لغوي معنيٰ:** تاجي پيٽي سوٽي اٽڻ (تاجي پيٽي اٽت بعد، ڊيگهه ۽ ويڪر ڏسڻ سواءِ، ڪٽڻ جي اها خبر ڪونه پوندي آهي ته تاجيءَ وارو پاسو ڪهڙو ۽ پيٽي وارو پاسو ڪهڙو! يعني ٻنهي ڪٽڻ جي شڪل ساڳي هوندي آهي، ليڪن رخ الڳ ٿيندا آهن.)

**سماجي معنيٰ:** اهڙا شڪل شباهت ۾ ساڳيا لفظ، جن جي مراد الڳ هجي.

لفظ 'تامر' جي لغوي معنىٰ ۽ لفظن جي ساڳيائپ کي ڏسي ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته شاعريءَ جي هن دائري ۾ صرف اهي ئي لفظ اچي سگهن ٿا جيڪي زيرن زبرن تائين ساڳيا هجن ليڪن معنىٰ مختلف هجي. جيڪڏهن زيرن زبرن جو فرق ٿي پيو ته ان کي 'تجنيس ناقص' چيو وڃي ٿو.

- **'تجنيس تام' جي روشنيءَ ۾ مولوي احمد جي شاعريءَ جو جائزو**

مولوي احمد وٽ لفظن جي وڏي جادوگري ۽ بازيگري آهي، هتي سندس شاعريءَ ۾ تجنيس تام جي حوالي سان چند غزلن جي شعرن ۽ نظم جي بندن مان رکجن ٿا:

حمد 'احمدَ' ڪر احد جو، عَهدَ جنهن سان عهدَ ڪان،
هيءَ مِٽي تائين مِٽي، بازُو به ٿي بُل بُل وڃن.
(ڪليات احمد، ياڱو ٻيون- 406)

مٿئين شعر جي ٻنهي سٽرن ۾ 'عهدَ' ۽ 'مِٽي' به الڳ مثال آهن:

✍ هڪ: 1. عهدَ = واعدا- وچن... 2. عهدَ = عالم ارواح وارو ميثاق.

✍ ٻيو: 1. مِٽي = رشتيداري...2. مِٽي = قبر.

درد تنهنجي دوستَ دل ۾، دَست اندازي ڪئي،
دَمُ اٿم ڪو دَمُ اجا، تو دمُ نہ دمسازي ڪئي.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 589)

متئين شعر ۾ ٽي دفعا 'دَمُ' ڪم آندل آهي:
✍ 1. دَمُ: ساهہ- پساهہ- ڦوڪ- حياتي... 2. دَمُ: گهڙي- ساعت... 3. دَمُ: ٽپڪو- ذرڙو...

گهَڙِي ۽ گهيڙ ڏاران، هن گهَڙي گرداب ۾ گهڙندس،
پڪيئڙا، پار پهچائج، پَهي پيغام سانبارا.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 48)

✍ 1. گهَڙي = دلِي- مَٽڪي- ننڍو دِلو... 2. گهَڙي = پلڪ- ساعت- وقت...
ويرَ ۾ ڪنهن وَر وڄايو، پڻ وياءَ ڪن ڪان ويا،
ڪنهن جي ضايع زال،ڏسندي ڏِيل ڏڪيو تا وڃن.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻهريون- 502)

✍ 1. وياءَ = ڄم- اولاد- نسل... 2. ويا = وڃڻ جو ماضي- فعل...

متئين شعر ۾ 'وياءَ' ۽ 'ويا' حقيقت ۾ 'صنعت مذيل' جو مثال چئي سگهجي ٿو، ليڪن هتي 'تجنيس تام' جي صورت ۾ آندو ويو آهي. جيئن تہ مولوي صاحب 'لاڙي لهجي' جو ماڻهو هيو، ان سبب سندس ٻوليءَ ۾ 'آخري آواز متحرڪ' جو استعمال گهڻ آهي. ان سبب ان مثال ڪي صورتخطيءَ کان هٽي ڪري 'آوازن' جي بنياد تي 'تجنيس تام' جو مثال چئي سگهجي ٿو.

لِڪي لوڪ مان لالَ مرجان ويا،
لَٽم تنهنجي لَب لالَ ۾ لالُ اڏ.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 221)

✍ 1. لالَ = جواهر جو قسم... 2. لالَ = ڳاڙها ...

ان شعر ۾ 'لالُ' لفظ آخري پيش سبب 'تجنيس ناقص' ۾ ويندو. هڪ ٻيو اهڙو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

جتي گھوٽ گھوڙن تي، گھوڙا اُتي،
جتي لال هئا، لال ڳوڙها اُتي،
جتي وصل وايون وچوڙا اُتي،
اَمن هنڌ ارمان هڪ منٽ ۾.

(ڪليات احمد، ڀاڱو پهريون- 498)

مٿئين نظم جي هڪ بند واري مثال ۾ پڻ 'لالَ' لفظ مختلف معنائن ۾ ڪم آيا آهن، جنهن سبب تجنيس تام ۾ شامل ڪبو.

مَڻ ڪپن ٿا ماڻڪيَن ڪي، ماسَ جا هَر ماسَ ۾،
ماس منهنجو ويو ڳري، مس هيڪ ماسي ۾ هجان.

(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون-367)

✍ 1. ماسَ = گوشت- جسم... 2. ماسَ = مهينو

بنيادي طور ٻئي لفظ آخري پيش سان ئي آهن، ليڪن سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق انهن بعد 'حرف جر' اچڻ سببان لفظ ۾ 'آخري زبر' ڪم آڻي متحرڪ ڪيو ويندو آهي.

چاڪ مان ناچاڪ ٻُت، چاڪُون بنا دِل چاڪ چاڪ،
لال لُڙڪن ساڻ لوئي، ٻُوند بيهي ڪنهن نہ پَت.

(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 121)

✍ 1. چاڪ = چاق چڱو ڀلو... 2. چاڪ چاڪ = زخم زخم

آرسي 'احمد' مَر ٿي، پَر آرسيءَ ۾ ڏس عمل،
ڳجھہ پَڌر پوندا جتي، پچندا نہ اُت پٽ ڪان پِدر.

(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون-250)

✍ 1. آرسي = سست- ڪاهل... 2. آرسي = درسني- آئينو

سِر ڏيان تان سِر وڃي ٿو، سِر ڏريان تان سِر سَجين،
ڪانہ سُئي هن شهر ۾، شاباس شابا مون اچي.

(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 543)

✍ 1. سِرُ = راز- ڳجھہ... 2. سِرُ = مٿو

سَر هڻن تان سِر نمايان، سِر ڏنم تان سِر چيَئون،
ڏس تہ محبن پيش منهنجو، مانُ مُل ڪهڙو نہ هو.
(ڪليات احمد، پاڱو ٻيون- 490)

✍ 1. سِر (هڻڻ) = اشارو ڪرڻ- سِر ڏوڻڻ... 2. سِر = مٿو... 3. سِرُ (امر) سرڻ- رڙهڻ- اڳتي ٿيڻ.

حسن تي حيران حُورُون، هَنج جو سِر هنج ۾،
خود پريَن ڪيا پير پاهُون، هڪ سڄڻَ تو ساڻ سَڱ.
(ڪليات احمد، پاڱو ٻيون- 331)

✍ 1. هنجَ = هنج/ هنس پکي... 2. هَنج = جهولي- گود- آغوش

مٿئين شعر جهڙا چند ٻيا مثال، جنهن ۾ هنجَ جو لفظ 'جهولي ۽ هنس پکيءَ جي معنائن ۾ ڪم آيل آهي:

هنجَ ۾ هاريان هَنجون، مَنَ هنجَ، هِيرن تي هِرين،
پاڻ ڳالهائين تہ ڳوڙها، سِر ڳلن ڳاڙيندو وَت.
(ڪليات احمد، پاڱو ٻيون- 141)

هنجَ منهنجي ۾ نہ هَي هَي، هنجَ جهڙي ڳچ هجي،
هيج مان پوءِ هِي هنجون، هر روز هارڻ ئي مباح.
(ڪليات احمد، پاڱو ٻيون- 201)

هيج آهم، هنج ڳچيءَ جي هنجَ ۾ هردم هجان،
گلبدن گس تان تڙيينم، گڏ گذاريان ڪنهن طرح.
(ڪليات احمد، پاڱو ٻيون- 207)

هار جيئن هاريان هنجون، ڪنهن هنجَ ڳچيءَ لئي هنجَ ۾،
دوست دلبر ڪي ڏني اڄ، ڏينهن ٿيا اوڏيهہ، وسُ.
(ڪليات احمد، پاڱو ٻيون- 293)

- **نظم مان تجنيس تام جي مثالن جي چوند:**

شامَ مُنهنجو شامَ سين مَس، صبح تنهنجو شام تو،
سَٿ سَتر گذري پنيان، رهندو وجي رَبَ نام تو،
جام جامان تو ڊڪايا، جامَ پيتم جامَ تو،

صبح توٽي شام آئون ، شامتن ڪان شام تو،
شام تون جهَل، شامتون پَل، شاه شاهوڪار تُون،
تون نہ ڏيندين، ڪير ڏيندو، ڏيھہ جو ڏاتار تُون.
(ڪليات احمد، ڀاڱو پهريون- 163)

’تجنيس تام‘ جي لحاظ کان ڇاٽايل مسدس ۾ بہ مثال موجود آهن: هڪ: شامَ، ٻيو: جامَ.

✍ هڪ: 1. شامَ = وجود...2.3. ۽ 4. شامَ = سانجهيءَ گهڙي...5. شامَ = سام- پناهہ...6. شامَ = سامَ- پناهہ.

✍ ٻيو: 1. جامَ = گهٽا- ڪافي...2. جامَ = پيالا- مشروب.

تجنيس تام جي حوالي سان مولوي صاحب جي ’ٽيھہ اکريءَ‘ ۾ بہ ’شام‘ جو لفظ مختلف معنائن سان ڪم آندل آهي:

’طوئي‘ طلسم طائفا، سرڪس سئنيما صبح شامَ،
شامَ شهرن ۾ گهمن، شوقين جهڙا شاهہ شامَ،
شامَ جي خود شاهہ تان، وجهندا صبح يا شامَ، شامَ،
ڪير آهي جو اجلَ کان، پوءِ جهَلي تا شامَ، شامَ،
پيءُ نہ ماءُ، سهرو نہ سَس، الله بس، باقي هوَس.
(ڪليات احمد، ڀاڱو پهريون- 246)

✍ 1. ۽ 2. شامَ = سانجهيءَگهڙي... 3. شامَ = مُلڪ جو نالو... 4. شامَ = مُلڪ... 5. شامَ = وقت... 6. مڙهہ جي چادر... 7. شامَ = سانجهي... 8. شامَ = شامت/ عذاب...

جو اڳيان مولي محابو، نِئي محمد مير جو،
تنهن سفر سُهکو ڪري، سائين سلامت سِير جو،
مون وسيلو آهہ ورتو، وِير ۾ تنهن وِير جو،
ڇا ڪندو تحقيق هاٽي، تار تِڪ طوفانڙو،
تون احد الله اڪبر، آئون احمد ٻانهڙو،
ٻانهڙي تي ٻاجهہ ڪر، در تان مَ ڌِڪ دربانڙو.
(ڪليات احمد، ڀاڱو پهريون-188)

✍ 1. وِيرَ = سمنڊ جي لهر- سمنڊ جي پاڻيءَ جو چاڙهه...2. ويرَ = بهادر- سورمو- سورهيه- داناءُ...

وسَ ويئي ۽ وسَ چُڪا، وسري وسيلا سڀ ويا،
هٿ ڪنياسون، هٿ نه ڪڻ تون، هاڻ حيلا سڀ ويا،
ڪي ڪِتي ۽ ڪي ڪٽي، ڪاهي قبيلا سڀ ويا،
بَس تو بارِي هيڪڙي تي بار، مولا، مِينهن وساءِ.
(ڪليات احمد، ڀاڱو پهريون- 505)

✍ 1. وسَ = وسڻ جي جي مند...2. وَسَ = حيلا- قدرت (چُڪا = ختم ٿي ويا)...

جتي شهر شاهي، رهيا شير اُت،
وهيا ٿي وڏا واهه ڪنهن وير اُت،
وَڳي ڀيرَ جِت ٿي، ڀَڳي ڀيرَ اُت،
نه پَٽ ۾ پراٺو پَسون پير اُت،
چڙيو خاڪ ڪائي مِڙيَن جو مَٿو،
اجا خاڪ جو پيٽ ڀَرجي نه ٿو.
(ڪليات احمد، ڀاڱو پهريون- 386)

- 1. ڀيرَ = نغارو... 2. ڀيرَ = (اصطلاح جو جز: ڀيرو ڀڃڻ) سُج...

اج وڏي وَڏپڻ ۾ وِنجهلان، نندپڻ ساري نياڳ،
اَي ستر وارا، ستر تي، دل سُتل ٿئي مَس سجاڳ،
عمر ۾ اول ۽ آخر، آفتون آهن اَجهاڳ،
تارِ ويروتار، سامهين تارِ تون هڪ، ٻيو نه ڪير.
(ڪليات احمد، ڀاڱو پهريون- 68)

➢ 1. تارِ = اونهو- عميق...2. تارِ = اُڪارِ (امري صورت ۾)...

’نون‘ نِت نت دؤر نئون، نئون عُمر ناهي، اَرٿ نئون،
ڳپ ڳيهڻ ۾، پوءِ ڳيرو، پوءِ ڳاڙهو ڳرٽ نئون،
پوءِ ڪَرڙوَڙ، پوءِ ڪُراڙو، پوءِ ڪنڌ تي ڪَرٽ نئون،
سرس ته ٻه سٺ سال، تنهن ۾ دَم صحت، دم سَرٽ نئون،

گم پَروڪا گاھ، گل قل، ٻير ٻاجهر ٻَرٽ نئون،
هيڪڙي جي هارَ، ٻئي ڪي هارَ، سمجهي ڇا سگهان.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻهريون- 233)

➢ 1. هارَ = شڪست- ڀاڃ...2. هارَ = مالها- ڪنٺو- ڪنٺي...

مولوي صاحب جا اهي تہ ٿيا، 'تجنيس تام' جا مثال، جيڪي شعرن جي ڪنهن بہ هنڌ تي سگهن ٿا. ان ڪان علاوه قافيي ۽ رديف ۾ بہ 'تجنيس تام' واري حرفت ڪم آندي اٿس.

- **قافيي ۾ تجنيس تام جو استعمال**

مولوي احمد جي شاعري، تجنيس ۽ صنعتن جي حوالي سان ايتري تہ شاهوڪار رهي آهي، جو مخصوص تجنيسن ۽ صنعتن تي پورا پورا بہ غزل ملن ٿا. سندس غزلن ۾ قافيا بہ 'تجنيس تام' جا ملن ٿا. لغوي لحاظ کان 'قافيي' جي معنیٰ (قَفَا/ قَفو' = هن پيروي ڪئي) پنيان هلڻ جي آهي. هتي مولوي صاحب جو 'تام قافيو'، ڏجي ٿو، جنهن جي مراد 'قافيي جي ساڳيائپ' آهي.

گهُمڻ گلزار ۾ آيس، تہ مَن، جهوري لهي جهَٽ پَٽ،
تہ ساڳي بيقراري باغ ۾، جهڙي اندر جهَٽ پَٽ.
سدا سِڪ ساه ڪي ساڙي، ڳلن سِر لُڙڪ سج لاڙي،
پَڪو اڏيم پرين پاڙي، چوَن پاڙان پَڪو جهَٽ پَٽ.
چڏيان صحبت سپيريان ڪيئن، هِنيون هِيرن سان هيريان ڪيئن،
نہ نِبري نينهن نبيريان ڪيئن، لڳم ڪو لوھ جو جهَٽ پَٽ.
جُهلڻ جهاٻا جُهمڪ جُهوڙل، توسان ڳالهيون گهٽيون گوڙهل،
محبت آھ پَٽ مُوڙهيل، سجڻ سمجهي بہ ڪيئن جهَٽ پَٽ.
مَ ويھ محبوب، منهن موڙي، وري جس ڪٺُ جشن جوڙي،
اندر ۾ ويھ اکيون ڪوڙي، جتان جاني، وٽئي جهَٽ پَٽ.
وَجن تَن مَن طَبل تيرا، جبل ڏسيو جَلن جيرا،
پرين، تنهنجا پَسي پيرا، سجاتم پوءِ صحي جَهٽ پَٽ.
ڪيا سڄڻن سَنجهي سَعيا، پِرھ سان پير گهر پايا،
اگڻ موڙي اگڻ آيا، اتي 'احمد' اکيون جَهٽ پَٽ.
(ڪليات احمد، ڀاڱو ٻيون- 150)

متئين غزل ۾ اٺ دفعا ’جهٽ پٽ‘ جا قافيا، ’تام‘ جي صورت/ ساڳي صورت ۾ رکيا ويا آهن، جن جي معنيٰ مختلف آهي:

✍ 1. جهٽ پٽ = اک ڇنڀ ۾... 2. جهٽ پٽ = پٽ پٽان، بيچيني... 3. جهٽ پٽ = جلدي اکيڙ (امر جي صورت ۾)... 4. جهٽ پٽ = لوهي پٽر... 5. جهٽ پٽ = موڙهيل پٽ/ ريشم... 6. جهٽ پٽ = جهٽڻ ۽ پٽڻ جو امر... 7. جهٽ پٽ = ميدان- زمين... 8. جهٽ پٽ = ٿورو وقت پٽڻ جو امر.

➢ **قافيي ۾ ’تجنيس تام مع مرڪب‘:**

نہ در منجهہ ڇڏين دوست، تہ ڀہ در نہ پُور،
ڪريان پل پَري ڪان پَسِي مانَ پُور.
نہ جَلوي سوا جوت جاني، ڪٿي،
نہ خلوت سوا خَير، منجهہ خيرپُور.
ڪڙي تنهنجي ڪاڪل ڪيو قلب قيد،
ڪڙي ۾ ڪڙو جيئن ڪُنڍي مينهن پُور.
سُتيءَ ڪي ڏيئي ويا سُتي سڪ سندي،
برهہ باهہ ٻاري، پرهہ ساڻ پُور.
پنهل وٺ پکي يا وجان واءُ ٿي،
نئون نينهن جو نئي، پوي روز پُور.
ڪندا ڪاهہ ڪي ڪوهہ، سؤ ڪوهہ ڪوهہ؟
رکي پرت پُوري پريَن پار پُور.
مرڻ مهل مون ڪي ملاقات ڏج،
ڏيئي ڏک مٿان پاڻ واريج پُور.
ٻُجهي پنهنجو ٻانهون ٻَهون ٻاجهہ ڪَر،
نہ تون پيءُ ڪنهن جو، نکي پٽ نہ پُور.
ايو اُپ ڪَپيءَ ڏانهن ’احمد‘ اچي،
ڏيارينس ٻاجهئون ڪو ٻيڙيءَ جو پُور.

(ڪليات احمد، ياڱو ٻيون- 264)

هن غزل ۾ 10 دفعا ساڳيو لفظ،ساڳي شڪل سان ڪم آندو ويو آهي، ليڪن انهن لفظن جي معنىٰ مراد الڳ بيهي ٿي. مفروق: پُور ۽ مقرون: خيرپُور، جنهن سبب ان کي تجنيس مرڪب جو مثال بہ چئي سگهجي ٿو. ان سبب ان کي ’تجنيس تام مع مرڪب‘ چئي سگهجي ٿو.

✍ 1. پُور = پورڻ جو امر... 2. پُور = ڍؤ... 3. شهر خيرپور... 4. پُور = مينهن جي سگ جو پُور... 5. پُور = چوڙي... 6. پُور = خيال... 7. پُور = وڃ، هل- امر... 8. پُور = مٽيءَ جو ليو... 9. پُور = نسل... 10. پُور = گهمرو...

➢ قافيي ۾ تجنيس تام مع مرڪب و مرتب

پنڌ پرين جو پَراهون، پَر پکيئڙا، ڪول پَر،
پَرپريڙو پنڌ، پَر پيغام پهچي ڪنهن بہ پَر.
بي نشانيءَ جو نہ شاني، ڏج نشاني نينهن جي،
اِن پَتي تي پهچ پانڌي، پَر ڪري، پَت ڪيئن نہ پَر.
تَن پياسي، مَن پياسي، پڪ پياسيءَ کي پيارِ،
پُر هجي پر ساڻ دل، پَر پريرو شل، هوءِ پَر.
رَڌ ڪُڌائي رُس مَ راڻا، رَس تہ ڪريون رَس رهاڻ،
پَرچ، پرچيءَ ساڻ پَر ۾، موڪليم پيغام پَر.
نور نيڻ جا، وهن نيڻن منجهان نت نار نِير،
ناهه توکي هن طرف، تِر جيترو ڪو تَرس پَر.
نيڻ واهي نُهر جيئن، جنهن ڏي ٿئي نينهن مان نهار،
روڃ هوندس راڄ ۾، راڄا هجي يا راڄ-پَر.
آس ’احمد‘ جِي تہ شل، آسڻ اچن يا آس پاس،
ڏي اچڻ جو آسرو، تو ۾ اتم آسيون اَ-پَر.

(ڪليات احمد، ياڳو بيون- 255)

مٿئين غزل ۾ ’پَر‘ جو لفظ ساڳي صورت ۾ مختلف معنائن سان ڪم آندو ويو آهي، جن جي اکيڙ هن ريت بيهارجي ٿي: 1. پَر = ڪنپ... 2. پَر = نموني/ انداز... 3. پَر = نيائڻ جو امر... 4. پَر = پرايو/ ڏاريو... 5. پَر = موڪلڻ وارو... 6. پَر = ليڪن... 7. پَر = راڄپر جي پڇاڙي/ رعيت (مرڪب لفظ)... 8. پَر =

پرو پتو- اُپر = اٽڪٽ (مرتب لفظ). هن غزل ۾ ’پَر‘ جو لفظ مفروق صورت ۾ ڇهه دفعا ڪم آيو آهي، جڏهن ته ٻه لفظ (راڇپر ۽ اُپر) مقرون صورت ۾ ڪم آيا آهن. مفروق ’پَر‘ سان مقرون ’راڇپر‘ سبب ان کي ’تجنيس مرڪب‘ ۽ مقرون ’اُپر‘ سبب ’تجنيس مرتب‘ جا مثال چئي سگهجن ٿا.

مولوي صاحب جي ذاتي ٻولي لاڙي هئي، ان سبب ممڪن آهي ته مٿين لفظن جي آخري چوٿي سُر آواز (زير، زبر ۽ پيش) ۾ فرق ٻه ٿئي. حقيقت ۾ لفظن جي زير زبر واري فرق هجڻ سبب ان تجنيس جي حيثيت مٿجي ’تجنيس ناقص‘ تي وڃي ٿي، ليڪن پوءِ ٻه چند لفظ ساڳيائپ جو روپ رکن ٿا.

هي صرف هڪ غزل خيال خاطر رکيو ويو آهي، جنهن جي قافين ۾ تجنيس تام جا مثال آهن. اهڙا سندس شاعريءَ جي بندن ۾ کوڙا سارا مثال ڏسڻ ۾ ايندا. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مولوي صاحب جي شاعريءَ تي صنايع بدايع جي خيال کان الڳ سان ڪم ٿيڻ گهرجي ۽ هڪ ڊيٽا جوڙي وڃي ته جيئن ان ۾ سمايل گوهر عام اڳيان نمايان ٿين.

- **رديف ۾ تجنيس تام جو استعمال**

مولوي صاحب جو هڪ غزل سامهون آڻجي ٿو، جنهن جو رديف، تام جي صورت ۾ آهي ۽ ان رديف ۾ ’تجنيس مرڪب‘ جو استعال ٻه موجود آهي. اهڙي صورت ۾ ’رديف تام مع مرڪب‘ جو اصطلاح ڪم آڻجي ٿو:

**مطلع:**

مِينهن وسڻ جي مند آئي، مِينهن مارن پار ڪر.
ڪيل هُن ڪُڻ تي ڪنوڻ جا، ايءُ ته پاسو پارڪر.

**پهريون بند:**

ڇَم ڇَم ٿمِي، جهُڙ ڦُڙ جهمِي، آگَر گهمِي ڪئي مِينهن جِي،
هو وسي وچ ۾ وَلهارن، پڻ جهَلِي هن ڪار ڪَر.

**ٻيون بند:**

اڳ تَرايَن تانگهه ناهي، ڪَئي وري تاڙي تنوار،
ڪَر رَکيو ڪَر تي ڪڪر، ڏئي ڪينَ ڪارونيار ڪَر.

**ٽيون بند:**

چڙ ته مارن سان مِلان، مارينِ ماڙيون ميرَ، مون،
ڪيئن قيامت ڏينهن ڪٽندين، اِي ڪندي ڪم ڪار ڪَر.

**چوٿون بند:**

جهوليون جيڏيَن سين چُونديَم، ڪالهه پيرُون پاند ۾،
اڄ لهي هَي هَي، نه هِت ڪو، هيڪڙو هيڪار ڪَر.

**پنجون بند:**

هت ڳٿون پيا، هُت ڪٿونبا، ڪِير، ڪيريون، ٻيريون،
ڄامَ، ڄاريون ڄم اٿم، ڄايس نه تنهنجي ڄار ڪَر.

**ڇهون بند:**

آئون عاجز آهيان، 'احمدَ' ڪريان آهون اَسُر،
آسرو الله ۾، تون مَر عمرَ، انڪار ڪر.
(ڪليات احمد، پاڱو ٻيون- 260)

مولوي صاحب جي مٿئين غزل ۾ 'پار، پار(ڪر)، ڪار، ڪارونڀار، ڪم ڪار، هيڪار، ڄار، انڪار' قافيا آهن، جڏهن ته 'ڪَر' جو رديف ڪم آندو آهي، جيڪي سڀ جو سڀ مختلف معنائن جي بنياد تي 'تجنيس تام' جا مثال آهن. ان ڪان علاوه مطلع ۾ 'پار ڪر' (مفروق) ۽ 'پارڪر' (مقرون) تجنيس مرڪب جو مثال آهي. هيٺ مولوي صاحب جي 'رديف تام' (ڪَر) جي وضاحت مختلف معنائن سان ڄاڻائجي ٿي:

- ✍ **مطلع**: مصرع اول: ڪَر = جهڙوڪر/ ڄڻ ته... مصرع ثاني = پارڪر : ٿر جو علائقو
  - مراد: وه واه، مينهن وسڻ جي موسم آئي آهي ۽ اهو مينهن ڄڻ ته مارن جي پاسي پيو ٿو وسي. هائو،
  - ان ڪنڌ تي جيڪا ڪنوڻ ڪنوي پئي،اهو ته پاسو پارڪر جو آهي.
- ✍ **پهريون بند**: ڪر/ ڪس/ پاسو
  - مراد: مينهن وسي پيو، جهڙ ٿمي پيو، مينهن وسائڻ لاءِ ڪڪر گڏ ٿيا آهن، هو ولهارن جي وچ ۾ وسي پيو ۽ اُن هِن پاسي به اچي ڪس/ پاسو جهليوآهي.

- ✍ **ٻيون بند:** ڪَر = انت/ دنگ (باقي مصرع ۾ اڳين لفظن ’ڪر‘ جي معنيٰ ڪنڌ آهي)
  - مراد: ترايون اڳيئي ٻريون ٻيون آهن ۽ انهن کي تانگهه ئي ناهي، ۽ هيڏاهن وري تاڙي مينهن لاءِ تنوار ڪئي آهي. ڪڪر ڪنڌ تي ڪنڌ رکيو اچن پيا. وه واهه هن مينهن پنهنجو ماڻهن اهڙو تہ گهاٽو جوڙيو آهي، جو انت/ دنگ/ پتو ئي نہ ٿو ڏئي.
- ✍ **ٽيون بند:** ڪَر = ڪنڌ
  - مراد: اي سومرا بادشاهه مون کي ڇڏ تہ پنهنجن مارن سان وڃي ملان. هي تنهجون ماڙيون مون کي مارين ٿيون. اهڙيون ويڏنون مون سان ڪري قيامت ڏينهن ڪهڙو ڪنڌ ڪڻندين.
- ✍ **چوٿون بند:** ڪَر= سار سنڀار
  - مراد: اجا ڪالهہ ئي مون سرتين سان گڏ پاند ۾ ٻيرون چونڊيا هئا، پر اڄ اهو حال آهي جو انهن مان ڪو بہ منهنجي سارَ لهڻ وارو ڪونهي
- ✍ **پنجون بند:** ڪَر = لاءِ
  - مراد: اي ادا، هت ڪٽون ۽ پلنگ آهن پر اسان وٽ ٿر جا ڏٿ- ڪٿونبا، ڪيريون، ٻيريون ۽ ڪيرَ آهن. اي ڄام، مان تہ ڄارن جي وٽن ۾ ڄائي هئس، تنهنجي ڄار ۾ ڦاسڻ لاءِ تہ ڪونہ ڄائي هيس.
- ✍ **ڇهون بند:** ڪَر = ڪرڻ جو امر
  - مراد: مان هڪ لاچار آهيان، اسر ويلي آهون ۽ دانهون پئي ڪريان. اي عمر، منهنجي آس الله ۾ آهي، تون ٻلي مون کي آجو ڪرڻ کان انڪار ڪندو رهہ.

مولوي صاحب جو ان قسم جو غزل جنهن ۾ رديف يعني ساڳيو لفظ، مختلف معنائون ڏيو ڏئي، ان سبب ان کي ’تام‘ جي حرفت ۾ ئي شمار ڪبو. ان کان علاوه ’پار- ڪر ۽ پارڪر‘ مفروق ۽ مقرون سبب ’مرڪب‘ جو مثال ڪونهي. جيئن تہ صنايع بدايع ۾ اهڙو ڪو پيراميٽر ڪونهي، ان سبب ان قسم جي غزل ۾ سمايل حرفت لاءِ تشريحي اصطلاح ’رديف تام مع مرڪب‘ ڪم آندو آهي.

➢ **حاصل مطلب**

مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ ’تجنيس تام‘ جو جائزو ورتو ويو. ’تجنيس تام‘ جي لغوي معنيٰ ۾ اختلاف رهيو آهي، ليڪن ان جي دائري ۾ ڪو اختلاف سامهون ڪونہ آيو آهي. البت، چند ليکڪن ’تجنيس تام‘ نسبت جيڪي مثال ڏنا آهن، تن تي سنڌي ٻوليءَ جي مزاج آهر اختلاف رکي سگهجي ٿو: ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ جي لهجن نسبت، لاڙي لهجي ۾ آخري سُر آوازن (Vowels) ۾ بي حسي عام آهي. هيٺ چند نڪتن ۾ حاصل مطلب پيش ڪجي ٿو:

➢ ’تام‘ لفظ جي لغوي معنيٰ ’جاڙو ڄمڻ‘ ۽ ’تاجي پيٽي ٻنهي ۾ سوٽي اُٽڻ‘ آهي، جنهن جي اصطلاحي/ سماجي معنيٰ بيهندي ’شڪل و صورت ۾ هڪجهڙو هجڻ‘.

➢ مختلف ليکڪن وٽ يا لغتن ۾ جيڪا معنيٰ ڏني وئي آهي، سا ڄاڻايل تجنيس سان ٺهڪاءَ ۾ نہ ٿي اچي، بلڪ ڄاڻايل ’ڪامل يا پوري‘ جي معنيٰ جو بنياد ڪنهن بہ ئي لفظ مان آهي.

➢ تجنيس ۾ لفظ پيٽ جي صورت ۾ رکيا ويندا آهن، ’تجنيس تام‘ ۾ اهڙا ٻہ يا وڌيڪ ڪم آندل ساڳي صورتخطيءَ وارا لفظ، جن جون معنائون مختلف بيهن.

➢ ’تجنيس تام‘ پٽاندر هوبهو ساڳيا لفظ ’زيرن- زبرن‘ سوڌو ڪم آندا ويندا آهن، جيڪڏهن زيرن زبرن، خاص طور آخري سُر آواز (Vowel) ۾ فرق ٿيندو تہ ان کي ’تجنيس ناقص‘ ۾ سمجهيو ويندو آهي.

➢ مولوي احمد ملاح ’تجنيس حرفيءَ‘ جو شهنشاه سمجهيو ويندو آهي، ان ڪارڻ تجنيس حرفيءَ نسبت ڪافي ان جا مماثلت رکندڙ ’تجنيسون‘ نوٽ ڪيون ويون آهن. ’تجنيس تام‘ بہ تجنيس حرفيءَ جو هڪ جز آهي.

➢ مولوي صاحب جي شاعريءَ ۾ ’تجنيس تام‘ جو ڪافي استعمال ملي ٿو. سندس غزلن، نظمن ۽ ٽيهہ اکريءَ کان علاوه مڪمل غزل بہ ملن ٿا، يعني مڪمل قافيا ۽ رديف بہ تجنيس تام ۾ شامل ٿين

تا. قافين ۾ البت، مقرون ۽ مفروق قافين سبب ان کي ’تجنيس مرڪب‘ جو ٻه مثال چئي سگهجي ٿو.

- مولوي صاحب جي شاعريءَ ۾ جيڪي لفظ نوٽ تي سگهيا آهن، سي هيٺ ڏجن ٿا آهن:
’وارَ‘، ’عهدَ‘، ’دمُ‘، ’گهڙِي‘، ’ويا‘، ’لالَ‘، ’ماسَ‘، ’هنجَ‘، ’شامَ‘، ’جامَ‘، ’وِيرَ‘، ’وَسَ‘، ’پيرَ‘، ’تارِ‘ ۽ ’هارَ‘.
- مڪمل قافين ۾ ’تجنيس تام‘ جي نسبت ’جهٽ پٽ‘، ’پُور‘ ۽ ’پَر‘ ڪم آندا اٿس، جڏهن ته رديف جي صورت ۾ ’ڪَر‘ لفظ ڪم آندو اٿس. (لفظ پُور ۾ آخري اعراب جو فرق رهي ٿو، پر جيئن ته آخري وينجن (Consonant) ساڪن ڪرڻ لاڙي لهجي جي مزاج ۾ شامل آهي، ان ڪارڻ ان غزل جي آخري اعراب نظر انداز ڪندي، ان پوري غزل کي تجنيس تام ۾ سمجهيو ويندو.)

**حوالا/ ذريعا:**


- ام ڪلثوم شاهه ڊاڪٽر (2004) شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهه نگاريءَ جو تحقيقي جائزو. ڪراچي يونيورسٽي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر.
- بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1981) جامع سنڌي لغات. جلد: 2. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- دهلوي، سيد احمد، مولوي [1918] 2002. فرهنگ آصفيه. جلد اول ۽ دوم. لاهور: سنگ ميل پبليڪيشنز.
- رستماڻي ضرار، پروفيسر (2017) ڪليات احمد (مولوي احمد ملاح) ڀاڱو پهريون ۽ ٻيون. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
- عباسي ظفر (2007) سنڌيءَ ۾ شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- فيروزالدين (1979) فيروز اللغات- عربي اردو. لاهور: فيروز سنز لميٽيڊ.
- مرزا، قليچ بيگ (2016) علم عَروض. ڄامشورو: مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي.
- نور الحسن نير، مولوي [1972] 2002. نور اللغات. جلد اول. اسلام آباد: نيشنل بُڪ فائونڊيشن.

ڊاڪٽر قاسم راڄپر

# پروفيسر رام پنجواڻيءَ جون سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ خدمتون

**Abstract:**

The day of 20th November 1911 is written with the golden ink in the history of Sindh as on this day the great poet, singer and educationist Prof. Ram Panjwani was born at Larkana Sindh, in the family of Diwan Prataprai Panjwani, the famous Landlord family of the area. He starts singing and acting during early school age. After completing schooling he joined D.J.Sindh College, Karachi for further studies, where he passed B.A from Bombay Universirty in 1934, and then he joined the college as Lecturer in Sindhi.

Beside the mother tongue, Persian, Hindi, English, Urdu and Punjabi were the other languages well known to him. He not only wrote some very important novels, shrot stories and dramas but acted in many drama and films. After the partition of sub continent his family moved to Bombay and he joined Jai Hind College as the Head of Sindhi department. After retirement he joined Bombay university as the first reader and went on become Head of Sindhi department from 15-06-1974 to 19-11-1976**.** In this paper I have highlited life and work of Prof. Ram Panjwani.

لاڙڪاڻي جي سرزمين کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ اتي اهڙين شخصيتن جنم ورتو آهي، جن سياست، ادب، سماجي خدمتن، فن، طب، قانون، صحافت جهڙن شعبن ۾ ڏيهان ڏيهي ناماچاري حاصل ڪئي آهي. لاڙڪاڻي جي هڪ سڄاڻپ شاهنواز ڀٽي، ذوالفقار علي ڀٽي، بينظير ڀٽو ۽ ايوب کهڙي جهڙن سياستدانن جي ڪري آهي تہ ٻي سڃاڻپ ڪشنچند بيوس، هري دلگير ۽ رام پنجواڻيءَ جهڙن شاعرن، اديبن ۽ فنڪارن جي ڪري بہ آهي.

هند سنڌ جي نامياري اديب، شاعر، راڳي، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ناٽڪ نويس، پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو پورو نالو رام پرتاب راءِ پنجواڻي هو. هن 20 نومبر 1911ع تي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. پاڻ اصل ۾ آهوجا هئا.

هن اسڪولي تعليم اي وي اسڪول لاڙڪاڻي ۾ ورتي ۽ 1929ع ۾ اتان ئي مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري ڪاليجي تعليم لاءِ ڊي. جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو.

رام پنجواڻيءَ کي اسڪولي زماني ۾ ئي ادبي ماحول مليو. هن کي ننڍپڻ ۾ ئي ڪشچند بيوس جھڙي وڏي عالم ۽ شاعر جي صحبت نصيب ٿي. رام پنجواڻيءَ کي ڳائڻ جو شوق ته ننڍپڻ کان ئي هو، پر اڳتي هلي جڏهن هن ڪشنچند بيوس جي برپا ڪيل ناٽڪ منڊلي "چاندڪا اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي" جي ناٽڪن ۾ بهرو ورتي پنهنجي فني زندگيءَ جي شروعات ڪئي. تنهن زماني ۾ ناٽڪن ۾ ڇوڪرين جا ڪردار به ڇوڪرا ادا ڪندا هئا. رام پنجواڻيءَ کي به 'بيوس' ڀھريون ڪردار به 'موهڻي مايا' جو ڏنو. ان ڪردار بابت پاڻ لکي ٿو. "منهنجو پارٽ سائينءَ کي ڏاڍو پسند آيو. پاڻ مون سان محنت به ڪئي هئائين. مون کي شاباس ملي، سائينءَ کي مهتو مليو. "(1)

رام پنجواڻيءَ جي ادبي سکيا ۾ ڪشچند 'بيوس' اهم ڪردار ادا ڪيو. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو اڳتي هلي هن جو قلم هارين، نارين، مظلومن ۽ بي پهچ انسانن لاءِ هليو. اهو چئي سگھجي ٿو ته هوندراج دکايل، هري دلگير ۽ گوبند ڀاٽيا وانگي رام پنجواڻي به 'بيوس اسڪول' جو شاگرد آهي.

ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج يا ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچي، سنڌ ۾ علم، ادب، انجنيئرنگ، قانون، فلسفي، لطيفيات، سنڌي ٻولي، سياست سميت لاتعداد شعبن ۾ اهڙا ته املھ ماڻڪ پيدا ڪيا آهن، جو انهن نه رڳو پنهنجو پر سنڌ جو نالو به روشن ڪيو آهي. رام پنجواڻيءَ جي بنيادي تربيت ته ڪشچند بيوس اسڪول مان ٿي، پر سندس ذهني اوسر ۽ پختگيءَ ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج جو اهم ڪردار رهيو.

هن 1934ع ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان بي. اي. جو امتحان پاس ڪيو ۽ تڏهوڪي پرنسپال بناڻيءَ کيس ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار ٿيڻ جي آڇ ڪئي ۽ هو اهڙيءَ ريت ساڳئي ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ٿي ويو. جتي هو پرنسپال توڙي پروفيسرن جو لاڏلو شاگرد ۽ استاد بڻجي رهيو. هن سريلي آواز وسيلي سيني کي موهي وڌو ۽ ان وقت جي جلسن ۽

ڪاليج جي پروگرامن جو مور هوندو هو. هو ورهاڱي ٿيڻ تائين 11 سال ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار ٿي رهيو.

رام پنجواڻي بهترين مقرر به هو ۽ سندس هڪ تقرير ئي کيس ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ڪرايو. "رام پنجواڻي، ڪاليج ۾ اڃا انٽر پڙهندو هئو، جو هيڪر ٿياسافيڪل هال ۾ 'سچل سرمست جون واديون' تي کيس ليڪچر ڏيڻ جو موقعو مليو. پرنسپال اين.ڊي. ٻٽاڻي، ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي ۽ ٻيا ڪيترا ئي اديب هال ۾ موجود هئا. رام ليڪچر ڏئي پورو ڪيو ته هال ۾ موجود سمورن درشڪن تاڙيون وڄائيندي کيس داد ڏنو. ڀيرو مل مهر چند آڏواڻيءَ سندس پٺي ٺپريندي چيو 'مون کان پوءِ پرنسپال ٻٽاڻيءَ کي سنڌيءَ جو ٽيچر ڳولهڻو نه پوندو'."(2)

سنڌي ناٽڪ جو جنم به ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جي 'سنڌ ڪاليج اميچوئر ڊرئميٽڪ ناٽڪ منڊلي' وسيلي ئي ٿيو هو. ان ڪانسواءِ رابندر ناٿ ٽئگور لٽرري اينڊ ڊرئميٽڪ ڪلب، ڊي. جي. سنڌ ڪاليج لٽرري اينڊ ڊبيٽنگ سوسائٽي، سنڌي ساهت سڀا ۽ ٻيون علمي، ادبي ۽ ڊرئميٽڪ سوسائٽيون ڪاليج ۾ اڳ ئي موجود هيون. هن سنڌ ڪاليج مسلنيءَ ۾ به لکڻ شروع ڪيو. اهڙيءَ ريت کيس لاڙڪاڻي وارو علمي، ادبي ۽ فني ماحول ڪراچيءَ ۾ به ملي ويو.

سنڌي ادب ۾ ترقي پسند لاڙا ڊگهي عرصي کان موجود هئا، جنهن جي بنياد تي ڊي.جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جي استادن ۽ شاگردن گڏجي سنڌي ادبي سرڪل جو بنياد وڌو. 'سنڌي ادبي سرڪل' قائم ٿيڻ جي سال بابت به ٽي رايا آهن، ڪجهه ماڻهن ان جي قيام جو سال 1941ع، ڪن 1942ع ته ڪن وري 1943ع ڄاڻايو آهي. سرڪل جي باني مان گوبند مالهيءَ جي آتم ڪٿا جي ٻئي ڀاڱي سنڌڙي منهنجي جندڙيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته سرڪل 1942ع جي پوين مهينن يا 1943ع جي پهرين مهينن ۾ قائم ٿيو. گهڻي ڀاڱي محقق ان راءِ جا آهن ته شيخ اياز 'سنڌي ادبي سرڪل' جي باني مان هڪ آهي. جڏهن ته هو پاڻ لکي ٿو ته "1945ع ۾ مان ۽ منهنجو دوست عبدالرزاق راز ڊي. جي سنڌ ڪاليج ۾ قائم ڪيل 'سنڌي سرڪل' ۾ ويندا هئاسين. جتي مون پنهنجو نظم 'او باغي، او راڄ دروهي، ڀارت ۾ ٻلوي جا باني' پڙهيو هو ته ٻڌندڙ حيران ٿي ويا هئا. اهو نظم پوءِ 'لهرون' جي نالي سان سرڪل جي ڪتاب ۾ ڇپيو هو. پروفيسر رام پنجواڻيءَ اُن کي ڪيئي ڀيرا پنهنجي

منڙي آواز ۾ گهڙي تي ڳاتو هو. انهيءَ سرڪل ۾ منهنجي نارائڻ شيام سان واقفيت ٿي“.(3)

'سنڌي ادبي سرڪل' جي باني ۾ شاگردن مان گوبند مالهي، نارائڻ شيام، ڪيرت ٻاٻاڻي سوڀو گيانچنداڻي، ارجن شاد ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج جي استادن مان ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڊاڪٽر هرو مل سدا رنگاڻي، منگها رام ملڪاڻي، رام پنجواڻي هئا. هن سرڪل طرفان ٻين ادبي سرگرمين کان سواءِ سنڌي ڊراما به اسٽيج ڪيا ويندا هئا. سنڌي ادبي سرڪل استادن ۽ شاگردن جو گڏيل ادبي ۽ ثقافتي محاذ هو، جنهن ترقي پسند سنڌي ادب جي سرجڻ ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو.

**لکڻ جي شروعات:**

رام پنجواڻي گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو، هو هڪ ئي وقت استاد، راڳي، موسيقار، اداڪار، هدايتڪار، ناٽڪ نويس، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس هو. هن لکڻ جي شروعات مضمون نگاريءَ کان ڪئي. سندس پهريون ڪتاب 'سائين ولايت راءِ جو جيون چرتر' 1937ع ۾ لاڙڪاڻي مان ڇپجي پڌرو ٿيو. تڏهن هو ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جي سنڌي شعبي ۾ استاد هو. ان کان پوءِ هن سر هالڪين جو لکيل هڪ انگريزي ناول Eternal city سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. جيڪو 1939ع ۾ شايع ٿيو. ورهاڱي بعد ان ناول جا به ڇاپا هندستان ۾ به شايع ٿيا.

**ناٽڪ نويسي:**

شاعرن جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو مطالعو ڪجي ٿو ته ان ۾ اهي سموريون خوبيون ۽ عنصر نظر اچن ٿا، جيڪي ارسطوءَ الميي (ڊرامي) لاءِ لازمي قرار ڏنا آهن. شاهه جي تمثيلي شاعريءَ ۾ جڏهن شاهه جي سورمين ۽ سورمن، سسئي پنهون، سهڻي ميهار، ليلا چنيسر، مومل راڻي، عمر مارئي، نوري ڄام تماچي، سورٺ راءِ ڏياچ، مورڙي (سُر گهاتو) ۽ امام حسين (سُر ڪيڏاري) تي غور ڪجي ٿو ته انهن ۾ ارسطوءَ واري قديم ڊرامي جا مڙئي عنصر ملن ٿا، جيڪي هن بوطيقا (Poetics) ۾ ٻڌايا آهن.

"شاهه جي شاعريءَ ۾ نه رڳو قديم پر جديد ڊرامي جا به سمورا عنصر ملن ٿا. شاهه جي تمثيلي شاعريءَ ۾ پلاٽ، مرڪزي خيال، ڪردار ۽

سيرت نگاري، مڪالما، تسلسل ۽ ڪشمڪش، ٽڪراءُ ۽ انجام جو ٻه پورو پورو خيال رکيل نظر اچي ٿو. شاهه جي شاعريءَ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه اهي ڊرامائي اهڃاڻ، اصول ۽ عنصر ڪتان اُڌارا نه ورتا آهن، پر هن اهي اصول ۽ عنصر پاڻ تخليق ڪيا آهن."(4)

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ناٽڪ جي پهريون ڀيرو نشاندهي ڊاڪٽر هوتچندگربخشاڻيءَ ڪئي هئي. هن شيڪسپيئر جي ناٽڪن جي حوالي سان شاهه جي سورمين ۽ سورمن جي ڪردار نگاريءَ کي ناٽڪي ڪونيو آهي. ڊاڪٽرگربخشاڻي شاهه جي شاعريءَ جي ناٽڪي رخ جي نشاندهي ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهائڻ دوران پنهنجي تقريرن، مضمونن ۽ مقالن ۾ ڪئي هئي.

شاهه جي شاعريءَ جي بنياد تي سنڌيءَ ۾ لوڪ ناٽڪ لکڻ جي پختي روايت سدا حيات پروفيسر رام پنجواڻيءَ وڌي. هن 1941ع ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج جي پرنسپال ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي چوڻ تي ڪاليج جي غريب شاگردن جي مالي سهائتا لاءِ هڪ ناٽڪ 'مومل راڻو' هڪ هفتي اندر لکي اسٽيج تي آندو، جنهن جون هدايتون ڪاليج جي استادن هيرانند ۽ منگهارام ملڪاڻيءَ ڏنيون. هن ناٽڪ ۾ مومل جو ڪردار ڪاليج جي شاگردياڻي مئنا واسواڻيءَ ادا ڪيو هو، جنهن شاهه جا بيت ۽ وايون سُريلي آواز ۾ ڳايون. راڻي جو ڪردار ڪملا ڪرپلاڻيءَ مرداڻي انداز ۾ ڪيو. رام پنجواڻيءَ شاهه جي شاعريءَ جي روشنيءَ ۾ ٻيو ناٽڪ لوڪ داستان عمر مارئيءَ تي 'پکي ۽ پدمڻي' جي نالي سان لکيو. جيڪو 1943ع ۾ ڪاليج جي شاگردياڻين پنجواڻي صاحب جي "سنڌي ادبي سرڪل" جي پليٽ فارم تان سنڌس ئي هدايتڪاريءَ ۾ڪري ڏيکاريو. هن ناٽڪ ۾ رام پنجواڻيءَ ڀڳت جي روپ ۾ ڀٽائيءَ جي شاعري موهيندڙ انداز ۾ ڳائي هئي.

ورهاڱي تائين هو شاهه جي شاعريءَ ۾ آيل سٽن لوڪ داستانن مان ٻن 'داستانن عمر مارئي' ۽ 'مومل راڻي' تي ناٽڪ لکي سگهيو. جڏهن ته باقي لوڪ داستانن 'سهڻي ميهار'، 'سسئي پنهون'، 'ليلا چنيسر'، 'نوري ڄام تماچي' ۽ 'سورٺ راءِ ڏياچ' تي هن ورهاڱي بعد هندستان ۾ وڃي لکيا. جيڪي اڳتي هلي 'سنڌي سرڪل' جي هند ڪاليج بمبئي پاران اسٽيج به ڪيا ويا. اهي سمورا ناٽڪ 'سنڌ جون ست ڪهاڻيون' جي سري هيٺ 1987ع

۾ سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، الهاس نگر پاران ڪتابي صورت ۾ شايع پڻ ٿيا. جنهن جو مرتب ڊاڪٽر بلديو متلاڻي آهي. ان مجموعي ۾ هڪ وڏو ناٽڪ 'مومل راڻو' ۽ باقي ڇهه ايڪانڪيون آهن.

پنجواڻي صاحب 1968ع ۾ گجراتي ناٽڪ نويس پرڀو جوشيءَ جي ناٽڪ 'پتا ني جوڙ' کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو 'ياد ڪندا' جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو.

سندس اصلوڪن ناٽڪن جو ٻيومجموعو 'آيو نئون زمانو' 1978ع ۾ پارت جيون ساهتيہ منڊل، بمبئيءَ پاران شايع ٿيو. 'آيو نئون زمانو' طنز ۽ مزاح سان ڀرپور وڏو ناٽڪ آهي. جڏهن تہ سندس ٻين ناٽڪن ۾ جوت جڳندي رهي، سماج شيوڪ، رشتا ناتا، ڏس ڪو ڏانءُ (سدا حيات ڀڳت ڪنور رام جي حياتيءَ تي)، توبهہ جو ترهو، هيمون (هيمون ڪالاڻيءَ جي حياتيءَ تي)، اوپرا اولهہ، شل ڇورا اڇن، مائٽي ۽ چڪر آهن. سندس سمورا ناٽڪ نہ رڳو اسٽيج تي آيا پر ڪتابي صورت ۾ بہ شايع ٿيا. هو نہ صرف ناٽڪ نويس هو، پر بهترين اداڪار ۽ هدايتڪار بہ هو، هن لاتعداد ناٽڪن ۾ اداڪاري ڪئي ۽ هدايتون بہ ڏنيون.

رام پنجواڻي صاحب سر ايڊون آرنلڊ جي شاهڪار ناٽڪ Light of 'Asia' کي تياڳ ۽ مڪتي جي نالي سان سنڌي ويس ڍڪايو، جيڪو 1978ع ۾ پڌرو ٿيو. هن تہ فصلي ناٽڪ کي رام پنجواڻيءَ پنهنجو ناٽڪ ڄاڻايو آهي. سندس چوڻ آهي تہ هن ڪجهہ انگريز ناٽڪن کان متاثر ٿي اهو ناٽڪ لکيو آهي. هي هڪ ڊرمي ناٽڪ آهي.

**رام پنجواڻيءَ جي خاندان تي ورهاڱي جو اثر:**

رام پنجواڻيءَ جو تعلق لاڙڪاڻي جي سڪئي ستابي عامل خاندان سان هو. سندس والد ۽ ڀائر لاڙڪاڻي ۾ ڪاروبار ڪندا هئا، 1945ع ڌاري رام پنجواڻيءَ جي ڀاءُ آنند ميهڙ شهر ۾ هڪ سئنيما هال تعمير ڪرايو، ٻن سالن جي اڏاوتي ڪم کان پوءِ سئنيما هال ۾ ڪرسيون، پروجيڪٽر ۽ ٻيو سامان لڳي چڪو تہ مٿان ورهاڱو ٿي ويو. سئنيما جي مهورت جو اعلان بہ ڪيو ويو پر هندستان آيل پناهگيرن سئنيما هال تي قبضو ڪيو. هنن دادو جي ڊپٽي ڪليڪٽر وٽ گهڻو ئي دانهيو پر سئنيما هال ڪيس واپس نہ ملي سگهيو. جنهن ڪري ڀئي ڀائر نا اميد ٿي والد سان گڏجي 1948ع ۾ لڏپلاڻ ڪري هندستان هليا ويا.

هندستان ۾ هو پهرئين پنهنجي چاچي خوبچند پنجواڻيءَ وٽ بمبئيءَ پرسان ڪلياڻ اسٽيشن لڳ چاچي ڪي مليل ريلوي ڪوارٽر ۾ اچي رهيا. ڪلياڻ ڪئمپ ۽ بمبئيءَ وچ ۾ سفر ڪندي رام پنجواڻي ٿڪجي پيو ته هو بمبئيءَ ۾ ماهيم اسٽيشن لڳ قريشي منزل ۾ اچي رهيو.

ورهاڱي ڪان پوءِ جڏهن هند ۾ تاريخ جي حادثي هيٺ بي وطن ٿيل سنڌين ۾ ان خيال جنم ورتو ته شايد هو قوم طور زنده رهي نه سگهندا، ان نا اميديءَ واري ماحول ۾ 'گهڙو' ڪٿي وستي وستي سنڌيت جا گيت ڳائي سنڌيت جي جوت جلائيندو رهيو. ڳائڻ وقت 'گهڙي' ۾ جيڪي به پيسا پوندا هئا، اهي هو اتان جي منتظمين کي ڏئي چوندو هو ته اهي سنڌي جاتيءَ جي ڀلي لاءِ ڪم آڻيو. هن هڙان وڙان ڏئي بي وطن بڻايل سنڌين جي مدد ڪئي. اڳتي هلي اهو 'گهڙو' سنڌس سڃاڻپ بڻجي ويو ۽ هو 'مٽڪي وارو پروفيسر' جي نالي سان مشهور ٿيو.

**هند ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جو تسلسل:**

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ ٻن واقعن صدين کان قائم سنڌ جي صوفي سڃاڻپ کي سخت نقصان رسايو، انهن ۾ هڪ واقعو مسجد منزل گاهه ۽ ٻيو ڀڳت ڪنور رام جي شهادت. انهن ٻن واقعن تي ٻنهي مذهبي ڌرين در گذر ۽ وسيع نظريءَ جو مظاهرو نه ڪيو، جنهن جي ڪري صدين کان قائم ڀائيچاري کي سخت ڌڪو رسيو. جڏهن ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جا آثار چٽا ٿيڻ لڳا ته ڊي. جي. سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ جو انتظام هلائيندڙ 'سنڌ ايڊيوڪيشنسٽس ايسوسئيشن' طرفان ايسوسئيشن جي صدر ٽيڪمنداس واڌواڻي، پرنسپال ٽي. ايم. آڏواڻي، رام پنجواڻي ۽ ٻين بمبئيءَ جو دورو ڪري ڊي.جي. سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ جهڙو ڪاليج بمبئيءَ ۾ کولڻ جي رٿا جوڙي، جيئن ورهاڱي جي صورت ۾ سنڌي شاگردن جي تعليم جو بندوبست ڪري سگهجي، پر ورهاڱي ڪان اڳ سنڌن اها رٿا عملي صورت اختيار نه ڪري سگهي.

رام پنجواڻيءَ بمبئيءَ جي دوري دوران مهاتما گانڌيءَ سان نه رڳو ملاقات ڪئي پر سنڌس آڏو 'گهڙي' تي پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڳايو. "هڪ پرارٿنا ميڙ ۾ مهاتما گانڌيءَ ڪيس پنهنجي مادري زبان ۾ ڳائڻ جي صلاح ڏني. مهاتما گانڌيءَ نه صرف مادري زبان م ڳائڻ جي صلاح ڏني، پر

اهو پڻ چيائين تہ هر هڪ ٻار کي پنهنجي مادر ڀاشا (ٻوليءَ) ۾ ئي سکيا ملڻ کپي."(5)

ورهاڱي کان ستت پوءِ 1948ع ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ جو انتظام هلائيندڙ 'سنڌ ايڊيو ڪيشنسٽس ايسوسئيشن' طرفان ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جو پرنسپال ٽي. ايم. آڏواڻي، نهالچند همتسنگهاڻي، ٽي.جي. خوبچنداڻي، سنمکداس ايسراڻي، رام پنجواڻي ۽ ٻين گڏجي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ جهڙو ڪاليج قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون، سخت ڪشالا ڪڍڻ کان پوءِ ڪين تڏهوڪي روينيو وزير مرار جي ڊيسائي بمبئيءَ ۾ هڪ وسيع پلاٽ ڏنو. جتي اڄ جو هند ڪاليج آهي، ان جو شمار هندستان جي چند ڳاڻ ڳڻين ڪاليجن ۾ ٿئي ٿو.

"جيستائين نئين عمارت تعمير تيار ٿئي، ان کان اڳ ئي 1948ع ۾ هنن سرڪار کان جئہ هند ڪاليج جي منظوري وٺي ايلفنسٽن ڪاليج، بمبئيءَ ۾ ريگيولر ڪاليج پوري ٿيڻ کان پوءِ صرف ٻہ ڪمرا مسواڙ تي وٺي عارضي طور شاگردن جون داخلائون ڪري پنهنجي ڪاليج جو آغاز ڪري ڇڏيو... عارضي طور جئہ هند ڪاليج شروع ٿيڻ سان ئي رام پنجواڻي پڻ سنڌي وشيہ (مضمون) پاڙهڻ لاءِ اتي ليڪچرار طور پنهنجون شيوائون (خدمتون) ڏيڻ شروع ڪيون."(6)

اهڙيءَ ريت ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچي، نئين نالي جئہ هند ڪاليج جي نالي سان نئون جنم ورتو. پنجواڻي صاحب ڪاليج جي سالياني پروگرام ۾ سنڌي ثقافت ۽ ٻوليءَ کي هٿ وٺرائڻ لاءِ سنڌي ناٽڪ ۽ ڪلام پيش ڪرڻ بہ شروع ڪيا. ان مقصد لاءِ هن ڊي.جي.سنڌ ڪاليج واري ساڳئي 'سنڌي سرڪل' اتي بہ قائم ڪري ڇڏي. جنهن ۾ ڪاليج جي سنڌي شاگردن کي اڳتي آڻيندو هو. هن پنهنجا ناٽڪ 'سنڌي سرڪل' پاران اسٽيج تي آندا جيڪي بيحد مقبول ٿيا.

رام پنجواڻي جئہ هند ڪاليج مان 30 نومبر 1971ع تي رٽائيمنٽ ورتي ۽ جڏهن بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌيءَ جو شعبو کليو تہ هو 15 جون 1974ع تي اُتي ريڊر ۽ هيڊ طور مقرر ٿيو. هو بمبئي يونيورسٽيءَ جي بورڊ آف اسٽڊيز ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل جو ميمبر بہ رهيو. هو يونيورسٽيءَ مان 65 سالن جي ڄمار ۾ 30 نومبر 1976ع تي رٽائر ٿيو. هن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڪيترن ئي سنڌين کي سنڌيءَ ۾ بي. اي، ايم. اي ۽ ايم.فل ڪرائي. هو

انتهائي شفيق استاد ۽ محقق طور شاگردن ۾ مقبول رهيو. اڳتي هلي سنڌي شعبي جو سربراھ ٿيندڙ ڊاڪٽر ٻلديو متلاڻي سندس شفقت ۽ ٻوليءَ سان چاھ جو هڪ واقعو لکي ٿو:

"اسان جا ايم.فل. (سنڌيءَ) جا ڪلاس ڊاڪٽر ارجن شاد کان سواءِ رام پنجواڻي ۽ ڊاڪٽر ديال آشا پڻ وٺندا هئا..........رام پنجواڻي، جيئن ته ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ لاءِ منهنجي رغبت کان واقف هئو؛ ان لاءِ هن پاڻ ئي مون کي'سچل جون واديون' وارو ٽائيٽل ڏنو.......مون کي جون 1985ع اندر پنهنجو مقالو يونيورسٽيءَ ۾ داخل ڪرائڻو هئو؛ پر اپريل-مئي ڌاري دادا رام پنجواڻيءَ جي طبيعت ڪجھ ناساز ٿي پيئي ته کيس جسلوڪ هاسپيٽل ۾ داخل ٿيڻو پيو. گوپ روپچنداڻي ۽ مان اُتي سندس خير و عافيت ڪرڻ وياسين ته هو ڪافي سرهو لڳي رهيو هئو. مون موقعو مهل ڏسي ڪري پنجواڻي صاحب سان پنهنجي ايم.فل. لاءِ راهنمائيءَ جي ڳالھ ڪئي. هن ٻه خوشيءَ وچان چيو، ته جيڪڏهن ڪجھ ٻه آندو اٿيئي ته پل هتي ئي مون کي پڙهي ٻڌاءِ! ... مون ٻه ٿورو گهڻو ڪم جيڪو آندو هئو؛ اُهو جيئن ئي ٻاهر ڪييو ته پنجواڻي صاحب چيو، ته تون پڙهندو وڃ، جتي ٻه ضروري هوندو ته مان ان جي تصحيح ڪرائيندس. منهنجي دل ته ايڏو خوش ٿي ويئي جو جيسين ڪيل ڪم لاءِ پنهنجي گائيڊ جي رضامندي نه پئي ملي ته ڪم اڳتي نه پئي هلي سگهيو! ان طرح جون 1985ع ۾ مقرر وقت اندر ئي مون پنهنجو مقالو سنڌي شعبي ۾ داخل ڪرايو. ۽ ڪجھ ئي مهينن ۾ سائينءَ جي مهر سان جڏهن ممبئي يونيورسٽيءَ طرفان رزلٽ ڊڪليئر ڪيو ويو ته مون کي جون 1985ع کان ئي ايم.فل. جي ڊگري ڏني ويئي! "(7)

رام پنجواڻي ممبئي يونيورسٽيءَ مان رٽائرمينٽ وٺڻ کان پوءِ حيدرآباد سنڌ نيشنل ڪاليجيٽ بورڊ طرفان مئنيجمينٽ جي صدر بئريسٽر هوتچند آڏواڻيءَ کيس پنهنجي ڪاليجن ۾ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت کي ترقي وٺرائڻ لاءِ 'جسٽس ايڇ. ڪي. چئناڻي چيئر فار ڪلچرل ائڪٽوٽيز ۽ ڊرئميٽڪس' مقرر ڪيو، ان سان گڏ هو جئه هند ڪاليج جي 'سنڌ ايڊيوڪيشنسٽس ايسوسيئيشن' جو ميمبر پڻ مقرر ڪيو ويو، جتي هو مرڻ گهڙيءَ تائين سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪم ڪندو رهيو.

**سنڌيت جو سفير:**

ڪنهن بہ قوم کي يڪجاءِ ڪرڻ لاءِ مذهب، ٻولي ۽ ثقافت سڀ کان اهم آهن. ان خيال کي سامهون رکندي رام پنجواڻي 'سنڌي ٻولي امر رهي' جي نعري سان گڏ هڪ ٻيو وڏو ڪارنامو سر انجام ڏنو. هن اڏيري لال کي 'جهولي لال' جي حيثيت ۾ سنڌي جاتيءَ جي قومي اهڃاڻ جي مجتا ڏياري ۽ ائين هر سال 'جهولي لال' جي ميلي جي موقعي 'چيٽي چنڊ جوڏينهن' سڄي دُنيا ۾ سنڌي، قومي ڏينهن ڪري ملهائيندا آهن.

هن ٻولي، ثقافت ۽ مذهب کي هڪ هنڌ گڏ ڪري نہ رڳو هند پر دنيا جي ٻين ملڪن ۾ بہ سنڌيت جي سفارت شروع ڪئي ۽ اڳتي هلي ڪيس سنڌيت جو سفير ۽ سنڌي ثقافت جو سفير بہ ڪوٺيو ويو. ورهاڱي سبب دربدريءَ جي زندگي گهاريندڙ سنڌين کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي ساٿين چتا مل ڀڳت، ايسر ساپرو، ايشور جاگيردار، ڪنعيا لال وائلن ماسٽر، وينسي مل، آسن ميراڻيءَ سان گڏجي سنڌين جي ڪئمپن ۽ ڪالونين ۾ وڃي 'آيو لال جهولي لال' ڪلام ڳائي، هند جي سنڌين کي ڳنڍي ڇڏيو. هو نہ رڳو هندستان جي سنڌين کي گڏ ڪرڻ لاءِ الڳ الڳ شهرن ۾ ويو پر ڪيترن ئي پرڏيهي سنڌين سان واقفيت هئڻ سبب ڏورانهن ملڪن ۾ وڃي، سنڌيت جي جوت جلائي. هو 1968ع ڌاري ٿائليند، هانگ ڪانگ ۽ جپان ويو. جتي هن 'سنڌيت جو سفير' جي حيثيت ۾ نہ رڳو ڳايو پر جاتيءَ جي پروگرامن ۾ سنڌيت جي ڦهلاءَ لاءِ ليڪچر بہ ڏنا تہ تقريرون بہ ڪيون. ان کان پوءِ ڪيس سنڌيت، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت جو سفير ڪري ليکيو ويو.

**سنڌي ٻولي تسليمي تحريڪ:**

سنڌي ٻوليءَ جي گهڻ گهُرن سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت ۾ زنده رکڻ ۽ اتان جي آئين ۾ مڃتا ڏيارڻ لاءِ پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ جڏهن تحريڪ هلائي تہ ان ۾ رام پنجواڻيءَ جو بہ اهم ڪردار هو.

"1963ع ۾ 'اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا' طرفان ڇهون اکل ڀارت سنڌي سميلن جيپور ۾ ٿيو، جتي رام پنجواڻيءَ جي صدارت هيٺ سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ ئي عربي لپي هلائڻ لاءِ يڪراءِ ٺهراءُ بحال ڪيو ويو. ان ئي سميلن ۾ 'سڀا' جو پريزيڊنٽ بہ رام پنجواڻيءَ کي ئي مقرر ڪيو

ويو، پر بعد ۾ ڪانگريس جي پوئلڳ ديوناگريءَ لپيءَ جي حامين وٺي واويلا ڪئي تہ رام پنجواڻي پريشان ٿي ويو ۽ هر طبقي جي سنڌين کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪين چيو تہ نهراءَ واري 'ٿي' لفظ ڏانهن هن جو ڌيان ئي ڪو نہ ويو هئو."(8)

سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ واري معاملي تي خاموش رهڻ جي باوجود هو سنڌي ٻوليءَ کي هندستان جي آئين ۾ قومي ٻوليءَ جي حيثيت ڏيڻ لاءِ هلايل 'سنڌي ٻولي تسليمي تحريڪ' ۾ سرگرم رهيو. هن مهاتما گانڌي ۽ جواهر لعل نهروءَ جي آڏو ڳائي داد حاصل ڪيو، پر جڏهن اندرا گانڌي پهريون ڀيرو وزيراعظم ٿي تہ ان جي آڏو بہ نہ رڳو ڳائي داد حاصل ڪيائين، پر ڳائيندي ڳائيندي ڪيس گذارش ڪيائين تہ سنڌي ٻوليءَ کي هندستان جي آئين ۾ مڃتا ڏني وڃي. ان مقصد لاءِ هندستان جي سنڌين ڏکي جدوجهد ڪئي. ان ڏس ۾ جوڙيل 'سنڌي ٻولي سڀا' جي ورڪنگ ڪميٽيءَ ۾ ٻين سان گڏ ايل. ايچ. اجواڻي، گوبند مالهي ۽ رام پنجواڻي بہ شامل هئا، ڪين سنڌي ٻولي تسليمي تحريڪ جي ٿمورتي بہ سڏيو ويو.

لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي، لال سنگ اجواڻي، حشو ڪيولراماڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، اي. جي. اتم، رام ڄيٺملاڻي، نارائڻ شيام، ڪرشن ڪرپلاڻي، منگها رام ملڪاڻي، ڌرمداس ڪشتريا، ٺهلام آزاد، تيرٿ بسنت، ڊاڪٽر هرو مل سدا رنگاڻي، جيون گرسهاڻي، پروفيسر پوهراڄ ناگراڻي، ڪرشن کٽواڻي، واسديو نرمل، شيام ڀاڳيا، ڪيئو سيناڻي، ناري گرسهاڻي، پوپٽي هيراننداڻي، ڪرشن راهي، رام پنجواڻي، لڇمڻ ڪومل، ڊاڪٽر موتي پرڪاش ۽ ٻين هزارين عالمن، اديبن، فنڪارن، بزرگن ۽ نوجوانن جي جدوجهد سان سنڌي ٻوليءَ کي 10 اپريل 1967ع تي پارتي آئين جي اٺين شيڊيول ۾ شامل ڪري هندستان جي قومي ٻوليءَ طور تسليم ڪيو ويو.

**ناول نويسي:**

رام پنجواڻي هڪ ئي وقت شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ناٽڪ نويس، مضمون نگار ۽ نقاد رهيو. هن ادب جي مٿئين صنفن ۾ لکي پاڻ کي سنڌي ادب جي اهم ليکڪ طور مڃايو. هو گهڻ رخي شخصيت هو ۽ سندس هر رخ مڪمل هو. ورهاڱي کان پهرين ۽ سنڌي ادبي سنگت جي

قيام کان اڳ جڏهن ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي رهبريءَ ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي سرڪل قائم ٿيو ته ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي ان جو صدر ۽ رام پنجواڻيءَ کي نائب صدر بڻايو ويو ۽ شيخ عبدالرزاق راز ان سرڪل جو جنرل سيڪريٽري بڻيو، جڏهن ته شيخ اياز سميت ٻيا ناليوارا اديب ان جا ميمبر هئا.

رام پنجواڻي ڪراچي اچڻ کان اڳ لاڙڪاڻي ۾ ئي پاڻ کي سٺي ڪهاڻيڪار طور مڃائي چڪو هو، پر ڊي.جي. سنڌ ڪاليج جي علمي ۽ ادبي ماحول ۾ رهندي سندس سوچ ۾ وسعت آئي. هن ڪهاڻين ۽ ناٽڪن کان پوءِ ناول لکڻ شروع ڪيو. سندس پهريون ناول 'قيدي' ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ پڙهائڻ دوران پارت جيون ساهتيہ منڊل حيدرآباد، پاران شايع ڪيو ويو. ان ناول جو پهريون ڇاپو هڪ سال اندر وڪامي ويو ته ان جو ٻيو ڇاپو 1944ع ۾ پڌرو ٿيو. جڏهن ته ورهاڱي کان پوءِ ٻه ان ناول جا ٻه ڇاپا هندستان ۾ 1970ع ۽ 1980ع ۾ پڌرا ٿيا. 'قيدي' هڪ ٽڪنبو رومانوي ناول آهي. هي ناول پڙهڻ کان پوءِ محسوس ڪري سگهجي ٿو ته رام پنجواڻي ترقي پسند ادبي تحريڪ کي ڪيترو ويجهو هو. هي ناول ترقي پسند سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿو.

رام پنجواڻيءَ جو ٻيو ناول 'شرميلا' پڻ 1944ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ئي پڌرو ٿيو، جنهن جو ٻيو ڇاپو 1962ع ۾ بمبئيءَ مان شايع ٿيو. هي ناول ٻه مڪمل رومانوي آهي. "رام پنجواڻيءَ طرفان لکيل 'ٻه اکر' موجب ته هُن ڪا انگريزي آکاڻي پڙهي هئي، جنهن لاءِ پڻ چيو اٿائين ته ڪيس ان جو عنوان ياد نه ٿو اچي، ان جي رٿا ڪيس ايترو ته وڻي جو ٻه سال پوءِ ان آکاڻيءَ جي اوٽ تي هُن 'شرميلا' تحرير ڪيو. هو زور ڏيندي لکي ٿو ته شرميلا ترجمو نه آهي."(9)

سندس ٽيون ناول 'لطيفا' آهي، ان جو پهريون ڇاپو 1945ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ۽ ٻيون ڇاپو 1981ع ۾ بمبئيءَ ۾ پڌرو ٿيو. هن ناول جو موضوع سماجي حقيقت نگاريءَ تي مبني آهي. جنهن جو مکيہ ڪردار هڪ نياڻي 'لطيفا' آهي. "رام پنجواڻيءَ 'لطيفا' ناول جي پلاٽ جي گهڙت ۾ سنڌ جي ڪجهہ زميندارن جو ٻيجاءِ ٻين تي ظلم ۽ قهر ڏيکارڻ سان گڏوگڏ وياج خور هندو واڻين جا پڻ چلتر لاٿا آهن."(10)

پروفيسر پنجواڻيءَ جو چوٿون ناول 'اسان جو گهر' 1946ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيو. "اسان جو گهر، ناول در اصل پرٿوي راج جي اسٽيج ناٽڪ 'ديوار' کان متاثر ٿي تحرير ڪيل آهي. جيڪو اهڃاڻي طور انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ وسيلي ڀارت ۾ داخل ٿيڻ ۽ اڳتي هلي سڄو سنئون پنهنجي حڪومت قائم ڪرڻ ڏانهن اشارو ڪري ٿو، ڪجهه واقعا جليانوالا جي دڪدائڪ واقعي ڏانهن پڻ اشارو ڪن ٿا."(11)

رام پنجواڻيءَ جو پنجون ناول 'چانديءَ جو چمڪو" آهي، جيڪو جولاءِ 1947ع ۾ ڪراچيءَ ۾ شايع ٿيو. هن ناٽڪ جو موضوع پڻ نندي ڪنڌ تي انگريزن جي قبضي ۽ آزاديءَ واري هلچل آهي. سنڌ ۾ لکيل ۽ شايع ٿيل سندس هي آخري ناول آهي.

پنجواڻي صاحب جو ڇهون ناول 'زندگي يا موت' سيپٽمبر 1952ع ۾ ماهوار رسالي ڀارت جيوت ۾ شايع ٿيو. هن ناول جو پلاٽ ورهاڱي جي نتيجي ۾ لڏپلاڻ ڪري آيل هندو سنڌين جي تڪليفن تي مبني آهي. ورهاڱي بعد هندستان ۾ لکيل سندس هي پهريون ناول آهي. رام پنجواڻيءَ جو ستون ناول 'آهي نه آهي' ڀارت جيوت ساهتيه منڊل، بمبئيءَ پاران پهريون ڀيرو 1955ع ۾ ۽ ٻيون ڀيرو اسٽيٽ بئنڪ اسٽاف سنڌي سڀا بمبئيءَ پاران 1981ع ۾ شايع ٿيو. هن ناول هڪ راڳيءَ جي حياتي ۽ فن کي بنياد بڻائي لکيو ويو آهي. رام صاحب جو اٺون ناول 'مايا جو موهه' (ڏيئر نه چمن) آهي، جنهن جو پهريون ڇاپو 1957ع ۾ ۽ ٻيو ڇاپو 1980ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول به لڏپلاڻ ڪري ڪلياڻ ڪئمپ آيل هڪ سنڌي ريلوي ملازم جي ڪهاڻيءَ تي مشتمل آهي. اهڙيءَ ريت رام پنجواڻيءَ جي 8 ناولن مان 6 سنڌ ۾ ۽ 2 هند ۾ شايع ٿيا. سندس سمورن ناولن جا پلاٽ حقيقي واقعن تي مشتمل آهن.

**ڪهاڻيڪار:**

رام پنجواڻي گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو، هو انهن ڪجهه ماڻهن مان هو، جيڪي پنهنجي حياتيءَ جي هر رخ ۾ هڪ جيترا ڪامياب ٿيندا آهن. هو بهترين ڪهاڻيڪار به هو. هن ڪهاڻين لکڻ جي شروعات به سنڌ ۾ ڪئي. لاڙڪاڻي کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ به کيس مڪمل ادبي ماحول مليو. هن شاهه سائين جي ڪلام ۾ آيل ستن ئي سورمين کي ڪهاڻين توڙي ناٽڪن جو روپ ڏنو آهي. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو شمارو 'سنڌ جون ست ڪهاڻيون' جي سري هيٺ 1952ع ۾ بمبئيءَ ۾ شايع

ٿيو. ساڳين ئي ڪهاڻين کي هن ناٽڪن جو روپ ٻه ڏنو، جيڪي 'ست رنگ' جي سري هيٺ شايع ٿيا. انهن مان گهڻي ڀاڱي مواد هن سنڌ ۾ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ نوڪريءَ واري زماني ۾ ئي لکيو هو.

پنجواڻي صاحب جي ڪهاڻين جو ٻيو مجموعو 'عجيب آکاڻيون' پهريون ڀيرو 1960ع ۽ ٻيو ڀيرو 1966ع ۾ بمبئيءَ مان پڌرو ٿيو. هن مجموعي ۾ سندس 10 ڪهاڻيون شامل آهن. هن پنهنجي اوسي پاسي جيڪي ڏٺو بس ڪردارن جا نالا تبديل ڪري انهن کي ڪهاڻين جو روپ ڏنو. هن مجموعي ۾ آيل ڪهاڻيون گهڻي ڀاڱي سنڌ ۾ سندس مشاهدي ۾ آيل واقعن تي ٻڌل آهن.

سندس ڪهاڻين جو ٽيون مجموعو 'انوکا آزمودا' 1962ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ 16 ڪهاڻيون شامل آهن. هن مجموعي جي ڪهاڻين جا پلاٽ ٻه گهڻي ڀاڱي سنڌ ۽ هند ۾ پيش آيل واقعن تي مبني آهن. هن مجموعي جا هند ۾ ٽي ڇاپا پڌرا ٿي چڪا آهن.

رام پنجواڻيءَ جي ڪهاڻين جو چوٿون مجموعو'تنهنجا منهنجا تجربا' پهريون ڀيرو 1976ع ۾ ۽ ٻيون ڇاپو 1983ع ۾ پڌرو ٿيو. جنهن ۾ 19 ڪهاڻيون ڏنل آهن، جن بابت ليکڪ جي دعويٰ آهي ته سموريون رچنائون حقيقت تي مبني آهن. صرف ڪٿي ڪٿي ضرورت موجب ڪجهه نالا بدلايا ويا آهن. هن مجموعي ۾ آيل ڪهاڻين جا واقعا سنڌ ۾ توڙي سنڌ مان لڏپلاڻ ڪري ويل سنڌين جي زندگيءَ تي مشتمل آهن. ليکڪ ذاتي تجربي ۽ مشاهدي جي بنياد تي ڪهاڻين جو روپ ڏنو آهي.

پروفيسر پنجواڻيءَ جي ڪهاڻين جو پنجون مجموعو 'وچتر واقعا' ٻه هندستان ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ 13 حقيقي واقعن تان ورتل ڪهاڻيون شامل آهن، اهي واقعي گهڻي ڀاڱي سنڌ ۾ سندس سامهون پيش آيا، هن انهن واقعن جي اپٽار ٻه ڪئي آهي ته اهي ڪيئن ۽ ڪٿي پيش آيا. هي ڪهاڻيون حقيقي واقعن سبب ڪهاڻيءَ بدران مضمون واري انداز ۾ بيان ڪيل آهن.

'يادگيريون' سندس ڇهون ڪهاڻي ڪتاب آهي، پر ان کي مضمونن جو مجموعو ٻه شماري سگهجي ٿو، ڇوته هن ان مجموعي ۾ پنهنجي حياتيءَ ۾ پيش آيل واقعن کي ڪهاڻيءَ واري انداز ۾ قلمبند ڪيو آهي. هي مجموعو 1980ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ سنڌ، ڊي.جي. سنڌ ڪاليج، هم ڪلاسي

دوستن، رفيقن، مائٽن ۽ استادن بابت يادگيريون قلمبند ڪيون ويون آهن. هن ڪي سندس آتم ڪٿا به چئي سگهجي ٿو.

**'گهاگهر' وڄائڻ جو پس منظر:**

رام پنجواڻي ڳائڻ جي شروعات اي.وي. اسڪول لاڙڪاڻي ۾ پرائمري پڙهڻ دوران ڪئي. اسڪول ۾ راڳ جي ڇٽا پيٽي ٿي ته سنگيت جي ٽيچر شيوا رام ياوناڻيءَ جي صلاح تي رام پنجواڻي به زندگيءَ ۾ پهريون دفعو بهرو ورتو. جيتوڻيڪ اتي وڏا وڏا راڳيندڙ هئا، پر سڀ انعام پنجواڻيءَ کي مليا، جنهن سبب سندس روش خنڪي اچي وئي، سو هڪ پيري اسڪول جي استادن ڪيس سڏ ڪري سمجهايو. هيڊ ماستر ديوان ليلا رام ڪيس هڪ پنو هٿ ۾ ڏنو، جنهن ۾ لکيل هو:

ڏڏ تي ڏان گهريج تون چڏ واڃا وڃائي،
سپڙ رات سنباهيا تازي تو لائي،
جو ڄاڻي نہ ڳائي تنهن سان ٻيلي ڏٽي ٻاجھ ڪئي.

"هيڊ ماستر دادا ڪوڏ سنگهہ ڪيس مٿڪي جي معنيٰ سمجهائي چيو تہ، مٽيءَ جو ماڻ وڃي تہ ولائت واسي، پر جي نوڪر لڳيس تہ پل ۾ پرزا ٿي پوي. تون بہ آهين مٽيءَ جو نهيل مٽڪو مٽي کهڙو مان ڪندي."(12)

**مضمون نويس:**

جيئن تہ مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي تہ رام پنجواڻيءَ لکڻ جي شروعات ئي مضمون لکڻ سان ڪئي. ڀارت ۾ سندس مضمونن جو پهريون مجموعو 'سپون' جي نالي سان 1977ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ سندس 10 مضمون شامل آهن. جيڪي گهڻي ڀاڱي سنڌ ۽ سنڌيت بابت آهن.

سندس يادگيرين تي مشتمل مضمونن جو مجموعو 'گڏجاڻيون' 1982ع ۾ پڌرو ٿيو. جنهن ۾ 12 مضمون ڏنل آهن، جيڪي انهن شخصيتن تي لکيل آهن، جن سان رام پنجواڻي ملاقاتون ڪيون، جن ۾ مهاتما گانڌي، جواهر لال نهرو، اندرا گانڌي، ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي، ٽي. ايم. آڏواڻي، نارائڻ ٻناڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڪشنچند بيوس، محمد رفيع، بئريسٽر هوتچند آڏواڻي ۽ ڪوڏڻ نارائڻداس راماڻي شامل آهن.

پنجواڻي صاحب جو انگريزي ٻوليءَ ۾ مضمونن جو ڪتاب Sindh Ain Sindhyat، 1987ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ بہ سنڌ ۽ سنڌيت بابت ڌار ڌار

مضمون شامل آهن. ان کان سواءِ مضمون ادبي گلشن سميت هن سنڌي ڪلاسيڪي ۽ جديد شاعريءَ تي مشتمل ڪيترا انتخاب (Anthologies) ڇپرايون، جن ۾ :(1) سنڌي شعر جو انتخاب 1947ع تائين، (2) چونڊ ڪلام، (3) سنڌ جي سوکڙي، (4) سڪ جي سوغات، (5) چونڪيءَ جا گيت، شامل آهن.

**مترجم:**

ورهاڱي کان اڳ سنڌي ادب ۾ ترجمن جو وڏو زور هو، خاص طور تي يورپ جي وڏن اديبن جي ڪيترن ئي ناٽڪن، ناولن ۽ ڪهاڻين کي سنڌي ويس اوڍايو ويو. رام پنجواڻي به پهريون پيرو سر هالڪين جو انگريزي ناول 'Eternal city'، 'پدما' جي نالي سان ترجمو ڪري 1939ع ۾ سنڌ ۾ پڌرو ڪيو. هن جو ٻيو ترجمو ڪيل ناول 'دوست ڪيئن ڪجن ۽ دليون ڪيئن ڪينچجن' 1955ع ۾ شايع ٿيو، جيڪو ڊيل ڪارينگي جي مشهور ناول جو'How to win friends & influence people' ترجمو آهي. سندس ٽيون ترجمو ٿيل ڪتاب گرو نانڪ ديو، 1969ع ۾ شايع ٿيو، جيڪو اصل ۾ گوپال سنگهه جو لکيل آهي، هن ڪي مضمونن جو ڪتاب ڳٽيو ويو آهي.

**ڳائڻ، اداڪاري ۽ فلمسازي:**

رام پنجواڻي گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو، هن ادب ۽ آرٽ جي ميدان ۾ هڪ جهڙي مقبوليت ماڻي، جتي هن ناٽڪ نويس، ناول نويس، ڪهاڻيڪار، مضمون نويس ۽ مترجم جي حيثيت سان پاڻ مڃايو آهي، اُتي هن راڳ، موسيقي ۽ اداڪاريءَ جي ميدان ۾ پاڻ ملهايو آهي. هن ڳائڻ ۽ اداڪاريءَ جي شروعات لاڙڪاڻي ۾ ڪشنچند بيوس جهڙي عظيم شاعر ۽ ناٽڪ نويس جي سرپرستيءَ هيٺ ڪئي. هو ڊي.جي. ڪاليج ۾ شاگرديءَ واري زماني ۾ ئي پاڻ کي سٺو اداڪار مڃرائي چڪو هو، هن ان دور ۾ بمبئي وڃي، 1936ع ۾ 'بيروزگار' ۽ 1939ع ۾ 'ڇوٽي سي دنيا' فلمن ۾ اداڪاري ڪئي. جڏهن ته هن ورهاڱي بعد ڀارت ۾1955ع ڌاري ٺهيل پهرئين سنڌي فلم 'اباڻا' ۾ نه رڳو اداڪاري ڪئي، پر سندس ڳايل ڪلامن هند سنڌ ۾ وڏي مقبوليت ماڻي. ان کان پوءِ هن سنڌي فلمن 'سنڌوءَ جي ڪناري'، 'جهولي لال'، 'لاڏلي'، 'شل ڌيئر نه ڄمن' (ڪهاڻي ۽ مڪالما) ۽ 'هو جمالو' ۾ به ڪم ڪيو، انهن فلمن ۾ هن جا ڳايل گيت اڄ به ٻڌندڙ دلچسپيءَ سان ٻڌن ٿا. هن هڪ دستاويزي فلم 'ڀڳت ڪنور رام' ۾ پڻ ننڍڙو ڪردار ادا ڪيو هو.

رام پنجواڻيءَ جا پڳونتي ناواڻيءَ سان ڳڏ ڳايل گيت اڄ بہ ماڻهن ڪنن ۾ گونجن ٿا. سندس عظيم ڪارنامو جڳ مشهور راڳي محمد رفيع کان سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳائرائڻ هو. سندس ترتيب ڏنل موسيقيءَ ۾ محمد رفيع 8 سنڌي ڪلام ڳايا، جن ۾ شاعرن جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سائينءَ جا ڪلام بہ شامل آهن.

**سنڌيت جو مرڪز'سيتا سنڌو ڀوَن':** رام پنجواڻيءَ جي زندگيءَ جو هڪ ئي خواب هو تہ هندستان ۾ سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت نہ رڳو قائم رهي پر ترقي بہ ماڻي. هن بمبئيءَ ۾ 'سيتا سنڌو ڀون' جي نالي سان سنڌيت جو مرڪز اڏڻ جي رٿا پيش ڪئي، ان مقصد لاءِ هن دنيا جي مختلف ملڪن ۾ وڃي سنڌ ورڪين آڏو جهولي جهلي، انهن بہ ڪيس نا اميد نہ ڪيو اهڙيءَ ريت بمبئيءَ جي مهانگي ترين علائقي سانتا ڪروز ۾ سندس ڪوشش سان 1969ع ۾ جي 'سيتا سنڌو ڀوَن' قائم ٿي ويو. جيڪو سنڌيت، سنڌي ٻولي ۽ تهذيب جو وڏو ثقافتي مرڪز آهي. جنهن ڪي سندس لاڏاڻي بعد مشهور اديب جوڙي ناڪر چاولاءِ پارو چاولا قائم رکيو هو، پر هاڻي اهي بہ هن دنيا ۾ نہ رهيا آهن. هاڻي بہ اتي هر پندرهين ڏينهن سنڌيت جي جوت جلائڻ لاءِ پروگرام ٿيندو رهندو آهي.

**اعزاز:**

رام پنجواڻيءَ بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جي خدمت ڪئي، جنهن تي هن ڪيترائي انعام اڪرام ماڻيا، پر ڀارت سرڪارکيس ادبي ۽ سماجي خدمتن تي 'پدماشري ايوارڊ' سان نوازيو. جڏهن تہ هن 'ساهتيہ اڪيڊمي ايوارڊ' ۽ 'سنڌو رتن اوارڊ' ۽ ٻيا ڪيترا ئي اعزاز ۽ مڃتائون ماڻيون.

سندس حياتي، ادبي، علمي، سماجي ۽ ثقافتي ڪمن تي رام جوهراڻي 'رام پنجواڻي، اديب ۽ فنڪار' جي عنوان تي بمبئي يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ -ڊي ڪري چڪو آهي. جيڪا ساڳئي عنوان سان يونيورسٽيءَ پاران 2014ع ۾ ڪتابي صورت ۾ بہ شايع ٿي چڪي آهي.

هند ۽ سنڌ جي اديبن ۽ فنڪارن ۾ پل جو ڪردار ادا ڪندڙ سنڌ جي بهترين ناٽڪ نويس ۽ ڪهاڻيڪار شوڪت حسين شوري جي ساڻس ويجهڙائي هئي. سندس سڀاءَ ۽ شخصيت بابت هو لکي ٿو، "منهنجو ساڻس

دلي ناتو قائم ٿي ويو هو. اصل ڳالهه هيءَ هئي ته پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي شخصيت ۾ هڪ حيرت انگيز ڪشش هوندي هئي. ساڻس پهرئين ملاقات ۾ ئي ماڻهو محبت جي ڌاڳي ۾ ٻڌجي ويندو هو. هن کي ڪا خاص ڏات هئي، دوستن کي هٿ ڪرڻ جي، ان حد تائين جو هو دشمنن کي به دوست بڻائي وٺندو هو.... هو نه رڳو اسٽيج جو بادشاهه هو، پر هن جي عام گفتگو به وڻندڙ هوندي هئي. هن جهڙو فصيح زبان، موزون ۽ ٺُز لفظن ۾ موقعي سان هم ساز ۽ هم معنيٰ وارو خطاب ڪندڙ ڪو مشڪل ملندو. سندس ڳالهائڻ ۾ جادو هوندو هو، جيڪو ٻڌندڙن کي منڊي ڇڏيندو هو. ڀارت جي وزير اعظم پنڊت جواهر لعل نهروءَ، پروفيسر رام پنجواڻي جي چونڊ تي ساهتيه اڪيڊمي جي جوڙجڪ ۾ ٻين چوڏهن ٻولين سان گڏ سنڌيءَ کي به جاءِ ڏياري. پنڊت نهرو کيس 'مٺڪي واري پروفيسر' جو خطاب به ڏنو هو."(13)

پنهنجي سڄي حياتي سنڌي ٻولي، ادب، ثقافت، سنڌي راڳ، موسيقي، ناٽڪ ۽ سماج کي ارپيندڙ رام پنجواڻي ٻمبئيءَ ۾ هڪ عام ميڙ ۾ رات جو دير تائين گيت ڳائيندي حاضرين کي جهومايو پر گهر پهچڻ تي هن جي طبيعت خراب ٿي وئي ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو 31 مارچ 1987ع تي چاهتر ورهين جي ڄمارَ ۾هُنَ هِنَ فاني جهانَ کي هميشه هميشه لاءِ الوداع ڪيو.

**حوالا:**


1. پنجواڻي، رام، اپيننددن گرنٿ، (روحاني رهبر سائين بيوس) سمپادڪ منڊل، ٻمبئي، 1981، ص. 175
2. جوهراڻي، رام سچانند، رام پنجواڻي (اديب ۽ فنڪار)، يونيورسٽي آف ممبئي، 2014، ص.27
3. اياز، شيخ، “ساهيوال جيل جي ڊائري” ثقافت کاتو سنڌ: 2010: ص. 427. 428
4. راڄپر، ڊاڪٽر قاسم، 'شاه جي شاعريءَ جي پس منظر ۾ لکيل سنڌي ناٽڪ' ڪلاچي، شاه عبدالطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڊسمبر، 2014. ص. 50
5. جوهراڻي، رام سچانند، رام پنجواڻي (اديب ۽ فنڪار)، 2014، ص.29
6. ساڳيو، ص. 32
7. مٽلاڻي، ٻلديو ڊاڪٽر، عوامي آواز سنڌي ميگزين 24 جنوري 2016، ص. 7
8. ٻاٻاڻي کيرت، 'ڪجهه ٻڌايم ڪجهه لکايم'، سنڌي ٽائمس الهاس نگر (ڀاڱو ٽيون) 1997، ص.90
9. جوهراڻي، رام سچانند، رام پنجواڻي (اديب ۽ فنڪار)، 2014، ص.55
10. ساڳيو، ص. 62
11. ساڳيو. ص. 107
12. ساڳيو. ص. 213
13. شورو، شوڪت حسين، پروفيسر رام پنجواڻي، سنڌيت جو سفير، روزاني ڪاوش حيدرآباد، 10، ڊسمبر، 2010، ص. 4

ڊاڪٽر احسان دانش

# سچل سرمست جو آدرشي سماج وارو تصور ۽ سنڌي سماج

# Sindhi Society and Sachal Sarmast's concept of Ideal Society

**Abstract:**

All the great poets of the world have been associated with social pain. They have not only felt the misery around them but also suggested the remedy for it. After going through that external agony they come up with a thought and philosophy which brings about a decisive change in society. Such matchless poets always have a unique point of view. Sachal Sarmast by raising the slogan of 'I am the Truth' not only paved an individual way but also challenged all the oppressive forces. He as a poet was the companion of the common men and he effectively spread the message of social awakening. He was not an extremist in any sense. To him a Hindu and a believer are the same who have mutual love and respect for each other. Sachal is not only a prominent figure among classical Sindhi poets but he is a poet for all ages so his thought is applicable to present society also. In his poetry we find the message of world peace, unity, brotherhood, love and humanitarianism. In his trance-like state he projected the tradition of aggression against injustice rather than tolerance and lack of resistance. To highlight the religious aspect of fraternity Sachal emphasised the vast and comprehensive concept of religion instead of limiting it to the mosques.

In this research article I have presented the brief study of Sindhi society with references from the poetry of Sachal Sarmast.

سنڌي سماج صدين کان پيڙا جي پاڇولي ۾ رهيو آهي. ڪڏهن ڌارين جا حملا ۽ يلغارون ڪڏهن پنهنجن جا ڪيس. ڪڏهن سنڌي ماڻهن جي سينن تي سنگينون اڀيون ڪيون ويون تہ ڪڏهن ڌارين جي گهوڙن جا سنب رکيا ويا. سنڌ جي سڄي تاريخ اهڙن دل خراش واقعن سان ڀري پئي آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ کھڙو دور آهي، جنهن ۾ سنڌ جي ماڻهوءَ سُک جو ساهہ کنيون هجي. جيڪڏهن ڳالهہ عرب دور کان شروع ڪجي تہ اها پهرين ڪاري ضرب ئي تہ هئي، جيڪا سنڌ جي اصلوڪن (Indigenous) ماڻهن پنهنجن ذهنن، ضميرن ۽ جسمن تي سَني. سومرن جي صاحبيءَ ۾ بہ سنڌي ماڻهوءَ ڪي ڪا سُک جي ڇانوَ نصيب نہ ٿي ۽ ڌارين جا ڪَٽڪ سنڌ تي ڪاهيندا رهيا. سما

ڄام ٻه پنهنجي اقتدار جي نشي ۾ عوام کي وساري ويٺا هئا. خاص طور ڄام فيروز جي زماني ۾ سنڌ اندر خانہ جنگي ۽ اندروني خلفشار سنڌي سماج کي پيچي پورا ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري هڪ ڌاريي رهزن شاهہ بيگ ارغون کي سنڌ تي قابض ٿيڻ جو موقعو ملي ويو.

ارغونن جي آزارن ۾ سنڌي ماڻهن آهون پرينڊي گذاريو،ان دور ۾ سنڌ مٿان ظلم جي رات هئي، هو ڌاڙا ظالم، رهزن، سفاڪ ۽ قاتل هيا. شاهہ بيگ ارغون ۽ شاهہ حسن ارغون ڌرتيءَ ڌٽين تي ڌاڙ ۽ ڌهڪاءَ جي نشاني ٻڻجي آيا. ترخانَ وري غاصب ۽ قبضاگير، دهشتگرد، داداگير ۽ قهاري ٻڻجي قوم تي ڪڙڪيا، ”هوتي“ ۽ ”نوتي“ جهڙن جلادن جون تلوارون سنڌي ماڻهن جون سسيون ڌڙن کان ڌار ڪنديون رهيون.مغلن مقامي ماڻهن کي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙي سوگهو ڪري ڇڏيو ۽ کين ساهہ کڻڻ جي سهولت ٻه سولي نہ ٿتي ملي.هن ئي دور ۾ پورچيگيزن ٺٽي تي حملو ڪري وڏي لٽ مار ۽ قتل و غارت گري ڪئي. ڪلهوڙا، مغل سلطنت جا غلامَ ۽ هٿ ٻڌا ٻانها تي بيٺا، جنهن جو نتيجو ٻه خلقِ خدا ڀوڳيو. ڌارين جي ڪاهن جو نہ ڪٽندڙ سلسلو ۽ اندرين جهڳڙن جي پاڙ پٽجي نہ سگهي. نادر شاهہ افغاني، سنڌ کي رت جو غسل ڏياريو،مدد خان پٺاڻ سنڌ تي ڪاهہ ڪري ظلم جي بازار گرم ڪئي، ميان يار محمد ڪلهوڙي، جهوڪ ڌٽيءَ شاهہ عنايت جي سر جو سودو مغلن سان ڪري ”خدايار“ جو لقب حاصل ڪيو، مطلب تہ سنڌ جي ماڻهن کي رَت جا ڳوڙها روئاريو ويو.

ميرن جي صاحبي ٻه سنڌ جي تاريخ جو هڪ تاريڪ باب آهي. ان دور ۾ شاهہ شجاع سنڌ تي ٻه ڀيرا ڪاهي آيو، قنڌار کان افغانن جا ڪٽڪ حملہ آور ٿيا، جن کي موٽائڻ لاءِ ڏنُ ڀريو ويو، رنجيت سنگهہ جي ڦهري ڪاهہ ٻه هن ئي دور جو داستان آهي،ٽالپرن رٿُ پنل تلوارن سان تخت نشين ٿيڻ بعد سنڌ جي جاگرافيائي وحدت کي ٽوڙي ٽي ٽڪر ڪيو. هڪڙن شهداداڻي ٻڻجي حيدرآباد کي تخت گاهہ ٻڻايو، تہ ٻيا ملڪاڻي ٻڻجي ميرپور خاص جا مالڪ ٻڻيا ۽ ٽيان وري سهراباڻي ٿي خيرپور جا ڌٽي ٿيا.سچل سائين سهراباڻين جي سلطنت ۾ هڪ باغي شاعر ٿي ابريو. سنڌ تي صدين کان ٿيندڙ ڪلورن جي تاريخ هن جي اکين اڳيان پئي ڦري ۽ جنهن دور ۾ هن ساهہ پئي کنيون اهو ٻه سنڌ جي اتهاس جي گذريل ڪڙين کان ڪنهن ٻه ريت مختلف نہ هو. هن جڏهن پنهنجي آس پاس پنهنجي سماج ۾ مذهبي

شدت پسندي، فرقيواريت، رجعت پسندي، افراتفري ۽ اندروئين خلفشار کي اڪين سان پسيو ته پنهنجون اکيون نه پوريون بلڪ جرئت ۽ بيباڪيءَ سان چئي ڏنوته:

مريد ٿيڻ جو خيال نه رکجان، عاشق تج نرالو
دين مذاهب، بوڙ ٻيائي، مست ڦرج متوالو
مان ۽ تون جي سودي اندر، متان ڪرين ڏيوالو

يا

ٿوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو،
پاڻ بيگانو مور نه ڄاڻين، آهين يار يگانو
وهم سچل ڪڍ ٻانهپ وارو، شملو ٻڌ شاهانو

سنڌي شاعريءَ ۾ سچل سائينءَ کان اڳ اهڙو ڪرو لهجو نظر نه ٿو اچي. هن پنهنجي دور جي سمورين مروج ريتن ۽ رسمن کي هڪ ڌڪ سان رد ڪري ڇڏيو. اهي رواج ۽ رسمون طبقاتي سماج کي جنم ڏيندڙ هيون، تنهن ڪري سچوءَ کي اهي ڪنهن به طور قبول نه هيون، هن مردُ ٿي، بيباڪي ۽ بي ڊپائيءَ سان پنهنجي وقت جي طاغوتي قوتن کي للڪاريو، هن بيگانگيءَ کان يگانگيءَ جي پنڌ ۾ پنهنجي اندر مان ٻانهپ جو وهم ڪڍي ڇڏيو. هن ڪي سماج ۾ ٻانهپ جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌل ٻانها نه پيا گهرجن. انهيءَ ڪري هن شاهه ڀٽجڻ وارو خودشناسيءَ جو سبق ڏنو. ان سبق ۾ خودي ۽ اعتماد هيو، ۽ پنهنجي سماج ۾ رائج غلط ڪارين خلاف هڪ للڪار هئي. پنهنجي دور جي Status Quo خلاف ڀرپور آواز هيو. ڪلياڻ آڏواڻيءَ لکيو آهي ته: ”سچل جي نظر ۾ ڪنهن جو به ٻانهو ٿي هلڻ هڪ عظيم گناهه آهي. سندس خيال موجب نه رڳو پيري ۽ مخدوميءَ کان ڪنارو ڪرڻ کپي پر خاني ۽ اميريءَ کان به. هن صاحب جي تصور ۾ هڪ اهڙو غيرفرقيوار سماج هيو، جنهن کي هينئر (Classless Society) چيو ٿو وڃي.“(1)

محترم الطاف اثيم سچل سائينءَ جي دور جو نقشو هنن لفظن ۾ چٽيو آهي: ”سچل سائينءَ جي وقت ۾ سنڌ جون سماجي حالتون گهڻيون ابتر ٿي چڪيون هيون. چوطرف بدانتظامي پکڙيل هئي. هڪ پاسي جاگيرداري، زمينداري ۽ عهديداري هئي جن جي زندگي بي انتها عيش ۽ آرام واري ۽ سيني نعمتن سان ڀرپور هئي. ان طبقي کي ملڪ ۽ ان ۾ رهندڙ مخلوق جي ڪائي پرواهه ڪانه هئي، بس رڳو پنهنجي مدح سرائيءَ

واري مئي ۾ مدهوش ۽ شيلن شڪارن ۾ مصروف رهندا هئا. حاڪمن کي حڪمرانيءَ جو نہ ڪو هنر هو نہ وٽن سماج ۾ سُک ۽ سرهائي آڻڻ جي سوچَ ـ ٻئي پاسي خوف ۽ ٻُکَ ۾ ورتل ابوجهہ، غريب هاري ۽ پورهيت هو، جيڪو فقط پيٽ پالڻ خاطر غلاميءَ جي بدترين جڪڙ هيٺ آيل هو. سچل جهڙو همدرد ۽ حساس شاعر خلقِ خدا تي ٿيندڙ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ تي ڏاڍو ڏکايل رهندو هو. هن هيٺين ۽ هيسيل ماڻهن کي زور اڳيان زاريون ڪندي ڏٺو تہ محسوس ٿيس تہ هي بانڪا بي پرواهہ پنهنجي بانور تي اهڙا تہ قاعدا ۽ قانون جوڙيون وينا آهن، جنهن جي ڪري ويچاري هيٺين طبقي جي حصي ۾ سواءِ حقارت ٻيو ڪجهہ نہ ٿو اچي“.(2)

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر لکيو آهي تہ: ”سچل سرمست جي عمر 88 سال هئي. سندس انهيءَ عمر جي عرصي ۾ (1739ع کان 1827ع) سنڌ ننڍين وڏين 15 جنگين جي هولناڪيءَ جو شڪار رهي. چئني طرفن کان ٻاهريان حملا ٿيندا رهيا. اتر کان سِکَ ۽ پناڻ، اولهہ کان ايراني ۽ بروهي، اڀرندي کان راجپوت ۽ جوڌپور جا راجا، سنڌ تي مسلسل حملا ڪندا رهيا. جيڪو گهر کان رُسي پيو تہ اهو سنڌ تي حملي آور پئي ٿيو! ان کان سواءِ گهرو لڙايون، جن مُلڪ اندر قهرام مچائي ڇڏيو هو. انهن ئي مُلڪي حالتن جي ڪري ملڪ جي ڏتڙيل عوام صوفي درويشن جي خانقاهن ۾ پناهہ پئي حاصل ڪئي. سچل سرمست جي ڪلام جو وڏو حصو عوام جي آهن ۽ آزين جي صدائن جي ترجماني ٿو ڪري.“(3) سچل سائين وقت جي قاضي کي بہ ”حق“ جي اها مئہ چکڻ جي صلاح ڏئي ٿو، جنهن سان حقيقي راهہ حاصل ٿئي ٿي. اها ئي راهہ عوام جي ڀلائي واري راهہ آهي ۽ انهيءَ راهہ تي هلندي سماج ۾ چڱائي جو ٻج پوکي سگهجي پيو.

قاضي مين سچ آکان تينون، ڇوڙ مسائل مصلا!
آءُ پيون هڪ سرڪي مي دي، مول نہ ٿيوين مُلا!
”سچل“ جنهن حق حاصل ناهين، راهہ ڪنون او ڀلا!

ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سچل سائين جنهن وقت ۾ پنهنجي ڪلام وسيلي پنهنجن ماڻهن سان همڪلام ٿيو، اهو وقت فڪري انتشار ۽ فرقہ پرستي جهڙن مرضن ۾ ورتل هيو. جتي عام ماڻهن جو ساهہ اقتدار جي ٻل تي تخت نشين ٿيل بد مست هاٿين جي هٿ هيو. عوام پنهنجي بنيادي حقن کان بہ محروم هيو. هڪ طرف جاگيردار، سرمائيدار ۽ ظاهر

پرست مذهبي پيشوا هڪ تہ ڪندي وانگر هڪ ٻئي سان گڏ بيٺا هئا، جنهن ڪري اقتدار جي ايوانن مان هر قسم جي سهولت ۽ رعايت حاصل هئي تہ ٻئي طرف ان دور جي حڪومت، جاگرافيائي ٽوڙ ڦوڙ ۽ ڪمزور انتظامي ڍانچي سبب دشمن لاءِ ڪاغذي ديوار جهڙي بڻجي پئي هئي، اقتدار ڏٽين کي پنهنجين غلط پاليسين ۽ اندروني جهڳڙن سبب تخت ۽ تاج جي تاراج ٿيڻ جو خوف هر وقت هوندو هيو. اهڙي صورتحال ۾ سچل سائين وقت جو منصور ٿي اڀريو، جنهن جي چپن تي ’ان الحق‘ جو نعرو هيو. مان سمجهان ٿو تہ اهو نعرو رڳو منصور حلاج جي سنت ۽ روايت جو تسلسل نہ هيو پر خود شناسي ۽ خود اعتماديءَ جي علامت بہ هيو. حقيقت ۾ ان دور جي پيڙيل ماڻهوءَ کي اهڙي خود اعتماديءَ جي ضرورت هئي ۽ وقت جي حاڪمن ۾ جرت نہ هئي جو سچل سرمست جي ان بيباڪانہ انداز کي روڪي سگهن.

تون ئي مالڪ مُلڪ جو، ٻانهو پانءَ مَ پاڻُ
صورت منجهہ سُجاڻ، پاڻ پنهنجو پاڻ کي

”سچل ڄاتو پئي تہ سڀ اجاره دار قوتون ماڻهن جي سماجي حقن تي قبضا ڪري ويهي رهيون آهن ۽ هن اهو بہ ڏٺو پئي تہ انهن پنهنجي طاقت جي پاليسي ۽ پئسي جي آڌار تي انساني فطرت تي قابض ٿي، معصوم ماڻهن سان اهڙا تہ شاطر ۽ حيوان صفت ٽولا پيدا ڪيا هئا، جيڪي خوبصورت سماج اڏڻ ۾ رڪاوٽ وجهي رهيا هئا. سچل سرمست انهن سمورن سماجي پهلوئن کي سامهون رکي مذهب جي آڙ ۾ ڪم ڪندڙ سيني قوتن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ مذهبي نفيءَ واري تحريڪ هلائڻ تي زور ڀريو.“(4)

سچل سائين انسان جي عظمت ۽ وقار کي بلند ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪنهن جو بہ ٻانهو ٿيڻ کي قبول نہ ٿو ڪري، ڇوتہ هن کي غلاميءَ ۽ گدائيءَ وارو تعلق قبول نہ هيو، ان ڪري ئي هن بيخوف ٿي چيو هو تہ **’ڇوڙ گمان گدائي والا، شملا ٻڌ شاهي دا‘.**”سچل جي دور ۾ جيئن تہ سنڌ جا ماڻهو مسڪينيءَ ۽ مظلوميءَ واري حال ۾ هئا، تنهنڪري سندس اندرُ، روح ۽ ضمير ڪيئن پئي قرار ۾ رهي سگهيو! صدين کان دٻاءَ ۾ رهندڙ انهيءَ بي آسري قوم ۾ باعزت مقام ماڻڻ جي تڙپ پيدا ڪرڻ لاءِ اسان جي هن عظيم رهبر ضروري سمجهيو تہ عوامي سطح تي خود رحمي، مايوسي ۽ ويڳاڻپ جو خاتمو آڻجي. اهوئي سبب آهي جو هُن پنهنجي شعر ۾ بغاوت، للڪار ۽ ويڙهہ جي اسمن کي معتبر ۽ محترم ڪري رکيو. سچل سائين سنڌ جي

صوفي شاعرن ۾ انهيءَ حوالي سان نهايت ئي ممتاز آهي ته هن غير ضروري نماڻائپ ۽ هر وقت طاري رهندڙ معذرت خواهانه انداز جي نفي ڪندي، حق ونڻ ۽ آزاد ٿي رهڻ لاءِ جرئت ۽ همت جا دلپزير سبق پاڙهيا، چاڪاڻ جو ڪيس اندازو هئو ته اجتماعي احترام ۽ قومي وقار تڏهن حاصل ٿي سگهندو، جڏهن عوام جي گهڻائي بي خوف، هوشيار، تيار ۽ سُجاڳ رهندي.“(5)

دنيا جا سمورا وڏا شاعر سماج جي درد سان جُڙيل رهيا آهن. هنن پنهنجي آس پاس جي دک کي نه رڳو محسوس ڪيو آهي، پر ڪنهن نه ڪنهن طور ان جو علاج به دريافت پئي ڪيو آهي. هو ان خارجي درد ۽ اذيت مان گذري هڪ اهڙي فڪر ۽ فلسفي کي جنم ڏيندا آهن جيڪو سماج ۾ فيصلہ ڪن تبديلي جو سبب بڻبو آهي. اهڙا شاعر پنهنجي سماج جا غير معمولي انسان هوندا آهن ۽ اهڙا غير معمولي انسان هميشه پيڙ کان ڌار بيٺا هوندا آهن، انهن جو رستو نرالو هوندو آهي، صدين جي غلاميءَ ۾ رهندي ڪڏهن ڪڏهن ڪي قومون پنهنجن زنجيرن سان به پيار ڪرڻ لڳنديون آهن، پر اهڙا غير معمولي انسان انهن زنجيرن کي ٽوڙڻ لاءِ ايندا آهن. اهي سماج ۾ مزاحمت ۽ انقلاب جو عَلمُ بلند ڪري، سماجي تبديليءَ جا نقيب بڻبا آهن. سنڌ ۾ تصوف جي نازڪ نڪتن کي سمجهائيندڙ سوين صوفي نظر ايندا پر اهڙا ڪي چند هوندا جن سماج جي سجاڳيءَ لاءِ هڪ ڌار رستي جي چونڊ ڪئي هجي. شاهه لطيف سوين ورهه اڳ هي بيت چئي ان سجاڳي جي ابتدا ڪئي ته:

اک اُلٽي ڌار، ونءُ ابتو عام سين
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وَهه اوڀار

ابتائپ جي ان فلسفي کي سچوءَ سولو ڪري سمجهايو ۽ چيو ته **”جتي ماڻهن ميڙ آ، مان تتي ناهيان“** ان ڳالهه کي اجان به چٽو ڪري وڏي واڪي چيائين:

پُنيءَ جج مَ جُلُ، منجهه تماشي نه پوين
گهوٽ ڪري تون پاڻ کي، ڪر هنگامو هُلُ،
پولَ نه ڪنهن بيءَ پُل، ونج حال حلاج جو

حلاجي پنڌ جو پانڌي منصور ثاني، انا الحق جو نعرو بلند ڪندي ۽ **”ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون“** چوندي سنڌ ۾ نه رڳو پنهنجو ڌار رند ۽ پنڌ جوڙيو پر سماج جي سيني ظالم قوتن لاءِ للڪار به بڻيو. هو سماج ۾ سُجاڳي

جو سنيھو عام ڪندڙ ھڪ عوام دوست شاعر ھيو. ھن کي ڪنھن بہ قسم جي انتهاپسندي پسند نہ ھئي. خاص طور ان دور ۾ مذهبي منافرت ۽ فرقيوارت زور وٺي چڪي ھئي، جيڪا ڳالھہ ھن کي ڪنھن طرح بہ نہ پئي آئڙي. انھيءَ ڪري ھن مذهبن ۽ فرقن ۾ ڦاسڻ کان سواءِ پنھنجي ڪلام ۾ انسان دوستي جو پيغام ڏنو. اھڙو پيغام جنھن ۾ ڪا دوئي ۽ دغا نہ ھئي. ھن وٽ ھندو ۽ مومن ھڪ ئي صف ۾ نظر اچن ٿا، جن وٽ ھڪ ٻئي لاءِ باهمي محبت ۽ احترام آھي. اھا محبت ئي انسانيت جي سڃاڻپ آھي، جنھن سان سماج ۾ امن ۽ انسان دوستيءَ جي فضا قائم ٿي سگھي ٿي.

وقت اھا ٿي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي،
ڪِي مذاھب من مان، ساجھر ڪر سويل
ھندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل
متان ٿئي اويل، اولھہ سج نہ الھي

سچل سائين کي مذهبن کان نفرت نہ ھئي، پر مذهب جي ظاھرپرست ٺيڪيدارن انھن کي جنھن رنگ ۾ رچي ڇڏيو ھيو، تنھن سان مذهبن جو اصل روح متاثر پئي ٿيو، جيڪا ڳالھہ سچي سائين کي قبول نہ ھئي. ان سان سماج ۾ بيچيني ۽ انتشار وڌيو پئي، جنھن ڪري ھن وڏي واکي چيو تہ:

مذھبن مُلڪ ۾، ماڻھو منجھايا
شيخيءَ، پيريءَ، بزرگيءَ، بيحد ڀلايا
ڪي نوڙي نمازون پڙھن، ڪن مندر وسايا
اوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق کي

سچل سائين چوي ٿو تہ: "**عشق لڳئي تہ ڪر آمين، نا منجھ ڪفر نا منجھ دين**". ٻي ھنڌ چيائين "**ڏسو عشق جو انصاف، سيئي مذهب ڪيائين معاف**" سچ تہ عشق جي ڪائنات واقعي انوکي آھي، صوفين چواڻي ان کي تيستائين تسخير نہ ٿو ڪري سگھجي جيستائين پنھنجي ذھن تان عقل جي پردن کي نہ ٿو ھٽائجي. عقل ڪڏھن ڪڏھن ذات کي ذات تي مقدم سمجھي ٿو، پر عشق چوي ٿو "**ذات نہ آھي ذات تي، جو وھي سو لھي**" (شاھہ)ھي ذاتيون پاتيون، رنگ، نسل، مذھب، مسلڪ، قبيلا ۽ فرقا انسان کي ورھائي ۽ ويڇي ڇڏين ٿا. ان ڪري سچل سائينءَ چيو "**اُتي ڪفر نہ اسلام، آھي سين**

**ڪي سلام“** يا **”نا مين سُني، نا مين شيعہ نامين ڏوھ ثواب.“** سچل سائين پنهنجو تعارف هن طرح ڪرائي ٿو.

نا مين ملاءِ نا مين قاضي، نا مين سبق پڑهايان،
نا مين مسجد،نا مين حجراءِ اندر پير نہ پايان،
نا مين ڪعبہ، نا مين قبلہ مڪي مول نہ جاوان،
نا مين سُني نا مين شيعہ، سيد ڪين سڏايان،
نا مين نانڪ نا مين لڇمڻ، گنگا مول نہ جاوان،
يار تہ ميڏا درس درازي، سچل نانءُ سڏايان.

شاھ سائين ٽي سو سال اڳي **”جي نہ سڃاڻن سچ کي، ويهہ مَ تني وٹ“** چئي جنهن سچ کي ساڃاھڻ جي ڳالھ ڪئي هئي، اڳتي هلي انهيءَ سچ جي مجسم صورت سچل بڻجي آيو. ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ جيڪي جمال جا جلوا پَسايا هئا، انهن کي سچل سرمست جلال جيڪڪوريل رنگ ۾ آشڪار ڪيو.

ٻيو ڪو ڄاڻڻ محض گناھ، هر ڪنهن صورت آپ الله
صورت منجھ ”سچوءَ“ جي ٻولي، پاڻ ئي ٻي پرواھ

سچل سائين پنهنجي دور جو هڪ سجاڳ ذهن ۽ جهان ديد شاعر هيو، جنهن جي نہ رڳو پنهنجي دور تي گهري نظر هئي پر مستقبل تي بہ اک هئي. هن جون اکيون انهن طوفانن کي بہ ڏسي پئي سگهيون، جيڪي سندس دور کان بعد اچڻ وارا هئا. هو فرنگي فساد کان بہ اڳواٹ ئي واقف هيو، ان ڪري هن پنهنجي ڪلام ۾ سماج کي سجاڳيءَ جو سنيهو ڏنو.

اولھ سج نہ الهي، متان ٿئي اويرَ
ميڙي ويندئي مغربي، تاريڪيءَ ۾ تيرَ
ڇڏي ويندئي ڇپرين، ڍونڍين سندا ڍيرَ
مرد ڏين ٿا مام ۾ ماٿيڪي مير
وجَھ اٿئي وِجھ پاڻَ ۾ هيڪڙائيءَ جي هيرَ
ناسودي ناخيرَ، نپٹ پوءِ نابود ڪَر

سچل سائين هڪ اهڙي آدرشي ۽ آزاد سماج جو خواب ڏٺو هيو، جتي امن ۽ سڪون هجي، ماڻهو حاڪمن جو ٻانهو ۽ غلام نہ پر آزاد هجي، جتي ڪو بہ ڪُوڙِين رسمن جي ڪوڙڪين ۾ ڦاٿل نہ هجي، جتي مذهب ۽

مسلڪ جي بنياد تي نفرتن جو وهنوار نہ هجي، اهڙو آزاد ۽ غير فرقيوارائو سماج جتي ماڻهپي جو ڳاٽ اوچو هجي ۽ ڪنهن بہ قسم جي محڪوميءَ جو تصور نہ هجي. سچل سائين ڪي حسد، ساڙ، بغض، ڪيني، ڪروڌ، تعصب، تنگ نظريءَ، نفاق ۽ نفرت کان سخت نفرت هئي. هو انسان جي خود مختياري ۽آزادي جو قائل هيو.

جي مڃين تا آدمي، سي نہ مڃان مان
سچو آهيان آءٌ، جو ٻانهو ڪنهن جو نہ ٿيان.

سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ اها قوت ۽ صلاحيت آهي، جيڪا ڪنهن بہ شاعر کي هميشگي ۽ امرتا بخشي سگهي ٿي. اهڙا شاعرَ زمان ۽ مڪان جون حدون اورانگهي ڪلاسيڪيت جي درجي تي پهچي ويندا آهن. سچل سائين نہ رڳو سنڌي اساسي شاعريءَ جو اهم نالو آهي پر هو هر دور جو شاعر آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄوڪي سماج تي بہ سندس ڪلام جو اطلاق ٿئي ٿو. سنڌي سماج جو موجوده ڍانچو اسان سڀني جي اڳيان آهي. اگر سچوءَ جي دور ۾ مذهبي منافرت، فرقيواريت، تهذيبي ڏيوالپڻي، حسد، تعصب، ڪيني ۽ خوغرضي جهڙيون بيماريون سماج ۾ موجود هيون تہ ڇا اڄوڪو سماج انهن آزارن کان آجو آهي؟ يقيني طور اهي مرض اڄ جي سماج کي بہ لاحق آهن. ڇا اڄ جو انسان بہ مادي ترقيءَ باوجود ڪالهہ وانگر ويڳاڻو، ملول ۽ لاچار نظر نہ ٿو اچي؟ ڇا اڄ بہ هيٺو ڏاڍي جي زير دست ناهي؟ ڇا اڄ جو انسان بہ پنهنجي عزت، وقار ۽ سربلندي لاءِ ڪوشان ۽ پنهنجي عزتِ نفس کي بچائڻ لاءِ پريشان ناهي؟ ڇا اڄ جو انسان بہ پنهنجي سڃاڻپ جي ڳولا ۾ ناهي؟ مان سمجهان ٿو انهن مان ڪنهن بہ سوال جو جواب نفيءَ ۾ نہ آهي. موجوده سماج جي ان صورتحال کي ڏسندي جڏهن اسان سچل سائين جي ڪلام مان رهنمائي وٺون ٿا تہ سندس شاعريءَ ۾ اسان کي عالمي اتحاد، امن، ڀائيچاري، اُنس، محبت ۽ انسان دوستيءَ جو سنيهو ملي ٿو. هن پاڻ تي جلال طاري ڪري تصوف جي ان روايت کي اپاريو، جنهن ۾ ماٺ ۽ درگزر بدران مزاحمت موجود آهي. سچل سائين مذهب جي سماجي رواداري واري پهلو کي اجاگر ڪرڻ لاءِ دين کي مسجدن تائين محدود ڪرڻ بجاءِ مذهب جي وسيع تصور کي اهميت ڏني. جنهن تصور ۾ انسان دوستي ۽ اتحادِ بين المذاهب بہ شامل آهي. اهڙي تصور ۾ رڳو انساني عظمت جو سوال ئي اهم بڻجي وڃي ٿو. هونءَ بہ هڪ صحتمند ۽ آدرشي سماج تڏهن ئي قائم ٿي سگهي ٿو جڏهن هر فرد کي عزت ۽

احترام لائق تصور ڪجي ۽ انساني عظمت کي سڀ کان اهم سمجهيو وڃي.
”سچل سائين جو آدرشي سماج وارو نظريو اهو هيو تہ ماڻهو محبت جو دائرو وسيع رکي، قلب ۾ ڪُشادگي ايتري هجي جو ان ۾ سڀ دين ڌرم، ذاتيون ۽ نسل سولائيءَ سان سمائجي وڃن. سچل جهڙا صوفي مذهب يا ڌرم جا مخالف هر گز ڪونہ هوندا آهن، اُهي فقط ان ڳالهہ تي زور ڏين ٿا تہ سندن محبوب نہ هندو آ نہ يهودي نہ عيسائي ۽ نہ وري مسلمان، بلڪہ انهن مڙني ڳالهين کان مٿاهون آهي.

ذات صفات هڪائي آهي، پول نہ وجهہ پولي
سوئي اندر، سوئي ٻاهر، سوئي تنهنجي چولي
تو ۾ مون ۾، هُن ۾ هر جا، سچ ”سچل“ تو ٻولي“(6)

سچل جو هر ٻول سچ جي سورج جيان چمڪي ٿو. اڄوڪي سنڌي سماج کي ان سورج جي سهائي جي تمام گهڻي ضرورت آهي. فقير محمد لاشاري لکيو هو تہ ”اڄ اسان وٽ انا الحق چوڻ وارو ڪوبہ ڪونهي پر جنهن رڳو حق چيو سو بہ برداشت کان ٻاهر ۽ خوفناڪ راڪاسن جي وچ ۾ اڌاري حياتي گهاريندڙ آهي.“(7) اهڙيءَ صورتحال ۾ سچل سائين جي ڪلام جي اهميت اڃا بہ وڌي وڃي ٿي. سچل سائين جي آدرشي سماج جي اڏاوت تيسيتائين ممڪن ناهي، جيسيتائين اسان سندس فڪر مان رهنمائي وٺي سندس امن، اتحاد، ڀائيچاري ۽ انسان دوستي واري پيغام کي نہ سمجهنداسين.

حوالا:


1. آڏواڻي ڪلياڻ، ”شاهہ، سچل، سامي“، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2010ع ص 199
2. لاڙڪ مولا بخش، (مرتب) ”سرمست“ 37 (مقالو: سچل سرمست جو سماجي نظريو“ الطاف اثيم) سچل سرمست يادگار ڪاميٽي، خيرپور 2016ع، ص 37
3. حداد محمد علي، (مرتب) ”سرمست“ 19 (مقالو: سچل سرمست ۽ روشن خيالي“ ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر) سچل سرمست يادگار ڪاميٽي، خيرپور 1999ع ص 51 ۽ 52
4. سڏايو غلام نبي ڊاڪٽر، ”عشق ناهي آسان“، صدا پبليڪيشن ڪراچي، 2015 ص 41
5. لاڙڪ مولا بخش، (مرتب) ”سرمست“ 21 (مقالو: سچل سرمست سنڌ جي اجتماعي آڄپي جو شاعر“ انعام شيخ) سچل سرمست يادگار ڪاميٽي، خيرپور 2000ع، ص 57
6. لاڙڪ مولا بخش، (مرتب) ”سرمست“ 37 (مقالو: سچل سرمست جو سماجي نظريو“ الطاف اثيم) سچل سرمست يادگار ڪاميٽي، خيرپور 2016ع،ص 21
7. حداد محمد علي، (مرتب) ”سرمست“ 11 (مقالو: ”عوام انا الحق آهي“ فقير محمدلاشاري)، سچل سرمست يادگار ڪاميٽي، خيرپور، 1991ع ص 23


(نوٽ: هن مقالي ۾ ڪم آندل شعر محمد عثمان انصاريءَ جي ترتيب ڏنل ”سچل سائين جي سنڌي ڪلام“ ۽ ڪتابي سلسلي ”سرمست“ جي مختلف شمارن مان ورتل آهن.)

**ڊاڪٽر عابده گهانگهرو**
اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو
وفاقي اردو يونيورسٽي

# تاجل بيوس جي شاعريءَ ۾ پورهيت پچار

# Reflection of labour class in the poetry of Tajal Bewas

**Abstract:**

Tajal Bewas is one of the most Popular poets of Sindh. He was a Progressive poet. He believed in modern and progressive thoughts, thus, he has portraited such ideology in his poetry. Tajal Bewas was a patriotic person as well, he had uncountable love with his land and soil, he loved every place, every person, every commodity, every season, every colour and every moment he spent in his village and every labourer and artist. He survived his life in the big city, but his soul always remained in his village, his heart had always breathed with memories of his village and consequently, his pen is frequently reflecting his inner emotions. This study is highlighting a selection from poetry for the labourer and working artists like former, potter, blacksmith, boatmen, painters, wood cutters and many more. In his poetry it reveals that has tried to prove and get recognized the important role of these low-profile workers of the society by the society authorities/ custodians.

تاجل بيوس (2008-1938) جو شمار سنڌ جي برک شاعرن ۾ ٿئي ٿو.هن خيرپور ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ 1938ع ۾ جنم ورتو،

تاجل بيوس سنڌ جي اُنهن پڙهيل ڳڙهيل، باشعور ۽ روشن خيال شاعرن مان هڪ آهي جن پنهنجي زندگيءَ جي هر مشاهدي، تجربي، علمي لياقت، سوچ جي بُلنديءَ، شعور ۽ فڪري صلاحيتن کي پنهنجي فن ذريعي اُجاگر ڪري شعوري فرض ادا ڪيو آهي. خدا تعاليٰ انسان کي سوچ، سمجهہ، عقل ڏئي اشرف المخلوقات بڻايو ۽ ان ئي مخلوق مان وري ڪن کي عقل شعور ۽ فهم جي فطري صلاحيت وارو گُڻ سرس عطا ڪيائين. اهي فطري ساجهہ مند هر معاشري ۽ قوم جا مفڪر، معلم، مدبر، عالم ۽ فاضل ٿين ٿا. شاعر پڻ تن مان ئي نِسرن ٿا.

غور ڪنداسين تہ خدا تعاليٰ سڄي جهان جو خلقيندڙ آهي. هُن انسان جي ذهن ۾ تخليق جي قوت پيدا ڪري هڪ لحاظ کان پنهنجي پرتوي جي صورت عطا ڪئي آهي جيڪا سندس پاران عطا ڪيل هڪ نعمت آهي. دنيا جا مفڪر، فلسفي ۽ شاعر بهتريءَ ۽ ڀلائيءَ جي رستي تي هلڻ لاءِ ان شعور ۽ تخليقي صلاحيتن ذريعي پرچار ڪري پنهنجي پالڻهار جي عطا ڪيل ان نعمت ڪي صحيح استعمال ڪرڻ جو فرض بہ ادا ڪن ٿا تہ پالڻهار آڏو سرخرو ٿيڻ جي ڪو شش ڪندا رهن ٿا.

تاجل بيوس خدا تعاليٰ پاران عطا ڪيل اِن نعمت جو استعمال ڪرڻ لاءِ هڪ وچن ڪري ٿو تہ: ”اي پالڻهار! چون ٿا تہ ڌرتيءَ ڪي خلقي ڌرتيءَ تي پهريون گيت تو ئي لکيو هو. مان ان ساڳيءَ ڌرتيءَ تي گيت لکندو رهندس. اي پالڻهار! جيستائين وري تو ڪي پنهنجو قلمدان ياد پوي!“
(ڏوريان ڏوريان مَ لهان - ص: 606)

پالڻهار سان ڌرتيءَ جا گيت لکڻ جي وچن ڪندڙ تاجل بيوس سنڌ ڌرتيءَ جا گيت لکيا ۽ اهڙا لکيا جو سڄيءَ سنڌ ۾ اُن جا پڙاڏا گونجڻ لڳا. ڌرتيءَ سان اُنسيت هر ماڻهوءَ کي ٿيندي آهي پر ڪنهن جي فطرت ۾ اِها سڪ سندس رڳ رڳ ۾ وَسيل هوندي آهي. اِن سِڪ جي ڪري ئي هُن کي ڌرتيءَ جو هر ماڻهو، هر نظارو، هر ڪُنڊ ۽ هر وَکر پيارو لڳندو آهي. تاجل بيوس پنهنجي اِن سڪ بابت چوي ٿو تہ ”آڳر پڪڙي هلڻ کان وٺي رَسڻ تائين اُجايل اکين لاءِ الاءِ تہ ڪيئن ۽ ڪٿان ڪٿان پئي اُڃ اُجهائي آهي؟ ڪمزور ۽ بي سهاري اِنسان جي اُگهاڙي پٺنيءَ تي بيٺ جي ڇهن لڳڻ کان وٺي ڪنهن ڪاڄ ۾ هڪ جوان جماڻ غريب هارياڻيءَ ۽ لاهياريءَ جي جسم تي اوڍيل نئين نڪور وڳي ڏِسڻ تائين مون هيل سُوڌو پئي نظارا ڪيا آهن. مٽرن جي لوڙهن ۾ وهندڙ ڍنڍ يا واهڙ مٿان ڪرلائيندڙ ڪونجن جون قطارون، سَرنهن جي ڦُولار ۾ پيلن گُلن وچ ۾ بيٺل هڪ ڳوٺاڻي عورت، شام ويلي ڪچي ڪان پڪي ڏانهن موٽندڙ مينهن، ڍڳن، ڳئن يا ٻڪرين جا ڌڻ ۽ ڌنار، سانوڻيءَ ۾ ڪوهن تائين پکڙيل جَرَ جي پاڻيءَ تي تَرندڙ درياهہ جا پکي ۽ ماڻهن، ٻيڙين، ڊونڊين، ٻَتيلن، ڪَنارن ۽ هڙن جا سنگهڙ ۽ سانباها، ڌرتَيءَ جو ڪنهن پيرن اُگهاڙيءَ ساٿياڻيءَ يا گندريءَ جي مٿي تي رکيل

مڇيءَ جي ڪاري، ٻوڏ جي پاڻيءَ سُڪي وڃڻ بعد ڪنهن ڍنڍ يا گَٽنگ جي شِفاف پاڻيءَ مٿان ناڙي ۽ نيلوفر جي مگن جون اڻ ڳڻيون قطارون، ڪا منهن وڻ يا پسين سان ٽِنڊريل تارين مٿان وهين ۽ ڪبرين جا ميڙ ۽ وڳر، ٻـڪل جـوئر ۽ ٻاجهريءَ جي ڪيتن تان پيهي تي چڙهي ڪنهن نينگريءَ جي ڪانياٽيءَ ڦيرائڻ وارن ڏيکن ۽ نظارن جا عڪس ۽ اولڙا اڄ بہ منهنجي ذهن جي اُفق تي چانيل ۽ چِٽيل آهن.“ (ڏوريان ڏوريان مَ لهان - ص: 36)

دنيا جي ڪهڙيءَ بہ ڪنڊ هجي، ڪهڙي بہ قوم ۽ ملڪ هجي، اتي رهندڙ ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ کي پنهنجي ماءُ مڃيندا ۽ ساڻس وفاداريءَ جو وچن نڀائيندي، ورجائيندي ملندا آهن جو اها ڌرتي ئي آهي جيڪا ماڻهن کي ان، ميوا، هوا ۽ پاڻي ڏئي سندس زنده رهڻ جو سامان پيدا ڪري ٿي.

تاجل بيوس ڌرتيءَ جي اِنهن نظارن جو صرف مشاهدو نہ ٿو ڪري بلڪِ اِنهن کي سيني ۾ سانڍي ٿو. ان نظارن پسندڙ هر ڏيک، هر ماڻهوءَ، هر احساس ۽ هر قدر کي سيني ۾ سانڍي ٿو. قلم ڪٽي اُن جي محبت جا گيت لکي ٿو پر دنيا جا لفظ اَڌورا محسوس ٿين ٿا، پنهنجا اظهار جڻ اڌورا محسوس ٿين ٿا. اِن ڪري هُو ان ڌرتيءَ جي ڪُک مان وري وري جمي وري وري ڌرتيءَ جي سپوت جو حق ادا ڪرڻ ۽ ڌرتيءَ تي ميري اک ڪٽي ڏسندڙن کان وير ونڻ جو وچن ڪري ٿو. سنڌي ٻوليءَ جا ڌرتيءَ سان محبت جو وچن ورجائيندڙ ڪيترائي گيت عوام ۾ مقبول ۽ مشهور آهن، جيڪي گيت هر ننڍي وڏي جي زبان تي هوندا آهن انهن ۾ تاجل بيوس جو گيت ”سنڌ منهنجي امان!“ بہ ساڳيءَ طرح مقبول آهي.

سنڌ منهنجي امان، سونهن تنهنجيءَ مٿان
ڇا لکي ڇا لکان، ڇا لکي ڇا لکان!
هڪ قلم هڪڙو مان، ڪيئن پورو پوان
ڇا لکي ڇا لکان، ڇا لکي ڇا لکان!⊙

(ڏوريان ڏوريان مَ لهان - ص: 430)

تاجل بيوس جي هن گيت مان رڳو سنڌي ماڻهو ئي نہ پر ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ پڻ اتساهہ حاصل ڪندا آهن، جنهن جو هڪ مثال اهو آهي

⊙ نوٽ : تحقيقي جرنل ۾ جڳهہ گهٽ هجڻ سبب مڪمل گيت نہ ٿا ڏئي سگهجن. مڪمل ڪلام پڙهڻ لاءِ حوالي ۾ ڏنل ڪتاب ڏسو. ايڊيٽر

تہ تازو وفاقي اردو يونيورسٽيءَ ۾ ٿيندڙ سنڌي ثقافت جي ڏھاڙي تي ھڪ اردو ڳالھائيندڙ شاگرديائي ان گيت کي تمام گھڻيءَ محنت ۽ محبت سان ڳائي سڄي پروگرام ۾ نمايان رھي. اھڙيءَ طرح ھندستان جو مھان اديب ھيرو ٺڪر جنھن سنڌ جي اساسي شاعر قاضي قادن جو ڪلام سھيڙيو ۽ عربي سنڌي صورتخطيءَ ۾ آندو سو بہ تاجل بيوس جي اِن گيت کي اُن ساڳي پسمنظر ۾ ڏسي ٿو، جنھن پسمنظر ۾ ھندستان جو قومي گيت وندي ماترم لکيو ويو ھو. تاجل بيوس جي مجموعي 'ڪنڌيءَ اَڪ ڦُلاريا' جي مھاڳ ۾ لکي ٿو:

ھن صديءَ جي شروعات ۾ جڏھن گڏيل ھندستان جي آزاديءَ جي ھلچل زور ھُئي تہ اُن وقت مھان ڪوي بنڪم چندر چيٽر جيءَ ديش کي 'ماتا' جي رُوپ ۾ پيش ڪيو ھو ۽ اُن جي استني ڪندي وندي ماترم گيت ۾ لکيو ھو: وندي ماترم، سجلام سڦلام ملیجہ شيتلام (اي ماتا! مان تنھنجي اڳيان سر نِوايان ٿو. تنھنجو پاڻي سٺو آھي. تون سٺي ميوي واري آھين. تنھنجي ھوا ھير جھڙي ٿڌي آھي.) اڄ تاجل بہ سنڌوءَ جي ماتا جي رُوپ ۾ واکاڻ ڪري رھيو آھي پر ھن جو سروڪار ان جي سٺي پاڻيءَ، ڦُلن، ھوا وغيرھ سان نہ آھي. ھن لاءِ سنڌ جا لاٽا ۽ ليون بہ چندن برابر آھن. ٿر جا ٿوھر ۽ ڪڇي جا جھنگ جھر ھن لاءِ سونھن جا سرچشما آھن ائين جيئن مارئيءَ لاءِ پنھنجو ملير ھو جنھن لاءِ وطن جي ڪِھَہ بہ ڪٿوريءَ برابر ھئي." (ڏوريان ڏوريان مَ لھان - ص: 625)

پنھنجي ڌرتيءَ امڙ جي مان ۽ محبت ۾ ھر باشعور شاعر عقيدت جا گيت ڳائيندو آھي ساڳيءَ طرح سنڌ سان پنھنجيءَ سِڪ، محبت ۽ عقيدت جو اظھار تاجل بيوس نہ رڳو ان (سنڌ منھنجي امان) گيت ۾ ڪيو آھي بلڪِ ڪيترا ئي ڀيرا ڪيترين ئي جاين تي توڙي پنھنجي لکڻين ۾ ھُو اھڙو اِظھار ڪندو رھيو،جيئن سندس سرجيل ھينيان نثري ٽُڪرا آھن: ڌرتي، ڌرتيءَ ڇايا ۽ ڌرتيءَ جا نظارا منھنجي لاءِ ائين آھن جيئن اک لاءِ روشني، مڇيءَ لاءِ پاڻي يا ساٿيھ لاءِ سنڌو بيو ٽُڪرو اٿس:

ڳُوناٺو ماحول، ڳُوناٺي بدحالي، پنھنجي اندر جي پيڙا ۽ ان پيڙا جي ردِ عمل مان جنم وٺندڙ وسوسن، وِيچارن ۽ نا اُميدين منھنجي لاءِ اُميد پريا گس ۽ چارا جوڙي ڏُکن کي سُکن جي سونھن ۽ سرمايو ثابت ڪيو آھي، منھنجو

ماضي، منهنجو سرمايو آهي، پوءِ ڇو نہ اُهو ڳئون چاريندي يا ٻڪرن لٻ تي گذر ڪندي گذريو هجي!

(ڏوريان ڏوريان مَ لهان — ص: 188)

**هاريءَ جو ذڪر:**

تاجل بيوس ڌرتيءَ سان پيار ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن جي هر عمل سان پيار جي اظهار جو هڪ انوکو اِظهار ڪري ٿو. جيئن ”انبن جهليو ٻُور“ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ”هوءَ ياڳياڻي چاڏيءَ تان ڏِکڻ لاهي، چاڏيءَ ۾ نهاري چوي پئي تہ روشنيءَ جي جيڪڏهن ڪا حسِين ڪائنات آهي تہ اُها سندس ڪير - مکڻ واري چاڏي تي سگهي ٿي.“

ماڻهوءَ ۽ مِٽيءَ (Man & Soil) جي محبت ۾ سرشار ساٽيهہ جي ڪردارن جي اَنبوهہ ۾ هيءُ شاعر پاڻ کي گلن جي جهرمٽ ۾ پوپٽ وانگر سمجهي ٿو، جنهن کي هڪ گل جو واس وٺي پنهنجا رنگ پري آزاد فضا ۾ اُنهن رنگن جي حُسن ۽ رنگينيءَ کي ڦهلائڻو هجي ائين هيءُ بہ ڌرتيءَ جي هڪ هڪ ڪردار جي موتين کي ميڙي ٿو. سندن رنگ پنهنجي شاعريءَ جي رُوپ ۾ مڙهي ٿو ۽ قلم سان لفظ پـنن جي پـرن ۾ پري شاعريءَ جي رُوپ ۾ وِکيري ڇڏي ٿو. پوءِ اهي ڪردار جيڪو پڙهي ٿو سو پنهنجي من ۾ ڌرتيءَ سان محبت واري احساس ۾ هڪ تجديد محسوس ڪري ٿو.

ڇيلا ڇِـيڪاري نيسر ٽپي نينگري
اُجن کي آ اُهڙ مان، پاٽي تي پياري
مون کي ٿو ماري، نظارو ان نار جو

(ڏوريان ڏوريان مَ لهان - ص: 194)

ڪو آهي جو وردِس ورٿ ڪان وجي هِن تخيل جو تجزيو ڪرائي؟

ندين جي ڪنارن تي ئي تاريخ جي قديم تهذيبن جو بنياد پيو ۽ انهن ندين، دريائن جي ڪري ئي تهذيبن ۾ اوج آيا. سنڌ جي قديم تهذيب جو اهڃاڻ بہ اهو سنڌو درياءَ ئي آهي ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ان درياءَ جو سڪڻ هن ڌرتيءَ تي وسندڙ هر ساهواري جو انت آهي. اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ اڄوڪي ٿر وارو ريگستان ڪنهن زماني ۾ وڏي اوج سان وهندڙ ڪنهن درياءَ جو پيٽ آهي. يعني درياءَ جو رخ مٽائي وڃڻ يا سڪي وڃڻ جو نتيجو

زمين جو ريگستان، بيابان ٿي وڃڻ ڪانسواءِ ڪجھہ ناهي.سنڌو درياهہ جو سُڪل پيٽ ڏسي هر ساجھہ وند جو هنيانءُ سُسي وڃي ٿو ۽ ان ڪان پوءِ واهہ، شاخون ۽ ٻنيون ٻارا فصل ڪان محروم ربيعَ، ڪتيون ۽ خريفَ ڏسي سنڌ جي معاشي حالت جو سوچي ساهہ ٻہ سُڪي وڃي ٿو. هڪ شاعر اهڙي وقت ۾ تخيل جي درياهہ واري ذهن جي ڪينواس تي چڙھ زندگيءَ جا ٻيا رنگ ٻہ سُڪل ڏسي ٿو.

سنڌوءَ جو پاڻي
ڄاڻي سُڃاڻي
ڪير وجهي ٿو قيد ۾؟
ان - داتا ارواح جي
راڄن جي راڻي
ڪير وجهي ٿو قيد ۾؟
پاڻيءَ ۾ پُرزا ڪري
نُوري مُهاڻي
ڪير وجهي ٿو قيد ۾؟
وائي شاهہ لطيف جي
نانڪ جي ٻاڻي
ڪير وجهي ٿو قيد ۾؟

(ڏوريان ڏوريان م لهان، سنڌ منهنجي امان. ص 364)

درياهہ زرعي سماجن اڏجڻ جو بنياد رهيا، ۽ زرعي سماج جو اهم ڪردار هاري آهي. هاريءَ جو ڪردار پورهيتن ۾ پهرين نمبر تي اچي ٿو. تاجل بيوس پورهيتن جي ترجمان شاعر طور هاريءَ جي عظمت کي سلام ڪري ٿو. تاجل بيوس ڌرتيءَ سان محبت ڪندڙ شاعر آهي ۽ هاريءَ جو زمين ڪيڙيندڙ، سنواري ناهيندڙ۽ ان جي رکوالي ڪندڙ جي حيثيت ۾ مان مٿاهون سمجهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو هن جي ڪلام ۾ هاريءَ بابت پورو سُر آهي.

تاجل بيوس جي نون ڪتابن جن کي سندس اديب ۽ شاعر دوست ’نو لکو هار‘ چون ٿا تن کي هڪ ئي جاءِ تي گڏي ’ڏوريان ڏوريان مَ لهان‘ جي نالي سان سنڌي ادبي سنگت ڇپرايو جنهن جي ابتدا ۾ سندس مجموعو ’جڏهن يُونءِ ٻٽي‘ ڏنل آهي. ان مجموعي ۾ پٽائيءَ جي رسالي وانگر سُروار

ڪلام ڏنل اٿس. شاهه جي سُرن وانگر سُر سورٺ، سُر گهاتوءَ، سُر راڻي، سُر مارئيءَ، سر سسئيءَ، سر سامونڊيءَ، سر يمن ڪلياڻ ۽ ڪيڏاري ڪان سواءِ سُر هاري به شامل آهي. سُر هاري اِن مجموعي ۽ سندس گڏيل مجموعن واري رسالي جو پهريون سُر آهي. اِهو سُر سنڌ جي ٻنين ٻارن ۾ رت، هڏ، ماس، مٽيءَ سان گڏ زمين ۾ هر ڪاهيندڙ زرعي اسڪالر هاريءَ بابت آهي. هاري جنهن جي خصلت ۾ پيٽ يا پيٽي ڪاڻ بدران پوکي ڪاڻ وڏيڪ آسان هوندو آهي، خودداريءَ جي علامت هوندو آهي سندس ان خصلت کي تاجل بيوس ساراهيندي واضح ڪري ٿو ته هاريءَ جو تعلق ڌرتيءَ سان ڌرتيءَ جي ٻڻ ٻڻياد ڪان ئي آهي. ۽ اهو هاري ئي آهي جنهن ڏوڙ مٽيءَ واري خالي زمين ۾ هرڪاهي راتيون ڏينهن هڪ ڪري محنت ڪئي ۽ پاڻ بکئي پيٽ رهي زمين سنواري پوک پوکي. ان جي محنتن سبب ئي دنيا ۾ اناج ميسر آهي.

پايان ڪيئن پلاند ۾، پني پنج ڪٽي؟
مون ٿي ڏوريو ڏُٿ کي، جڏهن پٽونءَ ٻٽي
مان ئي پورهيت پيٽ جو، مان ئي ڏاج ڏٽي
چنگهون پير هٽي ڏنُ اُپايم ڏوڙ مان
(ڏوريان ڏوريان م لهان)

تاجل هاريءَ جي مفلسيءَ ۽ بک جي درد کي ڏينهوءَ جي ڏنگ واري ڪيفيت سان مشابهت ڏئي ٿو. هو هاريءَ جي وصف هڪ ڳجهارت وانگر ٻُڌائي ٿو ته جنهن وٽ نه اٽو پورو هجي، نه لٽو پورو هجي ۽ زندگيءَ جون سهولتون، آسائشون جنهن ڪڏهن خواب ۾ به تصور نه ڪيون هجن سو پلا ڪير ٿي سگهي ٿو. سندس هيءُ بيت پڙهي ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ بيت جي آخر ۾ لکڻ چاهيندو هجي ته 'ٻڌايو ڪير آهي؟'

چاٽين ڏوڙ چتن مان، اڌ اگهاڙا انگ
بکون پيٽ ورن ۾، ڄڻ ڏينين جا ڏنگ
ريڏا گهمن رب تي، سٽي ڪٽي سنگ
اهڙا مست ملنگ، مون نه ڏنا ڪنهن ڏيهه ۾
(ڏوريان ڏوريان م لهان ص 44)

سخت محنت ۽ پورهئي ڪان پوءِ هاري ٿڪبو نه هوندو؟ ڇا هو انسان ناهي جو اٺ ڪلاڪ مسلسل ڪم ڪرڻ ڪان پوءِ ڪيس آرام جي ضرورت

پوي؟ پر هاريءَ وٽ اهڙي آرام جو ڪو بہ تصور ناهي. هن کي تہ ڏينهن رات هڪ ڪري محنت ڪرڻي آهي. جيستائين پوک پچي راس ٿئي ۽ ان کان پوءِ ان پوک جي سنڀال ڪرڻي آهي جيستائين اها لڻجي وڃي ۽ ان کان پوءِ وري ٻيءَ پوک جي تياري. سندس اهڙي محنت واري ڪم ۾ متان ڪو ٽڪجي سمهي پوي ۽ سندس پوک کي نقصان رسي. جيڪڏهن هاريءَ سستي ڪئي تہ سندس پوک ضايع ٿي ويندي ۽ پوءِ ٻيو ڪير بہ سندس مدد نہ ڪندو. اهڙي خطري کان آگاهہ ڪندي تاجل بيوس هاريءَ کي جاڳائي ٿو.

تون ڪيئن ستين ويسرا! ڳچيءَ ٻانهن ڪري
ڏٽ پراوا ڏيهہ ۾، ڏينڊءِ ڪو نہ ڏري
متان واءُ وري، ٻڏين پاهڻ پيٽ سان
(ڏوريان ڏوريان مَ لهان - ص: 45)

تاجل بيوس ٻنين ۾ هارين نارين کي رت ست وهائي ڪم ڪندي پنهنجي اکين سان ڏٺو. اهو ئي سبب آهي جو هو جڏهن هاريءَ پورهيت بابت شعر لکي ٿو تہ جڻ سندس لفظن ۾ هاري جفاڪشيءَ سان رت وِلوڙيندي نظر اچي ٿو. هن ضرور هاريءَ سان استحصال ٿيندي بہ ڏٺو هوندو. ان ڪري ئي ڪيس تنبيهہ ڪري ٿو تہ هڪ ڪٽي مان خرار ڪري ڏيکار تہ جيئن مظلوميءَ / محڪوميءَ ۽ طبقاتي استحصال مان نڪري خوشحاليءَ ڏانهن وڌي ۽ پاٽيرو ٿئي.

پورهئي ڪارڻ پاڻ کي، پگھر منهن پگھار
جيسين وسن مينهنڙا، رَت ٻنيءَ ۾ هار
ڪورن هاٽي ڪيٽ جا، ٻاري ٻُوهہ ٻُهار

**عام پورهيتن جو احوال**:

پورهيت هاريءَ سان گڏ هڪ مزدور بہ سماج جو اهم رڪن آهي. قومي معيشت جي ترقيءَ ۾ مزدور جو وڏو ڪردار آهي. مزدور هڪ ڏينهن بہ ڪم کان انڪار ڪن تہ معيشت جو وڏو نقصان ٿي پوندو آهي. ان حقيقت جاڻڻ جي باوجود سڀ کان متاثر ۽ پيڙهيل طبقو بہ اهو ئي آهي. ترقي پسنديءَ واري نظرئي ۾ هاري پورهيت ۽ مزدور جي حقن جي حاصلات لاءِ آواز اُٿارڻ کي اوليت ڏنل آهي. تاجل بيوس هڪ ترقي پسند شاعر هو. هن

هاريءَ ۽ مزدور کي پنهنجي فن ذريعي گهڻو ساراهيو آهي.پورهيت پچار شاهه ۽ ٻين شاعرن به ڪئي آهي پر تاجل بيوس اِن کي هڪ جدا سُر جو موضوع ڏئي هڪ جدت قائم ڪئي آهي. نوان سندس جديد شاعريءَ ۾ هڪ Contribution آهي. اهڙيءَ طرح سندس شاعريءَ ۾ تخيل ۽ نوان عڪس پڻ موجود آهن جن جي نشاندهي تنوير عباسيءَ سندس مجموعي 'جڏهن پونءِ بٽي' جي مهاڳ ۾ ڪئي آهي. تنوير عباسيءَ کيس موضوعن جي ندرت جو شاعر سڏيو آهي.

اڳ ۾ ذڪر ڪيوسين ته تاجل بيوس پنهنجي ڪلام جي شروعات سُر هاريءَ سان ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح ٻين مجموعن ۾ پورهيتن ۽ مزدورن کي هُو 'سرجڻهار' جي نالي سان جُدا سُرن ۾ ساراهي ٿو. انهن سرجڻهار پورهيتن ۾ سريگر (سِرن ناهڻ وارا/ ڀٽن تي ڪم ڪندڙ مزدور) ڌوٻي/ڪتي، اوني، چاڪي، هاري، ڪنير، ڪوري، مهاڻو، لوهر، ڪانير، گهورڙيو، سونارو، لاهيارو، نانارو / قلعي گر وغيره شامل آهن. سر سرجڻهار يا سر سرجيندڙ ساڻيهه جي هن هر ڪرت جي پورهيت، هنرمند، مزدور، هاريءَ جي ڪم کي ساراهيو آهي. سندس انهن بيتن مان هر هڪ ڪرت مطابق هڪ هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو.

سريگر لاءِ چوي ٿو ته: (سرن ناهڻ وارا / ڀٽي تي ڪم ڪندڙ مزدور)

چارِي تا چون، آهي سگهه سِرن جي
ڪن پايون مهت مٽيءَ جو، ڪي پاٽيءَ تي پڌن
ايءُ ڪيو ڪم هٿن، تڏهن ويئي پيت ڀٽياد تي
(ڏوريان ڏوريان مَ لهان - ص: 262)

تاجل بيوس هن بيت ۾ سِرِيگر جي محنت کي ساراهي ٿو. اهو ڏاڍو عام آهي ته جيڪڏن سِرُون ڪسيون هونديون ته مزدور کي ڏوراپو ڏنو ويندو ته هن صحيح محنت نه ڪئي يا ڪم جي صحي پرگهور نه لڌي پر جيڪڏهن اهي پڪيون ۽ مضبوط هونديون ته پاٽيءَ ۽ مٽيءَ جي خوبين کي ڳڻيو ويندو. اهڙيءَ صورت ۾ مزدور ڪيتري چاهه، محنت ۽ ذميداريءَ سان ڪم ڪيو؟ اِهو خيال ڏاڍو گهٽ اِيندو آهي جو ته مزدور جي Appreciation وارو ماحول اٽلي آهي.

اڇي اُڪيليون سريگر صبوح جو
سرون سريگر جون، پُري پيون پيليون
سرون سڄيليون، سرجن تان سـرهي ٿيان

**ڏوڀي / ڪتي:**

ڪـنيي ڏي ڪتي! ڪلف ڏئي ڪپڙا
ملان محبوبن سان، وڃي راند رچي
پون من پرچي، ڪتي! تنهنجي ڪيڏ تي
(ڏوريان ڏوريان مَ لهان - ص: 263)

**لاهيارا:**

سنڌ جا قديم رهواسي ڀيل، ڪولهي ۽ مينگھواڙ جيڪي هن وقت اسان جي امتيازي سلوڪ جو شڪار ۽ تمام گھٽو پنتي ڀيل آهن تن جي سڃاڻپ مخصوص پورهيتن سان بہ ڪئي وڃي ٿي. جيئن لاهيارائپ، موچڪو ڪم وغيرهہ ٻچين ٻارين لابارا، رونبا، سٽ ۽ ڦٽين چوندڻ جو ڪم ڪندا آهن. اسان جا ڪجهہ رهزن وڏيرا تہ ڪين نجي جيلن ۾ بہ بند ڪري ڇڏيندا آهن. ڪولهڻ بابت تاجل بيوس الڳ شاعري بہ ڪئي آهي جنهن ۾ هن ڪي پاڻيءَ پرڻ واريءَ جي رُوپ ۾ پيش ڪيو اُٿائين.

اڳيان، پويان
ڪولهڻ دلا ڪڇ تي
پوءِ بہ ڏُکيءَ ڏاڪڙا
توڻي تِڪ تنوار
ڪولهڻ دِلا ڪڇ تي
ٿوهر ٿوهر ٿي وئي
سارِي ڄار ڄمار
ڪولهڻ دلا ڪڇ تي
ويتر بـُڪ ٻڃي وئي
مرو ئي مهڪار
ڪولهڻ دلا ڪڇ تي

**ڪانير:**

ڪانير متعلق ڪيترائي قصا ۽ ڪهاڻيون اسان جي لوڪ ادب ۾ ملنديون. مثلن علي بابا ۽ چاليهن چورن واري ڪهاڻي يا ڪانير جي ڪهاڙي

سوني تي وجڻ واري ڪهاڻي. اهي سڀ ڪهاڻيون هر دور ۾ هن پورهيت جي عظمت کي مڃڻ وارو رويو ظاهر ڪن ٿيون. ڪانيون ڪپي ڪپائي پئسو ڪمائڻ ۽ پوءِ عزت سان زندگي گذارڻ وارو حوصلو ان پورهئي جي مثالي ڪردارن مان ملي ٿو. ڪانير جي ڳوٺن توڙي شهرن ۾ وڏي اهميت هوندي هئي. ٻرڻ واريءَ گئس کان اڳ ٻارڻ لاءِ ڪانيون ڪانير وٽان ئي ملنديون هيون. جديد ترقيءَ ۾ ڪانير جو ڪانين ڪٽي اچي بازار ۾ وِڪرو ڪرڻ وارو پورهيو تہ ماضيءَ جيترو تہ نہ رهيو آهي پر ان هوندي بہ ڪيترن ئي ڪانيرن هاڻي فرنيچرن نهڻ واري شعبي ڏانهن رُخ ڪيو آهي. سموريءَ دنيا ۾ هٿ جي ناهيل فرنيچر جي اهميت آهي ۽ ڪانير فرنيچر ناهڻ وارن ڪارخانن ۾ مزدوري ڪرڻ وڌيڪ بهتر سمجهن ٿا. اتي هڪڙا ڪاريگر آهن ۽ ٻيا مزدور تيان وري ڪاٺ جهنگ / ڳوٺن مان ڪٽي مشينن ۽ مارڪيٽ تائين پهچائن ٿا. هڪڙا مزدور تہ ٻيا واپاري/ ڪاريگر گهٽي پاڱي ڊڪڻ آهن. انهن مان واپاري ۽ ڪاريگر طبقو وري بہ معاشي طور بهتر رهي ٿو پر مزدور طبقي جو اهو ساڳيو ئي حال آهي، جيڪو معاشري ۾ ٻين شعبن سان لاڳاپيل مزدورن جو. جديد زماني ۾ ڪانير جا قصا يا ان جي اهميت ۽ عظمت ادب ۽ شاعريءَ ۾ ئي نظر اچي ٿي نہ تہ سماج ۾ هڪ مزدور جي حيثيت ۾ هُو اجان بہ هڪ پيڙهيل طبقو ئي آهي.

ڪپ نہ ڪا ڪاني ڪانير! هن ڪنڌيءَ جي
جا اُڏوهيءَ اڌ ڪئي، پڄ اُها باني
هر ڪا ڏس هاني، آهي سگهہ ساٿيھ جي
(ڏوريان ڏوريان مَ لهان - ص: 274)

تاجل ان شعر وسيلي وطن سان محبت جو بہ درس ڏئي ٿو، چاڪاڻ تہ وطن جي خاتمي سبب ماحول ۾ گدلاڻ ۽ گرمي وڌي ٿي.

**لوهر:**

ڏاتي کان وني جهاز تائين لوهر جو ڪم ختم نہ ٿو ٿئي. سندس فن ۽ پورهئي جو قدردان هر ڪو ئي ٿئي ٿو. هڪ شاعر جڏهن سماج جي ماڻهن جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ سماج ۾ وَسندڙ ۽ سماج جوڙيندڙ اهي پورهيتن جا هٿ ئي آهن، جيڪي پنهنجيءَ پنهنجيءَ ڪرت مطابق هڪ ٻئي جي هٿ ۾ هٿ ڏنيون بيٺا آهن. سِڪن جي نظام نهڻ کان اڳ مٽا سٽا يعني بارٽر

سستم ۾ پورهئي ۽ شين جو ملھ هوندو هو. ان جي عيوض ڏاٽو، ڏانداريءَ جي عيوض ڪپھ. اهڙيءَ طرح هر ماڻهو ڪو نہ ڪو پورهيو ڪندو هو، جيئن هُو ان ڪم جي عيوض پنهنجي ضرورت پوري ڪري سگهي. انهن پورهيتن ۾ صدين ڪان وٺي لوهر جو ڌنڌو ملي ٿو.

اهڙيءَ طرح تاجل بيوس بہ ڪيس محبت مان ڏاٽو جوڙيندڙ چوي ٿو پر ان سان گڏوگڏ ڪيس تنبيھ بہ ڪري ٿو تہ لوھ تپائڻ مھل باھ ايتري رکي جو ڌرتيءَ کي ڪو اهنج نہ ٿئي ۽ ڌرتيءَ کي اِنهن اڱرن جو تئہ نہ تپائي.

ڏنو آ ڏاٽو، لوهر جوڙي لوھ مان
لٽي آندم للر جو، گاھ پسي گهاٽو
چمڪيو چوواٽو، ڪانهي ڪر ڪراڙ کي

**ڪوري:**

ڪورين جو پورهيو بہ عظيم آهي. سڄو ڏينهن هو ڌاڳي ۾ ڌاڳو جوڙي سنهڙي سٽ مان اوچڻ ڻاهڻ جو ڪم ڪري ٿو. هو متحد ڪري ٿو، جوڙي ٿو. هڪ لحاظ ڪان اتحاد جي علامت آهي. اهو اتحاد جيڪو هن سماج ۾ هر طبقي ۽ هر سوچ جي ماڻهوءَ ۾ هجي تہ هوند سمورو سماج سک جي وستي بڻجي وڃي.

جهٽ ڪري ڪوري! خاصو جوڙي ڪيس ڏي
گڏ ڪا سرس سڳن ۾، فڪر جي ڦوري
اسان جو آ آجڪو، تو جيڪا توري
ڌڪن جي ڌوري، گڏ تہ گوندر ماٽيون
(ڌوريان ڌوريان مَ لــهان - ص: 272)

**ڌوٽي:**

ڌوٽين کي شاھ لطيف ڪان وٺي تقريبن سمورن شاعرن پنهنجي پنهنجي شاعريءَ ۾ جاڪوڙ جي علامت طور پيش ڪيو آهي.

وڄ، نہ ويهي رھ، اوري آڻ اُنن کي
ڌوٽي! هن ڌهر ۾، لاڌن سوڌو لھ
ڪا تہ ميان! ڪھ، اوٽي! ڳالھ اندر جي
(ڌوريان ڌوريان مَ لــهان — ص: 263)

**ناڪُئا / مُهاڻا:**

شاعرن مهاڻي يا ناڪئي کي بہ نگهبان واريءَ علامت طور پيش ڪيو آهي. مهاڻي / ناڪئي کي سمنڊ توڙي درياءَ جي گهٽن گهيڙن، موسمي تبديلين ۽ مڇيءَ جي موجودگيءَ جي خبر پوندي آهي. هو هڪ قسم جا ماهر هوندا آهن پنهنجيءَ ڪرت جا. درياهہ يا سمنڊ ۾ جڏهن ٻيڙي گهڙي تہ پوءِ هڪ آسرو پالڻهار جو ۽ ان کان پوءِ مهاڻي جي هٿ ۾ ٻيڙيءَ جي سنڀال هوندي آهي. پاڻيءَ ۾ گهڙڻ کان پوءِ بہ انيڪ خطرا ماڻهوءَ جي زندگيءَ سان لاڳاپيل رهن ٿا. درياهہ/ سمنڊ جا خونخوار جانور، مڇيون مانگرمڇ وغيرهہ انهن سمورن خطرن ۽ انهن کان بچاءَ جو مهاڻو ماهر هوندو آهي. تاجل بيوس ناڪئي کي سندس اهميت ۽ ذميداريءَ جو احساس ڏياريندي چوي ٿو تہ شهنشاهي شوق ان تي نہ ٿا ٺهن. هو تہ سونهن جو سپاهي آهي ۽ پنهنجي اها ذميداري نڀائي تہ جيئن سرخرو ٿئي.

اڳتي اُڪار ناڪئا! اکڙين کي ڏئي اوجاڳا
ڪڻ ڀڳهہ هِن پتڻ تان، توڙي سِڙهن جا ساڪا
سودو آ جت سِرَن جو، مارو آ مانگرن جو
ڪر ڪاهہ تن ڪُنن تي، چڏ تڙ، پتڻ هي تانگها
ڏورڻ جي ڏاهَہ رک تون، اڳتي نگاهہ رک تون
ڪنهن لئي اگڻ ٻهارين، ڪنهن لئي اُڏائين ڪانگا
ڇڏ شوق شهنشاهي، تيءُ سُونهن جو سپاهي
ٻانهن جي ٻل تي بيوس، لنگهہ تون سمورا لانگها
(گل چنو گرنار جو - ص: 19)

**اوٺي(جت):**

اُٺ هڪ انسان جو دوست جانور آهي. سواريءَ ۽ بار ڍوئڻ لاءِ بهترين آهي. جڏهن ٽرڪون ۽ ٻي ٽرانسپورٽ اڃان اِيجاد نہ ٿي هئي تہ اُٺن جا قافلا واپار، لڏ پلاڻ توڙي ٻين ڪمن ۾ بار ڍوئڻ لاءِ ڪم ايندا هئا. اُٺن جي هر قوم ۽ تهذيب ۾ اهميت رهي آهي. اُٺن بابت اسلامي تهذيب ۾ بہ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون، قصا ۽ روايتون آهن. سنڌ ۾ رومانوي داستان ۾ پڻ اُٺ ۽ اوٺين بابت ڪيتريون ئي روايتون آهن. اُٺ سان انسان جو پيار رهندو آيو آهي. ان ڪري ان جا ڪيترا ئي نالا اسان کي شاعريءَ ۾ ملندا. اوٺي اُٺ ڪاهيندڙ شخص آهي.جيترو اهم اُٺ آهي اوترو ئي اُن کي ڪاهيندڙ سوار

پڻ اهم آهي. اوٺي پنهنجي اُٺ کي سينگاري / ناهي ڳچيءَ ۾ ٽليون ٻڌندا آهن. پوءِ ڪيترا ئي اُٺ جڏهن گڏ هلندا آهن تہ اُنهن جي ٽلين جو آواز ماحول ۾ هڪ نرالي موسيقيءَ جو اثر ڇڏيندو ويندو آهي. اوٺي جيئن تہ سفر ۾ هوندو آهي ۽ ان سفر ۾ ان کي ضروري ناهي تہ ڪاٿو پيتو ملندو هجي ان ڪري چاهي اوٺي ڪٿان بہ آيو هجي گهر ۾ سندس اچڻ تي هڪدم مانيءَ جو بندوبست ڪيو ويندو آهي. اهو جڏهن Communication ايتري وسيع نہ هئي تڏهن اوٺين جي سفر جو ڪاٿو ڪري سندس انتظار ۾ وينل گهر جا ڀاتي سندس سهڻو استقبال ڪندا هئا. اوٺي اُهو سوار آهي جيڪو محنت ڪري ٿو، پنهنجيءَ سواريءَ وسيلي پورهيو بہ ڪري ٿو. سنڌ جي شهرن ۾ اڄ بہ ڪيترين ئي جاين تي اُٺ گاڏيءَ تي سامان ڍويا ويندا آهن. انهن اُٺ گاڏن کي هلائيندڙ پڻ پورهيت هوندا آهن جيڪي ڏينهن رات اُنن وسيلي پورهيو ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ پاليندا آهن. ڪن اوٺين جا پنهنجا اُٺ هوندا آهن تہ ڪن جا وري ڪرائي تي ورتل بہ هوندا آهن. اوٺيءَ جي ڪم ۽ سندس محبت ۾ استقبال جي تيارين بابت تاجل بيوس چوي ٿو:

اوٺي تا اچن، لاهيون بار پنيور ۾
ناهن مِٽ پنهونءَ جا، ڏوٿي تا ڏسجن
ڪورا مٿان ڪلهن جي، انگوڇا اٿن
وري تا وڃن، سينگاريا ساٽيهہ ڏي

(ڏوريان ڏوريان مَ لهان - ص: 265)

**چاڪي:**

چاڪي ٻجن مان تيل ڪڍندڙ کي چيو ويندو آهي. سنڌ ۾ مختلف ذاتين جا ماڻهو اهو ڪم ڪندا آهن پر سڏائيندا چاڪي آهن. اُردوءَ ۾ اِنهن کي تيلي چيو ويندو آهي. تيلي محاوري ۾ ماڻهوءَ کان تمام سختيءَ سان ڪم ڪرائيندڙ کي بہ چيو ويندو آهي. چاڪي ڏاند ٻڌي سندن اکين کي ڪارو ڪپڙو ٻڌي گهاڻي جي چوڌاري هڪليندا آهن. هڪ چوڻي آهي تہ چاڪيءَ جي ڏاند وانگر هلڻ. معنيٰ بنا آرام ڪم ڪرڻ، مسلسل محنت ڪندو رهڻ يا هلندو رهڻ. چاڪي هڪ پورهيت آهي. توڙي جو سندس معاشي حالت ٻين پورهيتن وانگر اَبتر نہ هوندي آهي پر جيڪڏهن ان کي بہ سماج ۾ مجتا ملي تہ هو پڻ تمام سکين حالتن ۾ گذاري سگهي ٿو. چاڪين جا مختلف درجا ٿين ٿا جيڪي ماڻهو تيل ڪڍڻ جو واپار ڪن ٿا اُهي سڪيا

ستابا رهن ٿا پر جيڪي محدود وسيلن ۾ رهي ڪم ڪن ٿا سندن معاشي حالت پڻ ان لحاظ مطابق رهي ٿي. تاجل بيوس پنهنجن بيتن ۾ چاڪيءَ جي تيل ڪڍڻ واري ڪرت / محبت جي پيغام کي ظاهر ڪري ٿو.

چاڪيءَ ڏني جاءِ تانگهه ملائي تيل ۾
سچ تہ اُن سرهاڻ، ۾ ڪس نہ آهي ڪا
اسان پر اُهاءِ ڪيري چڏي ڪُن ۾

**ڪنير:**

ڪنير اهڙو ڪاريگر آهي، جنهن جي عظمت کي شاهہ پٺائيءَ جيئن علامتي بيان ڪيو آهي ائين شايد ڪنهن ٻئي شاعر نہ ڪيو هوندو. ڪنير جي آويءَ جي نينهن واري تشبيهہ ڪنير جي ڪرت جي عظمت جو هڪ اعتراف آهي. وري سهڻي ميهار واري قصي ذريعي پڻ ڪنير جي ڪم تي مختلف تنقيد ٿيندي رهي آهي. ان لحاظ کان ڏسجي تہ ادب ۽ تهذيب ۾ هن پورهيت جو ذڪر ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان ٿيندو رهيو آهي. تاجل بيوس پڻ ڪيس تاريخي واقعن جي پس منظر ۾ وڏيڪ ذميداريءَ سان ڪم ڪرڻ جي اپيل ڪري ٿو.

ڪنبي ٿو ڪنيار، چاڙهو رکندي چڪ تي
پيس سڌ سرير جي، جو گهڙي ڪيو گار
ساهڙ ۽ سهڻيءَ جو، وينو پڇي وار
سيڪو سرجڻهار پر ڪو ڪو هٿ ڪنيار جو
(ڏوريان ڏوريان مَ لهان - ص: 269، 271)

**گهورڙئو:**

پراڻي زماني ۾ گڏهہ يا اُٺ تي ۽ نئين زماني ۾ سائيڪل تي يا ريڙهي تي شيون کڻي وِڪڻندڙ شخص کي گهورائو يا گهورڙيو چوندا آهن. هيءُ اُهو پورهيت آهي جيڪو سڄو ڏينهن پنهنجي سامان کپائڻ لاءِ گهمندو آهي. ڪڏهن ڪيس فائدو ٿيندو آهي تہ ڪڏهن نہ. ادب ۽ شاعريءَ ۾ پورهيت جي هن ڪردار جو گهڻو ذڪر ملندو. خاص ڪري لوڪ ادب ۾ چاڪاڻ تہ گهورڙئو وستي وستي ڦرندو آهي. ڳوٺن ۾ جتي مارڪيٽ ۽ بازارون نہ هونديون آهن اُتي گهورڙئي جو انتظار ٿيندو آهي. گهورڙئي جو ذڪر ٽري لوڪ گيتن ۾ بہ گهڻو ٿيل آهي. توڙي جو گهورڙئو هڪ ڪاروباري شخص آهي پر ماڻهن ۾ قوتِ خريد گهٽ هئڻ ڪري اُن کي گهڻيءَ محنت جي

عيوض گهڻ منافعو يا ڪمائي ٿيندي آهي پر تنهن جي باوجود گهوڙيو هڪ پيڙهيل مزدور جي پيٽ ۾ خودمختيار ۽ ننڍڙي واپاريءَ جي حيثيت ۾ معاشي مسئلن کي منهن ڏيندڙ پورهيت آهي.

گهوڙو گهورڙئي ٻڌو اچي ٻير سان
ڪاٽيارو گهڻو ٿيو، پوڄا پيٽ ڪري
آيو سچ لتي، پوءِ ٻه اُلڪو پوءِ جو
(ڏوريان ڏوريان مَ لهان - ص: 275)

**سونارو:**

سونارو حقيقت ۾ هڪ ڪاريگر ۽ واپاري آهي. اهڙيءَ طرح سونارو توڙي جو تمام گهڻو هنرمند ۽ پورهيت آهي پر پوءِ به هو معاشي پريشانيءَ جو شڪار نه ٿو رهي بلڪ خوشحال زندگي گذاريندو آهي. پر جيئن ته سندس ڪم سچ، ايمانداريءَ، ڪري ۽ ڪوٽي جي پرک وارو آهي اِن ڪري شاعر پورهيتن، هنرمندن ۽ سرجڻهارن ۾ سندس ذڪر هڪ محبتون وِرهائيندڙ، سچ جي آبياري ڪندڙ، انصاف ڪندڙ پورهيت طور ڪن ٿا.

ساڙِ نه سونارا! ڪچ ملائي سچ ۾
پرهه پچندءِ خبرون، مارڳ موچارا
سونارڪيءَ سونهن کي ڏي سمجهي سيڪارا
نه ته ماڻهو وس وارا، ڍِڪيندءِ دڪان تان
(ڏوريان ڏوريان مَ لهان - ص: 275)

**ٺاٺارا:**

ٺاٺارا معنيٰ ٺا ٺا واري آواز سان شيون ٺاهيندڙ خريد ڪندڙن پڳل ٿانون يا اوزارن جي مرمت ڪندڙن کي پراڻن ڪٽ ٿامي جي ٿانون کي قلعي ڪرڻ يا گاڏين جي مرمت ڪندڙن کي به ٺاٺارا چيو ويندو آهي. ڳوٺن ۾ ڪٽ ٿامي جا ٿانو قلعيءَ سان چمڪائي اڇا اُجرا ڪيا ويندا آهن. شهرن ۾ ته هاڻي اسٽيل جي ايجاد کان پوءِ انهن ٿانون جو واهپو ختم ٿي ويو آهي پر ٺاٺارا هاڻي رڳو ديڳين وغيره کي قلعي ڪندي يا پراڻن سينگاريل ٿانونDecoration Pieces وغيره کي قلعي ڪندي نظر ايندا آهن. هي اُهي پورهيت آهن جيڪي سماجي ترقيءَ ڪري پنهنجي ڪرت ڇڏي ٻيا ڪم ڪرڻ تي مجبور آهن. سماج مان انهن جو ڪم گهٽجي ويو آهي پر شاعريءَ ۾ سندن ذڪر موجود آهي.

نانارا! نہ نار، هن دوساٽيءَ ديڳ ڪي
ڦوڪي ڏونڻ فڪر جي، ڳچ قلعيءَ جو ڳار
اندر ائين اُجار تہ اصل ڪي اوڏا ٿيون
(ڏوريان ڏوريان مَ لهان - ص: 276)

پورهيتنءَ هرهڪ پورهئي بابت تاجل بيوس جا ڪيترا ئي گيت آهن، پر هتي ضخامت کان بچڻ لاءِ هرهڪ مان چند مثال پيش ڪيا ويا آهن. تاجل جي ڪلام ۾ جتي بيون انيڪ خوبيون آهن اتي سندس پورهيتن لاءِ سرجيل گيت سندس طبقاتي فرق کي نندينڌڙ ۽ پورهيتن جي سماج جي جوڙجڪ ۾ ڪردار جي اهميت سمجهندڙ، پورهيتن جي هنر، فن ۽ محنت جي قدرداني ڪندڙ نظرئي کي ثابت ڪن ٿا. سندس ڪلام جي مطالعي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هو پورهيتن جو حامي، قدردان ۽ سندن ترجمان شاعر آهي.

**مددي ڪتاب:**


(1) ڏوريان ڏوريان مَ لهان - تاجل بيوس - ڇاپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشن ڪراچي - ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي سنگت سنڌ - سهڪار: تاجل بيوس اڪيڊمي ڪراچي 1997ع. اهو تاجل بيوس جي نون مجموعن تي ٻڌل ڪلام آهي جن جا نالا هي آهن:

1. جڏهن پونءَ ٻٽي – سنگم پبليڪيشن ڪراچي 1982ع
2. انبن جهليو ٻور – سنگم پبليڪيشن ڪراچي 1985ع
3. سرجيندڙ ساٽيهہ جا سنگم پبليڪيشن ڪراچي 1985ع
4. سنڌ منهنجي امان – سنگم پبليڪيشن ڪراچي 1989ع
5. ڪاچي مٿان ڪونج – سنگم پبليڪيشن 1990ع
6. ڪنڌيءَ ڪونر تون – سنگم پبليڪيشن 1991ع
7. ڪنڌيءَ اَڪ ڦلاريا – سنڌي ساهت گهر حيدرآباد 1992ع
8. صحرا ستر جن – مهراڻ پبلشرز ڪراچي 1996ع
9. تنهنجا نيڻ غزل – مهراڻ پبلشرز ڪراچي 1996ع

(2) بيوس تاجل – گل چنو گرنار جو (ڪافيون، وايون ۽ ڏوهيڙا) – نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچي 2006ع
(3) بيوس تاجل – ڏک سکن جي سونهن (آتم ڪٿا) – جلد پهريون – نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچي 2003ع
(4) بيوس تاجل صحرا ستر جن - ڇاپو پهريون – مهراڻ پبلشرز ڪراچي 1996ع
(5) سومرو نصير – شاعراڻا وِيچار – بلال پبليڪيشنز ڪراچي 2012ع

پروفيسر رياضت برڙو

# ڊڪشنري، ليڪسِڪن، وڪيبيُلرِي، گلاسري، ٿِسارس ۽ انسائڪلوپيڊيا اصطلاحن جو تقابلي جائزو

**A Comparative Study of the Terms: *Dictionary, Lexicon, Vocabulary, Glossary, Thesaurus and Encyclopaedia***

**Abstract:**

'Language' is a non-material aspect of culture, by which human beings express their thoughts, opinions and ideas, and for this purpose meaningful words are used in all languages of the world.

It is not simple for a human to know and use all words in their own language or other languages. It is an essential need to use a dictionary or a thesaurus when we read, write or get education at various levels.

Words are arranged and explained in different ways in various types of dictionaries, vocabulary lists, glossaries and thesauruses according to the needs of learners, experts and common persons. Encyclopaedias are also compiled at macro and micro levels in which write ups are included about many topics and subjects.

In this research paper, I have done a comparative study of the terms: Dictionary, Lexicon, Vocubalry, Glossary, Thesaurus and Encyclopaedia and dispelled some misunderstandings about them being synonyms, pinpointing the slight differences between each of these terms.

**Key words:** linguistics, dictionary, lexicon, vocabulary, glossary, thesaurus, encyclopaedia, comparative.

رابطن جي مختلف ذريعن ۾، ٻولي اثرائتي اظهار جو ذريعو آهي. ٻولي هڪُ اهڙو وکر آهي جيڪو ماڻهو ان لاءِ ڪتب آڻي ٿو، ته جيئن پنهنجن خيالن، جذبن، احساسن، امنگن، ڪيفيتن، ڪَمن، حالتن، مصروفيتن، سرگرمين وغيره جو اظهار ڪري. اهڙي اظهار جا انيڪ مقصد ٿي سگهن ٿا، جن ۾ هڪ خاص مقصد هيءُ به آهي، ته ٻوليءَ ذريعي ڪنهن به سماج جا ماڻهو هڪ ٻئي سان ڳنڍيل رهن ٿا، ڇاڪاڻ ته ٻولي سماج ۾ ئي وجود وٺي ٿي: ٻوليءَ جو وجود سماج کان سواءِ ممڪن نه آهي.

ٻولي سماج کان الڳ نه آهي. ان ڪري، ٻوليءَ ۽ انسان کي به هڪ ٻئي کان الڳ ڪري نه ٿو سگهجي: ٻئي هڪٻئي سان لازم ملزوم آهن. ٻولي ڳالهائڻ جي عمل ۾ رڳو ئي به يا وڏيڪ ماڻهو ملوث نه ٿا ٿين، پر ماڻهو پنهنجو پاڻ سان به ڳالهائي ٿو. پاڻ سان ڳالهائڻ جو اهو عمل ماڻهوءَ جي ذهن اندر عمل هيٺ اچي ٿو. اهو فطرتي آهي، ته ارادي سان يا بنا ارادي، ماڻهو ڪجهه نه ڪجهه سوچيندو رهندو آهي. سوچڻ جو عمل لفظن ۽ انهن جي مفهوم کان سواءِ ممڪن نه آهي. ماڻهوءَ جي ذهن ۾ لفظن، انهن جي متبادل لفظن ۽ انهن جي مفهوم جي ميڙا چونڊِي پڻ ڪجهه ٻين لفظن جي صورت ۾ موجود به هوندي آهي، ته ان ۾ واڌارو به ايندو رهندو آهي. ان ڪري ئي هر ماڻهوءَ جو، هڪ ذاتي لفظي ذخيرو پڻ ٿئي ٿو. ان ريت، مختلف ڏنڌن ۽ ڪِرتن سان لاڳاپيل ماڻهن جا لفظي ذخيرا، ڳالهه ٻول ۽ ڪم ڪار ذريعي جڏهن هڪ ٻئي سان سلهاڙجن ٿا، ته ٻولي ڳالهائيندڙن جو مجموعي لفظي ذخيرو وڌڻ لڳي ٿو، جنهن سان ٻولي شاهوڪار بڻجڻ جي عمل مان گذري ٿي. ان ڪري، ٻوليءَ وٽ جيترا گهڻا بامعنىٰ لفظ هوندا آهن، اها اوتري ئي گهڻي رچيل ۽ شاهوڪار هوندي آهي ۽ ڪنهن به خيال، مفهوم، مقصد، وهنوار ۽ ڪِرت کي ڀرپور ۽ سهڻي طريقي سان اظهاري سگهندي آهي ۽ سماج ۾ پنهنجو گهڻ رُخو ڪارج ادا ڪندي رهندي آهي، خاص ڪري اهو ڪارج ويتر وڌي ويندو آهي، جڏهن ڪا هڪ ٻوليءَ ٻيءَ ٻوليءَ سان لهه وچڙ ۾ ايندي آهي.

دنيا ۾ لڳ ڀڳ ساڍيون ڇهه هزار ٻوليون آهن، جن مان عام طور هڪَ، نه ته ٻه يا ٽي ٻوليون مختلف علائقن، هنڌن، ماڳن، مڪانن، آبادين ۽ سماجن ۾ ماڻهو هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا رهن ٿا. انهن ساڍين ڇهه هزار ٻولين ۾، ڪي ٻوليون صرف ڳالهايون وڃن ٿيون، ته ڪي لکيون پڻ وڃن

ٿيون. جيڪڏهن ڳالهائيندڙ جي آوازن ۾ آندل لفظن کي ٻڌندڙ انهن لفظن ۾ سمايل معنىٰ ۽ مفهوم کي سمجهي ٿو، ته ان سان هڪ بامقصد سماجي سرگرمي عمل هيٺ اچي، مڪمل ٿئي ٿي، ۽ ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان رابطو پنهنجو ڪارج ادا ڪري ٿو. ٻيءَ صورت ۾، جيڪڏهن ڳالهائيندڙ جي لفظن ۾ سمايل معنىٰ ۽ مفهوم کي، ٻڌندڙ ماڻهو سمجهي نه ٿو، ته لفظن ۽ ان جي معنائن جي سماجڪ سرگرمي متاثر ٿئي ٿي ۽ پنهنجو ڪارج وڃائي ٿي.

ڳالهائڻ وانگر لکڻ جو عمل (writing process) پڻ لفظن سان واسطو رکي ٿو، جيڪو مختلف نشانين وسيلي، ارادي سان اختيار ڪيل، معنوي اظهار آهي. لکڻ وسيلي ٻولي نه فقط محفوظ ٿيندي آهي پر وقت سان گڏ سفر پڻ ڪري ٿي ۽ پنهنجي تسلسل ۽ دائميت کي برقرار رکي ٿي. انهن لکيل لفظن کي، سندن معنائن ۽ ٻئي ضروري تفصيل سان گڏ جڏهن الف-بي وار ترتيب هيٺ ڪنهن ڪتاب ۾ سهيڙجي ٿو ته اهڙي ڪتاب کي مختلف ٻولين ۾ ”لغت“، ”لغات“، ”ڪوش“، ”فرهنگ“، قاموس“، ”ڊڪشنري“، ”ليڪسڪن“ وغيره ڪوٺيو وڃي ٿو. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي ڪتاب کي عام طور ’لغت‘ ۽ ’ڊڪشنري‘ چئجي ٿو.

هيٺ، ”ڊڪشنري“، ”ليڪسڪن“، ”وڪيبيلري“، ”گلاسري“، ”ٿسارس“ ۽ ”انسائڪلوپيڊيا“ اصطلاحن ۽ ساڻن لاڳاپيل ٻين انگريزي اصطلاحن (terms) جي وصفن، ترادفن، متبادلن ۽ سمجهاڻين کي درج ڪجي ٿو، جنهن سان انهن لفظن جي ڪُشادي (vast) مفهوم کي سمجهي سگهبو. ”لغت“، ”ڪوش“، ”فرهنگ“ وغيره اصطلاحن جي تقابلي مطالعي لاءِ ليکڪ جو الڳ مقالو لکيل آهي.

**ڊِڪشنرِي(Dictionary):-**

انگريزي ٻوليءَ ۾ ’لغت‘ جو متبادل لفظ ’ڊڪشنري‘ (Dictionary) آهي. ’ڊڪشنريءَ‘ جو پهريون استعمال 1526ع کان ملي ٿو، جنهن جا انگريزيءَ ۾ معروف متبادل اصطلاح ’ليڪسڪن‘ (Lexicon) ۽ ’ورڊ بُڪ‘ (Wordbook) آهن. انگريزيءَ ۾ اهو لفظ لاطيني ٻوليءَ جي لفظ ’*dictionarium*‘، ’*diction-*‘ ۽ ’*dictio*‘ مان آيل آهي، جنهن جي معنىٰ ”لفظ“ آهي. ڊڪشنريءَ جو مخفف ’dict‘ آهي.

”نيو انسائڪلوپيڊيا برٽينيڪا“(مائڪروپيڊيا) ۾ ’ڊڪشنري‘ بابت هيءَ وصف آيل آهي:

> “Dictionary, reference book that lists words in order and gives their meanings... In addition to its basic function of defining words, a dictionary may provide information about their pronunciation, grammatical forms and functions, etymologies, syntactic peculiarities, variant spellings, conventional abbrevations, and synonyms and antonyms. A dictionary may also provide quotations illustrating a word's use, and these may be dated to show the earliest known uses of the word in special senses. The word *dictionary* itself comes from the Latin dictio, 'the act of speaking,' and dictionarium, 'a collection of words.'”(1)

(ڊڪشنري هڪ حوالاجاتي ڪتاب آهي جنهن ۾ لفظ هڪ ترتيب ۾ معنائن سان ڏنل هوندا آهن... لفظن جي وصف ڏيڻ جي ان بنيادي ڪارج سان گڏ، ڊڪشنري انهن لفظن جي اچارن، وياڪرڻي شڪلين ۽ ڪارجن، اشتقاقن، جوڙجڪي خصوصيتن، مختلف هِجيُن، رواجي مخففن، ۽ مترادفن ۽ ضدن جي ڄاڻ به ڏئي ٿي. ڊڪشنري لفظ جي واهپي جي وضاحت لاءِ حوالا پڻ ڏئي ٿي، جيڪي لفظ جي مخصوص معنىٰ ۾ استعمال جي حوالي سان تاريخوار ترتيب موجب ڏيکاري ٿي. لفظ ’ڊڪشنري‘ لاطيني لفظ dictio يعني ’ڳالهائڻ جي عمل‘، ۽ dictionarium يعني ’لفظن جي مجموعي‘ مان ورتل آهي.)

مٿين وصف مان معلوم ٿئي ٿو ته لفظ جي اچار، وياڪرڻ، اشتقاق، هِجي، هم معنىٰ لفظن ۽ ضد لفظ جي سُڌ لاءِ ڊڪشنريءَ جو واهپو ٿئي ٿو. ان ڪان سواءِ اهو پڻ ڊڪشنريءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته مختلف وقتن دوران ڪنهن به لفظ جو استعمال ڪهڙين معنائن طور رهيو آهي ۽ ان ڪي ڪهڙيءَ ريت لکيو ويندو رهيو آهي.

”ويبسٽرس نيو ورلڊ ڪاليج ڊڪشنريءَ“ (Webster's New World College Dictionary) ۾، ’ڊڪشنري‘ جون معنائون هن ريت ڏنل آهن:

> **Dictionary** [ML *dictionarium* < LL dictio][2] **1** a book of alphabetically listed words in a language, with definitions, etymologies, pronunciations, and other information; lexicon **2** a book of alphabetically listed words in a language with their equivalents in another language *[*a Spanish-English *dictionary]* **3** any alphabetically arranged list of words or articles relating to a special subject *[*a medical *dictionary]*.[3]

(**ڊڪشنري** 1. **ڪنهن به ٻوليءَ ۾، وصفن، اشتقاقن، اچارن، ۽ ٻيءَ ڄاڻ سان الف-بي وار ترتيب ڏنل لفظن جو ڪتاب؛ ليڪسِڪن.** 2. **الف-بي وار ترتيب ڏنل هڪ ٻوليءَ جي لفظن جو ڪتاب جنهن جا مساوي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڏنل هجن** *[اسپيني-انگريزي ڊڪشنري]*. 3. **ڪا به الف-بي وار ترتيب ڏنل لفظن يا مضمونن جي فهرست، جيڪي ڪنهن خاص موضوع سان لاڳاپيل هجن** *[ميڊيڪل ڊڪشنري]*).

هيءَ وصف چٽو ٿي ڪري ته ڊڪشنريءَ ۾ لفظن جون وصفون، اشتقاق، اچار، وغيره ته هوندا آهن، پر ان جا ٽي رواجي قسم به ٿين ٿا، جن ۾ هڪ ئي ٻوليءَ جي ڊڪشنري، ٻن ٻولين ۾ ڊڪشنري ۽ موضوعي ڊڪشنري شامل آهن.

”ڏَ چيمبرس ڊڪشنريءَ“ (The Chambers Dictionary) ۾ ’ڊڪشنريءَ‘ جي سمجهاڻي هن طرح ڏني وئي آهي:

> “A book containing the words of a language alphabetically arranged, with their meanings, etymology, etc; a lexicon; an additional program available in some word-processing packages which will check text for spelling errors against a dictionary contained on the disk (*comput*); a work containing information on any area of knowledge, alphabetically arranged. [LL *dictiōnārium* ; see **diction**]”[4]

(**الف-بي جي ترتيب ۾ ٻوليءَ جي لفظن جو ڪتاب، جنهن ۾ انهن جون معنائون، ڏاتُو، وغيره شامل هجن؛ ليڪسِڪن؛ ورڊ پراسيسنگ پيڪيجز ۾ اضافي ميسر پروگرام، جيڪو ڊسڪ ۾ موجود ڊڪشنريءَ موجب، متن ۾ هِجي جون غلطيون چڪاسي** (ڪمپيوٽر)؛ **اها تصنيف جنهن ۾ ڪنهن خاص**

شعبي جي معلومات الف-بي وار ترتيب سان ڏنل هجي. [پوئين دَور واري لاطيني *dictiōnārium* مان ورتل: ڏسو diction[5] [ڊِڪشَن])

چيمبرس ڊڪشنريءَ جي مٿين وصف مان اضافي طور معلوم ٿو ٿئي تہ ڊڪشنري ليڪسڪن جو مترادف آهي. ڊڪشنري ورڊ پراسيسنگ پيڪيجز ۾ ڪمپوزنگ جي غلطين جي نشاندهي ڪندي آهي ۽ مختلف متبادل لفظن جو ڏس ڏيندي آهي (جنهن سان متن کي سنواري سگهبو آهي).

ڊاڪٽر فيلن جي جوڙيل ”انگلش-اردو ڊڪشنري“ ۾، ’dictionary‘ جا رواجي مترادف ڏنا ويا آهن، جهڙوڪ: ”ترتیب وار لفظوں کی کتاب- کوش- کتاب لغت- فرہنگ- ابدھان- [لغت- قاموس][6]

”اوڪسفرڊ انگلش ريفرنس ڊڪشنريءَ“ ۾، ’ڊڪشنريءَ‘ جي معنيٰ ۽ سمجهاڻيءَ ۾ آيل آهي تہ:

> “**1** a book that lists (usu. in alphabetical order) and explains the words of a language or gives equivalent words in another language. **2** a reference book on any subject, the items of which are arranged in alphabetical order (*dictionary of architecture*). [med.L *dictionarium* and *dictionarius* f. L *dictio*][(7)]

(1 ڪتابُ جنهن ۾ ڪنهن ٻوليءَ جا لفظ (عام طور الف-بي وار ترتيب ۾) ڏنل ۽ سمجهايل يا انهن جا ٻيءَ ٻوليءَ ۾ متبادل آندل هجن. 2 ڪنهن بہ موضوع تي هڪ حوالاجاتي ڪتاب، جنهن جا نُگَ الف-بي وار ترتيب ۾ ڏبا آهن (*تعميرات جي لغت*). [وچين دَور جي لاطيني *ڊڪشنَرِيَم* ۽ *ڊڪشنريَس* لاطيني ڊڪشو مان])

’ڊڪشنريءَ‘ جي مٿين سمجهاڻي ”اوڪسفرڊ انگلش سنڌي ڊڪشنريءَ“ (Oxford English Sindhi Dictionary، 2010ع) ۾ بہ شامل آهي. اضافي طور منجهس ’ڊڪشنريءَ‘ جي مترادفن ۾ ”لغت، ڪتاب اللغات، ڪوش، معجم ۽ فرهنگ“ بہ ڄاڻايل آهن.[8]

”اوڪسفرڊ انگلش ريفرنس ڊڪشنريءَ“ جي آندل مٿين وصف ڪنهن قدر ”ويبسٽرس نيو ورلڊ ڪاليج ڊڪشنريءَ“ جي مٿي ڏنل وصف سان هڪجهڙائي رکندڙ آهي. ان وصف جي پهرئين نُڪتي ۾، ڊڪشنريءَ جا ٻہ روايتي قسم پڻ ڏنا ويا آهن ۽ ٻئي نُڪتي ۾ ٽيون قسم ڄاڻايو ويو آهي.

پرمانند ميوا رام جي مؤلف ڪيل مشهور انگريزي-سنڌي لغت ”اَ نيو انگلش-سنڌي ڊڪشنري“ (A New English-Sindhi Dictionary) ۾، ’ڊڪشنري‘ جون رواجي معنائون ”لُغتِ، ڪوشُ، فرهنگ“ ڏنيون ويون آهن[9]. جڏهن ته، مولوي عبدالحق جي مؤلف ڪيل ”دَ اسٽوڊنٽس اسٽينڊرڊ انگلش-اردو ڊڪشنري“ (The Student's Standard English-Urdu Dictionary) ۾ پڻ ان جا عام مترادف لفظ ”لغت، فرهنگ، قاموس“ ڏنا ويا آهن[10].

اِيوَن اِيسَر جي جوڙيل ”اِيسرس ڪامڪ ڊڪشنريءَ“[11] ۾، ’ڊڪشنريءَ‘ جي ڏنل مختلف وٽندڙ ۽ دلچسپ سمجهاڻين مان هڪڙي منفرد وصف هنن لفظن ۾ ڏني وئي آهي:

> “A dictionary is a wordbook that gives you the definition of *definition*, the spelling of *spelling*, and the pronunciation of *pronunciation*.”[12]

(ڊڪشنري اُهو لفظن جو ڪتاب آهي جيڪو توهان کي وَصف جي وصف، هِجي جي هِجي، ۽ اُچار جو اُچار ڏَسي ٿو.)

مٿين وصفن مان ظاهر ٿئي ٿو ته انگريزي ٻوليءَ جو لفظ ’ڊڪشنري‘ لاطيني ٻوليءَ جي لفظن *dictio* ۽ *dictionarium* مان جڙيو آهي. ڊڪشنري هڪ حوالاجاتي ڪتاب آهي، جنهن ۾ الف-بي وار ترتيب ۾، لفظن جا مترادف، معنائون ۽ سمجهاڻيون، لفظن جي ٻيءَ ضروري معلومات سان گڏ، ساڳيءَ ٻوليءَ ۾ يا ٻيءَ ٻوليءَ ۾، ڏنل هونديون آهن. موضوعي ڊڪشنريون پڻ جوڙيون وينديون آهن، جيڪي ڊڪشنرين جا رواجي قسم آهن.

’ڊڪشنري‘ جي انگريزي ٻوليءَ ۾ ڏنل وصفن ۾، جيڪي مختلف متبادل اصطلاح ڪم آيا آهن، تن ۾ ’Lexicon‘ (ليڪسِڪن) گهڻو اهم آهي. جڏهن ته، ’Vocabulary‘ (وڪيبيُلري)، ’Glossary‘ (گلاسري) ۽ ’Thesaurus‘ (ٿِسارس) پڻ ڪڏهن ’لغت‘ جي معنىٰ ۾، ڪڏهن ’لفظي ذخيري‘ جي معنىٰ ۾، ته ڪڏهن ڪجهه تفاوتي معنائن سان ڪتب آندا ويندا آهن. انهن اصطلاحن منجهان ٻيا ڪيئي لاڳاپيل اصطلاح پڻ نهن ٿا. مختلف ٻولين ۾ ”وڪيبلريون، گلاسريون ۽ ٿسارس“ پڻ ڌار ترتيب ڏنيون ويون آهن، ان ڪري انهن مڪيه اصطلاحن کي سمجهڻ ضروري آهي.

**ليڪسِڪن (Lexicon):-**

’ليڪسڪن‘ جا انگريزيءَ ۾ معروف مترادف ’ڊڪشنري‘ ۽ ’ورڊبُڪ‘ (wordbook) آهن. ان لفظ جو پهريون پيرو استعمال 1580ع ۾ ٿيو. ”نيو انسائڪلوپيڊيا برٽينيڪا“ (ميڪروپيڊيا) ’ليڪسڪَن‘ بابت لکي ٿي ته:

“The word lexicon designates a wordbook, but it also has a special abstract meaning among linguists, referring to the body of separable structural units of which the language is made up. In this sense, a preliterate culture has a lexicon long before its units are written in a dictionary. Scholars in England sometimes use "lexis" to designate this lexical element of language.”**(13)**

(لفظ ليڪسڪن شبدڪوش(14) کي چئجي ٿو، پر ان جي هڪ خاص تجريدي معنيٰ لسانياتدانن وٽ آهي، جيڪا جدا جدا بناوتي ايڪن جي مجموعي جي حوالي سان آهي، جن مان ٻولي ٺهيل آهي. ان معنيٰ ۾، ڊڪشنريءَ ۾ لکجڻ کان گهڻو اڳ، ليڪسڪن پڙهيل ثقافت کان اڳ موجود هوندو آهي. انگلينڊ جا عالم ڪڏهن ڪڏهن ٻوليءَ جي ان ليڪسڪل عنصر کي ڏيکارڻ لاءِ ’ليڪسس‘ جو اصطلاح استعمال ڪندا آهن.)

مٿين وصف آڌار چئي سگهجي ٿو ته ٻوليءَ جي جدا جدا بناوتي ايڪن کي واضح ڪرڻ لاءِ ليڪسڪن جو واهپو اڳاٽي وقت کان وٺي رواج هيٺ رهيو آهي، جنهن کي برطانوي عالمن پڻ ڪتب آندو آهي.

’ليڪسِڪن‘ بابت ”چيمبرس ڊڪشنري“ لکي ٿي:

“A word-book or dictionary; a vocabulary of terms used in connection with a particular subject. [Gr *lexikon* a dictionary, from *lexis* a word, *legein* to speak)”**(15)**

(شبد-ڪوش يا ڊڪشنري: ڪنهن مخصوص موضوع سان لاڳاپيل اصطلاحن جي ذخيرو. [يوناني ٻوليءَ جي لفظ *lexicon* معنيٰ ”ڊڪشنري“، *lexis* معنيٰ ”لفظ“، *legein* معنيٰ ”ڳالهائڻ“ مان ورتل])

”چيمبرس ڊڪشنريءَ“ جي مٿين مختصر وصف ۾ ٻئي معنائون شامل آهن يعني لغت به، ته چونڊ لفظن جي سهيڙ به، جيڪا ڪنهن منتخب موضوع سان لاڳاپيل هجي.

”اوڪسفرڊ ڪنسائز ڊڪشنري آف لِنگئسٽِڪس“ (Oxford Concise Dictionary of Linguistics) ۾، ’ليڪسِڪن‘ جي تشريحي وضاحت ۾ سمجهايل آهي ته:

> "That aspect of a language or of a linguist's account of a language, that is centred on individual words or similar units. Its scope varies enormously from one theory to another: in some a simple subcomponent of a generative grammar; in others the basis, in itself, for most if not all specific grammatical patterns; in some seen as an unstructured list; in others as an elaborate network of entries related by lexical rules and by features shared at various levels. Usually distinguished, as a theoretical concept, from a dictionary, as part of a practical description: hence e.g. a posted mental lexicon, not 'mental dictionary'.(16)

(ٻوليءَ جو اهو پَهلُو يا ٻوليءَ جي ماهر پاران ڏنل ٻوليءَ جي وضاحت، جنهن جو محور انفرادي لفظ يا ساڳيا ايڪا هوندو آهي. ان جي اهميت هڪ نظريي کان ٻئي نظرئي تائين تمام گهڻي بدلجي ٿي: ڪجهه ٻولين جي معاملي ۾ تخليقي گرامر جو سادو بنيادي جزو؛ ٻين حالتن ۾، پنهنجو پاڻ منجهه، گرامر جي مخصوص شڪلين جو بنياد؛ ڪجهه حالتن ۾ غير بناوتي فهرست طور ڏٺل؛ ٻين حالتن ۾، مختلف سطحن تي مشترڪه شڪلين ۾ هڪ واضح داخلائن جو ڄار جنهن جو لغوي قاعدن جي حوالي سان تعلق هوندو آهي. عام طور تي، نظرياتي تصور طور، عملي وضاحت جي جزي طور لغت کان مختلف سمجهيو ويندو آهي: تنهنڪري، مثال طور مقرر ٿيل ذهني ليڪسڪن، نڪي ’ذهني لغت‘.)

هيءَ تشريحي وصف گهڻو ڌيان ڇڪائيندڙ آهي. ان مان سُڌ پوي ٿي ته ليڪسڪن ٻوليءَ جو پهلو يا وضاحت آهي جيڪا ٻوليءَ جا ماهر ڪن ٿا. ان کان سواءِ منجهانئس وياڪرڻي بناوتن جي ڄاڻ به ملي ٿي. جيئن ته نظريا مختلف دماغن جي پيدائش هوندا آهن، ان ڪري ليڪسڪن ۾ انهن نظرين موجب ”ذهني ليڪسڪن“ جو پاسو به شامل ٿي وڃي ٿو.

”ويبسٽرس نيو ورلڊ ڪاليج ڊڪشنريءَ“ ۾ ’ليڪسِڪن‘ بابت لکيل آهي:

“**1** a dictionary, especially of an ancient language **2** the special vocabulary of a particular author, field of study, etc. **3** a record or inventory *[*a notable case in the lexicon of subversion*]* **4** *Linguis*. the total stock of morphemes in a language.”(17)

(1. لغت، خاص ڪري ڪنهن آڳاٽي ٻوليءَ جي 2. ڪنهن مخصوص ليکڪ، اپياسي کيتر، وغيره جي خاص وڪيبيُلري. 3. ريڪارڊ يا فهرست [ليڪسڪن جي ماتحتي واري هڪ نمايان حالت] 4. *لسانيات*. ٻوليءَ ۾ صرفين جو سمورو ذخيرو.)

ان وصف ۾ آڳاٽي ٻوليءَ يا ٻولين جو لفظي ذخيرو ٻه هڪ انفراديت يا نمائندگيءَ سان شامل ڪيل آهي، جيڪا ان جي اهميت کي نروار ڪري ٿي. جڏهن ته ٻيو نمبر نُڪتو ان وصف کي ”وڪيبيلري“ جي ويجهو ڪري ٿو.

’ليڪسن‘ جي معنائن ۾ ”ڪيسِل ڪنسائز انگلش ڊڪشنري“ لکي ٿي:

“A dictionary (usu. applied to Greek, Hebrew, Arabic or Syriac). [from *vocabulaire*, late L. *vocābulārium*]”(18)

(يعني: ڊڪشنري (عام طور يوناني، عبراني، عربيءَ يا شاميءَ سان لاڳاپيل) [’*vocabulaire*‘ مان، پوئيت لاطيني ’*vocābulārium*‘ مان ورتل])

”وڪيپيڊيا“ تي ’ليڪسِڪن‘ سان گڏ ان جا مختلف لاڳاپيل لفظ ’ورڊ-هورڊ، ورڊ بُڪ، ورڊ-اسٽاڪ‘ (**word-hoard**, **wordbook**, or **word-stock**) ڏنل آهن، جن جي گڏيل معنىٰ ۾ لکيل آهي:

A **lexicon**, ... is the vocabulary of a person, language, or branch of knowledge (such as nautical or medical). In linguistics, a **lexicon** is a language's inventory of lexemes. The word "lexicon" derives from the Greek λεξικόν (*lexicon*), neuter of λεξικός (*lexikos*) meaning "of or for words."(19)

(ماڻهوءَ، ٻوليءَ، يا ڄاڻ جي شاخ (جهڙوڪ: سامونڊي يا طبي) جي وڪيبيُلري [ذخيري] کي ليڪسِڪن، شبدڪوش (ورڊ بُڪ)، يا لفظي-ذخيرو (ورڊ-اسٽاڪ) چئجي ٿو. لسانيات ۾، ليڪسڪن ٻوليءَ جي لغوين جي فهرست آهي. لفظ ”ليڪسڪن“ يوناني لفظ λεξικόν (*ليڪسِڪن*) مان

اخذ ڪيو ويو آهي، جيڪو λεξικός (ليڪسڪوس) جو ٻي جنس آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "لفظ جو يا لفظ لاءِ".)

اها وصف پڻ ليڪسڪن کي وڪبيلريءَ جي ويجهو ڪري ٿي، جنهن ۾ لفظن جو ذخيرو سهيڙيو وڃي.

ليڪسڪن جو اصطلاح عام طور هڪ ئي ٻوليءَ جي تناظر ۾ پڻ ڪتب آندو ويندو آهي، ان ڪري گهڻ-ٻولي ڳالهائيندڙ سماج، قومون يا طبقا عام طور سمجهندا آهن ته وٽن ڪيئي ليڪسڪن آهن[20].

ڊاڪٽر فيلن پاران "انگلش-اردو ڊڪشنري" ۾، 'lexicon' جون ساڳيون ئي ڊڪشنريءَ واريون معنائون ڏنيون ويون آهن، يعني: "لغات-فرہنگ -ابھیدان- کوش۔"[21]

محمد اڪرم چغتائي 'ليڪسِڪن' جي تشريح ڪندي، "تشریحی لغت" ۾، لکي ٿو:

> **Lexicon**: لغت، فرہنگ یا قاموس... لسانی تجزیہ پر مشتمل لغت جس میں کسی زبان کی انفرادی لغوی مدات کے معنی اور ان کا استعمال بھی درج ہوتا ہے۔ یہ خاص طور پر تکوینی گرامر کے معنوی اجزا کے حوالے سے استعمال ہوتی ہے۔ قاموس کی خصوصیات کے مطالعہ کو بسا اوقات ذخیرہ الفاظ (Lexis) اور بعض اوقات لغتیات (Lexicology) کہا جاتا ہے۔ "ذخیرہ الفاظ" محدود مفہوم کا حامل ہے، جو قاموس کی صرف رسمی خصوصیات کا حوالہ دیتا ہے، معنوی خصوصیات کا نہیں۔"[22]

ليڪسڪن جي مٿينءَ وصف ۾ ، رواجي مترادفن سان گڏ ڪي تفصيل پڻ آندل آهن، جن ۾ ان کي "وڪيبيلري" يعني "ذخيره الفاظ" کان وسعت به ڏني وئي آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا، 'انسائڪلوپيڊيا برٽينيڪا' مان ورتل حوالي ۾، 'ليڪسِڪن' کي 'لغات' جي مترادف طور آندو آهي. ڊاڪٽر الانا لکيو ٿو:

> "لغات (Lexicon) ڪنهن به ٻوليءَ جي لفظن جي الف-ب وار ترتيب جو اهو مجموعو يا ڪتاب آهي جنهن ۾ اُن ٻوليءَ جي لفظي خزاني جي گڏ ڪيل هر هڪ لفظ يا اُن لفظ جي حصن کي گڏ ڪري، اُنهن جي معنيٰ، مفهوم ۽ وصف سمجهائي ويئي هجي. لفظن جي اهڙي ميڙ يا مجموعي ۾ اُهي لفظ يا ته ان فرد (ماڻهوءَ)، جي

پنهنجي ماحول ۾ رائج هوندا، جنهن اُها لغات جوڙي هوندي، جيڪي (اهي لفظ) هُو پاڻ ۽ ٻيا ماڻهو گفتگو ۾ ڳالهائيندا هوندا، يا ڪن ڪتابن، دستاويزن، لکيتن، ڪاغذن پٽن، علم ادب ۽ شعر و شاعريءَ مان چونڊ ڪري گڏ ڪيا هوندا، ۽ يا وري هنن لفظن جو اهو ذخيرو، ڏار ڏار ڪرت وارن، ڏنڌو ڪندڙ ماڻهن، پيشہ ورن، هنرمندن، ڪاسٻين توڙي خاص موضوعن سان دلچسپي رکندڙن وٽان گڏ ڪيو هوندو."[23]

ڊاڪٽر الانا جي ڄاڻايل وصف ۾ ڊڪشنريءَ، ليڪسڪن توڙي وڪيبيلريءَ ۾ ڪو تفاوت ڄاڻايل نہ آهي. منجهس ڊڪشنرين جا ڪي قسم بہ اڻ سڌيءَ ريت شامل ٿي ويا آهن، جهڙوڪ: هڪ ئي ٻوليءَ جون لغتون ۽ موضوعي لغتون.

"اوڪسفرڊ انگلش سنڌي ڊڪشنري" 'ليڪسڪن' جي معنيٰ ۾ لکي ٿي: "1- ڊڪشنري، ڪوشُ، لغت خاص ڪري يوناني، عبراني، سرياني يا عربيءَ جي. 2- ڪنهن شخص وٽ ٻولي، علم جي ڪنهن شعبي ۾ لفظن جو ذخيرو."[24]

متينءَ وصف جي ٻئي نمبر نُڪتي منجهان معلوم ٿئي ٿو تہ اهڙن لفظي ذخيرن ۾ شاعرن، اديبن جي لکڻين ۾ ڪتب آندل لفظن ۽ انهن جي معنائن ۽ سمجهاڻين کي شامل ڪري سگهجي ٿو.

پرمانند ميوا رام جي "نيو انگلش-سنڌي ڊڪشنري" ۾، 'ليڪسڪن' جا بہ بہ ساڳيا ئي ڊڪشنريءَ وارا مترادف لفظ "ڪوشُ ۽ لغت" ڏنا ويا آهن.[25]

'ليڪسِڪن' سان لاڳاپيل ٻيا انگريزي اصطلاح هن ريت آهن:

**Lex** (ليڪس) = Lexicon جو مخفف.

**Lexeme** (ليڪسيم) = 1. [يوناني ٻوليءَ جي لفظ '*lexis*' = 'لفظ' ۽ پڇاڙيءَ '-EME' مان جڙيل] *لسانيات*. لفظ يا ان جو بنياد جيڪو ٻوليءَ ۾ معنادار ايڪو آهي. 2. ڪنهن ٻوليءَ جو هڪُ يا مرڪب آواز، جنهن جا جزا ٽُٽل هجڻ جي صورت ۾ مفهوم ڏئي نہ سگهن. لغويو.

**Leximic** = لغويائي (صفت).

**Lexical** (ليڪسڪَل) = 1. وڪيبيلريءَ بابت، يا لفظن جي ذخيري بابت، جيئن اهي ٻوليءَ ۾ هجن. 2. ليڪسڪن يا ليڪسڪوگرافيءَ بابت يا

انهن جي فطرت جهڙو. 3. ٻوليءَ جي لفظن بابت، لغوي (لغتِي). 4. لغت بابت (صفت). **Lexically** (ظرف). **Lexical meaning** = لغوي معنىٰ. **Lexical analysis** = لغوي ڇنڊڇاڻ. Lexical Semantics (لغوي معنويات).

**Lexicog** (ليڪساگ) = مخفف. (ليڪسوگرافر، ليڪسوگرافڪ، ليڪسوگرافي.)

**Lexicographer** (ليڪساگرفر) = [لاطيني-يوناني *lexikographos* > يوناني *lexikon*، ليڪسڪن + *graphein*، لکڻ] لغت نويس، لغت نگار، لغت ساز، ڪوش ڪار، فرهنگ نويس، مدوِن لغت. اهو ماڻهو جيڪو لغت لکي يا مؤلف ڪري (اسم). **Lexicographist** (ليڪساگرفسٽ) = لغت نويس (اسم).

**Lexicography** (ليڪساگرفي) = [< يوناني *lexikon*، ليڪسڪن + GRAPHY] لغت (يا لغتن)، ڊڪشنري (يا ڊڪشنرين) يا ليڪسڪن (يا ليڪسڪنن) جي لکڻ يا مرتب ڪرڻ جو عمل، طريقيڪار، يا ڪم. لغت نويسي، لغت نگاري، لغت جي تاليف (اسم). **Lexicographic** (صفت). **Lexicographical** (صفت). **Lexicographically** (ظرف).

**Lexicology** (ليڪسِڪالجي) = [< يوناني *lexikon*، ليڪسڪن + -LOGY] لفظن جي معنائن ۽ ٻُڌن (origins) جو علم، علم اللغات، لفظن جي ساخت، اشتقاق، تاريخ ۽ معنىٰ جو علم (اسم). **Lexicological** (صفت). **Lexicologically** (ظرف). **Lexicologist** = ماهر لغات (اسم).

**Lexicostatistics** = (اسم).

**Lexigram** (ليڪسِگرام) = لفظ جي نمائندگي ڪندڙ نشاني يا علامت، اکر.

**Lexigraphy** (ليڪسِگرفي) = لفظن لاءِ علامتن جو مقرر نظام، تحرير جو سرشتو جنهن ۾ هر هڪ نشاني الڳ الڳ لفظ جي نمائندگي ڪري ٿي[26] (اسم). Lexigraphic (صفت). Lexigraphical (صفت). ڊاڪٽر فيلن هن اصطلاح جي معنىٰ "لفظن جي معنىٰ ٻڌائڻ" ٻہ لکي آهي[27].

**Lexis** (ليڪسِس) = ٻوليءَ، ٻولي، هڪ شخص، علمي شعبي، وغيره جي مڪمل وڪيبيلري يا لغت، لفظ، لفظن جو ذخيرو، لغات. ٻوليءَ ۾ شامل سمورا لفظ (اسم).

واضح ٿئي ٿو تہ يوناني ٻوليءَ جي لفظ *lexicon* مان، انگريزيءَ ۾ آيل لفظ ’ليڪسِڪن‘ جا مترادف ۽ معنائون ڊڪشنري، وڪيبيلري، لفظي ذخيرو، ٻوليءَ جا هَڙئي صرفيہ، شبدڪوش وغيره آهن. ان ڪان سواءِ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ، گروهہ، ٽولي، قبيلي، قوم، علم، شعبي، جي الڳ الڳ ليڪسڪن ٿي سگهي ٿي.

’ليڪسِڪن‘ جي اصطلاح بدران، ’وڪيبيلري‘ ۽ ’گلاسري‘ (Glossary) سان اپکنڊ (Sub Continent) جي ماڻهن جو واسطو وڌيڪ رهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اُپکنڊ تي انگريزن جي حڪمرانيءَ دوران مختلف ٻولين جون ’گلاسريون‘ جوڙيون ويون هيون. هيٺ ’وڪيبيلري‘ جون سمجهاڻيون پيش ڪجن ٿيون.

**وُڪيبيُلرِي(Vocabulary):۔**

’وڪيبيُلري‘ کي انگريزي ٻوليءَ جي لغتن ۾، توڙي لاڳاپيل ويب سائيٽن تي، ليڪسڪن، ڊڪشنريءَ، لفظن جي سهيڙيل ذخيري، وغيره جي معنيٰ ۾ ڪتب آندو ويو آهي. اِن لفظ جو پهريون استعمال 1525-1535ع دوران ٿيو. هيءُ لفظ لاطينيءَ جي لفظ *vocābulārium* مان ورتو ويو آهي.

ڊاڪٽر فيلن ”انگلش-اردو ڊڪشنريءَ“ ۾، ’vocabulary‘ جون هي معنائون ڏنيون آهن: ”فرہنگ - لغات- کوش - نام مالا- [مجموعہ الفاظ- خزانہ الفاظ- ذخیرہ الفاظ][28]. اهي مترادف ڊڪشنريءَ ۽ ليڪسڪن کان ڪجهہ وڌيڪ ۽ اهم آهن، جن ۾ ”نام مالا“ سميت ”لفظن جي مجموعي، خزاني ۽ ذخيري“ جا اصطلاح نمايان آهن.

”اوڪسفرڊ انگلش سنڌي ڊڪشنري“ ۾، ’وڪيبيلري‘ جي مترادف ۽ معنائون هن ريت لکيون ويون آهن: ”1- لفظن جو ذخيرو، فرهنگ: لفظ، جيڪي ڪنهن ٻولي يا خاص ڪتاب، علمي شعبي ۾ استعمال ٿيا هجن يا ڪو ليکڪ ڪم آڻيندو هجي (*scientific vocabulary* سائنسي لفظن جو ذخيرو: *the vocabulary of Shakespeare* شيڪسپيئر جي لفظيات). 2- لغت، ڪوش، فرهنگ: لفظن جي ’الف-بي‘ وار فهرست معنائن يا ترجمي سان. 3- ڪنهن فرد جي علم ۾ لفظن جي حد (*his vocabulary is limited* سندس لفظن جو ذخيرو محدود آهي). 4- فني نمونو، انداز، طور ۽ طريقا خاص ڪري بيلي (ناچ) وغيره ۾ جسم جي مخصوص انداز ۾ لوڏ.“[29] توڙي مَٽ سَٽ سان، اهڙي ئي وصف ”اوڪسفرڊ انگلش ريفرنس ڊڪشنريءَ“ ۾ بہ آندل آهي.[30]

انهن متفرقہ معنائن ۾ اهم ”لفظن جو ذخيرو“ آهي جيڪو سائنسي توڙي مختلف شخصيتن جي علمي ۽ ادبي تخليقن جي حوالي سان بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن عام فرد جي حوالي سان بہ. جڏهن تہ لغت ۽ ڪوش ڪي بہ وڪيبيلري جي معنیٰ ۾ ڪتب آندو ويو آهي.

آنلائين ويب سائيٽ ”ڊڪشنري.ڪام“ (dictionary.com) ۾ ’وڪيبيلري‘ جون هيٺيون معنائون ڏنيون ويون آهن:

“**1.** The stock of words used by or known to a particularpeople or group or persons: *His French vocabulary is rather limited. The scientific vocabulary is constantly growing*. **2.** A list or collection of the phrases of a language, technical field, etc., usually arranged in alphabetical order and defined: *Study the vocabulary in the fourth chapter*. **3.** The words of a language. **4.** Any collection of signs or symbols consisting a means or system of nonverbal communication: *vocabulary of a computer*. **5.** Any more or less specific group of forms characteristic of an artist, architecture, or the like.” **(31)**

1). ڪنهن خاص ماڻهوءَ يا ماڻهن جي گروهہ پاران ڪتب آندل لفظن جو ذخيرو: *هن جي فرانسي وڪيبيلري نسبتاً محدود آهي. سائنسي وڪيبيلري مستقل وڌي رهي آهي*. 2. لفظن يا ٻوليءَ جي ورجيسن، فني شعبي، وغيره، جي فهرست يا مجموعو، جيڪو عام طور الف-بي وار ترتيب ۾ هجي ۽ ان جي وصف ڏنل هجي: *چوٿين باب ۾ وڪيبيلري پڙهو*. 3. ٻوليءَ جا لفظ. 4. نشانين ۽ علامتن جي ڪا بہ سهيڙ، جيڪا ڪو مطلب يا غير زباني ابلاغ جو نظام جوڙي: *ڪمپيوٽر جي وڪيبيلري*. 5. تقريباً مخصوص شڪلين جو گروپ جيڪو ڪنهن فنڪار جي خصوصيت هجي، فن جو انداز، اڏاوت، يا ان جهڙي ڪا شيءِ.“

وڪيبيلريءَ جون مٿيون وصفون انتهائي اهم آهن، جيڪي ان اصطلاح جو وسيع دائرو واضح ڪن ٿيون يعني هڪ ماڻهوءَ جو هڪ يا ٻن يا وڌيڪ ٻولين جو لفظي ذخيرو، علمي ۽ ادبي ذخيرو، ڪنهن خاص باب ۾ آيل اصطلاحن جو سهيڙ، زباني ابلاغ جي نمائندگي ڪندڙ نشانين توڙي مخصوص شڪلين جي ميڙا چونڊي، وغيره.

”ڪيسِل ڪنسائز انگلش ڊڪشنري“ ۾ آيل ’وڪيبيلري‘ جي هيٺ ڏنل مختصر سمجهاڻي پڻ مٿينءَ وصف تي آڌاريل محسوس ٿئي ٿي:

"A list or collection of words used in a language, science, book etc., usu. word-book; the stock of words at one's command."(32)

(لفظن جي فهرست يا سهيڙ جيڪا ٻوليءَ، سائنس، ڪتاب وغيره ۾ ڪتب ايندي هجي، عام طور شبدڪوش؛ ڪنهن ماڻهوءَ جي اختيار هيٺ لفظن جو ذخيرو.)

عبدالحسين ميمڻ جي مؤلف ڪيل ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، حيدرآباد، پاران اينڊرائڊ ايپليڪيشن (ورزن 1.2)[33] ۾ جاري ڪيل "انگلش-سنڌي ڊڪشنري" (Dictionary English To Sindhi) ۾ 'وڪيبيلري' جا رواجي مترادف "لغت ۽ فرهنگ" ڏنا ويا آهن. هڪڙي ٻئي اداري، "الف اِنوويٽوِ ساليوشنس" (Alif Innovative Solutions) پاران اينڊرائڊ ايپليڪيشن (ورزن 1.4.5) ۾ جاري ڪيل "English سنڌي Dictionary" ۾ پڻ 'وڪيبيلري' جون مٿيون ٻئي ساڳيون معنائون جاڻايل آهن.

پرمانند ميوا رام جي "نيو انگلش-سنڌي ڊڪشنري" ۾، 'وڪيبيلري' جا مترادف "فرهنگ، لغت، ڪوشُ، نام مالها، شَبدَ ڀنڊارُ ۽ نِگهنٽُو"[34] ڏنا ويا آهن، البت سمجهاڻيءَ ۽ وضاحت کان ڪنارو ڪيل آهي.

'وڪيبيلري' سان لاڳاپيل ٻيا انگريزي اصطلاح هي آهن: vocab (وڪيبيلري جو مخفف)؛ vocable (ادا ٿي سگهندڙ لفظ، شبد؛ ڪلمو؛ نام، نالو [اسم])؛ vocabular (لفظن بابت يا لفظن سان لاڳاپيل [صفت])، of or pertaining to vocabulary) vocabularian [صفت] ۽ لفظن سان گهڻو يا تمام گهڻو لاڳاپيل شخص [اسم])، vocabularied ([صفت])، ۽ vocabulist (وڪيبيُلِسٽ: وڪيبيلري جوڙيندڙ، لغت نويس [اسم][35]).

**گلاسرِي (Glossary):-**

"گلاسري" بہ لفظن جي هڪ فهرست آهي، جيڪا عام طور ڪنهن ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ڏني ويندي آهي، جيتوڻيڪ ڪي گلاسريون ڌار ڪتابي صورت ۾ پڻ ڇپيون ويون آهن. گلاسري جو اصطلاح لاطيني ٻوليءَ جي لفظ '*glossarium*' مان ورتل آهي جيڪو 'glossa' مان ورتو ويو آهي.

"نيو انسائڪلوپيڊيا برٽينيڪا" (ميڪروپيڊيا) ۾، 'گلاسري' بابت لکيل آهي تہ:

"The short list [of words with their information] sometimes at the back of a book, is often called a glossary."(36)

(ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ڏنل [لفظن ۽ انهن جي معلومات جي] مختصر فهرست کي اڪثر ڪري گلاسري چئجي ٿو.)

"اوڪسفرڊ انگلش سنڌي ڊڪشنري" ۾ هن ريت، 'گلاسري' جي وصف ڏنل آهي: "1- مختصر لغت: خاص ڪري ڪنهن لهجي يا خاص حلقي جا مخصوص اصطلاح، جيڪي مضمون سان سمجهاڻيءَ لاءِ ترتيبوار ڏجن. 2- لفظن جي فهرست يا مجموعو."[37]

مٿين ٻنهي وصفن ۾ "گلاسري" جي محدوديت کي خاص طور چٽو ڪيل آهي.

پرمانند ميوا رام جي جوڙيل "نيو انگلش-سنڌي ڊڪشنري" ۾، 'گلاسري' جا رواجي متبادل "لفظن جي معنيٰ، لغت ۽ ڪوشُ"[38] لکيا ويا آهن، جن سان ان اصطلاح جي خاص مفهوم کي سمجهڻ ۾ ڪا مدد نہ ٿي ملي.

"چيمبرس ڊڪشنريءَ" ۾ 'گلاسري' جي معنيٰ هن ريت آندل آهي:

> "A collection or list of explanations of words; a dictionary of terms used in a specialized subject area; frequently-used words, phrases or paragraphs which can be stored by a word processor and recalled rapidly and easily; a collection of glosses.[39]

(لفظن جي تشريحن جي سهيڙ يا فهرست جو مجموعو: خاص موضوعي حدن ۾ ڪم ايندڙ اصطلاحن جي لغت: گهڻو-ڪتب ايندڙ لفظ، ورجيسون يا پيراگراف جيڪي ورڊ پروسيسر پاران جمع ڪري سگهجن ۽ جلديءَ ۾ ۽ سهولت سان يادگيري ۾ آڻي سگهجن: وضاحتي لفظن جو مجموعو.)

ان سمجهاڻيءَ ۾ "خاص موضوعي حدن ۾ اصطلاحن جي لغت"، "گهڻو-ڪتب ايندڙ لفظ" وغيره ۽ "وضاحتي لفظن جو ذخيرو" اهم نُڪتا آندل آهي، جيڪي ان اصطلاح جي پڪيڙ کي واضح ڪن ٿا.

ڊاڪٽر فيلن جي "انگلش-اردو ڊڪشنري" ۾، 'glossary' جون هي معنائون ڏنل آهن: "فرہنگ- لغات- کوش- کتاب لغت- [حاشیہ- شرح- فہرستِ مصطلاحات][40].

انهن منجهان وڏي ڏنگيءَ ۾ درج ڪيل لفظ ئي گلاسريءَ جي الڳ مترادفن جو فرق ڏيکارن ٿا.

'گلاسري' سان لاڳاپيل ٻيا انگريزي اصطلاح هي آهن: Gloss (گلاس [گلاسري جو مخفف]).

**گلاس** (Gloss): وضاحتي لفظ يا لکت، شرح يا رايو. حاشيي ۾ ڏنل تشريحي نوٽ، جيڪو ٻاهرين يا عجيب لفظ جي وضاحت طور آندل هجي.

**گلاسوگرفي** (Glossography): وضاحتي لفظن، شرحن يا راين جو لکجڻ؛ زبان تي منظم انداز ۾ لکيل علمي مقالو. [گلاسوگرفر (glossographer، اسم). گلاسوگرفيڪل (glossographical، صفت)]

**گلاسولجي** (Glossology): فني اصطلاحن جي تشريح، جيئن سائنس جي؛ ٻوليءَ جي سائنس. [گلاسولاجسٽ (glossologist، اسم). گلاسولاجيڪل (glossological، صفت)]

متين وصفن ۽ وضاحتن مان واضح ٿئي ٿو ته گلاسري ڪنهن به ڪتاب ۾ آيل اهنجن ۽ غير رواجي لفظن جي معنائن جي فهرست تي مشتمل ٿئي ٿي. ان کان سواءِ ڪنهن خاص شعبي يا ڪرت جي خصوصي اصطلاحن جي لغت کي به گلاسري چئجي ٿو.

**ٿسارس (Thesaurus):-**

’ٿسارس‘ يوناني ٻوليءَ جي لفظ *thēsaurus* مان، لاطينيءَ ۽ نئين لاطينيءَ (New Latin) ۾ ”treasure، collection“ (خزانو، سهيڙ) طور داخل ٿيو. هن اصطلاح جي ڄمار ڪا گهڻي نه آهي. هِن لفظ جو پهريون استعمال 1823ع کان ملي ٿو.

پرمانند ميوا رامَ انگريزي-سنڌي ڊڪشنريءَ ۾، ’ٿسارس‘ جي معنىٰ ”خزانو“ ڏني آهي، جيڪا مبهم ۽ وڏو دائرو رکندڙ آهي، جڏهن ته هُن ’ليڪسڪن‘ ڏانهن رجوع به ڪرايو آهي(41). ڊاڪٽر فيلن ’ٿسارَس‘ جو اصطلاح ’ڪوش‘ جي وصف ۾، ان جي متبادل طور آندو آهي(42)، جيڪو روايتي طور لغت جو مترادف آهي.

”اوڪسفرڊ انگلش سنڌي ڊڪشنري“ ’ٿِسارس‘ جي معنىٰ ۾ لکي ٿي: ”1- هم معنىٰ ۽ ساڳي تصور وارن لفظن جي فهرست تي مشتمل ڪتاب. 2- ڊڪشنري يا انسائڪلوپيڊيا [يوناني: thesaurus ’خزانو‘]“(43)

’ٿسارس‘ جي سمجهاڻيءَ ۾، ”چيمبرس ڊڪشنري“ لکي ٿي ته:

> “A storehouse of knowledge, *esp* of words, quotations, etc, a dictionary; a book with systematically arranged lists of words and their synonyms, antonyms, etc, a word-finder; a treasury. [L, from Gr *thēsauros*]”(44)

(ڄاڻ جو خزانو، خاص ڪري لفظن، قولن وغيره جو، ڊڪشنري؛ سرشتي موجب مرتب ڪيل لفظن، انهن جي مترادفن، ضدن وغيره تي مشتمل فهرست وارو ڪتاب، لفظ-ڳولیندڙ؛ خزانو. [يوناني ٻوليءَ جي لفظ *thēsauros* مان ورتل.])

اها وصف "خزاني" جي در کي کوليندڙ آهي، تہ لفظن جي حوالي سان خزاني مان مراد کهڙي ونڻ گهرجي.

انٽرنيٽ ويب سائيٽ "وڪيپيڊيا انسائڪلوپيڊيا" تي، 'ٿِسارس' جي سمجهاڻي هن طرح ڏنل آهي:

"A **thesaurus** is a reference work that lists words grouped together according to similarity of meaning (containing synonyms and sometimes antonyms), in contrast to a dictionary, which provides definitions for words, and generally lists them in alphabetical order. The main purpose of such reference works for users "to find the word, or words, by which [an] idea may be most fitly and aptly expressed""[45]

(ڊڪشنريءَ جي ڀيٽ ۾، جنهن ۾ عام طور الف-بي وار ترتيب ۾ لفظن جو معنائون هونديون آهن؛ ٿسارس هڪڙو حوالاجاتي ڪم آهي جنهن ۾ لفظن کي، معنائن جي ساڳيائپ موجب، مجموعن جي صورت ۾ ڏنو ويندو آهي (جن ۾ مترادف ۽ ڪن حالتن ۾ ضد بہ هوندا آهن). صارفن لاءِ اهڙن حوالاجاتي ڪتابن جو مکيہ مقصد 'لفظ، يا لفظ ڳولڻ آهي جنهن وسيلي ڪو تصور تمام گهڻي ٺهڪندڙ طريقي يا سليقي سان اظهاري سگهجي'.")

ٿسارس جي هن سمجهاڻيءَ ۾ ان جو ڪارج بہ سانديل آهي. معنائن جي ساڳيائپ، مجموعن جي صورت، مترادف بہ تہ ضد بہ ڏنل. مقصد، تہ جيئن تصور کي چٽو ڪندڙ لفظ ڳولي سگهجن يا ان تصور کي سهڻي طريقي سان اظهاري سگهجي.

موبائيل ايپ "ميريم-ويبسٽر" ڊڪشنريءَ ۾ 'ٿسارس' جي معنىٰ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ:

"A book in which words that have the same or similar meanings are grouped together."[46]

(هڪ ڪتابُ جنهن ۾ هڪجهڙا يا هڪجهڙي معنائن وارا لفظ گروپن جي صورت ۾ ڏنل هجن.)

انهن وصفن آڌار چئي سگهجي ٿو تہ ’ٿسارس‘ هم معنیٰ لفظن جي سهيڙ وارو الف-بي وار ترتيب ۾ جوڙيل ڪتاب آهي، جنهن جي مدد سان گفتگوءَ ۽ تحرير ۾ جاذبيت پيدا ڪري، ان کي پُر اثر ۽ ڀرپور بڻائي سگهجي ٿو. ٿسارس وسيلي اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ ڪنهن ٻوليءَ وٽ هڪ مفهوم جي اظهار واسطي ڪيتري قدر لفظ موجود آهن.

**انسائيڪلوپيڊيا (Encyclopaedia/Encyclopedia):-**

’انسائيڪلوپيڊيا‘ جو اصطلاح علمي حلقن ۾ گهڻو مشهور ۽ پُرڪشش آهي. هي اصطلاح پهريون ڀيرو 1644ع ۾ لکيو ويو. ان جي متبادل طور ’سائيڪلوپيڊيا‘ (Cyclopaedia) جو اصطلاح بہ، 1728ع کان وٺي، ڪجهہ قدر مروج رهيو آهي. هيءُ اصطلاح يوناني ٻوليءَ جي لفظن enkyklios+paideia مان ورتل آهي جنهن جي معنیٰ آهي تعليم، سکيا، ٻارن جي نيپاج. ان کان پوءِ وچين لاطيني ٻوليءَ جي لفظ encyclopaedia طور مروج ٿيو يعني ”سڀ طرفي ڄاڻ جو نصاب“.

’انسائيڪلوپيڊيا‘ جي سمجهاڻي ڏيندي، ”دَ نيو انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا“ (مائڪروپيڊيا) لکي ٿي:

> “**encyclopaedia**, also spelled ENCYCLOPEDIA (from Greek *enklyklios paideia*, “general education”), reference work that contains information on all branches of knowledge or that treats a particular branch of knowledge in a comprehensive manner.”(47)

(**انسائيڪلوپيڊيا**، جنهن جي هِجي encyclopedia پڻ ڪئي ويندي آهي (يوناني *enklyklios paideia*، يعني ”عام تعليم“ مان ورتل آهي)، هڪ حوالاجاتي تصنيف آهي جنهن ۾ ڄاڻ جي سڀني شاخن جي معلومات هوندي آهي يا جيڪا ڄاڻ جي مخصوص شاخ سان جامع انداز ۾ پيش اچي.)

ان سمجهاڻيءَ موجب، انسائيڪلوپيڊيا هڪ جامع حوالاجاتي تصنيف آهي، جنهن ۾ ڄاڻ جي هڪ يا گهڻن شعبن جي معلومات ميڙيل هوندي آهي.

پرمانند ميوا رام ’انسائيڪلوپيڊيا‘ جا متبادل ”وڏي لغت ۽ وِشوَڪوشُ“ ڄاڻايا آهن(48)، جيڪي ان اصطلاح کي سمجهڻ ۾ ناڪافي آهن. ساڳيءَ ريت، ڊاڪٽر فيلن جي ”انگلش-اردو ڊڪشنري“ ۾، ’انسائيڪلوپيڊيا‘ جون معنائون ”جامع۔ مجمع یا مخزن العلوم۔ سار سنگرہ۔[ قاموس۔ قاموس العلم۔ دائرۃ المعارف۔

انسائیکلوپیڈیا۔"[49] ڏنل آهن، جن مان "مخزن العلوم" ۽ " دائرة المعارف" اهم آهن، تڏهن به ڊاڪٽر فيلن "انسائڪلوپيديا" به درج ڪيو آهي.

اردو ٻوليءَ جي 22-جُلدي ضخيم لغت "اردو لغت (تاریخی اصول پر)" ۾، 'انسائڪلوپيديا' جون ٻه معنائون هن ريت درج ڪيل آهن، جيڪي ان اصطلاح ڪي چڱيءَ حد تائين واضح ڪندڙ آهن: "1. وہ تالیف یا تصنیف جس میں اہم اشیا مشاہیر تلمیحاتی اور تاریخی واقعات مقامات اور علوم و فنون وغیرہ کے متعلق ہر قسم کی معلومات فراہم کی جائیں، دائرۃ المعارف۔ 2. مجموعہ معلومات۔"[50]

موبائيل ايپ "ميريم-ويبسٽر" ڊڪشنريءَ، 'انسائڪلوپيديا' جي معنیٰ ۾ لکي ٿي:

> "A work (such as a book, series of books, Web site, or CD-Rom) that contains information on all branches of knowledge or treats comprehensively a particular branch of knowledge usually in articles arranged alphabetically often by subject."[51]

(هڪ تصنيفَ (جهڙوڪ: ڪتاب، ڪتابن جو سلسلو، ويب سائيٽ، يا سِي ڊِي-رام) جنهن ۾ ڄاڻ جي مڙني شعبن جي معلومات ڏنل هوندي آهي يا جيڪا جامع نموني ڄاڻ ڪي ڪنهن مخصوص شعبي بابت عام طور مضمونن جي صورت ۾ پيش ڪري ۽ الف-بي وار ترتيب ۾ هجي.)

اها سمجهاڻي جديد دَور جي تقاضا ڪي اظهاريندڙ آهي يعني ڄاڻ جي مڙني شعبن جي الف-بي وار ترتيب ۾ مرتب ڪيل جامع معلومات جيڪا ڪتاب، ڪتابي سلسلن، ويب سائٽن يا سي ڊي ذريعي پيش ڪئي وڃي.

ڊاڪٽر محبت ٻرڙو 'انسائڪلوپيديا' بابت لکي ٿو: "اڄوڪا گهڻا ماڻهو انسائڪلوپيديا ڪي سموري ميسر ڄاڻ جو گهڻ جُلدي ميڙ (مچو) سمجهن ٿا جنهن ڪي نقشن ۽ تفصيلي پنوتريءَ سان گڏوگڏ ڪتابِسُڌن (ببليوگرافيز)، تصويرن، خاڪن، نندڙن (تخفيفن) ۽ پرڏيهي محاورن (اصطلاحن)، ڏيهه سُڌن (گزيٽيئرز) ۽ اهڙي ٻين شين سان سڌاريو ويو هجي."[52]

سورهين صدي عيسوي تائين، انسائڪلوپيديا ڪي ڊڪشنري ۽ ڊڪشنريءَ ڪي انسائڪلوپيديا پڻ سڏيو ۽ سمجهيو ويندو هو، جنهن جو ڪجهه اثر اڄا تائين ڪجهه حلقن ۾ آهي، جيئن مٿي ڄاڻايل ڪجهه وصفن

۽ سمجهاڻين ۾ بہ آندل آهي. پر، هاڻي انسائڪلوپيڊيا ۽ ڊڪشنريءَ ۾ فرق بابت گهڻو ئي لکيو ويو آهي تہ لغت جو لاڳاپو لفظن ۽ انسائڪلوپيڊيا جو تعلق شيُن سان آهي. اهڙي فرق کي ”دَ نيو انسائڪلوپيڊيا برٽينيڪا“ ۾ ، هنن لفظن ۾ واضح ڪيو ويو آهي:

> "The distinction between a dictionary and an encyclopaedia is easy to state but difficult to carry out in a practical way: a dictionary explains words, whereas an encyclopaedia explains things. Because words achieve their usefulness by reference to things, however, it is difficult to construct a dictionary without considerable attention to the objects and abstractions designated. Nonetheless, while a modern encyclopaedia may still be called a dictionary, no good dictionary has ever been called an encyclopaedia."(53)

(لغت ۽ انسائڪلوپيڊيا ۾ فرق ٻڌائڻ تہ آسان آهي پر عملي طور ڪرڻ ونڊڻ ڏکيو آهي: لغت لفظن کي واضح ڪري ٿي، جڏهن تہ انسائڪلوپيڊيا شين جي وضاحت ڪري ٿي. جيئن تہ لفظ شين جي حوالي سان پنهنجي ڪارآمديت حاصل ڪن ٿا، ان ڪري شين ۽ مخصوص معنائن تي چڱيءَ طرح ڌيان ڏيڻ کان سواءِ لغت کي ناهڻ ڏکيو آهي. تنهن هوندي بہ، جديد انسائڪلوپيڊيا کي لغت تہ سڏي سگهبو، پر ڪنهن بہ سٺي لغت کي ڪڏهن بہ انسائڪلوپيڊيا نہ سڏيو ويو آهي.)

معنیٰ تہ انسائڪلوپيڊيا کي تہ هڪ قسم جي لغت سڏي سگهجي ٿو، پر لغت کي ڪڏهن بہ انسائيڪلوپيڊيا چئي نہ سگهبو.

’انسائڪلوپيڊيا‘ ۽ ’لغت‘ جي تقابلي جائزي ۾، مولوي عبدالحق بہ اهڙي ئي مٿي ڄاڻايل سمجهاڻي لکي آهي: ”انسائیکلوپیڈیا میں اشیاء کا بیان ہوتا ہے۔ ڈکشنری الفاظ کی تشریح ہے۔ انسائیکلوپیڈیا میں اس سے بحث نہیں ہوتی کہ اشیاء کے الفاظ کس زبان کے ہیں۔ اُن کی اصل کیا ہے اور اس کے مختلف استعمال کیا ہیں۔ ڈکشنری میں لفظ کی اصل، اس کے مفہوم، مختلف استعمالات اور اس کے تمام اجزاء سے بحث ہوتی ہے۔“(54)

”اَ ڊڪشنري آف انگلش يوزيج“ (A Dictionary of English Usage) ۾، گڏيل طور تي، ’ڊڪشنري، انسائڪلوپيڊيا ۽ ليڪسڪن‘ جون معنائون هنن لفظن ۾ ڏنيون ويون آهن:

"**dictionary, encyclopaedia, lexicon**. A *d*., properly so called, is concerned merely with words regarded as materials for speech; an *e*. is concerned with the things for which the words are names. But since some information about the thing is necessary to enable the words to be used rightly, most dictionaries contain some matter that is strictly of the encyclopaedic kind; and in loose use *d*. comes to be applied to any encyclopaedia that is alphabetically arranged. Lexicon means the same as *d*., but is usually kept to the restricted sense, and is moreover rarely used except of Greek, Hebrew, Syriac, or Arabic dd."(55)

(**ڊڪشنري، انسائڪلوپيڊيا، ليڪسڪن**: ڊڪشنري، خاص طور تي ايئن ئي سڏجي ٿي، جو تعلق رکو انهن لفظن سان آهي جن کي گفتگوءَ جو مواد سمجهيو ويندو آهي؛ انسائڪلوپيڊيا جو تعلق انهن شين سان آهي جن لاءِ لفظ نالا آهن. پر جيئن تہ هر شيءِ جي باري ۾ ڪجهہ معلومات ضروري هوندي آهي جيڪا لفظ کي صحيح استعمال جي لائق بڻائي، گهڻين لغتن ۾ اهڙو مواد هوندو آهي جيڪو خاص طور تي انسائڪلوپيڊيائي هوندو آهي؛ ۽ رواجي استعمال ۾ لغت ڪنهن بہ اهڙي انسائڪلوپيڊيا طور استعمال ٿيندي آهي جنهن ۾ الف-بي وار ترتيب هجي. ليڪسڪن جي معنىٰ لغت واري ئي آهي پر عام طور ان کي مخصوص مطلب تائين محدود رکيو ويندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان کي يوناني، عبراني، شامي، يا عربي لغتن کي ڇڏي ڪري استعمال ڪيو ويندو آهي.)

**نتيجا:**

ٻولي لفظن جي ذخيري، انهن جي معنائن، مفهومن، سمجهاڻين ۽ مخصوص قسم جي صرفي ۽ نحوي ترتيب تي مشتمل ٿئي ٿي. ٻولي ڳالهائڻ سان گڏ لکڻ جو عمل پڻ آهي، جنهن وسيلي ٻوليءَ جو رڪارڊ مرتب ٿئي ٿو. ٻوليءَ جي لفظن جو رڪارڊ ڊڪشنرين ۾ درج ڪيو ويندو آهي. اهڙي قسم جو چونڊ ڪيل يا مخصوص يا خاص نوعيت جو لفظي ذخيرو وڪيبيلري پڻ چئجي ٿو. عام طور ڪتاب جي آخر ۾ ايندڙ مخصوص لفظن جي فهرست کي گلاسري جي نالي سان سڃاڻجي ٿو. ٿسارس ۾ لفظن جا مُچا خاص ترتيب ۾ ۽ خاص مقصد هيٺ گڏ پيش ڪيا وڃن ٿا. ٻوليءَ ۽ علم ادب ۾ ڊڪشنرين ۽ انسائڪلوپيڊيائن جي هڪ مستقل اهميت آهي، جيڪي

حوالاجاتي ڪتاب جي حيثيت رکن ٿا، جن کي الف-بي وار ترتيب ۾ ڇپيو ويندو آهي تہ جيئن سولائيءَ سان گهربل داخلا کي ڳولي سگهجي. ڊڪشنري ٻوليءَ جي تهذيبي، تاريخي، ثقافتي ۽ سماجي قدرن جي نشاندهي ڪري ٿي. ڊڪشنريءَ جو مترادف عربي ٻوليءَ جو لفظ ’لغت‘ آهي. ڊڪشنريءَ ۾ هر معنيٰ ۽ ساڳي تصور وارن لفظن جي فهرست پڻ ڏني وڃي ٿي. ڊڪشنري ۽ انسائڪلوپيڊيا بہ الڳ نوعيت جا ڪتاب آهن، جن مان ڊڪشنري لفظن ۽ انسائڪلوپيڊيا شين جي وضاحت ڪري ٿي. اهڙو ڪتاب جنهن ۾ ڊڪشنريءَ ۽ انسائڪلوپيڊيا جون گڏيل خوبيون ۽ خاصيتون هجن تنهن کي ”انسائڪلوپيڊيائي ڊڪشنري“ (Encyclopaedic Dictionary) چئجي ٿو.

**حوالا/وضاحتون:**

1. *The New Encyclopaedia Britannica* (Volume 4 - micropaedia), by Encyclopaedia Britannica Inc. 15th Ed 2007, P. 78
2. اشتقاق جي جاڻ ۾ آيل ML جو مخفف Medieval Latin (1500-600ع جي زماني [قرون وسطيٰ] وچين دَور واري لاطينيءَ) لاءِ، LL جو مخفف Late Latin (600-200ع واري زماني جي لاطينيءَ ـــ پوئيت لاطينيءَ) لاءِ آيل آهي.
3. *Webster's New World College Dictionary*, Webster's New World Book Macmillan, USA, 3rd Ed. 1988, P. 382
4. *The Chambers Dictionary*, Chambers Harrap Publishers Ltd, England, 1995, P. 466
5. ’ڊڪشن‘ جي وصف، ساڳي ڊڪشنريءَ ۾، هنن لفظن ۾ ڏني وئي آهي: “A saying or speaking (*obs*); manner of speaking or expressing; choice of words; style; enunciation. [L *dictio* , *-ōnis*, from *dicere*, *dictum* to say] (Ref: *The Chambers Dictionary*, 1995, P. 466)
6. Fallon, S. W., Dr.: *Fallen's English-Urdu Dictionary*, Lahore, Central Urdu Board, Ed. 1976, P. 278
7. *The Oxford English Reference Dictionary*, Edited by Judy Pearsall and Bill Trumble, Oxford University Press New York, 1995, P. 395
8. *Oxford English Sindhi Dictionary*, Chief Editor: Sirajul Haq Memon, Oxford University Press, Karachi, 1st Ed. 2010, P. 475
9. Mewa Ram, Permanand: *A New English-Sindhi Dictionary*, Institute of Sindhology, University of Sindh, Jamshoro, 3rd Ed. 1994, P. 83
10. Abdul Haq, Moulvi, Dr.: *The Student's Standard English-Urdu Dictionary*, Anjuman Taraqqi-E-Urdu Pakistan, Karachi, 13th Ed. 1992, P. 310
11. ايون ايسر (Evan Esar) [1995-1899] مزاح لکندڙ هڪ اميريڪي ليکڪ. سندس هن منفرد ڊڪشنريءَ ”Esar's Comic Dictionary“ جو پهريون ڇاپو 1943ع ۾ ڇپيو، جنهن کان پوءِ ان جا ڪيئي ڇاپا پڌرا ٿيا آهن. هُن اِن ڊڪشنريءَ جي نالي ۾ ئي comic يعني مزاحيہ ڪتب آندو آهي.
12. https://babel.hathitrust.org/cgi/pt?id=wu.89101410132;view=1up;seq=92 (read on 11-8-2018)
13. *The New Encyclopaedia Britannica* (Volume 18 - macropaedia), by Encyclopaedia Britannica Inc. 15th Ed 2007, P. 257
14. ورڊ-بڪ جي معنيٰ ”اوڪسفرڊ انگلش سنڌي ڊڪشنري“ ۾ ’لغت‘ ڏني وئي آهي، پر مرڪب لفظ جي متبادل مرڪب لفظ طور ’شبدڪوش‘ هتي ڪتب آندو ويو آهي.
15. *The Chambers Dictionary*, 1995, P. 964

16. Matthews, P. H., *Oxford Concise Dictionary of Linguistics*, Oxford University Press, New York, 1997, p. 207-208
17. Neufeldt, Victoria, Editor in Chief: "*Webster's New World College Dictionary*", Macmillan USA. 1997. p. 777
18. *Cassell Concise English Dictionary*, Cassell Wellington House, London, England; Updated Edition 1995, P. 782
19. https://en.wikipedia.org/wiki/Lexicon (read on 12-08-2018)
20. Ibid.
21. Fallon, S. W., Dr.: *Fallen's English-Urdu Dictionary*, 1976, P. 575
22. چغتائی، محمد اکرام، نذیر حق اور محمد اسلم کولسری: تشریحی لغت؛ لاہور، اردو سائنس بورڈ، طبع دوم، 2008ء، ص479
23. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، مقدمو. مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ، ”لغات سنڌي مخففات“، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ڇاپو پهريون 1990ع، ص: پ
24. *Oxford English Sindhi Dictionary*, 1st Ed. 2010, P. 1007
25. Mewa Ram, Permanand: *A New English-Sindhi Dictionary*, 1994, P. 196
26. *Oxford English Sindhi Dictionary*, 1st Ed. 2010, P. 1007
27. Fallon, S. W., Dr.: *Fallen's English-Urdu Dictionary*, 1976, P. 575
28. Fallon, S. W., Dr.: *Fallen's English-Urdu Dictionary*, 1976, P. 1067
29. *Oxford English Sindhi Dictionary*, 1st Ed. 2010, P. 1994
30. *The Oxford English Reference Dictionary*, 1995, P. 1617
31. https://www.dictionary.com/browse/vocabulary?s=t) (Accessed on 16-08-2018
32. *Cassell Concise English Dictionary*, 1995, P. 1471
33. هن ايپ جي جوڙيندڙن ۾ امر فياض ٻرڙو، صائمہ اصغر، انيس ڪاڪا ۽ فهد ميمڻ شامل آهن.
34. Mewa Ram, Permanand: *A New English-Sindhi Dictionary*, 1994, P. 435
35. ڊاڪٽر فيلن vocabulist جا مترادف ”فرهنگ نويسي، ڪوش رچنا“ ڄاڻايا آهن، جيڪي نهڪندڙ نہ آهن. ڏسو: Fallon, S. W., Dr.: *Fallen's English-Urdu Dictionary*, 1976, P. 1067
36. *The New Encyclopaedia Britannica* (Volume 18 - macropaedia), 2007, P. 257
37. *Oxford English Sindhi Dictionary*, 1st Ed. 2010, P. 743
38. Mewa Ram, Permanand: *A New English-Sindhi Dictionary*, 1994, P. 142
39. The Chambers Dictionary, 1995, P. 711
40. Fallon, S. W., Dr.: *Fallen's English-Urdu Dictionary*, 1976, P. 444
41. Mewa Ram, Permanand: *A New English-Sindhi Dictionary*, 1994, P. 390
42. Fallon, S. W., *A New Hindustani-English Dictionary*, 1st Ed. 1879, P. 958
43. *Oxford English Sindhi Dictionary*, 1st Ed. 2010, P. 1831
44. *The Chambers Dictionary*, 1995, P. 1797
45. https://en.wikipedia.org/wiki/Thesaurus#cite_note-Roget-1 (read on 12 Aug. 2018
46. Merriam-Webster, version © 2017 Merriam-Webster, Inc. (assessed on 17-08-2018
47. *The New Encyclopaedia Britannica* (Volume 4 - micropaedia), 2007, P. 487
48. Mewa Ram, Permanand: *A New English-Sindhi Dictionary*, 1994, P. 103
49. Fallon, S. W., Dr.: *Fallen's English-Urdu Dictionary*, 1976, P. 339
50. اردو لغت (تاریخی اصول پر)، کراچی: ترقی اردو بورد، طبع اول 1977ء، ص: 949
51. *Merriam-Webster*, version © 2017 (assessed on 17-08-2018)
52. ٻرڙو، محبت، ڊاڪٽر: انسائڪلوپيڊيا سنڌيڪا ۽ سنڌي ٻولي؛ ڦنبر: ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي، ڇاپو پهريون اپريل 2018ع، ص: 12
53. *The New Encyclopaedia Britannica* (Volume 18), Macropaedia, 2007, p. 277
54. عبدالحق، مولوی، ڈاکٹر: لغت کبیر اردو جلد دوم (حصہ اول)، کراچی: انجمن ترقی اردو پاکستان، اشاعت اول 1977ء، ص: 50-51
55. Flower, H.W., *A Dictionary of Modern English Usage*, revised by Sir Ernest Gowers, The English Language Book Society and Oxford University Press, 2nd Ed. 5th Impression 1975, P. 129

**صبغت الله مهيسر**
ريسرچ اسڪالر،
وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي

# سنڌي شاعريءَ جي صنف مولود جو جائزو

# An analysis of Sindhi religious poetry Molood

**Abstract:**

The word or term “Molood” used instead of “Naat” in Sindhi religious poetry, “Molood” term used for the birth of our Holy Prophet Muhammad (Salallah o alaih e wa salam). In Sindhi poetry this term was introduce and use for first time by Makhdoom Abdul Rauf Bhatti. More over the poets used Molood for Hamd, Naat, Madah, Manqabat, Manajaat and other related term used to express in poetry for Molood Sharif.

The Prayer, Fasting, Hajj, Heaven (Manazir e Jannat), Azwaj e Muttaharat, Mairaj and other religious topics revealed in Sindhi poetry all over Sindh to express love, respect, honor, bravery and devotion commonly all over Sindh, in Mosques earlier to Juma Prayer, youngers and adults used to sing molood in rhythm.

Some of the famous poets of Sindh in present era are Abdullah Abd Chandio, Syed Rafiq Ahmed Shah Amroti, Syed Gul Muhammad Shah Gul Bukhari, Ghulam Nabi Mahesar (Late), Ghulam Qadir Ulro, Abdul Hafeez Ulro, Shahzado Mirani, Mujahid Mahar, Muhammad Yaseen Kumbhar, Hakim Ali Bhurt and those who sing the Molood in the religious mahafils and also records their poetry moloods in cassettes, CDs, Radio and Television, some of the famous names are Ghulam Nabi Mahesar, Imdadullah Phulpoto, Naimatullah Solangi, Miskin Aiwaz, Haji Makhno Faqir Mahar, Muhammd Yahya Phulpoto and others. Religious poet Late Haji Ghulam Nabi Mahesar’s poetry, Molood Sharif is published in the series of many books and many more poets have published their poetry.

نعتيہ شاعري اها شاعري آهي جنهن ۾ حضور اڪرم ﷺ جن جي تعريف ۽ توصيف بيان ڪئي وڃي. سنڌي ٻوليءَ ۾ نعتيہ شاعري بہ ايتري قديم آهي، جيتري سنڌ ڌرتيءَ تي اسلام پکيڙجڻ جي تاريخ قديم آهي، اسلام جي تاريخ نبي سڳوري ﷺ جن جي نبوي تعليمات جي آغاز سان آهي، جنهن کي ڏيڍ هزار سال ٿي چڪا آهن. هن خطي ۾ اسلام سڀ کان پهريان سنڌ ۾ ئي آيو، انهيءَ حوالي سان سنڌ کي باب الاِسلام سڏجي ٿو. سنڌ ۾

نعتيہ شاعريءَ کي اهو امتياز ۽ انفراديت حاصل آهي تہ ان لاءِ مخصوص لفظ يا اصطلاح "مولود" يا "مولود شريف" رائج آهن.

مولود لفظ جي نسبت ولادت يا ٻار جي ڄمڻ سان آهي، پر خاص طور تي ان لفظ جي نسبت پيغمبر حضرت محمدﷺ جن جي ڄمڻ سان آهي، سندن ڄمڻ سان هن ڪائنات ۾ جيڪا روشنيءَ جي لاٽ اڀري ۽ ان سان پورو جهان جرڪي پيو، پياريﷺ جي ذات بابرڪت جي شان ۽ اوصافن کي شاعرن پنهنجي پنهنجي انداز ۾ پروئي اهڙي طرح وکيريو آهي، جهڙيءَ طرح گلاب جي سرهاڻ مهڪندي آهي. رب پاڪ جل شانہ بہ پنهنجي ڪلام قرآن پاڪ ۾ پياري پيغمبر منڙي محبوب حضرت محمدﷺ جي اوصافن کي ورجايو آهي. سنڌ ڌرتي اها عظيم ڌرتي آهي جتي قرآن پاڪ جو سڀ کان اول نثري ترجمو ٿيو، سنڌ اها ڌرتي آهي جتي قرآن پاڪ جو سڀ کان اول منظوم ترجمو ٿيو.

**لفظ مولود:** صفت (ع ولد) نئون پيدا ٿيل ٻار، پيدا ٿيو، پيدا ٿيل، ڄائو، ڄميو، پيدا ٿيڻ جو ڏينهن، جنم ڏينهن، پيدائش، پيدائش جو زمانو (حضرت محمدﷺ جن جي پيدائش جو زمانو، سندن وصف ۾ بيان ڪيل شعر، سندن اوصاف وارا شعر).(1)

**"مولود"** اها شاعري جنهن ۾ حضرت محمدﷺ جن جي پيدا ٿيڻ ۽ سندن اوصاف جو بيان ٿيل هجي.

**مولودي:** صفت، مولود پڙهڻ وارو، مولودائي، سُر ۾ مولود چوڻ وارو، سُريلي آواز ۽ انداز ۾ حضرت محمدﷺ جي شان ۾ شعر پڙهڻ وارو. سنڌي ٻوليءَ ۾ سريلي آواز ۾ مولود پڙهندڙ کي مولودي يا مولودائي چوندا آهن.

سنڌ جي اڪثر ڳوٺن ۾ اڳاٽي زماني کان جمعي جي نماز کان اڳ ۽ 12 ربيع الاول جي ڏهاڙي تي مولوديِ، مولود پڙهندا رهيا آهن. اها روايت اڄ تائين جاري آهي. اڪثر ڪري مولود سان گڏ مدح سرائي، مدحت يا مناجات جا لفظ بہ استعمال ٿيل آهن.(2)

"مولود" لفظ جي معنىٰ ئي آهي "انسان ڄائو" يا "ڄاول ٻار"، اهڙي معني خيز لفظ کي جڻ اڳاٽن سنڌي عقيدتمندن چونديو ۽ رائج ڪيو، تن جي دانائي ۽ روشن ضميريءَ جي جيتري واکاڻ ڪجي اوتري جڳائي.(3)

اردو ڊڪشنريءَ ۾ مولود جي معنيٰ هن ريت آهي.

**مولود:**(مو-لود)(ع-صف)(1)جنا ہوا(2)(ع-ا-مذ)پیدائش کا دن(3)بیٹا—لڑکا—پسر(4)وہ مجلس جس میں حضور پیغمبر اسلام حضرت محمد ﷺ کی پیدائش کا بیان کیا جائے۔

**مولود شریف:**(ع-ا-مذ)(1)میلاد شریف۔پیغمبر اسلام حضرت محمد ﷺ کی پیدائش کا بیان(2)وہ مجلس جس میں رسول خدا حضرت محمد ﷺ کی پیدائش کا ذکر کیا جائے۔

**مولود مسعود:**(ع-صف)خوش نصیب بچہ۔

**مولود خوان:**(ع-ف-صف-وا-مذ)جو مولود شریف پڑھے۔وہ شخص جو پیغمبر اسلام حضرت محمد ﷺ کے حالات سنائے۔

**مولودی:**(مو-لو-دی)(ع-ف-ا-مذ)مولود خواں۔(ص1382)

"مولود" لفظ سنڌي (ديوناگري) ڪان انگريزي ڊڪشنريءَ مان:

مولود: Meaning

Poetry chanted before the bier of a deceased person.

ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت مان:

**مولود:** "مولود" عربيءَ جو لفظ اهي جنهن جي معني آهي "نئون ڄاول ٻار"، پر سنڌي شاعريءَ ۾ نبي اڪرم ﷺ جي ولادت کي بنياد بڻائي سندس صفت ۽ شان جي بيان کي مولود چوندا آهن. مولود ۾ نبي سائين ﷺ جي ساراهه سان گڏ سندن روضي جي زيارت، معراج واري واقعي کي بہ موضوع بڻايو ويندو آهي. سٽاءَ جي حساب سان مولود وائي يا ڪافيءَ جهڙو هوندو آهي. صرف ان ۾ ميوزڪ نہ ٿيندي آهي. قديم دؤر ۾ شاهہ عنايت رضويءَ (1644-1713ع) جي واين ۾ مولود جي صنف موجود آهي. مولود جو ابتدائي وڏو شاعر مخدوم عبدالرؤف ڀٽي (1682-1752ع) ڪلهوڙن جي دور ۾ ٿي گذريو آهي.(5)

**مولود جي تاريخي حيثيت:** ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مولود جي تاريخي روايت جي باري ۾ لکي ٿو: "نبي سڳوري حضرت محمد ﷺ جي صفت ۽ ساراهہ لاءِ سنڌ کان ٻاهر "ثنا، نعت" جا الفاظ استعمال ٿيندڙ آهن، مگر اهڙي ساراهہ وارن نظمن جي ڪا خاص هيئت ۽ نڪي ڪو مخصوص نالو ڏنل آهي. سنڌ ۾ ڪافي آڳاٽي وقت کان وٺي نبي سڳوري حضرت محمد ﷺ جن جي ساراهہ

۽ سندن اوصاف بيان ڪرڻ لاءِ ”مولود“ مروج آهن، جيڪي معني ۽ مقصد توڙي نظم جي نوعيت جي لحاظ سان هڪ اهم، منفرد ۽ اصولي درجو رکن ٿا.“(6)

عربيءَ ۾ مولود (جمع مواليد) معني نئون ڄاول ٻار يا طفل. مولود جي اها معني قرآن شريف ۾ سورت البقره جي هن آيت مان پوريءَ طرح واضح ٿئي ٿي: ”وَعَلَى المَولُودِ لَهُ رِزقُهُنَّ وَكِسوَتُهُنَّ بِالمَعرُوفِ“ (والد ڪي نون ڄاول ٻارن جي مائرن جي کاڌي ۽ اوڇڻ يعني پهرڻ جو انتظام سهڻي طريقي موجب ڪرڻ لازمي آهي).(7)

**مولودن جا موضوع:** مولودن جو اصل موضوع نبي سڳوري حضرت محمدﷺ جي ذات مبارڪ آهي، مگر هر عقيدتمند شاعر پنهنجي حال ۽ قال، فڪر ۽ فهم، سوچ ۽ لوچ مطابق نبي سڳوريﷺ جي ذات بابرڪات بابت مولود چيا آهن ۽ انهيءَ ڪري اندروني طور مولودن ۾ جدا جدا مضمون پيدا ٿي پيا آهن. مثلاً نبي سڳورو حضرت محمدﷺ ڌڻيءَ تعالي طرفان موڪليل پيغمبر، سندن اعليٰ شان ۽ رتبو، سندن سوانح جا جدا جدا پهلو، سندن ساٿين صحابن سڳورن جي ساراهه، سندن عام فيض ۽ ڪرم، سندن شفاعت ۽ آسرو، دعا ۽ مهر جي طلب، محبت ۽ عقيدت جو اظهار، مٿن صلوات ۽ سلام، سندن روضي جي زيارت وغيره مولودن جا خاص مضمون آهن، جن کي سنڌ جي شاعرن پنهنجي زبان حال سان عجب نموني ۾ نڀايو آهي.

**مولودن جي تاريخي ارتقاء:** اهو چئي سگهجي ٿو ته جڏهن کان سنڌ ۾ وائي ۽ ڪافي جي صنف موجود آهي تڏهن کان مولود جي صنف به وجود ۾ آئي. ڪن آڳاٽن حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته ستين صدي هجريءَ کان وٺي سنڌ ۽ ملتان جي سهروردي بزرگن ۽ سندن عقيدتمندن خليفن ۽ احبابن جي سماع جي محفلن ۽ مجلسن ۾ سنڌي درويش ۽ شاعر سنڌي ڪلام چوندا هئا. يارهين صديءَ جي آخر کان وٺي سنڌ ۾ علمي درسگاهن پڻ وڏي ترقي ڪئي، ۽ مولود جي مضمون واريون وايون خاص سماع جي محفلن جن جو ارتقاء درويشن جي مجلس، عرسن ۽ عيدن جي موقعي تي، عام و خاص محفلن ۾ مخصوص لئي سان مشهور ٿيڻ لڳيون، انهي انفرادي حيثيت سبب ان صنف جو خاص نالو مولود رائج ٿيڻ لڳو. يارهين صديءَ ۾ مولود

پنهنجي انفرادي نالي ۽ مستقل حيثيت ۾ مخصوص معني ۽ مفهوم سان رائج ٿي چڪو هو. ميون شاهه عنايت رضوي يارهين صديءَ جو شاعر آهي جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ مولود لفظ استعمال ڪيو آهي، پنهنجي چيل هڪ وائيءَ ڪي مولود سڏيو اٿس:

"چئو صلوات صدق سين، ايءُ مولود مدام"(8)

**مولود پڙهڻ جو انداز:**

اترسنڌ ۾ مولود پڙهڻ جو قديم رواج باقي آهي، جنهن ۾ اڪثر ڪري مولودي اڪيلي سر توڙي گڏجي مولود خواني ڪن ٿا، ان سان گڏ مولود خوانن جون خاص ٽوليون به مشهور آهن، جيڪي پنهنجن اڳواڻن جي پويان مولود خواني ڪن ٿيون، جڏهن ٽوليءَ ۾ مولود خواني ڪئي ويندي آهي ته ساڳيو مولود فقط هڪ ئي ٽولي پڙهندي آهي، مولودن جي محفل گهڻو ڪري قرآن شريف جي قرأت سان شروع ٿئي ۽ ان کان پوءِ مولود، مدح ۽ مناجات پڙهيون وڃن.

لاڙ ۾ ٻارين جي سنگت سان مولود پڙهڻ جو جيڪو طريقو رائج آهي ان جا مکيه پهلو هي آهن. مولودين جي ٻاريءَ ۾ هڪ اڳواڻ ۽ ٻيا ان جا جهيلي هوندا آهن، گهٽ ۾ گهٽ چار ۽ وڌ ۾ وڌ ڇهه جهيلي هوندا آهن. ٻه ٻاريون ساڳئي وقت ويهي مولود پڙهنديون، هن طرح جو ساڳيو مولود هڪ ٻاري اڳواڻ ٿي، اڳيان پڙهندي، يعني اڳواڻ ٻاريءَ جي پويان ٽله به ٽله ۽ مصرع به مصرع پڙهندي، اهڙي طرح به مولود، جنهن ڪي وارو چئجي ۽ هڪ مداح، هڪ ٻاري اڳواڻ ٿي پڙهندي ۽ به مولود ۽ هڪ مداح ٻي ٻاري اڳواڻ ٿي پڙهندي. پڙهڻيءَ جي لحاظ سان مداح ٻن قسمن جي هوندي آهي، هڪ ڏار واري مداح، جا هرهڪ ٻاريءَ مان هڪ ڄڻو پڙهندو، يعني ته اڳواڻ ٻاريءَ مان هڪ ڄڻو مداح جي منڍ واريون مصراعون يا بند پڙهندو، ان بعد ٻي ٻاريءَ مان هڪ ڄڻو ساڳيءَ مداح جون ڪجهه مصراعون اڳتي پڙهندو، اهڙي طرح ٻئي ڄڻا واريءَ سان سڄي مدح پڙهي پوري ڪندا.(9)

جيتوڻيڪ سنڌ جي هر پاڱي ۾ ڳوٺن توڙي شهرن ۾ مولودي (مولود پڙهندڙ) وڏن ڏينهن ۽ خاص موقعن تي مولود پڙهن ٿا، اڪثر ڪري جامع مسجدن ۾ جُمعي جي نماز کان اڳ ۽ ڪٿي وري جُمعي نماز کان پوءِ ۽

خاص رمضان جي مهيني ۾ تراويحن کان پوءِ ويندي تهجد ۽ سحريءَ تائين مولود پڙهيا ويندا آهن. ٻين خاص ڏهاڙن تي ٻہ اهتمام سان مولود پڙهيا ويندا آهن.

آڳاٽي زماني کان مخدوم عبدالرؤف ڀٽيءَ کان اڄ تائين جي شاعرن جا مولود سنڌ جي مختلف درگاهن تي ٻہ اهتمام سان پڙهيا ويندا آهن. کُهڙن جي جامع مسجد ۾ هر جمعي تي ۽ عيدن جي موقعي تي ۽ رمضان جي مهيني ۾ مولود پڙهيا وڃن ٿا. درگاهہ پير جي ڳوٺ ۾ ستاويهين رجب ۽ عيدن جي موقعي تي اهتمام سان مولود پڙهيا وڃن ٿا. راڻي پور ۽ گمبٽ ۾ ٻہ آڳاٽي زماني کان مولودن جون محفلون ٿيديون رهن ٿيون. مخدوم بلاول ضلعي دادو ۾ هر مهيني جي پهرين جمعي تي، درگاهہ خيرالدين سکي ۾ هر مهيني جي يارهين تاريخ، درگاهہ مخدوم محمد اسماعيل پريالوءِ ۾ خاص طور تي ستاويهين رجب ۽ هر جمعي تي، جامع مسجد روهڙي ۾ هر جمعي تي، اروڙ ۽ درگاهہ لونگ فقير مهيسر ۾ پنجويهين ۽ ستاويهين ذوالقعد، جامع مسجد گهوٽڪيءَ ۾ هر جمعي تي، درگاهہ پرچوندي ۾ ربيع الاول ۽ عيدن تي، پير غلام دستگير شاهہ هالاڻي ۾ هر مهيني جي پهرين سومر تي وڏي اهتمام سان مولود پڙهيا ويندا آهن. ان کان سواءِ خيرپور، پريالوءِ، گهوٽڪي،نوشهروفيروز،ڪنڊيارو، شڪارپور، نئون ديرو، ميهڙ، امروٽ شريف ۽ اتر سنڌ جا اڪثر شهر ”مولودن“ جا مرڪز رهيا آهن.

لاڙ ۾ ٻہ بزرگن جون درگاهون ۽ خانقاهون مولودن جي مجلسن جا مرڪز رهيون آهن. ٺٽي ۾ شاهہ ڪمال جي درگاهہ، شاهہ مسڪين درگاهہ ۽ شاهہ ابراهيم جي درگاهن تي ساليانا ميلا ٿين، نصرپور ۾ شاهہ محمود جي درگاهہ، بدين ۾ يارهين ربيع الثاني، درگاهہ شيخ پرڪئي تي هر ماهہ جي پهرين سومر، ربيع الاول ۽ شعبان المعظم ۾، حيدرآباد ۾ شاهہ محمد مڪيءَ تي تاريخ نائين ذوالحج، درگاهہ مخدوم نوح هالا تي هر مهيني جي پهرين سومر، ٽنڊي الهيار ۾ ڪاماري شريف ۽ ٻڪيرن ۾ درگاهہ قائم الدين تي چوڏهين شعبان، درگاهہ شيخ ريحان حيدرآباد تي يارهين ربيع الاول، درگاهہ چٽي پير حيدرآباد تي ٻارهين شعبان، درگاهہ مڪان شريف ماتلي تي يارهين ربيع الاول، درگاهہ ۽ خانقاهہ منگواڻوفقير حيدرآباد تي ستاويهين شعبان تي مولودن جون محفلون اهتمام سان ٿينديون رهن ٿيون.(10)(ص 20)

**سنڌ جا ڪجهه مولود گو شاعر ۽ انهن جو ڪلام:**

**ميون شاهه عنايت رضوي:** ميين شاهه عنايت رضوي جي والد سيد نصر الدين (1025 کان 1120هه جي وچ واري عرصي ۾ وڏي ڄمار ۾ وفات ڪئي) پاڻ اصل ۾ بکر جا هئا ۽ اتان لڏي نصرپور ۾ اچي آباد ٿيا. سندس شاعريءَ ۾ تصوف سان گڏ حسن ۽ عشق جو رنگ چڙهيل هو، سندس شاعريءَ ۾ بيتن سان گڏ وايون به ملن ٿيون، سندس چيل مولود جي هڪ جهلڪ:

ميان! تون ميٺائيين، ڪئم ڏوهه ڪبير،
الا، هن عاجز جا، سيئي ڪٽ صغير،
برڪت محمد مير، پار پهتا پهيڙا (11)

شاهه عنايت رضوي تقريباً نوي ورهين جي دراز عمر ۾، غالباً 1125هه مطابق 1713ع ڌاري رحلت ڪئي آهي. سندس آخري آرام گاهه ٽنڊي الهيار کان پنجن ميلن جي مفاصلي تي، اتر طرف ڳوٺ پورل شاهه لڳ "موسو آهنداني قبرستان" ۾ پنهنجي والد سان گڏ آهي.

سنڌي زبان جي هن ڪامل شاعر جي سنڌي ڪلام کي سنڌ جي مورخ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ جي سهڪار سان، 1963ع ۾ شايع ڪرايو آهي.

**مخدوم عبدالرؤف ڀٽي:** سنڌي ادب ۾ مولود جي جنهن شاعر باقاعدي شروعات ڪئي اهو آهي هالا پراڻا سان تعلق رکندڙ مخدوم عبدالرؤف ڀٽي، جنهن جو تخلص هو "عاصي"، عبد الرؤف به ڪتب آندو اٿس. هن جا هن وقت تائين ستر کن مولود لوڪ ادب جي سيريز واري ڪتاب مولود ۾ شايع ٿيل آهن. مخدوم عبد الرؤف ڀٽي پنهنجي مخصوص شعرن ۾ صرف مولودن کي ئي شاعريءَ جو موضوع بڻايو، مخدوم صاحب جا چيل مولود اڪثر هڪ ٽُڪي (يڪي) ڪافيءَ جي صورت ۾ آهن. سندس هيٺيون مولود گهڻو مشهور ۽ مقبول رهندو اچي:

منارا ميـر مُرسـل جا، ڏسان شل ڏيهـ سڀ ڏوري
هلي هالا، مٿيـان مسـڻ، انـڙپور کـي چڙهيـان اوري. (13)

مخدوم عبدالرؤف ڀٽي سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو همعصر هو. عبد الرئوف ڀٽي صاحب هالا پراڻا ۾ سن 1682ع ۾

جنم ورتو ۽ سنہ 1752ع ۾ حج لاءِ عربستان ويو، جتي حج بعد لاڏاڻو ڪيائين.

**سيد گل محمد شاھ بخاري:** سنڌي ٻوليءَ ۾ حمديہ ديوان جو لکندڙ، گل محمد شاھ ”گل“ بخاري ولد سيد غلام شاھ پهرين آگسٽ 1960ع تي تعلقي شهدادڪوٽ، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو. شاھ صاحب نامور شاعر آهي. سندس پسنديده موضوع سيرت پاڪ رهيو آهي. وٽس لائبريري پڻ آهي جنهن ۾ ديني ۽ سيرت پاڪ تي ڪتابن جي ڪثرت آهي. شاعريءَ ۾ بہ حمد ۽ نعت سندس پسنديده صنفون آهن. ڏيڍ ڊزن کان مٿي ڪتاب لکي چڪو آهي. شاعري ”گل“ جي تخلص سان ڪري ٿو ۽ نظير احمد جروار مرحوم کي استاد تسليم ڪري ٿو. ”سبحان جي ساراھ“ سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون حمديہ ديوان، ”ذڪر رسول اللهﷺ“ نعتيہ شاعري، شاعري جا مجموعا آهن. مٿين مجموعن مان ذڪر رسولﷺ ۽ سبحان جي ساراھ تي ڪيس 1991ع ۾ صدارتي ايوارڊ ملي چڪو آهي. سندس تازو ڪتاب ”ثناءِ محمد“ ڇپجي چڪو آهي. شهدادڪوٽ سيرت اڪيڊمي ۽ لائبريريءَ جو باني پڻ آهي. ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ ماهوار رسالي ”صراط الهدي“ ۾ سندس مولود سان شايع ٿيندا رهندا آهن.(14)

شان تنهنجي جو ڪريان ڪهڙو بيان،
تو گهميو عرش برين ۽ آسمان
مصطفي تنهنجي ڪري سارو جهان،
تون جهان جو باعث ايجاد آن

معجزي تنهنجي سندو هي ٿيو اثر،
شمس ٿيو واپس وري مغرب منجهان
تنهنجي بعثت جي ڪري سرهو ٿيو
هي ”گل“ و گلزار ۽ سارو جهان.(15)

**حاجي غلام نبي مهيسر:** حاجي غلام نبي مهيسر هن دور جو تمام مشهور مولودي آهي. سندس مولودن جا ڪتاب شايع بہ ٿي چڪا آهن. هن جا ڪيترائي شاگرد سڄيءَ سنڌ ۾ مولود ڳائيندا رهن ٿا ۽ انهن تي طبع آزمائي پڻ ڪن ٿا. هتي نموني خاطر سندس هڪ مولود ڏجي ٿو:

خليل ٿيو ڪو ڪليم ٿيو ليڪن حضور ٻڌجي حبيب آيو
سپئي مجئون ٿا مگر اسان جو اول نمبر ۾ نصيب آيو

الله آني ڏنو اسان کي مريض دل جا مبارڪون ٿئي
علاج خاطر اڳي نہ اهڙو خدا جي طرفان طبيب آيو

گلاب جو گل جيئن گلن ۾ هزار پيرا حسين آهي
ائين اسان جو نبي سڳورو عجب نرالو عجيب آيو

ابي امان سر ٻچن کان مون کي منو محمد ڪريم آهي
پريت وارن جي ڪاڻ پيارو پري نہ پر ٿي قريب آيو

جڏهن مديني شريف ويندس چميون بہ ڏيندس ائين بہ چوندس
تہ اڄ "مهيسر" تڏي توهان جي غلام اوهان جو غريب آيو.(16)

ٻين شاعرن بہ مولود شريف چيا آهن، جن ۾ حاجي احمد ملاح، مخدوم طالب المولىٰ ، قليچ بيگ مرزا اسد، معمور يوسفاڻي، حافظ محمد احسن چنا، عبدالله عبد چانديو ،عبدالرحيم عزمي، سردار علي شاهہ شيخ عبدالرزاق راز، اياز حسين قادري ، خير محمد اوحدي، اظهر گيلاني، سليم ڳاڙهوي، عطا محمد حامي، علي بخش نجار ۽ ٻيا شامل آهن.

مولود گوئي جي تحقيق مان بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ مولود سنڌي شاعريءَ جي اها صنف آهي، جيڪا صرف ۽ صرف سنڌ ڌرتيءَ سان جڙيل آهي، ۽ مولود ۾ پياري پاڪ رسول ﷺ جن سان عقيدت ۽ محبت، ۽ سندن شان ۽ عظمت جي ڀرپور انداز ۾ ثناخواني ڪئي وئي آهي.

سنڌي شاعريءَ ۾ "مولود نويسي" شاعريءَ جي اها صنف آهي، جيڪا سنڌ ۾ ايجاد ٿي، جنهن جي شروعات سنڌ ۾ ئي ٿي. مولود لفظ يا اصطلاح شاعريءَ جي ان صنف ۾ پياري پاڪ پيغمبر حضرت محمد مصطفي ﷺ جي ولادت باسعادت جو ذڪر ڪجي ٿو، سندن تعريف ۽ توصيف بيان ڪئي وڃي ٿي. سنڌي زبان کان علاوه ان لاءِ "نعت" جو لفظ استعمال ٿئي ٿو. مولود نويسيءَ جي انفراديت اها بہ آهي تہ ان ۾ نہ صرف پياري پيغمبر ﷺ جي ولادت جو تذڪرو ٿئي ٿو، گڏ و گڏ سندن تعريف ۽ توصيف،

سندن اخلاق ۽ اوصاف، سندن ڪردار ۽ ڪمالات، سندن حسن و جمال، ساڻس نسبت رکندڙ هر شئي کي شاعرن مولود جو موضوع بڻايو آهي ۽ ان تي شاعري ڪئي آهي.

مولود گوئيءَ جو خاص انداز ته ٻارين ۽ ٽولين جي صورت ۾ تاريخي دور کان سنڌ ۾ رائج آهي پر اڄ جي دور ۾ اڪيلي سِر پڙهڻ جو رواج به عام آهي، جنهن ۾ امداد الله ڦلپوٽو، نعمت الله سولنگي، حاجي مکڻو فقير، حاڪم علي پُرٽ ۽ ٻيا ڪيترائي مولودائي سنڌ ۾ مشهور ۽ معروف نالو رکن ٿا. هاڻي سوشل ميڊيا تي به مولود Share ڪياوڃن ٿا. ريڊيو، ٽيليوزن، ڪيسيٽ رڪارڊنگ ۾ به مولود پنهنجي تاريخي حيثيت، مقام ۽ شهرت رکن ٿا. سنڌ جي اڪثر مسجدن ۾ خصوصي طور جمعي جي نماز کان اڳ نوجوان ۽ ٻارڙا مولود پڙهندا آهن، اها روايت اڄ به سنڌ جي ڪافي علائقن ۾ رائج آهي، مذهبي طور تاريخي ڏهاڙن تي جن ۾ 12 ربيع الاول يا عُرس جي موقعي تي مولود پڙهيا وڃن ٿا.

وچين دور جي مولود گو شاعرن ۾حاجي احمد ملاح، سيد اظهر گيلاني، معمور يوسفاڻي، غلام محمد گرامي ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر شامل آهن جڏهن ته اڄ جي دور ۾ جيڪي شاعر مولود جي حوالي سان شهرت رکن ٿا انهن ۾ سيد رفيق احمد شاهه امروٽي، سيد گل محمد شاهه گل بخاري، حاجي غلام نبي مهيسر، حاجي مکڻو فقير مهر، عبد الحفيظ الرو، غلام قادر الرو، مجاهد مهر، ياسين ڪنير، عبد اللطيف عباسي، شهزادو ميراڻي، غازي جمالي، حاڪم علي پُرٽ ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر جن جا مولود ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي چڪا آهن، مولودن جي شهرت ۾ ريڊيو، ٽي وي، ڪيسيٽ، سي ڊيز وغيره به اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، مولود خوانن ۾ امداد الله ڦلپوٽو، نعمت الله سولنگي، حاجي مکڻو فقير مهر، حاڪم پُرٽ ۽ ٻيا ڪيترا مولود خوان جن انفرادي طور تي مولود گوئيءَ کي سنڌ ۾ پذيرائي بخشي ۽ ان ئي حوالي سان شهرت حاصل ڪئي.

مولود جي مخصوص صنف جي حوالي سان ڪجھ مشهور ڪتاب جن ۾ عبد الروف پٺيءَ جو ڪتاب "مولود شريف"، حاجي احمد ملاح جا ڪتاب "گلزار احمد" ۽ "گلشن احمد"، حافظ محمد احسن چنه "گلدسته احسن"

۽ ”احسن الاشعار“ حاجي غلام نبي مهيسر جا ڪتاب ”سرور ڪائنات“، ”مديني جو منور“، ”نوراني نظارا“، ”عقيدت جا گل“، شهزادي ميراڻيءَ جو ڪتاب ”عشق مصطفي ﷺ“، عبد الغني منصور جو ”منصور جا مولود“، عاجز رحمت الله لاشاري جو ”رحمت جا خزانہ“، سيد رفيق احمد شاھ امروٽي جا ”رهبر اعظم“، ”اڙين جو آذار“، ”گلشن امروٽيءَ“، رحيم بخش قمر جو ”سڄڻ آيو سهنج ٿيا“، ”مهيسر جي مرڪ“، گل محمد شاھ گل بخاري جا ڪتاب ”آب ڪوثر“، ”سيد المرسلين“، ”موتي ميڙيا مون“ ۽ ”ديوان گل بخاري“ وغيره ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب سنڌي شاعريءَ جي صنف مولود نويسيءَ جو شاهڪار آهن.

**حوالا:**


1. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: ”نئين جامع سنڌي لغت“، حصو ٽئون(ڪ-ي)، سنڌي زبان جو بااختيار ادارو، حيدرآباد 1427ھ 2007ع
2. بلوچ، عبدالستار، ”سنڌيڪا لغت“، تقديم ڊاڪٽر غلام علي الانا، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2006ع
3. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: مولود، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي حيدرآباد، 1961ع (سنڌي لوڪ ادبي سلسلي جو چوٿون ڪتاب)
4. ”فيروز اللغات“، اردو جامع، مرتب، فيروز سنز ڪراچي 2005ع، جلد اول، ص 1382
5. سنڌي (ديوناگري) ڪان انگريزي ڊڪشنري
6. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: مولود، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي حيدرآباد، 1961ع
7. ”القرآن“، سورت البقره، آيت 233
8. مولود .. ساڳيو ص 3
9. مولود .. ساڳيو ص 20
10. مهراڻ رسالو، سنڌ جا سهروردي بزرگ، مضمون ڊاڪٽر ميمڻ عبد المجيد سنڌي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1984ع
11. سنڌي شخصيتون، مضمون ميمڻ عبد الغفور سنڌي، اڪٽوبر 2011ع
12. ”مهراڻ“ (ٽماهي)، جلد4، 2012ع
13. ”لاڙڪاڻي جا لعل“، منظور سولنگي، جون 2012ع
14. ”قلمي نسخو“، ذاتي لائبريري

**رضيه ٻگهيو**
پي ايڇ. ڊي اسڪالر، سنڌي شعبو
وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي

# سنڌي سفرنامن جي ارتقا ۽ اوسر

# Evolution and Development of Sindhi travelogues

**Abstract:**

Soomra period is considered as the period of Sindhi literature. it was started in the form of verse, if we catch a glance of primitive Sindhi travelogue, it was in the form of poetry " Manzoom safarnamas" are found in the poetry of Makhdoom Abdul Rauf Bhatti, Syed Sabit Ali Shah etc.Sindhi travelogue enjoyed considerable popularity and development in British Era like other genres of Sindhi prose. In this period great number of travelogues were published in the form of Articles, Columns and Essays in newspapers and magazines along with few books.

After partition Sindhi Travelogue has developed/progressed by leaps and bounds in which Altaf Sheikh contributed a lion's share. His written stuff is communicative interesting and full of Knowledge.

Evolution and development will be highlighted in this article.

سفر انساني زندگيءَ جو لازمي جزو رهيو آهي. سفر ۾ علم به آهي ته ذهني جسماني صحت به. جڏهن ماڻهو ڪنهن ڏوراهين ملڪن ڏانهن ويندو آهي، ته اتان جي طور طريقن، رسم و رواجن، قدرتي منظرن ۽ ماڻهن جي طبيعتن کان متاثر ٿيندو آهي، پوءِ ڪجهه اهڙا صاحب نظر هوندا آهن، جيڪي ان سڄي روائداد کي قلم بند ڪندا آهن، جنهن کي سفرنامو چئبو آهي. اسان سنڌي سفرنامن جي تاريخ تي جڏهن نظر وجهون ٿا ته اسان کي شروعاتي سفرناما شاعريءَ جي صورت ۾ ملن ٿا، اهڙن شاعرن ۾ مخدوم عبدالرؤف ڀٽي، سيد ثابت علي شاهه ۽ ٻيا شامل آهن. سنڌي علم ۽ ادب ۾ جڏهن ترقي ٿي ته سفرناما مضمونن جي صورت ۾ اچڻ لڳا، ان کان پوءِ سفرناما ڪتابن جي صورت ۾ آيا. موجوده دور ۾ سفري مضمون وڏي تعداد ۾ لکيا وڃن ٿا. جيڪي، رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپبا رهن ٿا. ڪتابي صورت ۾ به سفرناما وڏي تعداد ۾ شايع ڪيا ويا آهن. سنڌي سفرنامن کي ارتقا جي لحاظ کان ٽن دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

1. سنڌي سفرناما آڳاٽي دور ۾
2. سنڌي سفرناما انگريزن جي دور ۾
3. سنڌي سفرناما پاڪستان ٺهڻ ڪان پوءِ

### 1. سنڌي سفرناما آڳاٽي دور ۾:

سنڌي شاعريءَ جا اهڃاڻ جئين تہ سومرن جي دور ڪان ملن ٿا ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ شاعريءَ جو عروج نظر اچي ٿو. انگريزن جي دور ڪان اڳ جي دور کي اسان آڳاٽو دور چئون ٿا. منظوم سنڌي سفرنامي جي شروعات هن دور ڪان ٿئي ٿي. سڀ ڪان پهريان اسان کي ڪلهوڙن جي دور جي شاعر مخدوم عبدالرؤف ڀٽي (1682- 1752ع) (1) جي شاعريءَ ۾ منظوم سفرنامو نظر اچي ٿو.

سندس ان سفرنامي جو نالو 'حج بيت الله' آهي، جنهن ۾ مخدوم عبدالرؤف ڀٽي صاحب حج جي خواهش ۾ مڪي مديني ويندي پنهنجن جذبن جي عڪاسي ڪئي آهي ۽ طواف ڪعبي، زمزم، احرام مڪي مديني جو خوبصورتيءَ سان بيان ڏنو اٿس.

هلان جدي منجهان مڪي، ڪريان طواف ڪعبي جو
پيان پاڻي سندو زمزم، چڙهيان احرام ات چوڙي
مديني جي خاڪ سڀ سرمو، وجهان اکين پتر پوري
عبدالرؤف چئي سِر ڪريان صدقو، رکان ڪرسي اڳيان ڪوري. (2)

ان ڪان پوءِ مرثيي نويسيءَ جي وڏي نالي سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين ۾ منظوم سفرناما ملن ٿا.

جڏهن اسان آڳاٽي دور جي منظوم سفرنامن تي نظر وجهون ٿا تہ، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جيئن شاعرن ۾ هڪ چند وانگر نمايان نظر اچي ٿو تيئن منظوم سفرنامن ۾ بہ گوءِ کٽي ويو آهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ لاءِ قاضي عبدالمجيد 'عابد' لکي ٿو تہ، "سنڌي زبان ۾ شايع ٿيندڙ سفرنامن بابت اهو عرض ڪندس تہ سڀ ڪان اهم ۽ اتم تہ ڀٽائي گهوٽ جو رسالو آهي، جنهن کي منظوم سفرنامو چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو."(3)

منظوم سفرنامن ۾ اسان کي ٻن قسمن جا سفرناما نظر اچن ٿا، هڪڙا اهي جي تصوراتي آهن. اهڙا سفرناما اسان کي لڳ ڀڳ سمورن شاعرن جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا، پر جيئن ته اسان سفرنامو عملن سفر جي مشاهدن ۽ تجربن تي مبني احوالن کي چئون ٿا، تنهنڪري هتي صرف انهن شاعرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جن عملن سفر جي بنياد تي مشاهدي کي نظم ڪيو آهي. شاهه صاحب جوڳين سان گڏ جيڪو سير ۽ سفر ڪيو آهي، تنهن کي هُن سر 'رامڪليءَ' ۾ پيش ڪيو آهي.

## 2. سنڌي سفرنامو انگريزن جي دور ۾:

سنڌي ادب ۾ انگريزن جي دور جو اهم ڪارنامو سنڌي الفابيٽ جو ٺهڻ آهي. "1853ع ۾ سنڌي صورتخطي سرڪاري طور منظور ٿيڻ کان پوءِ تعليم کاتي جي سهار هيٺ ڪي درسي ڪتاب لکيا ويا".(4)

ان سان گڏو گڏ بيروني ادب جي سنڌيءَ ۾ ترجمي جو ڪم شروع ڪيو ويو. ترجمن سان گڏ نثر ۾ تخليقي ادب به شروع ٿي ويو. سفرنامن جي حوالي سان جڏهن هن دور کي ڏسون ٿا ته، هن دور ۾ سفرنامن جي شروعات مضمون جي طرز تي ٿي آهي ۽ گهڻي تعداد ۾ سفري مضمون لکيا ويا، جن ۾ ڪجهه مختصر ۽ ڪجهه تفصيلي مضمون شامل آهن. انگريزن جي دور جو پهريون سفري مضمون مرزا قليچ جو 'ڏاڙهياري جبل جو سير' 1900ع ۾ ڇپيو. ان کان پوءِ خواجا محمد حسن جان سرهنديءَ جو 'عراق و شام' 1914ع ۾ ڇپيو. ان سفرنامي کان پوءِ عبدالرحمان قريشي صاحب ان ئي سال (1914ع) جي هڪ ٻئي سفرنامي جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو نالو 'گوگتا مارو' آهي. 1915ع ۾ لال چند امر ڏني مل جو 'مسافريءَ جو مزو ۽ سير جو رنگ' ڇپيو. 1919ع ۾ سيد ميران محمد شاهه جو 'گنجي ٽڪر جو سير'، 1923ع ۾ ڪاڪي ڀيرومل جو 'سنڌ جو سيلاني شايع ٿيو. (اهو سنڌي سفرنامي جو پهريون ڪتاب آهي). 1926ع ۾ نارائڻ داس ملڪاڻيءَ 'ڪشمير جو سير' لکيو. مضمون وارن سفرنامن سان گڏ ڪجهه ڪتابن جي صورت ۾ به سفرناما اچڻ لڳا. 1925ع ۾ هڪ منظوم سفرنامو 'عشق جو رسالو نينهن ۾ نرالو' صوفي شير محمد لکيو. 1926ع ۾ خيرپور ضلعي جي مشهور مذهبي ۽ سماجي ڪارڪن شهيد عبدالله شاهه پتافيءَ 'سردار سار

لهيج‘ نالي هڪ سفرنامو لکيو. هن حج جي سفرنامي ۾ حج ادا ڪرڻ جي رڪنن، زيارتن بابت ڄاڻ ۽ دوران سفر جا واقعا بيان ڪيا آهن.“(5)

1926ع ۾ پروفيسر پيرومل مهر چند آڏواڻيءَ لطيفي سئر لکيو. 1929ع ۾ پروفيسر نارائڻ داس ملڪاڻيءَ ’گوناڳي ڇهر ۽ گجرات جو سير‘ لکيو. 1929ع ۾ ٻئي روچيرام هر دوار جو ’هر دوار جو اتهاس‘ شايع ٿيو. 1929ع ۾ ٻئي هڪ سفرنامو منوهرداس ڪوڙي مل ’هند جو سفر‘ لکيو. 1936ع ۾ سومئي ٻوڏراج جو ’ڪشمير جو سير‘ ڇپيو. 1941ع ۾ ’سکر جو سونهارو‘ پرسرام لکيو. 1941ع ۾ ٻئي ارجن سڪايل جو ’تندي آدم جو اتهاس‘ ڇپيو. 1941ع ۾ مرزا قليچ بيگ ’گليور جو سير ۽ سفر‘ (Gulliver's Travels) جو ترجمو ڇپيو. 1942ع ۾ الله بخش سمين سير ڪوهستان لکيو. 1942ع ۾ ٻئي قادر بخش نظاماڻيءَ جو ’سنڌ جو سفر‘ ڇپيو. 1943ع ۾ تيرٿ سانوالاڻيءَ جو ’دور مشرق‘ ڇپيو. 1946ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ’هندستان کان آمريڪا جو سير‘ ڇپيو.

مختصر اهو چئي سگهجي ٿو ته، هن دور ۾ سفري مضمونن جي شروعات ٿي، منظوم سفرنامن جي شروعات ته اڳ ٿي چڪي هئي، تنهنڪري هن دور ۾ منظوم سفرناما به نظر اچن ٿا. ڪتابي صورت ۾ سفرنامن جي شروعات به هن دور ۾ ٿي، جن ۾ ڪجهه ترجما ٿيل سفرناما شامل آهن، مطلب ته انگريزن جي دور ۾ باقاعدي سفرنامن جي شروعات ٿي ۽ وڏي تعداد ۾ سفرناما اخبارن ۽ رسالن ۾ به ڇپيا.

### 3. سنڌي سفرناما پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ :

اسان بيان ڪري آيا آهيون ته، انگريزن جي دور ۾ باقاعدي سفرنامن جي شروعات ٿي، جن ۾ ڪجهه منظوم ۽ ڪجهه مضمون جي طرز جا ڪجهه ڪتابن جي صورت ۾ هئا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هن صنف تمام گهڻي ترقي ڪئي. هن دور ۾ پهريون سفرنامو آغا بدرالدين درانيءَ جو ’مسافر حجاز‘ آهي، جو 1950ع ۾ شايع ٿيو. هيءَ ڪتاب حج جي فرض جي ادائگيءَ تي لکيل آهي. هن ۾ مڪي مديني جي شهرن جي اهم معلومات ڏنل آهي. هن ۾ 52 تصويرون ۽ نقشا ڏنل آهن تفصيل سان. تمام بهترين حج جو سفرنامو آهي. عبدالغفور ميمڻ مطابق، ”1950ع جي شروعات ۾ آغا بدرالدين

دراني صاحب ’مسافر حجاز‘ جي عنوان سان پنهنجو سفرنامو قلمبند ڪيو.“(6)

ساڳي ئي سال 1950ع ۾ ’سير ريگستان‘ محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو شايع ٿيو. 1955ع ۾ سيد زين العابدين جيلانيءَ جو ’سفرنامہ حج‘ شايع ٿيو. 1956ع ۾ قادر بخش نظاماڻيءَ ڪيپٽن اسٽڪ جي ڪتاب Autobiography of Lutfullah جو ترجمو ’سنڌ جو سفر‘ جي نالي سان ڪيو. 1960ع ۾ قاضي عبدالمجيد ’عابد‘ جو ’سفر يورپ جي ڊائري‘ ڇپيو. 1961ع ۾ ڪريم ڏني راڄپر جو آمريڪا جو سير ڇپيو. 1962ع ۾ غلام علي الانا جو ’سڄڻن جي سار‘ روح رهاڻ رسالي ۾ خطن جي صورت ۾ ڇپيو.سندس ٻيو سفرنامو ’جتان سج کني ڪيندو آهي‘ پارس رسالي ۾ خطن جي صورت ۾ ڇپيو . 1964ع ۾ جيمس برنس جي ڪتاب جو ترجمو محمد حنيف صديقيءَ ’سنڌ کان سوات تائين‘ لکيو. 1964ع ۾ هڪ ٻيو سفر نامو طارق اشرف جو ’ديسن موٽ پرديس ۾‘ ڇپيو. هيل تائين سوَ کان مٿي سفر ناما شايع ٿي چُڪا آهن، جن ۾ گهڻي ڪان گهڻا الطاف شيخ ۽ عبدالحئي پليجي جا آهن. ٻين ليکڪن ۾ عنايت بلوچ، ڊاڪٽر فهميده حُسين، محمد خان سيال، ڊاڪٽر سُليمان شيخ، اياز لطيف پليجو، گل حسن ڪلمتي، ذوالفقار هالي پوٽو ۽ ٻيا ڪيترا ئي شامل آهن.

مطلب تہ شروعاتي دور ۾ سفرناما، منظوم سفرنامن جي صورت ۾ لکيا ويا ۽ ان کان پوءِ انگريزن جي دور ۾ مضموني ۽ ڪتابي صورت ۾ آيا. ڪيترائي سفرناما ترجما بہ ڪيا ويا. منظوم سفرناما بہ جاري رهيا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سفرنامن تمام گهڻي ترقي ڪئي، جن ۾ منظوم، ڊائري، يادگيرين، مضمونن، خطن، افساني ۽ ڪهاڻيءَ واري انداز جا سفرنامابہ شامل آهن. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سفرنامن جيڪا ترقي ڪئي آهي، ان ۾ واضح ڪردار الطاف شيخ جو آهي. الطاف شيخ صاحب سنڌي ادب جو اڪيلو ليکڪ آهي، جنهن سفرنامن جي سيني قسمن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. مختصر اِهو چئي سگهجي ٿو تہ، سفرنامي جو لفظ ٻڌي الطاف شيخ ۽ الطاف شيخ جو نالو ٻڌي، سنڌي سفرنامي جو خيال دل ۽ دماغ تي اچي ٿو، الطاف شيخ ۽ سنڌي سفرناما ٻئي گڏوگڏ نظر اچن ٿا.

**سنڌ جا مشهور سفرنامي نگار:**

ورهاڱي کان پوءِ جي شروعاتي سفرنامن ۾ سڀ کان وڌيڪ شهرت قاضي عبدالمجيد ’عابد‘ پنهنجي ڪجهه ’سفر يورپ جي ڊائري‘ (1960ع) جي ڪري حاصل ڪئي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي سفرنامن تمام گهڻي ترقي ڪئي؛ خاص طور سان 1970ع کان وٺي هن وقت تائين، جن ۾ تمام گهڻا معياري ۽ سفرنامن جي هر طرز تي لکيل سفرناما سامهون اچي چڪا آهن. هتي اسان ڪجهه سفرنامي نگارن جو ذڪر ڪنداسين، جن سفرنامن جي صنف ۾ شهرت حاصل ڪئي يا جن جي سفرنامن کي پڙهندڙن گهڻو پسند ڪيو. انهن لکارين ۾ الطاف شيخ، عبدالحئي پليجو، ڊاڪٽر تنوير عباسي، عنايت بلوچ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، محمد خان سيال، ماهتاب محبوب، ڊاڪٽر محمد سُليمان شيخ، سليم قريشي، طارق عالم ابڙو، غلام مصطفي شاهه، قاضي عبدالمجيد ’عابد‘، آغا سليم، شوڪت شاهه بخاري، الله بچايو سمون، بدر ابڙو، ڪريم ڏنو راڄپر، ڪيرت ٻاٻاڻي، هري موٽواڻي، نصير مرزا، محمد اسماعيل عرساڻي، ريتاشاهاڻي، فهميده حسين ۽ ٻيا شامل آهن. بيان ڪيل سفرنامي نگارن مان هتي رڳو ڇهن شخصيتن جو تفصيل پيش ڪجي ٿو.

**الطاف شيخ:**

الطاف شيخ هن وقت تائين جو سنڌي ادب ۾ سڀ کان وڌيڪ مشهور ۽ سڀ کان گهڻا سفرناما لکندڙ اديب آهي. سندس لکيل سفرنامن جو تعداد 70 آهي. الطاف شيخ جي ڪتابن لاءِ اياز گل صاحب لکي ٿو ته، ”سفرنامي جي حوالي سان هو هڪ ڪرامت جي حيثيت رکي ٿو. هُن جي لکيل، ترتيب ڏنل ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن جو تعداد 80 جي لڳ ڀڳ آهي، جن مان 70 کان وڌيڪ ڪتاب مختلف ملڪن، ماڳن ۽ مڪانن جي سفرنامن تي مشتمل آهن.“(7)

اياز گل صاحب ڪتابن جو اهو تعداد 2015ع ۾ ڄاڻايو هو، جيڪو درست هو. هيل تائين شيخ صاحب جي ڪتابن جو انگ 94 کي پهتو آهي.

الطاف شيخ جو سفرنامن تي ڪيل ڪم ايترو نمايان آهي، جيئن شاهه جو سنڌي شاعريءَ ۾، مرزا قليچ بيگ جو سنڌي نثر ۾، ڊاڪٽر نبي بخش

خان بلوچ صاحب جو سنڌي لوڪ ادب ۾ ۽ سيد ثابت علي شاهه جو مرثيي نويسيءَ ۾. الطاف شيخ صاحب هر قسم جا سفرناما لکيا آهن، جن ۾ عام (ڳالهه واري انداز ۾) سفرناما، ڊائري، خط، مضمون، افساني يا ناول واري انداز جا سفرناما، انٽرويوءَ وارا سفرناما جيڪي دنيا ۾ تمام گهٽ لکيل آهن. الطاف شيخ جو انٽرويوءَ وارو سفرنامو به لکيل آهي، (سنڌس چوڻ مطابق) جو اڃا ڇپيو نه آهي. سنڌس لکيل سفرناما ايترا ڇو مشهور آهن؟ ان لاءِ اهو چوڻ صحيح ٿيندو ته ڪيس لکڻ پڙهڻ سان محبت نه پر عشق آهي. الطاف شيخ صاحب ميرين انجنيئر هو ۽ سنڌس پيشي وراڻيون ذميداريون تمام گهڻيون هُيون. ايترين ذميدارين هوندي ايترا ڪتاب لکڻ تي سحر گل صاحبه ڪجهه هن طرح اظهار خيال ڪيو آهي ته: ”منهنجي خيال ۾ سنڌس گهرواريءَ سان به به لفظ ڳالهائي ڏسجن ته هوءَ ويچاري ڇا ٿي چوي ته هيءُ همراهه ڪيس ۽ ٻارن کي ڪيترو وقت ڏيندو هو. ڇو ته سنڌس لکڻيون ته ٻڌائين ٿيون ته هي وڻجارو رڳو پئي دنيا ۾ ڦريو ۽ پئي ڪتاب لکيائين.“(8)

سنڌس ڪتابن جو تعداد ڏسي هر ڪو ائين سوچي سگهي ٿو ته الطاف شيخ صاحب شايد ٻيون ذميداريون چڱي نموني نه نڀايون هجن، پر ائين نه آهي. الطاف شيخ صاحب پنهنجي هر ذميداري صحيح نڀائي آهي. سنڌس نوڪري ته اهڙي هئي نه جو ان کي ٿاري ڪو ٻيو ڪم ڪري سگهجي، ته پوءِ پاڻ ايترا سارا ڪتاب ڪيئن لکيائين؟ ان جو جواب اسان کي سنڌس ئي لکيل هن عبارت مان ملي ٿو، جنهن ۾ پنهنجي نوڪريءَ متعلق لکي ٿو ته، ”اها ڪار جي ڊرائيور يا سرجن وانگر آهي، هو جي ڪارجي اسٽيرنگ ويل مان هٿ يا ڌيان ڪڍي ٻيو ڪم ڪندو ته ڪار بيهي رهندي يا حادثو ٿيندو، ساڳيءَ طرح هڪ سرجن آپريشن کي اڌ ۾ ڇڏيندو ته مريض مرندو سو نوڪريءَ مان وقت ڪڍڻ مون لاءِ مشڪل آهي. ها البت ننڊ آئون گهٽ ڪريان ٿو، سو ٿورو وقت ان مان مليو وڃي. ڪڏهن رات جو پهريون اڌ سمهان ٿو ته پويون جاڳي لکان ٿو يا دير تائين لکي پوءِ سمهان ٿو يا ڪڏهن ته سڄي رات وينو جاڳان.“(9)

سنڌس انهن ننڊن جي قربانين سنڌي ادب کي سفرنامن جي مد ۾ مالا مال ڪيو آهي ۽ ڪيس شهرت جو تاج پارائي سفرناما لکندڙن جو سلطان

ٿاهي ڇڏيو آهي. سندس اهي قربانيون وسارڻ جون نہ آهن ۽ نہ ئي سندس ڪيل ڪم اهي وسارڻ ڏيندو. سندس لکيل سفرنامن جي هيٺ ڏکهي لسٽ ان ڳالھ جو ثبوت آهي.

(الف)

01) اوهريا جي عميق ڏي
02) اي جرني ٽو ٿائليند
03) اڇن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا
04) اي روڊ ٽو مدينا
05) آل اباﺋوٽ سنگاپور
06) ايران ڏي اڏام
07) آمريڪا ڙي آمريڪا
08) آ رائوند دي ورلڊ

(ب)

09) بندر بازاريون
10) بندر ديسان ديس
11) بوتلن جو سفر
12) بخشو لغاريءَ ڪان بالٽيمور
13) بمبئي منهنجي ياڪر ۾
14) بنارس ڪان برمودا
15) برونائي ڪان برازيل تائين
16) بهترين سفر ناما

(پ)

17) پلي پار تان پيرو

(ت)

18) تيستائين گڊ باءِ
19) ٽوڪيو جي گيشيا گرل

(پ)

20) پيار جي گُهٽ

21) پکي اُڏامندا پنهنجي ديس
22) پکين جي ديس ۾

(ج)

23) جاني تہ جهاز ۾
24) جپان جن جي جيءَ سان
25) جت جر وهي ٿو جال
26) جت برف پوي ٿي جام
27) جل پريون
28) جپان پنجويهن ورهين بعد
29) جپان مان موٽندي

(چ)

30) چنڊ چوانءِ سچ

(ڇ)

31) ڇا جو ديس ڇا جو ويس

(خ)

32) خبرون ڪيڙائن جون

(د)

33) دنيا آهي ڪاڪ محل
34) دهليءَ جو درشن
35) دنگي منجهہ درياهہ

(ڏ)

36) ڏيهہ پرڏيهہ جو سفر

(ر)

37) رڻي آهي گهوٽ سان

(س)

38) سي ٻيڙيون رکين ٻاجهہ سين
39) سي ئي جوين ڏينهن
40) سمونڊ سيويو

41) سانباهو سمونڊ جو
42) سنگاپور ويندي ويندي
43) سنگاپور ٿو سڏ ڪري
44) سمونڊ جن ساٿيھ

(ڪ)

45) ڪويت ڪنارا
46) ڪوالالمپور ڪجھ ڪوھ
47) ڪراچيءَ ڪان ڪوپن هيگن
48) ڪراچيءَ ڪان ڪوڪورا
49) ڪئمپس جا ڏينھڙا

(ڳ)

50) ڳالهيون تنهن جيان جون
51) ڳالهيون آهن ڳچ

(گھ)

52) گھاتو گھر نہ آيا

(م)

53) منهنجو ساگر منهنجو ساحل
54) موج نہ سھي مڪڙي
55) مڪليءَ ڪان ملاڪا تائين
56) ملير ڪان مالمو
57) ملائيشيا منهنجي من ۾
58) ملائيشيا ٻارنهن سالن بعد
59) ممباسا شيدي باشا همباشا
60) مونکي موهيو ملائيشيا

(ن)

61) نيو هالا ڪان نيويارڪ
62) نہ سي سڙھ سکاڻ

(و)

63) وايون وڻجارن جون

64) وسي وڏ ڦڙو

(هه)

65) هيلسنڪيءَ جي حسينا

66) هلي ڏسجي هندستان

67) هليو آ هليو آ ملائيشيا

68) هي ٻيٽ هي ڪنارا

(ي)

69) يادن جي اندلٽ

70) يورپ جا ڏينهن، يورپ جون راتيون

الطاف شيخ جا اهي سفرناما معلومات جو هڪ ڀنڊار آهن. الطاف شيخ کان اڳ سفرنامي جي صنف ويران هئي، جنهن کي الطاف شيخ اڪيلي اچي آباد ڪيو آهي، جنهن لاءِ خورشيد عباسي صاحب پنهنجي هڪ مضمون 'الطاف شيخ سنڌ جو سيلاني' ۾ لکيو آهي ته، "سفرنامو به سنڌي ادب جي ڏتڙيل ۽ مفلوج حال نثري صنفن ۾ شمار ڪيو وڃي هان، جيڪڏهن اڄ الطاف شيخ جا سفرناما ان ۾ شامل نه هجن هان. الطاف شيخ سنڌي ادب جي ان اجڙيل باغ ۾ نوان گل ٻوٽا لڳائي ان کي آباد ۽ شاداب ڪيو، جنهن جي گلن جي سُڳنڌ ۽ سرهاڻ سنڌ ۽ هند ۾ پکڙجي رهي آهي.(10)

الطاف شيخ جي انهن سفرنامن جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ ڪيئن پکڙجي رهي آهي؟ تنهن جو جواب سندس ڪيل رات ڏينهن جي پورهئي منجهان معلوم ٿئي ٿو.

**عبدالحئي پليجو:**

عبدالحئي پليجي جو شمار سفرنامي نگارن جي حوالي سان الطاف شيخ کان پوءِ ٻئي نمبر تي اچي ٿو. سنڌي سفرنامي نويسيءَ ۾ گهڻو تعداد اهڙن سفرنامي نويسن جو آهي، جن هڪ هڪ سفرنامو لکيو آهي يا وڌ ۾ وڌ ٽئن کان پنجن تائين لکيا آهن. عبدالحئي پليجي صاحب جا تقريبن 16 سفرناما مُنهنجين اکين اڳيان گذريا آهن، جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

1) ڏوريم ڏيساور

2) هوجي وڻ ولات جا
3) ديس بہ ديس
4) ڪنواريون ۽ ڪنول
5) ٻنون ٽو ٽوڪيو
6) ڪاجل بنا نيڻ
7) پريان سندي پار ڏي
8) دنيا جا مشهور شهر
9) ووڙيم سڀ وٿاڻ
10) پليجو اَ رائونڊ دي ورلڊ
11) جيئن ڏٺم جپان کي
12) وري نہ ورندو وڻجارو
13) لنڊن جا ڏينهن، اسڪاٽ لينڊ جون راتيون
14) بندر مون ڏور ٿيا
15) اسپين تنهنجا ڪئي رنگ
16) ڳر لڳي ڳالهيون ڪريون.

عبدالحئي صاحب جي لکڻ جو انداز نهايت وڻندڙ آهي ۽ سندس سفرناما معلومات جو ڀنڊار پڻ آهن. ڏوريم ڏيساورعبدالحئي صاحب جو پهريون سفرنامو آهي جو 1983ع ۾ ڇپيو، جنهن جا پيش لفظ سنڌ جي مشهور سفر نامي نگار الطاف شيخ صاحب لکيا آهن، جن ۾ الطاف شيخ عبدالحئي پليجي سان پنهنجي پهرينءَ ملاقات جا تفصيل ڏنا آهن. هڪ هنڌ عبدالحئي پليجي متعلق لکي ٿو: ”عبدالحئي کي ادب سان بيحد شوق آهي، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان جيڪو بہ رسالو يا اخبار نڪرندو هو تہ هو هٿ ڪري وٺندو هو.“(11)

عبدالحئي جو هي پهريون سفرنامو، ٿائي لينڊ، بينڪاڪ، سنگاپور، جپان، ٽوڪيو ۽ ملائيشيا جي سفرن تي مشتمل آهي. عبدالحئي صاحب هن سفرنامي ۾ بين الاقوامي سياسي چالن جو بيان ڏنو آهي، جنهن ۾ ويٽنام ۾ آمريڪي جنگي ڏوهن جو ثبوت آهي. ان کان سواءِ ايشيا جي ملڪ ٿائليند کي عياشيءَ ۽ جسمن جي خريد و فروخت جو اڏو بنائڻ تي عبدالحئي صاحب

فيبدرل ڪاستروءَ جي انٽر پارليامينٽ يونين جي 28هين ڪانفرنس ۾ ڪيل تقرير جا هي لفظ ڏنا آهن، ”بين الاقوامي پورهئي واري تنظيم جي ڪيل تحقيقات موجب رڳو بينڪاڪ ۾ هن وقت ٻه لک ڇوڪريون عصمت فروشيءَ ۾ رڌل آهن. انهن مان اڌو اڌ جي عمر ويهن سالن کان گهٽ آهي.“(12)

پليجي صاحب ٿائليند جي ماڻهن جي خوش اخلاقيءَ جي تعريف ڪئي آهي. سنگاپور جي جاگرافيائي ۽ معاشي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي ۽ ملائيشيا جي ساوڪ جي هن طرح منظر نگاري ڪئي اٿائين ته، ”ساوڪ ۽ سبزيءَ جو هيءُ عالم آهي جو اسان هڪ هفتو اتي هياسين پر اسان کي هڪ چوڪڙي زمين جي ٻه ساوڪ کان خالي نظر نه آئي آهي.“(13)

ملائيشيا جي خاص پيداوار ۾ ربڙ، سارين/ چانورن، ڏونگهي (Coconut)، پام آئل، ٽن مائينز ۽ ڪچي تيل (Crude Oil) جو ذڪر ٿيل آهي. عبدالحئي صاحب ٽوڪيو جو سير ڪندي ٽوڪيو جي هڪ انوکي رسم بابت بيان ڏنو آهي ”ٽوڪيو ۾ هر سال 17هين جولاءِ تي مينهن روڪ ناچ ٿيندو آهي، جنهن ۾ ٽي ازدها (اَرڙ نانگ) ناچ ڪندي مينهن بند ٿيڻ جون دعائون گهرندا آهن.“(14)

هيءَ رسم ڪٿي پئي ۽ ايترو مينهن وسڻ جو سبب ڪهڙو آهي؟ ان جي پوري ڪهاڻي جا اتي مشهور آهي، اها تفصيل سان پليجي صاحب بيان ڪئي آهي. ان کان علاوه ٻه جپان ۾ هلندڙ پُراڻين رسمن جي نشاندهي ۽ انهن جي پنيان جي ڪهاڻي ڏنل آهي. هن سفرنامي ۾ ڪن ڪن جاين تي پليجي صاحب شاهه سائينءَ ۽ شيخ اياز جا بيت ڏنا آهن.پليجي صاحب جو ٻيو مشهور سفرنامو ’هو جي وڻ ولات جا‘ 1984ع ۾ ڇپيو، جنهن جو مهاڳ مهتاب محبوب لکيو آهي.

**مهتاب محبوب:**

سفرنامن جي حوالي سان عورتن ۾ اهم نالو مهتاب محبوب جو آهي. سفرنامن سان گڏو گڏ سندس ڪيترائي افسانا ۽ ڪهاڻيون شايع ٿي چڪيون آهن. سندس پهريون سفرنامو ’سرهي سرهي سار‘ آهي، جو 1987ع

۾ ڇپيو. ان کان پوءِ ”اندر جنين اڄ“ (1992) ۽ ”راهون چنڊ ستارا“ ڇپيا. مهتاب محبوب جوسفرنامو ’اندرجنين اڄ‘ گهڻو مشهور ٿيو. هيءُ سفرنامو مهتاب صاحبہ تڏهن لکيو، جڏهن هوءَ ماستر چندر جي دعوت تي هندستان وئي ۽ هندستان گهمي هُئي. سفرنامي جي شروعات ۾ مهتاب لکي ٿي تہ، ”نيٺ هن ڀيري مون ماستر چندر جي دعوت تي بمبئي وڃڻ جو پڪو فيصلو ڪيو. مجال جو ڪير اعتبار ڪري، جيڪو ٻڌي ڇوي ٻن وکن تي ڪراچي پئي آ، ات ئي ٻار ڇڏي نہ وڃي، هندستان وري انهن کان سواءِ وڃڻ ناممڪن.“(15)

سندس لکيل انهن جملن مان معلوم ٿئي ٿو تہ پنهنجن ٻارن کي ڪٿي بہ اڪيلو ڇڏي نہ وڃڻ واري ماهتاب ٻارن کي ڇڏي هندستان وئي. مهتاب پنهنجي جيجل ماءُ جو بہ هن سفرنامي ۾ ذڪر ڪيو آهي، جنهن جي ڳالهين سندس دل ۾ انهن سنڌين جي محبت پيدا ڪئي هئي.

اها حقيقت آهي تہ اسان جا وڏا اسان کي ٻڌائيندا هئا تہ ڪيئن هتي پاڙي ۾ اسان سان گڏ هندو برادريءَ جا ماڻهو رهندا هئا. ڪيئن انهن سان گڏ خوشين ۽ ڏکن جا ڏينهن گذارياسين، ڪيئن وڃڻ وقت هو رنا ٿي؟ سفرنامي جي شروعات ۾ موهن ڪلپنا سنڌي ادب جو تاج محل جي عنوان سان جو مضمون لکيو آهي، تنهن ۾ مهتاب جي هندستان واري دوري کي تاريخي اهميت ڏيندي لکيو آهي تہ ”ماهتاب محبوب جي ڀارت ياترا کي ادب ۾ تاريخي اهميت حاصل آهي. هن ڀارت ياترا بابت جيڪو سفرنامو لکيو آهي، سو رپورٽيج جي فارم ۾ آهي، جيڪا عالمي ادب ۾ نئين صنف آهي. ماهتاب جو اهو سفرنامو شخصي احساسن سان گڏ پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ الڳ تخليقي ۽ نهايت اعلي پائي جي لکڻي آهي.“(16)

موهن ڪلپنا جا لکيل اِهي خيال اڄ تقريبن 35، 36 سال گذرڻ کان پوءِ سچ ثابت ٿي رهيا آهن ۽ ماهتاب جو هيءُ سفرنامو هڪ تاريخي دستاويز جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي. هن سفرنامي ۾ ڏنل بليڪ اينڊ وائٽ تصويرون بہ خاص اهميت رکن ٿيون، جيڪي ان وقت جي مشهورسنڌي ليکڪن جون آهن، جن ۾ ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي، موهن، ماستر چندر، مهيش چندر، سندري اتم، هيرو ٺڪر،گوبند، جڳديش آڏواڻي، اشوڪ ڪشوراڻي، رام پنجواڻي، ڊاڪٽر عالم پرسواڻي ۽ ٻيا شامل آهن.

**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو:**

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جو نالو سنڌي ادب ۾ هميشہ زنده رهڻ وارن نالن مان آهي. سندس ڪيل خدمتن کان ڪير بہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهي. سنڌي ادب جي تاريخ تي سندس ڪيل تحقيق سڀ کان وڌيڪ اهميت رکي ٿي. ان کان سواءِ هو بهترين ڪهاڻيڪار ۽ شاعر بہ آهي. سفرنامن ۾ سندس ٻہ اهم سفرناما آهن، جن ۾ 'مائوءَ جي ملڪ ۾' 1973ع ۾ شايع ٿيو ۽ ٻيو 'ونڊسر محل جو مسافر' 1989ع ۾ شايع ٿيو. 'مائوءَ جي ملڪ ۾' عبدالجبار صاحب تڏهن لکيو هو، جڏهن 1965ع ۾ يونيورسٽيءَ کيس چين جي اسڪالرشپ تي چونڊيو هو. بيجنگ مان چيني زبان ۾ ڊپلوما امتيازي حيثيت سان پاس ڪيائين. ان دوران گذاريل وقت عبدالجبار هن سفرنامي ۾ بيان ڪيو آهي.

"ونڊسرمحل جومسافر" عبدالجبار صاحب جو لنڊن جو سفرنامو آهي. هن سفرنامي ۾ عبدالجبار صاحب ڊيوڪ آف ونڊ سر جي ڪهاڻي بيان ڪئي آهي. ان حوالي سان ئي هن سفرنامي جو نالو رکيو ويو آهي. عبدالجبار جوڻيجو صاحب انگلينڊ جي هن شهزادي جي ڪهاڻيءَ کان گهڻو متاثر لڳي ٿو ۽ ان جي تفصيلي ڪهاڻي لکي اٿائين جنهن ۾ ٻڌايل آهي تہ ڊيوڪ آف ونڊسر جو عشق هڪ آمريڪي عورت والس سان ٿيو، جا پرڻيل هئي. پوءِ طلاق وٺي ڊيوڪ سان شادي ڪيائين. ڊيوڪ ان جي عشق ۾ بادشاهت کي ٺڪرائي ڇڏيو، والس سان شاديءَ لاءِ ڊيوڪ کي بادشاهت جي قرباني ڏيڻي پئي، ڇو جو ان وقت برطانيا جو بادشاهہ ٿيڻ لاءِ ڪجهہ قانون قاعدا مقرر ٿيل هئا. والس سان شادي ڪرڻ سان هن قانون جي پڇڪڙي ٿي رهي هئي، جنهنڪري کيس تخت تان لا ٿو ويو. ان کان پوءِ کيس گهڻا ڏک مليا، دنيا بہ هن تي ٺٺولون ڪندي هئي.

بهرحال هڪ هنڌ عبدالجبار صاحب ڊيوڪ آف ونڊسر جا جذبا هن طرح لکيا آهن: "ان ڏينهن کي ياد ڪندي شهزادي ڊيوڪ آف ونڊسر چيو، ان وقت مون هڪ خاص ڳالهہ محسُوس ڪئي تہ مرد جو عورت سان سٻنڌ هڪ دانش ۽ سڄاڻپ جو سٻنڌ آهي. اهو منهنجو والس / ڊچيس آف ونڊسر سان پيار جو جڻ پهريون پيچ هو."(17)

مختصر اهو ته عبدالجبارجوڻيجي جا گهڻا سفرناما ته لکيل نه آهن پر جيڪي به لکيل آهن، معلوماتي ۽ وڻندڙ لکڻي هُجڻ ڪري مشهور ٿيا آهن.

**تنوير عباسي:**

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي ادبي سڃاڻپ هڪ شاعر جي حيثيت سان ٿي، جنهن ۾ کيس گهڻي شهرت ملي، پر جڏهن تنوير عباسيءَ نثر لکڻ شروع ڪيو ته ان کي به گهڻي پذيرائي ملي. تنوير جي نثر تي غلام رباني آگرو پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو: "تنوير جنهن پايي جو شاعر آهي ان جي ڪٿ ته ادب جا نقاد ئي ڪندا پر منهنجو رايو آهي ته هو نثر نويس تمام سٺو آهي، سٺو نثر لکڻ سولي ڳالهه نه آهي، اسان وٽ ٿورڙا نثرنويس آهن جيڪي صحيح سنڌي ٻولي لکي سگهن."(18)

تنوير عباسيءَ جي نثري ادب ۾ تمام گهڻا معلوماتي مضمون ۽ تحقيقي مقالا شامل آهن. سنڌي ٻوليءَ تي ڪيتراءِ تحقيقي مقالا لکيل اٿس، تنوير عباسيءَ سنڌي سفرنامن ۾ به اضافو ڪيو آهي. سندس سڀ کان پهريون سفرنامو 'ڏوري ڏوري ڏيهه' 1984ع ۾ شايع ٿيو. اهو يورپ جو سفرنامو آهي، جنهن ۾ يونان، روم، اٽلي ۽ فرانس ملڪ شامل آهن.

2001ع ۾ تنويرعباسيءَ جو ٻيو سفرنامو 'مونکي اڳتي وڃڻو آهي' آيو، شاعر هجڻ جي ڪري سندس سفرنامن ۾ منظرنگاري ڪمال جي آهي ۽ انداز شاعراڻوآهي. هن سفرنامي جا ٽي حصا آهن. پهريون 59 صفحن جو آهي، جنهن ۾ نيو يارڪ، واشنگٽن، ميامي، لاس اينجلس، سان فرانسڪو ۽ فرئنڪ فورٽ جو احوال آهي.(19)

ٻئي حصي جو عنوان 'سرمد جو گهر نيو جرسي' ۽ ٽئين حصي جو عنوان 'چنڊ به ٽڪر آهي.' هي دبئيءَ جو سفر نامو آهي.هن سفر نامي ۾ مختلف مشهور جڳهن تي گهمڻ کان سواءِ مختلف شخصيتن سان ملڻ جو احوال وڻندڙ انداز ۾ پيش ٿيل آهي. تنوير عباسيءَ جي سفرنامن جو تعداد گهڻو نه آهي، پر سندس سفرنامن کي شهرت گهڻي ملي آهي، تنهنڪري سندس شمار سنڌيءَ جي مشهورسفرنامي نگارن ۾ ٿئي ٿو.

**عنايت بلوچ:**

عنايت بلوچ هڪ سنو شاعر، سنو سفرنامي نگار ۽ براڊ ڪاسٽر آهي. پاڻ پنهنجي هر فيلڊ سان نڀايو اٿائين. سندس "پهريون سفرنامو 'پرين جي پرديس' (1984ع) ۽ 'پرديسي ڪهڙا پرين' (1987ع) سندس نشريات جي تربيت ۽ ڪرڪيٽ جي ڪمينٽريءَ جي سلسلي سان ڳنڍيل آهن."(20)

1995ع ۾ سندس ڇپيل 'سهيسن ٿيا سارنگ' ورلڊ ڪپ لاءِ ويل براڊ ڪاسٽنگ جي سلسلي جو سفرنامو آهي، جو گهڻو مشهور ٿيو. 'سا هان اوڏا سپرين' بہ عنايت بلوچ جو لکيل آهي.

**نصيرمرزا**

نصير مرزا جو پهريون سفرنامو 'سفرمن اندر' 1985ع ۾ شايع ٿيو. نصير مرزا تمام سنو شاعر آهي، شاعريءَ سان گڏ سندس سفرناما بہ گهڻا مشهورآهن. 1989ع ۾ 'ويرانين جو اوپن ايئر ٿيٽر'، 1996ع ۾ 'مور اڏاڻو مور' جڏهن تہ 2000ع ۾ 'خيمي ۾ شام' شايع ٿيس.

**نتيجو:**

سنڌي سفر نامن جي ارتقا ۽ اوسر تي نظر وجهڻ تي اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ سنڌي سفر نامي جي شروعات آڳاٽي دور کان نظم جي صورت ۾ ٿيل آهي. سڀ کان پهريان اهڙا اهڃاڻ مخدوم عبدالرؤف ڀٽيءَ جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا. سندس اهو منظوم سفرنامو 'حج بيت الله' جي نالي سان ڇپيل آهي. اڳتي هلي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ مير عبدالحُسين خان سانگيءَ جي شاعريءَ ۾ اهڙا منظوم سفرناما موجود آهن.

انگريزن جي دور ۾ سفري مضمون وڏي تعداد ۾ لکيا ويا ۽ ڪجهہ ترجمو ٿيل سفرناما ڪتابي صورت ۾ ڇپيا. ميمڻ عبدالغفور سنڌي ۽ عبدالرحمان قريشي صاحب خواجا حسن جان سرهنديءَ جي لکيل سفر نامي 'عراق و شام' کي سنڌي ٻوليءَ جو پهريون سفرنامو ڪوٺيو آهي. کوجنا ڪري اهو ڪتاب هٿ ڪرڻ سان معلوم ٿيو تہ اهو ڪتاب اصل ۾ فارسيءَ ۾ لکيل آهي، جنهن کي مولانا حاجي الله بخش سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. مختلف ڪتابن ۾ هن سفر نامي جي ڇپجڻ جي تاريخ 1914ع ڏني وئي

آهي، جيڪا دراصل خواجا حسن جان سرهنديءَ جي ڳوٺ سائين داد ضلعي حيدرآباد مان نڪرڻ جي تاريخ يعني 17 جُولاءِ 1914ع آهي.

مُنهنجي تحقيق جي حساب سان سنڌي ٻوليءَ جو ڪتابي صورت ۾ پهريون سفر نامو پيرومل مهر چند آڏواڻيءَ جو لکيل سفر نامو 'سنڌ جو سيلاني' آهي، جيڪو 1923ع ۾ ڇپيو آهي. هيءُ سفر نامو سفرنامي جي فن جون سڀ تقاضائون پُوريون ڪري ٿو.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي سفر نامي ۾ تمام گهڻي ترقي ٿي، جنهن ۾ واضح ۽ وڏو ڪردار الطاف شيخ صاحب ادا ڪيو آهي. سنڌ جي ڪئين مقبُول اديبن سنڌي سفر ناما لکيا آهن، پر جيڪا شهرت الطاف شيخ کي سندس منفرد لکڻين جي ڪري حاصل ٿي آهي، سا ڪنهن ٻئي کي ڪي نه ملي آهي. سندس لکيل 70 سفرناما آهن، جن ۾ دنيا جي سياسي، معاشي، مذهبي، سماجي، جاگرافيائي معلومات کان سواءِ جهاز رانيءَ، ٻيٽن، بندر گاهن، سمنڊن، سامونڊي جاندارن بابت حيرت انگيز معلومات ڏنل آهي.

سنڌيءَ ۾ سفرناما لکندڙ مصفن جو جڏهن اڀياس ڪيو ويو تہ اها ڳالهہ بہ سامهون آئي تہ الطاف شيخ کان پوءِ سڀ کان گهڻا سفر ناما لکندڙ مصنف عبدالحئي پليجو صاحب آهي. سندس پهريون سفر نامو 'ڏوريم ڏيساور' جي نالي سان 1983ع ۾ ڇپيو. هن وقت تائين سندس سورهن سفر ناما اچي چُڪا آهن، جيڪي دلچسپ ۽ معلُوماتي آهن.

سنڌي سفرناما جن طرزن تي لکيل آهن، انهن ۾ منظوم سفرنامن، مضمونن ۽ خطن واري انداز، ڊائريءَ واري نموني ۽ افساني، ناول جي واري طرز تي آهن. الطاف شيخ واحد مصنف آهي، جنهن جا انهن سيني قسمن تي لکيل سفر ناما موجود آهن.

**حوالا:**


1. جوڻيجو عبدالجبار، 'سنڌي ادب جي مختصر تاريخ'، روشني پليڪيشن، 1994ع، ص 126
2. ميمڻ عبدالغفور سنڌي، مضمون 'سنڌي زبان ۾ سفرناما، ڇهہ ماهي رسالو 'سنڌي ادب'، 84- 1985ع، ص-91
3. ملاح، مختيار، سنڌي ادبجي تاريخ جو جديد مطالعو، اردو بازار، ڇاپو پهريون 2006ع، ٻيو 2014ع، ص 841
4. شيخ، الطاف، 'وسي وڏ ڦڙو'، اياز گل جو لکيل مهاڳ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي،

2015ع، ص 27

5. شيخ،الطاف، ’وسي وڏ ڦڙو‘، سحر گل جو لکيل مند، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2015ع، ص 15
6. شيخ، الطاف، ’ملير ڪان مالمو‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڇاپو ٽيون 1998ع، پنهنجي پاران تان ورتل عبارت
7. عباسي، خورشيد، مضمون ’الطاف شيخ سنڌ جو سيلاني‘، ڪلاچي تحقيقي جرنل، شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي، ڇاپو پهريون ڊسمبر 2000ع، ص 87
8. پليجو، عبدالحئي، ڏوريم ڏيساور، سهڻي پرنٽرز، اپريل 1983ع، پيش لفظن مان ورتل ٽڪرو
9. پليجو، عبدالحئي، ڏوريم ڏيساور، سهڻي پرنٽرز، اپريل 1983ع، ص 24
10. ساڳيو، ص 50
11. ساڳيو، ص 97
12. پليجو، عبدالحئي، ’هو جي وڻ لات جا‘، ارباب محمد پليجو پبليڪيشن، ڇاپو پهريون 1984ع، ص 5
13. ساڳيو، ص 70
14. محبوب، ماهتاب، ’اندرجنين اچ‘، افروشيا پرنٽرس ناظم آباد، 1982ع، ص 9
15. ساڳيو، موهن ڪلپنا جي لکيل مضمُون ’سنڌي ادب جي تاج محل‘ مان ورتل سٽون، پهريون 1989ع، ص 47
16. جوڻيجو، عبدالجبار، ’ونڊسر محل جو مسافر‘، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ڇاپو پهريون 1989ع، . ص 47
17. دانش، احسان، مضمون ’تنوير عباسيءَ جي نثر جو جائزو‘،ڪلاچي تحقيقي جرنل، شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، جلد ڇهون، شمارو ٽيون، 2003ع، ص103 — 104
18. ميمڻ، پروين، موسي، ڊاڪٽر، ’سنڌي نثر جي صنفن جو اڀياس‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ڇاپو ٻيو 2015ع، ص 176
19. جوڻيجو، عبدالجبار ، ’سنڌي ادب جي تاريخ‘، (جلد ٽيون) روشني پبليڪيشن، 1994ع، 189

عائشه حسن ڏاريجو/
ڊاڪٽر ادل سومرو

# نسيم کرل جي ڪهاڻين ۾ عورتن جي ڪردارن جو جائزو

# Analysis of characters of Women in Stories of Naseem Kharal

**Abstract:**

Naseem Kharal is a big Sindhi short story writer. He has also shown the psychology of women living in the big walled (Havellies), as well as the villager women, call girlls, sacrficing mothers, helpless women, loving wife, and wishful crippled women pychology.

He has brought the psychology of above characters in funny and beautiful way, In his such short stories are ڊمي (Dummy), اٽالوپڊنگ (Itallo pudding), گٽس (Gutts), ڪني آڱر (Kinni anghar), زماني جي گردش( Zamani ji gardish) ,منڌ ٻوڙهيو مهراڻ (Mundh Borrio mehran) and such other important short stories in which the psychology of women revealed.

The important thing is that the writer has written on the women of upper class very clearly which is less written by other Sindhi writers. Naseem Kharal has also brought the hobbbies of this class women and their typical way of talking and also their selection of life partner are the main subjects of his stories.

نسيم کرل سنڌ جي انهن ڪهاڻيڪارن مان هڪ ڪهاڻيڪار آهي جنهن جڏهن ڪردار تخليق ڪيا ته انهن جي مڪمل نفسيات تي دسترس حاصل ڪئي، نسيم کرل پير، مير, وڏيري, جاگيردار, چور ڌاڙيل عام ماڻهو, غريب, هاري, پورهيت ,ويجهن رشتن جي روين ملن،عام مرد ۽ عورت جي نفسيات تي ماهر نفسيات وانگر قلم ڪنيو. نه صرف قلم ڪنيو پر اهڙا اهڙا ڪردار سامهون آندا جن سماج جي ٺيڪيدارن کي انهن جي چهرن جي بچڙائپ انهن اڳيان وائکي ڪئي.

نسيم کرل کل ٽيهه ڪهاڻيون لکيون پر جيڪي به لکيائين شاهڪار ڪهاڻيون لکيائين. انهن ڪهاڻين جا موضوع سنڌي سماج جا ئي ماڻهو هيا سواءِ هڪ ڪهاڻي ”مڪسبڙ گِرل“ جنهن ۾ عرب مرد جي نفسيات ظاهر ڪئي وئي آهي. سندس ٻيون ڪهاڻيون جن ڪافي مڃتا ماڻي انهن ۾ ڊمي، منڊ ٻوڙهيو مهراڻ، مساوات، پهرين مراد، مجاور، اٽالوپڊنگ، دارالفلاح، چوٿيهون در، ڪافر، زماني جي گردش، گٽس، ڪني آگر، زر ۽ زور، ڳڻ، سوڪڙيون، ڪوڙڪيون، ننگر، ڪچو رنگ، لهرين جا لوڏا، سندس تمام بهترين ڪهاڻيون آهن.

نسيم ڪرل جي ”ڪافر“ ڪهاڻي سندس مڙني ڪهاڻين ۾ شاهڪار ڪهاڻي آهي جنهن ۾ مذهبي جنونيت ۽ ذهنيت کي وائکو ڪيو ويو آهي ته: مذهب جي گهٽ ڄاڻ رکندڙ مذهبن ۾ ماڻهن کي ڪيئن منجهايو آهي. جي عورتن جي حوالي سان ڏسجي ته نسيم ڪرل جيڪي ڪهاڻيون به عورتن جي حوالي سان لکيون آهن انهن ۾ مسئلا ۽ مسئلن پنيان سببن کي بهترين نموني ظاهر ڪيو آهي، جنهن ۾ هيناهين طبقي ,وچولي طبقي ۽ خاص ڪري مٿاهين طبقي جي عورت جي نفسيات واضح نموني عيان ڪئي وئي آهي. انهن عورتن ۾ اسان جي پيڙيل طبقي جي عورتن مٿان ظلم ڏاڍ ۽ انهن جي برداشت کي به ظاهر ڪيو اٿس ته حويليءَ جي عورت جي مسئلن طنز ۽ گهرجن کي به سامهون آندو ويو آهي ته نسيم هڪ اهڙي عورت جي ڪردار کي به سامهون آندو آهي جيڪا پنهنجي ممتا جي هٿان مجبور ٿي. پنهنجي عزت جو به سودو ڪري ٿي. سندس اهڙي ڪهاڻي آهي ”منڊ ٻوڙهيو مهراڻ“، جنهن ۾ هڪ غريب لاچار مجبور عورت جي مجبورين جو ڪيئن هڪ وڪيل فائدو وٺي ٿو ان وڪيل مرد جي به نفسيات عيان ڪئي وئي آهي ته اسان جي سماج جي مردن جي سوچ ڪيئن آهي. سوچڻ جا انداز ڪيئن آهن ۽ ڪيئن هو ڪنهن جي مجبوريءَ جو فائدو حاصل ڪن ٿا. مثال طور هيٺ هڪ حوالو ڏجي ٿو ان ڪهاڻيءَ جو ”هوءِ مون ڏانهن ڪي گهڙيون نهاري منهنجي اکين ۾ ديد لهڻ جي ٿي ڪوشش ڪري، پر انهن اکين تي چلر چڙهيل ڏسي لاچار

چوي ٿي، چڱو جي نٿو مڙين ته پھريون ٻار ونئي ڏي، پوءِ اها ئي فهي ڏيندمر ڪڏهن ونئي ڏيندين؟

سياڻي شام ڪان اڳ، رات اتي ئي رهبي تنهنجي ٻلي مان ٻه پهرين رات ٻڌل، پوءِ جوڳي نه ڪنهن جا مٽ پوءِ مان ٻڌل، تون چٽل نه پوءِ ڪا اميد نه رکجانءِ نيڪ، سياڻي لاءِ ٻڌل انجام ڏي متان پوءِ ڪو ڏٽو پوزي ڪرين هيءَ منهنجي سينڌ، هوءَ سينڌ تي رکي چوي ٿي.

(ڪرل:2007, 39, 238)

هڪ ماءُ پنهنجي ٻچي جي ڪري پنهنجيءَ عزت جو سودو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ عورت جي بيوسي، مجبوري، خاموشي ۽ عزت جو سودو ڏيکاريو ويو آهي ته عورت ڪيڏي نه لاچار آهي جو نه ڪا دانهن ڪري ٿي نه ڪوڪ. هڪ غربت ڀيو معاشري جي ڳالهين، مهڻن ميارن ڪري هوءَ خاموشيءَ سان پنهنجو سودو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿي ۽ اهو وڪيل جيڪو ڳوٺ جو چڱو مڙس به آهي پنهنجي دهمان جي زور تي زينو کي سندس ڏير کان پٽ ونئي ڏيئي ٿو ۽ بدلي ۾ زينو جي هڪ رات ڪيس ملي ٿي.

نسيم ڪرل هن ڪهاڻيءَ ۾ عورت جو وفاداري وارو روپ ڏيکاريو آهي ته هڪ ماءَ کي سندس اولاد ڪيتري پياري آهي. پڙهندڙ ان مان اندازو لڳائي سگهي ٿو ته زينو پنهنجي سينڌ تي جيڪو هٿ رکي ٿي. اهو پاڙي تي هوءَ ڪيڏي نه سچي آهي جو هڪ بي ايمان ماڻهو اڳيان ايمانداريءَ جو مظاهرو ڪري ٿي. ڏنو وڃي ته عورت مرد کان وڌيڪ وفادار ۽ واعدي جي پڪي رهي آهي. هوءَ اولاد خاطر هر ستم برداشت ڪري ٿي وڃي. ممتا جي روپ ۾ عورت قرباني ڏئي ٿي. پر عورت هر رشتي ۾ قرباني ڏئي ٿي ۽ بدڪرداريءَ جو داغ به برداشت ڪري ٿي.

ائين نسيم ڪرل جي عورتن جي نفسيات جي حوالي سان ٻي بهترين ڪهاڻي آهي ”اٽالو پدنگ“ جيڪا ٻن پيار ڪندڙن زال مڙس جي محبت ۽ عورت جي نفسيات تي آهي ته هڪ زال پنهنجي مڙس سان ڪنهن ٻيءَ عورت جو پاڇو به برداشت نٿي ڪري سگهي. مثال طور هڪ حوالو هيٺ ڏجي ٿو:

"مون کي هڪ مائي سجهي ٿي، منهنجو ڪليگ حسن چئي ٿو
سچي حسن! مان خوشيءَ مان ڪانئس پڇان ٿو
ريئلي، پر پاپي شايد ان کي نه بيهاري
چو نه بيهاريندي؟
چاڪاڻ ته اها مائي چڱي خاصي وڏندڙ عورت آهي (ڪرل : 2007 ,77, 78)

ان حوالي مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته عورت هر شيءِ ونڊي سگهي ٿي پر پيار نه، محبوب جو ٻئي سان مرڪڻ ڏسي به هوءَ پريشان ٿي ويندي آهي. ساڳي حالت ان ڪردار سان آهي، جيڪا گهر جو سمورو ڪم ڪندي ٿڪجي پوي ٿي، وسامجي وڃي ٿي، ڪم ڪري ڪري تازي تڪڙي نٿي رهي سا هر بار مٿي تي برداشت ڪري ويندي پر ٻي عورت پلي ڪيتري به ڪردار جي پختي چو نه هجي، هر دم ان کي ڪٽڪو رهندو ته مڙس گهر ۾ اڪيلو آهي ۽ اهي ڪٽڪو سندس سڪون ڦٽائي ڇڏي ٿو.

ٻيو حوالو مثال طور هيٺ ڏجي ٿو:

"مان هن کي ٻانهن کان پڪڙي اٿاريان ٿو ۽ چوان ٿو: چڏ ڊارلنگ، مائيءَ کي پڇائڻ ڏي. مائي هلي وئي، مان هن کي کو نه بيهاريو! هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري چئي ٿي وات؟
مان هن کي کو نه بيهاريو! هوءَ وري ٻڌائي ٿي.
بٽ واءِ؟ مان ٿورو چڙ مان ڪائنس پڇان ٿو.
هوءَ پهريون ٿورو هٻڪي ٿي، پر ان دم ئي منهنجي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي چوي ٿي: ڊارلنگ هن کي ته اٿالوپڊنگ ئي ڪا نه پئي ناهڻ آئي، ڪيس ڪيئن بيهاريان. (ڪرل :2007، 79)

ان سان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته نسيم ڪرل جو مشاهدو ڪيترو ته تيز ۽ سچو آهي. هو شين کي جيئن ڏسي ٿو ائين پيش نٿو ڪري پر هو ان جي اندر جهاتي پائي ڏسي ٿو.

ان کان علاوه نسيم ڪرل جي هڪ ٻي تمام دلچسپ ڪهاڻي آهي "ڊمي"، جنهن ۾ عورت جي نفسيات کي جيترو نسيم ڪرل واضح ڪيو آهي اڃ تائين شايد ڪنهن ڪيو هجي. ان ۾ هڪ اهڙيءَ عورت جي ڪهاڻي ڏني وئي آهي جيڪا هرڪٽي طبعيت جي آهي، سندس مڙس امر

جو بندو هوندو آهي. هو سڀ ڪجھ برداشت ڪري سگهي ٿو پر زال جي ناراضگي نہ، جتي گهمڻ لاءِ چويس ٿي اتي ويچارو وڃي ٿو. ائين هو هر فرمائش زال جي پوري ڪري ٿو پر هڪ فرمائش جيڪا پوري نہ ٿئي ٿي پر ڳالھ سندس زال جي ڳچيءَ ۾ پئجي وڃي ٿي. ان ۾ ليکڪ جو ڪمال آهي هڪ تہ بهترين سادن لفظن جي چونڊ ٻيو ڪردارنگاري خوبصورت انداز ۾ ٽيل آهي. منظر نگاري بہ ڪهاڻي جي پڙهڻ ۾ لطف وڌائي ڇڏي ٿي، ڇو جو نسيم ڪرل جو شين ڪي بيان ڪرڻ جو پنهنجو هڪ الڳ انداز آهي پر هتي اسان عورت جي نفسيات کي ظاهر ڪنداسين جنهن کي مثال طور حوالي هيٺ ڏجي ٿو:

”ٻڌان ٿي تہ اڄڪلھ حيدرآباد جي موسم ڏاڍي سٺي آهي، هل تہ مهينو کن اتي هلي رهون، هن ٿورو منهنجي ويجهو ايندي چيو... ڏس نہ ٻارن کي بہ گرميءَ جون موڪلون آهن. آخر هنن ويچارن ڪهڙو گناه ڪيو جو ٻارهين مهيني بہ ڪين تفريح نہ ملي... هن نندي شهر ۾ تہ دم ئي ٻوساٽجي ويو آهي... هتي نہ ڪپڙي پائڻ جو مزو ۽ نہ ڏسڻ جو مزو... گهمائيندين ڦيرائيندي يا ائين ٻڌي ٻوٽ واپس موٽائيندين، ۽ هن وقت تائين ڇا هو؟

مان جڪ ڪائيندي ٻرندي پڇندي چيو،

ان کي گهمڻ ڦرڻ ٿورو ئي چئبو آ ؟

پو ڪاڏي ؟

هتي بہ تہ ڪوڙ دوست هوندءِ اتي تہ ڏاڍي ڌاڙ هٽندو آهين.

يلا شارق مشرف؟ اهو، جنهن جي گهر کي ڪبوترن جي کڏ سان پيٽايو هُيءِ؟

اهي تہ مان پوڳ ڪيا هئا، پر تون قرب تہ ڏس، شارق جي ماءُ جيءَ ۾ جايون ڏيندءِ!

مسسز شارق ڪانهي ڇا؟

نہ پيڪين ويل آهي

پوء ان ڪان سواء ڪهڙو مزو

يلا غلام علي موهل؟

ڪٿي رهندا آهن؟ گهر جو پورو پتو ڪونهي پر گهٽو ڪري ريشمي گليءَ پرسان.
نہ بابا نہ،
توکي تہ ڪو گهر وٺي ئي ڪو نہ ٿو، مون ڪڪ ٽيندي چيو.
لطيف آباد يا جي -آر ڪالونيءَ ۾ ڪو دوست اٿئي؟
ايندي ويندي بنهي ڪالونين جا سهڻا بنگلا ڏٺا هئائين.
مسز ۽ مسز امين الدين ڪوہ نور ملز وارا
ها ايڏانهن هل نہ، باقي اڳهون ڪهڙيون ڏنيون ڏورا ڪنيا هُيہ.
(ڪرل :2007 ,220,21,25,26,27)

هن ڪهاڻيءَ ۾ نسيم ڪرل ان عورت جي نفسيات سامهون آندي آهي جيڪا حقيقتن ان سماج جو هڪ ڪردار آهي ۽ اهڙي فطرت جون عورتون خاص ڪري وچين طبقي ۾ ڏٺيون وڃن ٿيون. جيڪي پنهنجي ساٿيءَ کي پنهنجي مٺ ۾ رکڻ چاهين ٿيون. هو چاهين ٿيون تہ سندن شريڪ حيات انهن جي هر حڪم جو پابند هجي ۽ ان جي هر اها خواهش مڃي، ان ڪهاڻيءَ ۾ مرد جو ڪردار بلڪل ڪمزور ڏيکاريو ويو آهي. جيڪو حڪم جو غلام آهي اهڙا ڪردار کي ڪجهہ قدر ضرور آهن جيڪي زالن جي هر خواهش مڃڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا. نسيم ڪرل هن ڪهاڻيءَ ۾ مزاح جو بہ سهارو ورتو آهي پر چئي سگهجي ٿو تہ هن ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي نفسيات تمام دلچسپ بيان ڪئي وئي آهي. ان ڪهاڻيءَ ۾ عورت جي اندر جي لچ پچ، سندس بدلجندڙ مزاج، اندر جي اڻ تڻ، زال جا مڙس کان ڳالهيون مجرائڻ جا طريقا، تجسس، پاڻ کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهڻ، مڙس تي رعب،سير و تفريح جو شوق، وڏن گهرن جي عورتن سان ملڻ جو شوق ۽ انهن سان ئي تعلقات ناهڻ ۽ محفلن ۾ وڃڻ ڏيکاريو ويو آهي.

نسيم ڪرل جي هڪ ٻي ڪهاڻي جنهن ۾ امير طبقي جي عورتن جي نفسيات ڏيکاري وئي آهي تہ وڏي سوسائٽيءَ ۾ امير ڇوڪرين جا ڇوڪرن سان رشتا ڪيئن طئي ٿيندا آهن ۽ هو ڪيئن جاڻي واڻي ڇوڪرن کي پنهنجي ويجهو ڪنديون آهن ڇو جو مٿين طبقي ۾ هر

عورت جي خواهش هوندي آهي تہ سندس ور ,يا سندس ڏيءِ جو ٽيندڙ ور اهڙو هجي جو ماڻهو ڏسي حيران ٿي وڃن. سندس ڪهاڻي ”گتس“ آهي جنهن حوالو مثال طور هيٺ ڏجي ٿو.

ڪير آن تون هن رڙ ڪئي، اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس ڄنگهن ۾ ڪو ست ڪو نہ هو اوندهہ ۾ بيٺل پاڇولي ڪو جواب نہ ڏنو.

مان، مان ٿو چوان ڪير آن تون؟ هن رهندو ڏاڍيان رڙ ڪري چيو.

رڙيون نہ ڪر، ڪوٽ شو جي ڪٽ ڪٽ سندس ويجهو اچي پهتي ۽ ڪنهن ڏڪندڙ آواز ۾ چيو مان... مان پارس آهيان ,هن جي دل ڪي ڄڻ ڪنهن زور سان مٺ ۾ جهلي قابو ڪيو، هن جو ساهہ اڊڙڻ لڳو هن ڪو جواب نہ ڏنو.

پارس وڏي اچي سندس سيني ۾ منهن لڪايو ۽ چوڻ لڳي، زلفي مان تنهنجي آهيان، هميشہ لاءِ تنهنجي آهيان، زلفي زور سان ياڪر پائي چوڻ لڳس، پارس ڊارلنگ، مان تو سان شادي ڪندس هن هفتي ئي اوهان ڪي تہ وڏو ڏاج نہ ڏيڻو پيو هوندو؟ بيگم برني رشڪ سان پڇيو، هن ڪي خبر هئي تہ تڙ تڪڙ جي شادين ۽ لو مئريجن ۾ ڪجهہ نہ ڏيڻو پوندو آهي. (ڪرل : 2007 ,145,46)

هن حوالي جي پڙهڻ کان پوءِ اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ نسيم ڪرل ڪيتري نہ گهرائيءَ سان ان طبقي جي عورتن جي نفسيات جو مشاهدو ماڻيو آهي ۽ وڏي دليريءَ سان ان ڪهاڻيءَ ۾ مٿاهين طبقي جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا مشغلا بيان ڪيا اٿس. هن ڪهاڻي ڪي مڪمل پڙهڻ سان اندازو ٿئي ٿو تہ نسيم تمام باريڪ بينيءَ سان ان طبقي جي سچ ڪي نروار ڪري ٿو پر سندس بيان ڪرڻ جو انداز انوکو آهي ڇو جو سندس انداز ساڳو مزاحيا آهي. هن ڪهاڻيءَ پڙهڻ کان پوءِ ائين لڳي ٿو تہ نسيم ڪرل انهن روين کي ويجهڙائپ سان ڏٺو آهي ڇو جو ڪردار نگاري، جملن جي ادائيگي ۽ حالتن ۽ واقعن کي تمام خوبصورتيءَ ۽ مهارت سان سامهون آندو ويو آهي. مٿاهين طبقي جي عورت جي نفسيات تي تمام گهٽ ڪهاڻيڪارن لکيو آهي، جنهن ۾ نسيم ڪرل سر فهرست آهي.

ان کان علاوا جاگيردار طبقي سان تعلق رکندڙ هڪ وڏيري جي ڌيءُ جي ڪهاڻي هڪ کليل سچ ۽ ان سچ ۾ حويليءَ جي عورتن جي نفسيات تمام خوبصورتيءَ سان بيان ڪئي اٿس. مثال طور حوالو هيٺ ڏجي ٿو ڪهاڻي آهي ”ڪني آگر“

”وڏيري نور محمد خان جي ڌيءُ رات اوچتو بيمار ٿي پيئي هئي، سو ڳوٺ جون زائفون پڇڻ آيون هيس، نينگري سوڙ ۾ ويڙهي سيڙهي سمهي پئي هئي. ڪي زائفون مٿن کان ڪي پيرانديءَ کان وينيون هيس ۽ ڪن ڪيس زور پئي ڏنا، ٻيو ٻڌو!

ڇا؟ ٽن زائفن جي وات مان نڪتو.

زينب کي پوليس ٻڌي ويئي.

هان! زائفن جا وات ڦاٽي ويا، پيلا پيلا ڏند ڏيکاريون ڏيڻ لڳا حرامي ٻار ڄائو هوس، ڪوڏر سان کڏ کٽي پوريائين پئي ته ڪنهن مڙسالي ڏسي ورتس ۽ وڃي ٿاڻي ۾ رپورٽ ڪيائين. ائين چپ ٿي ويئي ڄڻ ڪو راڪاس گهمي ويو، وڏيري جي ڌيءُ به چرڻ پرڻ ڇڏي ڏنو، صفا پند پهڻ ٿي ويئي. ( ڪرل : 2007 , ص 211 )

زينب هڪ غريب خاندان سان تعلق رکي ٿي ۽ ان غربت، سچائي ۽ حويلين سان سچي حياتي وفادار رهڻ جي ڪري هوءَ سڀ بار پنهنجي سر تي کڻي وڃي ٿي، پر حويليءَ وارين عورتن جا سڀ راز ڄاڻندي به ان غريب تي مهڻا، ميارون، ٺڪون لعنتون نٿيون ڪٽن. سندس پرپٺ ان جي ڪردار ڪشي به ڪئي ٿي وڃي ته ساڳي زينب کان پنهنجو ڪم به ورتو ٿو وڃي. ڳوٺن ۾ غريب، هاري عورت جي عزت جي وڏن ديوارن وارين عورتن کي ڪا به پرواهه ناهي هوندي. انهن لاءِ اهم هوندو آهي ته بس پنهنجو شان ۽ شوڪت جنهن کي نسيم ڪرل تمام بهترين انداز ۾ وائکو ڪيو آهي.

ان کان علاوه ”زماني جي گردش“ ۾ ڪوني واريءَ عورت جي نفسيات بيان ڪئي اٿس ته ڪهڙي طرح سان زميندارن، وڏيرن، سيٺين کي پيار جي نالي تي ڪُنو ويندو آهي ۽ ان ڪُسڻ جو نتيجو اهو نڪرندو

آهي جو مرد اتان ڪنگال ٿي نڪرندو آهي ڇو جو هو ڏنڊو ڪنديون آهن ۽ ڏنڊي ۾ ڪوٺ واڌ ناهي ڏسبي رڳو منافعو ڏسبو آهي. حالانڪ ڪوئي واري عورت جن سببن جي ڪري هن بي درد دنيا جو حصو ٿئي ٿي، ان پنيان بہ وڏي نفسيات هوندي آهي پر نسيم کرل ان کي ظاهر ناهي ڪيو پر ان ڪهاڻيءَ ۾ نسيم کرل انهن وڏيرن جي نفسيات کي بہ وائکو ڪيو آهي: جيڪي وڏن وڏن شهرن ۾ وڃي ڪيئن پنهنجي ملڪيت لٽائيندا آهن ۽ پنيان بچندا آهن ڪاريءَ وارا ڪک، باقي رهي ڳالهہ ڪوئي واريءَ عورت جي تہ پئسو ڪمائڻ ان جي ڌنڌي جو حصو آهي جنهن طرف نسيم کرل اشارو ڪيو آهي.

ان کان علاوا نسيم کرل ان عورت جي نفسيات بہ ظاهر ڪئي آهي، جيڪا پنهنجي مڙس سان پيار تہ ڏاڍو ٿي ڪري پر دين جي ڪجھ مسئلن ۾ منجهيل رهي ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ازواجي زندگيءَ جي مسئلن خاص ڪري پيار، محبت ۽ هڪٻئي جي گهرجن کي پورو ڪرڻ جي بنياد تي ڪهاڻي لکي وئي آهي. جنهن ۾ طنز مزاح جو بهترين سهارو ورتو ويو آهي. نسيم کرل ڏاڍي سچائيءَ سان ذڪر ڪيو آهي تہ: اسان وٽ دين جي تعليم تہ آهي پر انهن کي جنهن قدر مذهبي نيڪيدارن منجهائي ڇڏيو آهي ان سان ڪي بهتر نتيجا نٿا نڪرن، اجا ذهن بند ٿين ٿا هن ڪهاڻي جو نالو آهي ”ڪرنٽ“.

ان کان علاوه نسيم کرل سنڌ جي هر مسئلي تي قلم کنيو آهي هن ايماندار مرد جي نفسيات بہ ظاهر ڪئي آهي تہ بظاهر ايماندار ڏسڻ وارا معزز شخص اندران ڪيئن هوندا آهن اهو بہ ٻڌايو اٿائين. وڏي ڳالهہ تہ ”دارالفلاح“ ڪهاڻيءَ ۾ نسيم کرل اهڙن ڪردارن کي نانگو ڪري بيهاريو آهي.

**نتيجو**

1. نسيم کرل جي سيني ڪهاڻين پڙهڻ کان پوءِ هڪ ڳالهہ تہ يقين سان ڪري سگهجي ٿي تہ نسيم کرل جو مشاهدو وسيع ۽ انتهائي تيز هو ان وٽ شين کي سڃاڻڻ جي پرک هئي، هن صرف ڪردار تخليق ناهن

ڪيا پر سچ کي بہ نروار ڪيو آهي.

2. نسيم کرل ٻين ڪهاڻيڪارن وانگر ڪردار سان پاڻ سفر نٿو ڪري پر هو ڪردار تخليق ڪري نتيجو پڙهندڙ تي ڇڏي ٿو.

3. نسيم کرل جنهن طريقي سان عورت جي نفسيات کي ظاهر ڪيو آهي تہ ان مان چئي سگهجي ٿو تہ نسيم کرل ڪا بہ لڪ لڪوٽي نٿو ڪيڏي. هو پنهنجي سماج، ماڻهن، پڙهندڙن سان ايترو سچو آهي، جو بنا نتيجن جي پرواهہ ڪرڻ جي سڀ ڪجهہ سچ بيان ٿو ڪري ۽ اها هڪ وڏي ليکڪ جي نشاني آهي تہ سچ جي نشاندهي ڪندو اچي سماج جي اصلاح خاطر.

4. نسيم کرل لاءِ بنيادي طور چيو وڃي ٿو تہ هن وڏيرڪي طبقي جي ڪچائين کي سامهون آندو آهي پر سندس سيني ڪهاڻين جو مطالعو ڪرڻ سان خبر پئي ٿي تہ نسيم کرل تہ سنڌ جي هر طبقي سان تعلق رکندڙ فرد کي پنهنجي ڪهاڻين جو موضوع بڻايو آهي، جنهن ۾ هن عورت جي نفسيات کي سچ جي بنياد تي سامهون آندو آهي.

5. نسيم کرل ڏنتو ڪرڻ واري عورت جي نفسيات بہ ظاهر ڪئي آهي تہ: ڳوناڻي وفادار عورت کي بہ موضوع بڻايو آهي. هن مڙس سان عشق ڪندڙ عورت بہ پڙهندڙن جي اڳيان آندي تہ بهشتي زيور جي ڏنل بيانن تي عمل ڪندڙ سادي عورت جي نفسيات بہ ظاهر ڪئي وڏي ڳالهہ تہ نسيم کرل خواهشن جي محتاج عورت کي بهترين مزاحيا انداز ۾ ڏيکاريو آهي. سيني ڪهاڻين جي مطالعي کان پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ ڪجهہ اهڙين عورتن جي نفسيات بہ ظاهر ڪجي ها جيڪي مرد جي ظلم جو شڪار آهن پر ان تي ان لاءِ نسيم کرل نہ لکيو آهي منهنجيءَ نظر ۾ ان جو سبب اهو آهي تہ، ڇو جو ان موضوع تي گهڻن ڪهاڻيڪارن لکيو آهي ان لاءِ نسيم کرل هڪ نئين انداز ۾ عورت جي نفسيات کي سامهون آندو آهي.

**نوٽ:** مقالي ۾ شامل سمورا حوالا نسيم کرل جي هيٺين ڪتاب مان ڪنيا ويا آهن:
کرل نسيم، "نسيم کرل جون ڪهاڻيون" حيدرآباد، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، سال 2007 (ڇاپو پهريون)

Recognized by Higher Education Commission

# KAROONJHAR

## Bi-annual

**[ RESEARCH JOURNAL ]**

**ISSN 2222-2375**

**VOL:11, ISSUE 20, June 2019**

**Editor**

**Dr. Kamal Jamro**

**DEPARTMENT OF SINDHI**
Federal Urdu University of Arts, Science & Technology,
Abdul Haq Campus, Karachi, Sindh, Pakistan.
**https://fuuast.edu.pk/**